# سنڌ جا قديم آثار ۽ تاريخ

(مقالا)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



مرتب

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# سنڌ جا قديم آثار ۽ تاريخ

[مقالا]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مرتب
ڊاڪٽر محمد علي مانجھي

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

ڪراچي- 2012ع

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: قديم آثار ۽ تاريخ (مقالا)
تحقيق ۽ تاليف: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
جلد: پهريون
سال: 2012ع
ڇپيندڙ: پيڪاڪ پرنٽرس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: عبدالعزيز عقيلي سيڪريٽري ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.

قيمت: -/250 روپيا

ملڻ جو هنڌ:
ثقافت کاتو ڪتاب گهر
سامهون ايم.پي.اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ.
ڪراچي- 74400، سنڌ.
فون: 021-9206073

# فهرست


پبلشر پاران ........................ 5
ٻه اکر ........................ 7
سنڌ هڪ تاريخي پس منظر ........................ 13
ماضيءَ جي تاريخ ڪي وڏي ويچار سان سامهون آڻڻ گهرجي ........ 29
ٺٽي جو وجودي بنياد يا ٺٽي شهر جو اصل نسل ........ 39
شهر سيوهڻ ۽ علائقي سيوستان جي قديم تاريخ ........ 49
سنڌ جو آخري سومرو بادشاهه ۽ سندس پيائر ........ 53
سنڌ جو مشهور جهونو شهر نصرپور ........ 59
رني ڪوٽ جو بنياد ۽ ان جي تاريخ ........ 71
حيدرآباد شهر ........................ 84
حيدرآباد شهر ........................ 115
شڪارپور۔ هڪ سرسري تاريخي جائزو ........ 129
ڪراچي جي تاريخ بابت دليلن جي ڇنڊڇاڻ ........ 144
هنگلاج جو سفر ........................ 157
ڳوٺ جعفر خان لغاري جو جاگرافيائي ۽ تاريخي پسمنظر ........ 174
1857ع ۾ سنڌ طرفان آزاديءَ جي جنگ ........ 178
نئين سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس۔شهر جو بنياد پوڻ ........ 183
سنڌ جا قبيلا ۽ سنڌ جا نسب ناما ........ 196
سورهيه هوش محمد جي مزار ۽ اولاد بابت وضاحت ........ 201

# پبلشر نوٽ

ثقافت کاتو سنڌ متعلق مختلف موضوعن تي ڪتاب شايع ڪندو رهيو آهي. 2008ع کان اشاعتي سلسلي ۾ تمام گهڻن ڪمن جي شروعات ٿي آهي. سنڌ جي ثقافت، تاريخ، علم و ادب ۽ تحقيقي اشاعت سان گڏوگڏ سنڌ جي وڏن شاعرن، ڪهاڻيڪارن ۽ تاريخدانن جي ڪم کي سهيڙي مختلف جلدن ۾ شايع ڪرڻ جون رٿائون جوڙيون ويون آهن. ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو جي هدايت تي سنڌ جي مشهور عالم، اديب، محقق، تاريخدان، لغت نويس، لوڪ آدب جي پارکو، ٻولي، ثقافت ۽ موسيقي جي ماهر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪيل سموري تحقيقي ڪم کي سهيڙي شايع ڪرڻ جي رٿا جوڙي وئي آهي. جنهن جو عملي ڪم شروع ٿي چڪو آهي. هن رٿا موجب تي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، هي چوٿون ڪتاب آهي. ان کان سواءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا ٻيا ڪتاب بہ ڇپائيءَ جي مختلف مرحلن ۾ آهن. هن سموري ڪم لاءِ محترمہ سسئي پليجو جس لهڻي جيڪا هر مرحلي تي اسان جي رهنمائي ڪندي رهي آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مختلف موضوعن تي تحقيق سان گڏ سنڌ جي تاريخ ۽ قديم آثارن تي بہ ڀرپور نموني سان ڪم ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب بہ انهن تحقيقي مقالن تي مشتمل آهي، جيڪي مختلف هنڌن تي ڇپيا، اُهي رسالا، مئگزين ۽ جرنل هاڻي ناياب آهن. هن ڪتاب ۾ انهن سمورن مقالن کي گڏ ڪري ڇپايو پيو وڃي، جيئن تاريخ ۽ قديم آثارن جا پارکو ۽ پڙهندڙ فائدو حاصل ڪري سگهن.

مون کي اُميد آهي تہ اسان جي هيءَ ڪوشش نہ رڳو قبول پوندي پر پڙهندڙن، خاص ڪري محققن لاءِ گهڻي مدد گار ثابت ٿيندي.

**عبدالعزيز عقيلي**
سيڪريٽري
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# ٻه اکر

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ عالم، اديب، تعليمدان، محقق، تاريخدان، ٻولي، لطيفيات، موسيقي جو ماهر ۽ لوڪ ادب جو پارکو آهي. مٿين اهم مضمونن ۾ هن شخصي طور جيترو تحقيقي ڪم ڪيو آهي، اوترو اڄ تائين اسان وٽ ڪوبه عالم يا محقق ڪري نه سگهيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لاشڪ ته پنهنجي سموري حياتي علمي، ادبي، تحقيقي ۽ قلمي پورهئي ۾ صرف ڪئي. لطيفيات، سنڌي لغت، موسيقي ۽ لوڪ ادب تي جيترو هن شخص ڪم ڪيو آهي اوترو ۽ اهڙيءَ معيار سان سنڌ ۾ اڄ تائين ڪوبه نه ڪري سگهيو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ جي هيءَ به هڪ خاص خوبي رهي ته هن هڪ هنڌ ويهي ڪم ڪرڻ بدران سڄي سنڌ جو جهر جهنگ جهاڳي تحقيق جي اصل ماڳن تي وڃي نج شيون حاصل ڪري ڪوجنا جو صحيح حق نڀايو. سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعري ۽ ادب به هن ئي شخص جي جاکوڙ ۽ محنت سان اسان تائين جديد انداز سان پهتو آهي. شاهه لطف الله قادري، ميون عنات نصرپوري، شاهه لطيف، خليفو نبي بخش قاسم، صادق فقير ۽ ٻيا ڪيترائي ڪلاسيڪل شاعر ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي محنتن ۽ پيار جي پورهئي سان اسان تائين پهچايا ۽ سمجهايا. سنڌ ساڃهه لاءِ جيڪو هن شخص ڪم ڪيو آهي، سو پٽئي پراڻو ٿيڻو ئي ناهي. اهو اسان جي مستقبل جي محققن لاءِ هڪ اهم ماخذ آهي، علم، ادب، تاريخ ۽ ٻين علمن جو هي عاشق پوري

زندگي جاکوڙيندو ۽ لکندو رهيو. اسان جا ڪيترائي نسل سندس ڪيل ڪم تي تحقيقون ڪري اڳتي وڌي سگهن ٿا. حقيقت هيءَ آهي تہ هو نہ رڳو اسان سنڌ جي ماڻهن بلڪہ ملڪ ۽ دنيا لاءِ هڪ وڏو مثال آهي.

هن سوين ڪتاب آٺڻ سان گڏ پنهنجي سڄي ڄمار ۾ سوين مقالا ۽ مضمون لکيا. جيڪي مختلف رسالن، جرنلن وغيره ۾ ڇپيا. انهن کي ڳولي، گڏ ڪري ڪتابي صورتن ۾ آڻڻ جي ضرورت محسوس پئي ڪئي وئي. سنڌ جي علم، ادب، تاريخ، تهذيب، شاعري ۽ فن سان گهري دلچسپي رکندڙ سنڌ جي ثقافتي وزير، محترمہ سسئي پليجو ڊاڪٽر بلوچ جي وفات واري ڏهاڙي اعلان ڪيو هو تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا سمورا اڻ ڇپيل ۽ ناياب ڪتاب سنڌ ثقافت کاتي پاران سهڻي انداز ۾ شايع ڪيا ويندا. تڏهن وزير صاحبہ سندس مقالن ۽ مهاڳن کي گڏي ڇپرائڻ جي بہ هدايت ڪئي. سچ پچ اهو هڪ ڏکيرو ڪم هو ڇو تہ 1940ع کان 2000ع تائين ڊاڪٽر بلوچ سوين مقالا ۽ مضمون لکيا. انهن کي ڳولي گڏ ڪري مناسب ترتيب سان مرتب ڪري، ڇپائڻ نهايت اڻ گو ڪم آهي، جيڪو ڪنهن فرد نہ پر ادارن جو ڪم آهي. اُن تي تحقيق ڪرڻ تہ اجا بہ اڳتي جي ڳالهہ آهي، سوين مقالا جيڪي هُن گڏيل هندستان ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بہ 2000ع تائين لکيا، مون اُن جاکوڙ جي شروعات ڪئي، هن مهل تائين سندس سوين مقالا ۽ مضمون گڏ ڪيا ويا آهن، هي ڪتاب اُن سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هڪ ٿي هنڌ هن قسم جي مواد گڏ ٿيڻ سان ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت اجا بہ وڌي وڃي ٿي.

هونئن تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جي تاريخ ۽ قديم آثارن تي تمام گهڻو لکيو آهي پر هن ڪتاب ۾ خاص آڳاٽن ماڳن مڪانن ۽ خاص ڪري انهن اهم تاريخي ڳالهين کي شامل ڪيو ويو آهي، جن تي تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي يا اڻ پورو ٿيو آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخي پسمنظر ۽ تاريخ جي اهميت کي عالمانہ انداز سان اُجاگر ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ ٺٽي سان گڏوگڏ شڪارپور،

سيوهڻ، نصرپور ۽ ڪراچيءَ جهڙن شهرن تي بہ اعليٰ معيار جي تحقيق ٿيل آهي. ڳوٺ جعفر خان لغاريءَ جي جاگرافي ۽ تاريخ تي ڊاڪٽر بلوچ لکي پنهنجي جنم ڀوميءَ سان واهہ جو نيايو آهي ۽ هڪ مثال قائم ڪيو آهي تہ ٻين اديبن ۽ عالمن کي بہ ائين ڪرڻ گهرجي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي قيام ۽ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ان جي منتقليءَ ڄامشوري ۾ قائم ٿيڻ متعلق تاريخ بہ هڪ اهم دستاويز آهي. هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ اڄ جي پيٽ ۾ اڳ، علمي کوجنا هڪ نهايت اٽانگو ڪم هو. وسيلا بنهہ محدود هئا. انهن کي سامهون رکندي، ڊاڪٽر بلوچ جو هر مقالو پڙهي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

آئون يقين سان چوان ٿو تہ هي مقالن جا ڪتاب معلومات جو پنڊار آهن. اسان لاءِ ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق کي نہ رڳو پڙهڻ ضروري آهي پر منجهائس سبق بہ حاصل ڪرڻ گهرجي. مون کي اُميد آهي تہ ڊاڪٽر بلوچ جي مقالن تي مشتمل هيءُ ڪتاب نہ رڳو عام پڙهندڙن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث بڻبو پر قديم آثارن ۽ تاريخ سان لڳاءُ رکندڙن لاءِ وڏي تساهہ جو سبب بڻجندو.

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**

ڊائريڪٽر

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

ڪراچي، 29 مئي 2012ع

# سنڌ جا قديم آثار ۽ تاريخ

# سنڌ* هڪ تاريخي پس منظر

سنڌ تي اهو نالو منجهانئس وهندڙ ندي "سنڌو" جي نالي پٺيان پيو آهي. اتر کان ڏاکڻي ڇيڙي تائين، سنڌ واري سموري ايراضي ٽن لاڳيتن پٽن ۾ ورهايل آهي، وچ وارو زرخيز ريٽائون ميدان، جنهن کي سنڌو نديءَ جي ڊگهي وراڪيدار روٻي ليڪ ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ٿي: ان جي ساڄي پاسي، اولهه ۾، ڪوهستان جي جبلن جون قطارون ۽ کاٻي پاسي، اوڀر ۾، ريگستان جي واريءَ جون ڀٽون آهن.

"نيريءَ ڇانيل فضا جي هيٺان جهجهي ساوڪ سان سنواريل سنڌوءَ جي هن سرسبز، شاداب ۽ هموار ماٿريءَ" جو ذڪر ڪندي انگريز مؤرخ رچرڊ برٽن بي اختيار استعاري طور لکيو ته: "ويران ۽ سرسبز ميدانن جو هيءُ تضاد اوهان کي سڄيءَ سنڌ ۾ نظر ايندو. جتي جڻ "اوسيرس" (نيل نديءَ جو ديوتا) پنهنجي خر-شبيهه ۽ جاني دشمن- ياءَ "ٽائفون" (يوناني پهاڙن جي ديوتا) سان لڳو لڳ ڪلهوڪلهي سان ملايو بيٺو آهي." نديءَ جي وهڪري سان لاڳو ۽ ان جي ٻنهي پاسن کان ريٽائون زرخيز ميدان آهي، جيڪو پنهنجي سهڻي نظاري ۽ ستاءَ آبادي ۽ آب هوا جي لحاظ کان بي نظير آهي.

سنڌو ندي، اولهه پاڪستان جي شهه رڳ ۽ مهراڻ جي هيٺين سنڌ ماٿريءَ جي حياتيءَ جو سرچشمو آهي. سنڌ جي معاشي آسودگيءَ جو دارو مدار هميشه سنڌونديءَ تي رهيو آهي. سنڌو ندي پنهنجي وهڪري جي رخ بدلڻ سان نه رڳو سنڌ جي خوشحالي کي بدلائيندي رهي آهي، پر ان جي

---

* سوکڙي (سووينير) سنڌ سائنس سوسائٽي ڪانفرنس-30-29 اپريل 1972- سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ.

سياسي تاريخ تي پڻ اثر انداز ٿيندي رهي آهي. سنڌونديءَ جي وهڪري جي ڦير گهير سنڌ جي هن سرزمين کي ڪڏهن وسائي آباد ڪيو آهي ته ڪڏهن پائي برباد ڪيو آهي. سنڌوءَ پنهنجي ماٿر ۾ ڪيترائي جڳ مشهور بندر ۽ ٽڙ اُسارِيا، ۽ پوءِ پنهنجو رخ بدلائي کين هميشه لاءِ ميساري به ڇڏيو. ڪڏهن پنهنجي ڊاڪٽي دو-آبي ۾ نوان ڦاٽ ڦاڙي عربي سمنڊ کان اتر تائين جهاز رانيءَ جو سهنج پيدا ڪيائين، ته وري ڪڏهن انهن کي ريٽ سان ريٽي، انهن مان آمد و رفت کي محال ڪري ڇڏيائين. ڪڏهن پنهنجي ڪناري لڳ وسندڙ ميدانن ۾ شاهي ڳوٺ ۽ شهر آباد ڪيائين ته وري ڪڏهن پنهنجو رُخ بدلائي آبادگارن ۽ شهر واسين کي محتاج بنائي ڇڏيائين. باوجود انهيءَ جي، سنڌو پنهنجي زرخيز زمين ۽ منداڻتي پاڻيءَ سان سنڌ وارن لاءِ هميشه گذران جا سٺا ذريعا پئي مهيا ڪيا آهن. البت سنڌوءَ جي ”آب حيات“ کي واهن ۾ وهائڻ جون جيڪي تاريخي ڪوششون پئي ڪيون ويون آهن سي اجا تائين سؤ في صدي ڪامياب نه ٿيون آهن.

اها ڳالهه پڻ ڌيان ۾ رکڻ جهڙي آهي ته قديم ۽ وچئين تاريخي دؤر ۾ سنڌو جي وادي ايرندي طرف هندوستان ۽ الهندي طرف ٻين ملڪن جي وچ ۾ هڪ اهم سياسي سرحد ٿي رهي آهي. قديم دؤر ۾، سنڌوءَ جي اولهه وارا علائقا اڪثر ڪري انهن بادشاهتن ۽ سلطنتن جو حصو ٿي رهيا آهن، جن جي حڪومتن جا مرڪز ايران، يونان، ترڪستان، عرب يا عراق ۾ هئا. بعضي هندوستان جي ڪن حڪمرانن مختصر وقفن لاءِ هن سرزمين تي پنهنجو اقتدار قائم ڪيو پر طويل تاريخي دؤرن ۾ سنڌو جي سرزمين ڪڏهن ”هرڪنهن جي زمين“ رهي ته ڪڏهن ”ڪنهن جي به نه“. جيتوڻيڪ يوناني مؤرخ اهوئي بحث ڪندا رهيا ته ‘سنڌو’ تي هند جي اولهه واري سرحد ختم ٿئي ٿي يا نه، پر ايراني ۽ عرب مؤرخن کي انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ڪونه هو ته سندن حڪومتن ۽ هندوستاني حڪمرانن جي وچ ۾ سنڌو ماٿري وارو ملڪ ئي هڪ سرحد آهي. سنڌو جي ”مئن جي دڙي“ واري قديم تهذيب ‘هند’ جي پراڻي تهذيب کان الڳ ۽ آراڏي ۽ هڪ ”اڻ آريه تهذيب“ هئي، جيڪا بابل جي اوائلي بادشاهت جي پوئين حصي واري تهذيب جهڙي ۽ ان جي همعصر هئي. سنڌو ماٿريءَ جي پنهنجي مستقل تهذيب ۽ ثقافت سببان ئي آڳاٽي وقت کان وٺي هن برصغير کي ‘سنڌ’ ۽ ‘هند’ جي تقسيم سان ياد ڪيو ويو.

## قديم تاريخي دؤر

واديءَ سنڌ جي "مئن جي دڙي" واري قديم تهذيب، انسان ذات جي قديم تاريخ جو هڪ پراهون اهڃاڻ ۽ ڏوراهون چمڪندڙ ستارو آهي. هن تهذيب (2500 کان 2000 ق-م) کان پوءِ سنڌ جي قديم تاريخ ۾ اٽڪل هڪ هزار سالن جو خال آهي، جنهن ۾ راڄا جئڊ رٿ (ٻارهين تيرهين صدي ق-م) جي ڏند ڪٿا کان سواءِ ڪو ٻيو تاريخي اهڃاڻ نٿو ملي.

سنڌ جي اوائلي تاريخ ايران سان سندس ناتن سان شروع ٿئي ٿي. 520-515 ق-م ۾ شهنشاهه دارا اول هڪ لشڪر موڪلي، سنڌ کي ايراني شهنشاهت جي زير اثر آندو. ان کان اٽڪل ٻه سؤ سال پوءِ سڪندر اعظم (25-326 ق-م ۾) واديءَ سنڌ تي يلغار ڪئي. سندس طوفاني ڪاهه جو ذڪر يونان جي مؤرخن تفصيل سان ڪيو آهي. سڪندر اعظم جي سنڌ مان گذرگاهه جي تفصيل بابت موجوده دؤر جي محققن ايترائي آراڏا رايا ڏنا آهن، جيترا ڪين سمجهه ۾ اچي سگهيا آهن. سنڌ تي سڪندر جي حملي جو هڪ اهم پهلو اهو آهي ته هتي ڪيس سخت مخالفت ۽ مقابلي کي منهن ڏيڻو پيو. ملتان ۾ ڪيس جيڪي زخم رسيا انهن جو بدلو يوناني سپاهين جي تلوارن، سنڌوءَ جي ماٿريءَ ۾ عام ڪوس ذريعي چڪايو. سڪندر هتان جي حڪمرانن کي پنهنجي اثر هيٺ آندو ۽ پنهنجيون حفاظتي فوجون ڪن شهرن ۾ رکيون. سنڌوءَ جي هيٺين ماٿريءَ ۾ "پٽالا" شهر مان لنگهيو ۽ سامونڊي ڪناري کان ڪوچ ڪري لس ٻيلي ۽ مڪران جي راهه وٺي بابل ڏانهن روانو ٿي ويو.

سنڌ تي يونان جو اثر سڪندر اعظم جي جاءِ نشين "سيليوڪس نڪاٽور" جي سياسي اقتدار جي زماني (305 ق-م) تائين رهيو هوندو. جنهن کان پوءِ هن پنهنجا هندوستاني پرڳڻا پنهنجي ان ڏيهَ کي ڏاج ۾ ڏيئي ڇڏيا، جيڪا، چون ٿا ته هن موريه 'گهراڻي' جي باني "چندر گپت" کي پرڻائي ڏني هئي.

ان کان پوءِ اٽڪل هڪ سؤ ورهين جي عرصي اندر (195 ق-م) جڏهن باختري يونانين (يعني بلخ جي يوناني حاڪمن) هندوستان کي فتح ڪيو ته سنڌ ۾ سندن سياسي تسلط قائم ٿيو جو اٽڪل روءِ 150 ق-م تائين برقرار رهيو ڄاڪاڻ ته ڪابل، سنڌ ۽ پنجاب تي انهيءَ زماني ۾ راڄ ڪندڙ باختري يوناني بادشاهه ميناندر (155 ق-م) جا سڪا سنڌ ۾ "مئن جي دڙي"

مان هٿ آيا آهن.

يونان کان پوءِ جلدي 'ساڪا' ۽ 'ڪوشان' حڪمرانن سنڌ تي تسلط قائم ڪيو. سنڌن اقتدار 120 ق-م کان 200ع تائين رهيو. 'پنيور' جي کوٽائي مان 'ساڪا' تهذيب جي هٿ آيل آثارن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڏکڻ سنڌ ۾ وينڊي ساموبڊي ڪناري تائين سنڌن حڪمراني هئي. 'ساڪا' ۽ 'ڪوشان' ٻئي ترڪي نسل جون قومون هيون ۽ سنڌن اقتدار سان سنڌ ۾ ترڪي تهذيب جي شروعات ٿي. 'ڪوشان' گهراڻي جي حاڪم 'ڪنشڪ' ٻڌ ڌرم قبول ڪيو، جنهن جي اثر هيٺ، 100 ق-م کان 100ع تائين، سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم پکڙيو. ڪنشڪ جي ٽئين جاءِ نشين 'واسو ديو' اتر سنڌ ۽ ٻين علائقن تي حڪمراني ڪئي. سنڌس سڪا پڻ "مئن جي دڙي" مان هٿ آيا آهن.

سنڌ ۾ ترڪن جو اهو اثر پارٿيا (خوزستان) جي بادشاهن جي زماني ۾ (50ع—200ع) وڌيڪ پختو ٿيو. پارٿيا جي بادشاهه گنڊو فينس (47ع) ۽ سنڌس پوين جاءِ نشينن جا سڪا سيستان، قنڌار ۽ سنڌ مان هٿ آيا آهن. سنڌ ۾ ترڪ قبائلي تهذيب جو اثر، هياطله (سفيد هنن) حڪمرانن (چوٿين ۽ پنجين صدي ڌاري) جي دؤر ۾ وڌيڪ زور ورتو. 'سفيد هنن' جي زماني ۾ ٻڌ ڌرم کي گهٽو ڌڪ لڳو. 'برهمن ڌرم' مٿئين طبقي جي ماڻهن ۾ سرايت ڪري آيو. جيتوڻيڪ عوام 'ٻڌ ڌرم' جا پيرو ٿي رهيا.

ٽئين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري، ايران ۾ ساسانين جي ايرڻ سان سنڌ ايراني شهنشاهيت جي اثر هيٺ آئي. ان دؤر جو مشهور واقعو بادشاهه 'بهرام گور' جو سنڌ ۾ اچڻ هو. هن بادشاهه کي سنڌ جي راڳيندڙن ايترو ته متاثر ڪيو جو هو ڪين ايران وٺي ويو. اهي راڳيندڙ سنڌ جا مشهور لورا ۽ لنگها هئا. جن ايران ۾ پنهنجي سنڌي راڳ کي ايترو ته مقبول بنايو جو اهو ايراني موسيقيءَ جي تاريخ ۾ 'لوريان' موسيقيءَ جي نالي سان مشهور ٿي ويو. شاهنامي ۾ فردوسي جي روايت موجب بهرام گور جي عهد ۾ ڏهه هزار لورا راڳيندڙ ايران پهتا:

ازان لوريان برگزين دهه هزار
نرو ماده بر زخم بربط سوار

جڏهن ايراني اقتدار اندروني جهڳڙن جي ڪري ڪمزور ٿيو تڏهن 'پارٿين'، 'هنن' ۽ پرڏيهي حڪمرانن کي پنهنجي راڄ هلائڻ جو موقعو مليو.

ايران ۾ شهنشاهه فيروز (459_483ع) جي مرڻ کان پوءِ ”سفيد هنن“ سڄي ايران تي ڇانئجي ويا. ۽ 483ع کان 531ع تائين ايران سندن تابع رهيو. 'هنن' اتر_اولهه هندوستان پڻ هٿ ڪيو ۽ گپتا اقتدار کي 495ع ڌاري ختم ڪري ڇڏيائون. جيئن ته ايراني بادشاهه قباد (487_531ع) جي حڪومت اندروني ڪمزوريءَ مان اڀري نه سگهي، تنهن ڪري سنڌ شايد ”سفيد هنن“ جي هٿ هيٺ رهي. ايراني شهنشاهه ڪسريٰ نوشيروان (531_599ع) جي دؤر ۾ هياطلن ۽ هنن جي اقتدار کي ختم ڪيو ويو ۽ سنڌ، مهراڻ جي اولهه طرف وارن علائقن سميت، ساساني شهنشاهيت جي سياسي اثر هيٺ آئي.

## سمن راون جي پهرين خود مختيار حڪومت

پانيا، تاڪا ۽ ميد سنڌ جون قديم قومون هيون، جن آڳاٽي تاريخي دؤر ۾ وقت بوقت سنڌ ۾ پنهنجو اقتدار پئي قائم ڪيو. چوٿين صدي عيسويءَ کان پوءِ سمن، جتن، لورن ۽ ٻين سنڌي قومن جو دؤر شروع ٿيو. انهن جو پنهنجي پاڙيسري ملڪ ايران جي ماڻهن سان چوٿين صدي عيسويءَ کان وٺي گهاٽو تعلق پيدا ٿيو. خصوصاً سمن سربراهن ايراني اثر هيٺ ان دؤر کان وٺي ”جم ۽ جمشيد“ جي لحاظ سان پنهنجي لاءِ ”ڄام“ (جام) جو لقب اختيار ڪيو. غالباً پنجين صدي عيسويءَ ۾ سما قوم جي اڳواڻن سنڌ ۾ سياسي اقتدار حاصل ڪيو ۽ ساساني ايران سان صلح جا ناتا قائم ڪري اندروني طور خودمختيار ٿي حڪومت ڪرڻ لڳا. راءِ ڏوايو راءِ سيهڙو (وڏو) راءِ شاهي (وڏو) ۽ راءِ سيهڙو سمن جي انهي ”راءِ گهراڻي“ جا حڪمران هئا. سنڌ جا هي سما راو ۽ سنڌ جي ٻي سڄي رعايا ٻڌ ڌرم جي پوئلڳ هئي. هي سما حاڪم محب وطن هئا. سندن خود مختيار ٿيڻ سببان سيستان جي ايراني عامل سنڌ تي لشڪر ڪشي ڪئي ۽ مقابلي ۾ راءِ سيهڙو مارجي ويو. انهيءَ شڪست سببان سمن راون جي حڪومت ڪمزور ٿي. پر ستين صديءَ ۾ ايران جي بادشاهه خسرو پرويز (590_628ع) جي مرڻ کان پوءِ سنڌ تان ايران جو تسلط گهٽيو ۽ سمو حاڪم راءِ شاهي وري خود مختيار ٿي حڪومت ڪرڻ لڳو.

## برهمڻ گهراڻي جو سنڌ تي غاصبانه قبضو

انهيءَ زماني ۾، هن برصغير ۾ ٻڌ ڌرم جي پوئلڳن جي مقابلي ۾

ٻرهمڻن جو زور وڌڻ لڳو. برهمڻن پنهنجي هوشياري ۽ حڪمت عمليءَ سان ٻڌ ڌرم وارن جي رسوخ ۽ طاقت کي جتي ڪٿي پئي ڌڪ هنيو. انهيءَ سلسلي ۾ گنگا ندي واري علائقي مان چچ نالي هڪ هوشيار برهمڻ پنڊت پنهنجي خاندان سان سنڌ ۾ پهتو. سنڌ جي تخت گاهہ اروڙ جي پسگردائي ۾ هڪ مندر بنائي اُتي پنهنجي پيءُ ۽ ڀاءُ کي رهائي، پاڻ سنڌ جي حالات ۽ راءِ شاهي جي دربار جي حالتن کان واقفيت حاصل ڪيائين. راءِ شاهي جو وڏو وزير ٻڌ ڌرم جو پوئلڳ هو پر راءِ جي آڏو لکپڙه جي گذارش ڪندڙ رام نالي برهمڻ هو جنهن جي معرفت چچ وڃي راءِ وٽ سرخرو ٿيو ۽ بالاآخر رام جي جاءِ تي مقرر ٿيو. ان بعد راءِ شاهي جي راڻي سهندي کي پنهنجي دام ۾ آندائين، ۽ راءِ شاهي جي موت وقت راڻيءَ سان سازش سٽي، راءِ جي عزيزن ۽ تعلقدارن کي گرفتار ڪري، حڪومت جون واڳون هٿ ڪيائين. اهو سال 622ع هو جو برهمڻ گهراڻي سمن جي خاندان کي بي دخل ڪيو.

چچ جو حرفت ۽ سازش سان سنڌ جي حڪومت غصب ڪئي، ان تي سنڌ جي عوام ۽ سمن قبيلن کي سخت صدمو پهتو جيئن تہ هن پنڊت جو مقصد ٻڌ ڌرم جي زور کي ٽوڙڻو هو سو ٻڌ مت جي مندرن تي چڙهايون ڪري ڀڪشوئن جي رسوخ کي ختم ڪيائين. ٻڌ مت هيٺ ذات پات جو ڀيد ڪونہ هو پر پنڊت چچ سنڌ جي عوام سان "منو جا قاعدا قانون" لڳايا ۽ جتن ۽ ٻين قومن کي گهٽ ذاتيون قرار ڏيئي مٿن برهمڻن ۽ ڪامورن جي بيگار مڙهيائين. انهيءَ ظلم کان جتن، لورن ۽ ٻين غريب پر هنرمند سنڌي قبيلن سنڌ مان هجرت ڪئي، ۽ ايران ۽ وچ مشرق ۾ وڃي پنهنجي هنر ۽ هوشياريءَ جا جوهر ڏيکاريائون. يورپ جا جپسي (Gypsy) قبيلا گهڻو ڪري انهن آڳاٽن سنڌي قبيلن جي نسل مان آهن، ۽ سندن زبانن ۾ "سنڌي ٻوليءَ" جا لفظ موجود آهن.

ايران جي گهٽجندڙ اقتدار جو فائدو وٺي، چچ خود مختيار ٿي ويٺو ۽ ايران جي پرڳڻي مڪران تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. انهيءَ مهم دوران مڪران ۾ ڪيس سڌي طرح عرب اسلامي فوجن جو مقابلو ڪرڻو پيو. مسلمانن جي ايرندڙ طاقت سان اهو وير، چچ کان پوءِ سندس وارثن کي ورثي ۾ مليو. ٻئي طرف سنڌ جي سمن قبيلن ۽ ٻڌ مت جي پوئلڳ عوام هنن ڏارين برهمڻن جي غلامي ۾ گهڻو ڪجهہ لوڙيو. مت ڀيد ۽ ڇوت ڇات جي لاڳو ڪيل قاعدن توڙي سمن سردارن ۽ ٻڌ مت جي ڀڪشوئن خلاف برهمڻ

گهراڻي جي انتقامي ڪارروايئن سببان سنڌ جي عوام ۾ هنن خلاف نفرت جو جذبو پيدا ٿيو. انهيءَ ڪري جڏهن محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جي وچ ۾ لڙايون ٿيون تہ سنڌ جي عوام برهمڻ حڪمرانن کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اسلامي لشڪر جو ساٿ ڏنو. راوڙ لڳ سنہ 711ع واري لڙائي ۾ ڏاهر مارجي ويو ۽ سنڌ مٿان برهمڻن جو راڄ ختم ٿيو.

## اسلامي دؤر ۽ عربن جي حڪومت (93هہ/712ع-450هہ/1058ع)

سنہ 711ع کان وٺي اٽڪل ٻن سؤ ورهين تائين سنڌ بنو اُميہ ۽ بنو عباس جي خلافتن جو هڪ مکيہ صوبو ٿي رهي. سنڌ پرڳڻي لاءِ عامل يا گورنر مرڪز مان مقرر ٿيندا هئا. جن مان سنٿيهن جا نالا تاريخن ۾ محفوظ آهن. نائين صدي عيسويءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري سنڌ تي بغداد جي عباسي خليفن پاران صفاري گهراڻي جا حڪمران مقرر ٿيا. بغداد جي مرڪزي اقتدار جي زوال ۾ اچڻ کانپوءِ ڏيڍ سؤ ورهين تائين سنڌ ۾ رهندڙ عرب گهراڻن ۽ سنڌ جي قبيلن گڏجي حڪومت ڪئي. انهيءَ زماني ۾ مصر جي فاطمين سنڌ تي پنهنجو اقتدار وڌايو جيڪو سلطان محمود ۽ سندس پٽ مسعود جي زماني ۾ ختم ٿيو.

عربن جي دؤر حڪومت کان وٺي سنڌ اسلامي تعليم ۽ تهذيب جو مرڪز بڻي، ۽ عدل ۽ احسان، ۽ برادري ۽ برابري جي اصولن تي نئون سنڌي معاشرو تعمير ٿيو. سنڌي زبان جو مطالعو ڪيو ويو ان کي نسخ خط ۾ لکيو ويو ۽ سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا ويا. حڪومت توڙي معاشري ۾ سنڌي ۽ عربيءَ کي مساوي درجو ڏنو ويو. منصوره، ديبل، سيوهڻ ۽ بکر اعليٰ تعليم جا مرڪز بڻيا ۽ ڪيترن ئي سنڌي عالمن اسلامي دنيا ۾ شهرت حاصل ڪئي. زراعت ۽ واپار کي ترقي ڏيئي ملڪ کي خوشحال بڻايو ويو. شهدادپور کان ست ميل ڏکڻ اوڀر طرف عربي دؤر حڪومت ۾ سنڌ جي گاديءَ جي شهر منصوره جا وڏا ۽ وسيع کنڊر موجود آهن. جيڪي شهر جي عظمت ۽ ان دؤر جي شهري، تجارتي ۽ ثقافتي ترقيءَ جي ساک ڀرين ٿا.

## سومرن جي حڪومت (450هہ، 1058ع- 750هہ، 1349ع):

سومرا سنڌ جا اصلي باشندا هئا. سندن وڏو ڏاڏو سمون سنومر راءِ هو. سندس وڏا اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ عرب حڪمرانن سان ڀرپور لهہ-وچڙ

۾ آيا ۽ تمام گهڻو اثر رسوخ پيدا ڪري ورتائون. مصر جي فاطمي مبلغن سان پڻ تعلق پيدا ڪيائون. يارهينءَ صديءَ جي وچ ڌاري پنهنجي خودمختيار حڪمراني جو بنياد وڌائون، ۽ فاطمين جي بجاءِ غزني جي سلطانن سان عهد ناما ڪري، سنڌ ۾ پنهنجي طاقت کي مضبوط ڪيائون. سومرن جي اٺڪل ايڪيهن حاڪمن جا نالا تاريخ ۾ محفوظ رهيا آهن، جن اٽڪل ٽن سؤ سالن تائين حڪومت ڪئي. "دودي چنيسر" جي جڳ۔ مشهور رزميہ داستان مان پتو پوي ٿو تہ دهلي جي سلطانن سان سومرن جون جنگيون ٿيون، سومرا بهادريءَ سان وڙهيا ۽ پنهنجي آزادي سلامت رکيائون. مختلف دؤرن ۾ ٺري، وڳهہ-ڪوٽ، روپاه ۽ محمد طور سندن گاديءَ جا شهر رهيا. چوڏهين صديءَ جي وچ ڌاري جڏهين سنڌو نديءَ پنهنجي وهڪري جو رخ ڦيرايو ۽ ايرندي ناري ۽ پراڻ واري اڳئين وهڪري ۾ پاڻي گهٽبو ويو تڏهين سومرن جي آسودگي ۽ خوشحالي جي گهٽجڻ سان سندن سياسي اقتدار پڻ گهٽجي ويو. سومرن جو دؤر سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت جو افسانوي دؤر هو جنهن ۾ حب الوطنيءَ جو جذبو پيدا ٿيو افسانا اُسريا ۽ لوڪ ادب جو بنياد مضبوط ٿيو.

## سمن جي حڪومت (750هہ، 1349ع۔ 927هہ، 1520ع):

سمن سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ سان ئي اسلام قبول ڪيو هو. سندن سردارن سنڌ جي حڪومت سومرن حڪمرانن کان ورتي. پنهنجو تاريخي لقب 'ڄام' اختيار ڪيائون، ۽ ٺٽي کي پنهنجو تختگاهہ بنايائون. سندن قبرستان مڪلي جي اترين ڇيڙي تي آهي. سندن سترهن حاڪمن مان سڀ کان وڌيڪ مشهور ۽ هاڪارا ڄام تماچي ۽ ان جا نظام الدين عرف ڄام نندو ٿيا. مڪليءَ تي ڄام نظام الدين جو مقبرو عمارت سازيءَ جي عمدگيءَ جو بهترين مثال آهي. سمن جي دؤر ۾ سنڌ سنئون سڌو دهلي سان سياسي لهہ وچڙ ۾ آئي ۽ عربي جي بجاءِ سرڪاري زبان فارسي ٿي. سمن جي دؤر ۾ توحيد سان سرشار اعليٰ اخلاقي سنڌي شاعري اُسري ۽ پڻ داستان گوئي جو فن اوج کي پهتو.

* سنڌ جو هي تاريخي شهر ۽ پسگردائي واري ايراضي تازو هڪ عهد نامي ذريعي سنڌ کان ڇني هندوستان جي حوالي ڪيو ويو.

## ارغونن جي حڪومت (927ھ، 1520ع ـ 962ھ، 1555ع)

شاهہ بيگ ارغون قنڌار کان پنهنجون فوجون سبيءَ جي پرڳڻي تي چاڙهي موڪليون. ان زماني ۾ سبي سنڌ جو هڪ مکيہ سرحدي پرڳڻو هو. ڄام نظام الدين پنهنجي وڏي سپهہ سالار، درياءَ خان، کي مقابلي لاءِ موڪليو. ارغونن جي فوجن کي شڪست آئي، ۽ شاهہ بيگ جو ڀاءُ محمد بيگ جنگ ۾ مارجي ويو. ڄام نظام الدين جي وفات (1508ع) کان پوءِ سندس پٽ ڄام فيروز تخت تي ويٺو. هو هڪ ڪم عقل ۽ ڪمزور حاڪم هو. سندس ڪمزوري سببان سنہ 1520ع ۾ شاهہ بيگ دوباره سنڌ تي ڪاهيو. سورهيہ دريا خان وڙهندي شهيد ٿيو ۽ سنڌ تي ارغونن جي حڪومت قائم ٿي. شاهہ بيگ جي وفات بعد پٽس مرزا شاهہ حسن سندس جاءِ نشين ٿيو. هن زماني جي مشهور واقعن مان هڪ واقعو اهو آهي جو شير شاهہ کان شڪست کائي همايون بادشاهہ سنڌ ۾ آيو ۽ عمرڪوٽ ۾ هندستان جو آئنده شهنشاهہ، اڪبر اعظم، پيدا ٿيو.

## ترخانن جي حڪومت (962ھ، 1555ع ـ 1000ھ، 1593ع)

مرزا شاهہ حسن ارغون جي وفات کان پوءِ سندس ٻن اميرن جي وچ ۾ اختلاف ٿيا ۽ هنن ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهايو: مرزا عيسيٰ ترخان ڏاکڻي سنڌ ۽ ٺٽي جو خودمختار حاڪم ٿيو ۽ سلطان محمود خان اترين سنڌ ۽ ٻکر جو. ٻنهي اميرن جي پاڻ ۾ اٽيٽت سببان پورچو گيزن کي سنڌ تي حملي جو وجهہ مليو ۽ هنن سنہ 1556ع ۾ ٺٽي کي تباهہ ڪري ڇڏيو. باهيون ڏيئي شهر کي ساڙيائون، ۽ شهر واسين کي قتل ڪيائون. اهڙي هاڃيڪار حادثي کان پوءِ وري مرزا عيسيٰ خان جي پٽن ۾ خونريز لڙايون شروع ٿيون. منجهانئن مرزا محمد باقيءَ نيٺ ڪتيو ۽ وڏي ڏاڍ ڌهڪاء سان راڄ ڪرڻ لڳو. سنڌ ۾ سانت وري تڏهن ٿي، جڏهن مرزا باقيءَ جي پوٽي مرزا جاني بيگ حڪومت جون واڳون سنڀاليون. مرزا جاني بيگ محب وطن ۽ مقبول حڪمران هو پر هن اڃا پير ئي مس کوڙيا تہ اڪبر بادشاهہ جون فوجون اچي مٿان ڪڙڪيون. مرزا جاني بيگ وڏي بهادريءَ سان مقابلا ڪيا پر طاقتور فوجن ۽ مرزا عبدالرحيم خان خانان جي جنگي حڪمت عمليءَ جي آڏو ڪيس نيٺ هار مڃڻي پئي. اهو سال 1592ع هو.

## مغليہ سلطنت وارو دور (1000هہ 1592ع- 1150هہ 1737ع):

مرزا جاني بيگ کي مرزا عبدالرحيم خان خانان پاڻ سان وٺي ويو ۽ اڪبر بادشاهہ جي آڏو پيش ڪيائين پر بادشاهہ مرزا سان مهرباني سان پيش آيو ۽ سال 1021هہ/1621ع تائين سنڌ جو انتظام وري مرزا جاني بيگ ۽ سندس پٽ مرزا غازي بيگ جي هٿ ۾ رهيو. مرزا غازي بيگ جي وفات (1021هہ) کان پوءِ سنڌ سنئون سڌو مرڪزي مغليہ سلطنت جو هڪ صوبو بڻجي وئي. مغلن جي طرفان هتي صوبيدار مقرر ٿيندا رهيا ۽ اٽڪل چاليهہ صوبيدار هن دؤر ۾ آيا.

سورهينءَ صديءَ جي وچ ڌاري اتر سنڌ (موجوده دادو ۽ لاڙڪاڻي جي ضلعن) ۾ سنڌ جي عباسي ڪلهوڙن اقتدار حاصل ڪيو. مغلن جي طرفان مقرر ڪيل صوبيدارن جي حڪمراني صرف لاڙ واري علائقي تائين محدود ٿي ۽ ٺٽو سندن تخت گاهہ رهيو. سنہ 1150هہ (1737ع) ۾ ٺٽي وارو پرڳڻو پڻ ميان نورمحمد جي قبضي هيٺ اچي ويو.

مرڪزي مغل سلطنت جو انتظامي طريقو هن دؤر ۾ سنڌ ۾ پڻ رائج ڪيو ويو جنهن جا بنيادي خدوخال ايندڙ ٻن سؤ سالن تائين رائج رهيا. هن پر امن دؤر ۾ تعليم جو انتظام سڌريو ۽ ڪيترين ئي سهڻين عمارتون يادگار طور تهرايون ويون. جن مان روهڙي ۾ اڪبر بادشاهہ جي مسجد، سکر ۾ مير معصوم شاهہ جو مُنارو ٺٽي ۽ سيوهڻ ۾ شاهجهان جون مسجدون مشهور آهن.

## ڪلهوڙن جي حڪومت (1700ع -1782ع/1196هہ)

بنو عباس جو پونيرن مان آيل هڪ خاندان ڪافي عرصي کان سنڌ ۾ مقيم هو هن خاندان مان ڪيترائي ديني عالم ۽ بزرگ پيدا ٿيا. جن مان سورهينءَ صديءَ ۾ ميان آدم شاهہ هڪ برک عالم ٿي گذريو آهي. مرزا عبدالرحيم خان خانان سندس گهڻي عزت ڪندو هو. سندس پونيرن جي وقت ۾ پيري-مريديءَ جو سلسلو وڌندو رهيو ۽ اهڙيءَ طرح نيٺ ميان نصير محمد جي اڳواڻي هيٺ ڪلهوڙن اتر-اولهہ سنڌ ۾ پنهنجو سياسي اقتدار قائم ڪيو. اهو واقعو سترهينءَ صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ ٿيو. انهي صديءَ جي پوري ٿيڻ تائين ميان نصير محمد جي پٽ ميان يار محمد جي اڳواڻي هيٺ اتر-سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو پائو مضبوط ٿي ويو. ميان يار محمد

کي دهلي جي بادشاهه ”فرخ سير“ جي دربار مان ”خدا يار خان“ جو لقب مليو ۽ سنڌ ۾ سندس حڪمراني کي تسليم ڪيو ويو. سندس پٽ ميان نور محمد جي وقت ۾ (1150هه) لاڙ تي پڻ ڪلهوڙن جي حڪومت قائم ٿي ۽ اهڙي طرح سڄي سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لڳا.

ميان نور محمد جو پٽ ميان غلام شاهه هڪ ناميارو حاڪم ٿي گذريو آهي. هن 1182هه/1768ع ۾ حيدرآباد جو قلعو ٺهرائي راس ڪري شهر جو بنياد وڌو. سندس وفات کان پوءِ ڪلهوڙن حاڪمن ۾ ذاتي اٽڪلٽ پيدا ٿي ۽ پنهنجي سياسي ناعاقبت انديشيءَ جي ڪري هن پنهنجي خير خواهه اميرن کي مارائي ڇڏيو جنهن ڪري عوام جو اعتماد ۽ ڀروسو وڃائي ويٺا! آخر ڪار مير فتح علي خان ٽالپر جي اڳواڻي هيٺ 1196هه/1782ع ۾ هالاڻي جي جنگ ۾ ڪلهوڙن جي آخري حاڪم ميان عبدالنبي کي شڪست آئي.

ڪلهوڙن جي دور ۾ ڀهريون ڀيرو سنڌ ٻاهرين تسلط کان آزاد ٿي، ۽ آبپاشي ۽ زرعي سڌارن آڻڻ سان ملڪ جي معاشي حالت سڌري. هن دور ۾ ميين شاهه عنايت ۽ شاهه عبداللطيف جي ڪلام ذريعي سنڌي شاعري پنهنجي عروج تي پهچي وئي.

## ٽالپر اميرن جي حڪومت (1196هه، 1782ع 1259هه، 1843ع)

ڪلهوڙن کان پوءِ سنڌ جو هي ٻيو گهراڻو هو جنهن ۾ سنڌ جي خود مختاري قائم رهي. ڪراچي، شڪارپور، سبزل ڪوٽ ۽ عمر ڪوٽ وارا سنڌ جا علائقا جيڪي آخري ڪلهوڙن حڪمرانن جي دور ۾ سنڌ کان ٽٽي پر وارن حاڪمن جي قبضي ۾ اچي ويا هئا، سي مير فتح علي خان ٽالپور دوباره حاصل ڪري سنڌ سان ملائي ڇڏيا. اهڙيءَ طرح افغانن جي مداخلت کي پڻ ختم ڪيو جيڪا ڪلهوڙن جي پوئين دور ۾ سنڌ لاءِ آزار بڻجي وئي هئي. ٽالپر اميرن جي ڪلي دربار ذريعي هڪ جمهوري طرز حڪومت جو بنياد پيو ۽ ٽالپور اميرن پنهنجي سٺ سالن جي مختصر دور ۾ ڪيترائي شاندار ڪارناما سر انجام ڏنا: سرحدن کي مضبوط ڪرڻ ۽ چوڪسين رکڻ لاءِ مضبوط قلعا تعمير ڪيائون ۽ ٻاهرين حملن کي هميشه لاءِ ختم ڪيائون. سرڪاري خرچ توڙي عوام جي ٻاهمي امداد سان سوين ننڍا وڏا واهه کوٽايائون ۽ زراعت جي نظام کي وسيع ڪيائون: علمي تحقيق ۽

تعليمي ادارن جي پنيرائي ڪيائون: ملڪ ۾ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر پاڙيسري ملڪن سان واپار ۽ تجارت جا لاڳاپا وڌايائون.

## انگريزن جي غلامي وارو دؤر (1843ـ1947ع)

1843ع ۾ سنڌ انگريزن جي سامراجي راڄنيتيءَ جو شڪار ٿي پنهنجي آزادي وڃائي ويٺي. مياڻي، دبي ۽ ڪونهيري جي لڙاين ۾ سنڌ جي فوجن بهادريءَ سان مقابلا ڪيا پر هارايو انگريزن بنا سبب سنڌ تي غاصبانه قبضو ڪيو جنهنجو چارلس نيپيئر پنهنجي مشهور مقولي ۾ اعتراف ڪيو ته 'مون وڏو پاپ ڪري سنڌ کي قبضي ۾ ڪيو آهي'.

انگريزن سنڌ کي پنهنجي بمبئي ۽ ڪڇ وارين بينڪن مان فتح ڪيو ان ڪري سنڌ کي بمبئي جي پرڳڻي سان ملايو ويو. انگريزن، مسلمانن جي اڪثريت کي تابع رکڻ ۽ هندو اقليت کي ورسائڻ جي هڪ مسلسل حڪمت عمليءَ هيٺ سنڌ تي حڪومت ڪئي. واپار، ملازمت ۽ تعليم سڀ اقليت جي هٿن ۾ اچي ويا. ٿورن ئي ورهين جي عرصي ۾ مسلمانن جون چاليهه سيڪڙو زمينون قرض ڏيندڙ هندن جي هٿن ۾ هليون ويون. تمام گهڻي جدوجهد کانپوءِ 1937ع ۾ مسلمان سنڌ کي بمبئي جي پرڳڻي کان الڳ ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. پر جلدئي ٻي وڏي جنگ جي شروع ٿي وڃڻ ڪري صوبائي خودمختاريءَ مان سنڌ کي خاطر خواه فائدو حاصل نه ٿي سگهيو. تان جو 1947ع ۾ پاڪستان جي ٺهڻ تائين سنڌ جي مسلمانن جي معاشي توڙي تعليمي حالت ساڳي ئي سقيم رهي.

## ڌارئين راڄ جي خلاف جدوجهد ۽ پاڪستان جو حصول

جيئن ته سنڌ پنهنجي جاگرافيائي حالتن جي لحاظ کان پرپاسي وارن علائقن کان ڪٽيل آهي، ان ڪري ئي گذريل طويل تاريخي عرصي ۾ پنهنجي مستقل ثقافتي نوعيت ۽ جداگانه سياسي حيثيت کي محفوظ رکندي آئي. ڌارين جي تسلط جو هتي هميشه مقابلو ڪيو ويو ۽ آزاديءَ جي حق ۾ هميشه ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي. ٽالپر اميرن جي دؤر ۾ جڏهن سيد احمد بريلوي سنڌ ۽ صوبي سرحد ۾ سکن جي وڌندڙ تسلط جي خلاف تحريڪ اٿاري، تڏهن سنڌ مان پير صاحب پاڳاري، سيد صبغت الله شاهه اول، هن تحريڪ جي ڀرپور مدد ڪئي. هن ننڍي کنڊ جي علائقن مان سنڌ

آخري پرڳڻو هو جو انگريزن جي تسلط هيٺ آيو. ان ڪانپوءِ بہ سنڌ جي مسلمانن انگريزن جي راڄ کي ڪڏهن بہ دليئون قبول ڪونہ ڪيو. ان راڄ کي ختم ڪرڻ لاءِ جيڪا بہ تحريڪ شروع ٿي، سنڌ جي مسلمانن ان جي وڏيءَ دل سان حمايت ڪئي.

سنڌ ۾ آزاديءَ جي تحريڪ جو پهريون سورمو ميرپور جو امير، مير شير محمد خان ٽالپر هو. جڏهن انگريزن سنڌ جي مکيہ فوج کي مياڻيءَ جي جنگ ۾ شڪست ڏني ۽ حيدرآباد جي حڪمران خاندان جي ٽالپر اميرن کي قيدي بنايو. تڏهن ميرپور جو والي مير شير محمد خان ساٿيہ جي سڪ ۾ آزاديءَ جو جهنڊو کڻي اٿيو. چئن ئي ڏسين کان فوجون ڪنيون ڪري پهريائين دوآبي وٽ ۽ پوءِ بيهر ڪونهيري وٽ انگريزن سان مقابلا ڪيائين. بيشڪ انگريزن جي لشڪر کان مير شير محمد خان کٽي سو ڪونہ سگهيو پر سندس حب الوطنيءَ جي جذبي ۽ بهادري واري مقابلي سببان ڌارئين تسلط خلاف جدوجهد ڪرڻ جو عظيم الشان مثال قائم ٿي ويو. انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪيڍڻ لاءِ 1857ع ۾ جيڪا آزاديءَ جي تحريڪ هلي، سنڌ ان ۾ وڏو حصو ورتو. سنڌ جي ڏاکڻين حصي ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ جيڪي انگريزي فوجن جا مقامي جٿا هئا، تن ۾ بغاوت ٿي. اتر سنڌ ۾ جيڪب آباد جي پلٽڻ ۾ بغاوت ٿي. جيڪب آباد ضلعي جي ٽن وڏن سردارن۔درياءَ خان جکراڻي، دلمراد خان کوسي ۽ سيد عنايت شاهہ هڪ عام بغاوت اٿارڻ جو منصوبو ناهيو. انگريزن جي خلاف ڪامياب ڪونہ ٿي سگهيا. پر انهيءَ بغاوت جو بلوچي علائقن تي هڪ وڏو اثر رهجي ويو.

مٿئين واقعي کان اٽڪل ٽيهہ ورهيہ پوءِ سنہ 1896ع ۾ سنڌ ۾ ٻي حر تحريڪ شروع ٿي. ان جو بنياد ۽ پهريون عمل سيد احمد بريلويءَ جي مدد ڪندي پختو ٿي چڪو هو. سنڌ جي مسلمانن انگريزن کي هميشہ ڌاريون ۽ ويري سمجهيو. ان ڪري پير صاحب پاڳاري جي قيادت هيٺ ڪن آزاد طبع خير خواهن توڙي سندس جماعت انگريزن سان مخالفت ۽ مقابلي جو عزم ڪيو. 1896ع ۾ مکي جي علائقي ۾ حر اڳواڻن پنهنجي هڪ خودمختيار حڪومت ناهي. فقير محمد بچل "بادشاهہ" ٿيو ۽ فقير پير بخش وڏو "وزير" ٿيو. هنن ٻارهن مکيہ اڳواڻن تي مشتمل هڪ حڪمران وزارت ناهي. انگريزن کين باغي قرار ڏنو ۽ مٿن حملا شروع ڪيا. "حر آزاد حڪومت" وڏي سورهيائي ۽ دليريءَ سان انگريزن جو مقابلو ڪيو. هنن پنهنجون

حياتيون قربان ڪري ڇڏيون پر انگريزن جي آڏ نہ مڃيائون. سنڌن اهو مثال ۽ آزاديءَ جو روح سنڌن پوين ۾ نسل در نسل هليو آيو ۽ پوبان ايندڙ نسل پنهنجن اڳين جي روايت کي برقرار رکي پاڻ موڪيو. انهيءَ تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ انگريزن پورو زور لاتو. حرن کي گرفتار ڪري "لوڙهن" اندر بند ڪيو ويو منجهانئن هزارن کي نسل در نسل ڏيهہ نيڪالي ڏئي بمبئي پرڳڻي جي علائقن ڏانهن موڪليو ويو. پر انگريزن جا سڀ طريقا ناڪام ويا ۽ هو حر مجاهدن جي انگريزن خلاف هلايل تحريڪ کي دٻائي نہ سگهيا، ۽ حر مجاهد انگريزن جي حڪومت ۽ سندس ڇاڙتن جا مقابلا ڪندا رهيا.

1914ع ڌاري، مولانا عبيدالله سنڌي جي اڳواڻي هيٺ انگريزن جي خلاف سنڌ مان هڪ ٻي تحريڪ شروع ٿي. هن پوءِ اها تحريڪ ڪابل ۾ ويهي هلائي ۽ انهي سلسلي ۾ روس ويو ۽ پوءِ ترڪي ويو. سندس خيال هو تہ افغانستان جي مدد سان قومي تحريڪ کي زور وٺائجي ۽ انگريزن کي هندوستان مان تڙي ڪيجي ۽ ملڪ آزاد ڪرائجي. افغانستان جو بادشاهہ امان الله خان انهي تحريڪ کان تمام گهڻو متاثر ٿيل هو.

سنڌ سنہ 1920ع کان خلافت تحريڪ جي وڏي زور شور سان پٺڀرائي ڪئي. ان تحريڪ هيٺ ترڪ موالات ۽ هجرت جا هٿيار انگريزن خلاف استعمال ڪيا ويا. مجاهد جان محمد جوڻيجو هجرت واري تحريڪ جو اڳواڻ هو. خلافت تحريڪ جي ناڪامي کانپوءِ سنڌ جي محب وطن ڪارڪنن، ڪانگريس توڙي مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان ڪم ڪيو ۽ 1935ع کان وٺي هتي جي ڪارڪنن "خاڪسار تحريڪ" ۾ ڀرپور حصو ورتو.

ٻي عالمگير جنگ دوران، سنہ 1942ع ۾ انگريزن خلاف حرن مجاهدن جو ٽيون وڏو مقابلو شروع ٿيو. ان وقت سجاده نشين پير صاحب پاڳارو سيد صبغت الله شاهہ (ثاني) انگريزن جو سخت مخالف هو ۽ هو وڏو عرصو انگريزن جي جيل ۾ رهيو. جيل واري عرصي ۾ هن جو سڀاش چندر بوس جي ساٿين ۽ ٻين انقلابين سان تبادلہ خيال ٿيو. سالن جا سال جيل ڪاٽي جڏهين پير صاحب سنڌ ۾ آيو تہ انگريزن سان مقابلي جو پڪو ارادو ڪري غازين جي تنظيم قائم ڪيائين. بالا آخر انگريزن خلاف غازين ۽ حرن مقابلا شروع ڪيا. انگريزن پير صاحب کي گرفتار ڪيو. بادشاهہ جارج ڇهين جي خلاف بغاوت ڪرڻ جي الزام ۾ انگريزن ڪيس 1943ع ۾ شهيد ڪيو. باوجود انهيءَ جي حرن ۽ غازين، انگريزن خلاف جنگ جاري رکي ۽

سڄا سارا ٻارهن مهينا "مارشل لا" نافذ ڪرڻ ڪان پوءِ بہ انگريزي حڪومت حرن ۽ غازين جي جدوجهد کي دٻائي نہ سگهي. هنن انگريزن ۽ سندن نوڪر شاهي خلاف "گوريلا قسم جي جنگ" جاري رکي ۽ 1947ع ۾ انگريزن جي ملڪ ڇڏي وڃڻ تائين ساڻن وڙهندا رهيا.

مٿي ڄڻي آيا آهيون تہ خلافت تحريڪ جي ناڪامي ڪانپوءِ سنڌ جي مسلمانن هر انهيءَ تحريڪ ۾ حصو ورتو جا ملڪي آزادي لاءِ اٿي. 1930ع ڪان پوءِ سنڌ جا مسلمان سياسي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ مسلم ليگ سان وابستہ ٿيندا ويا. مسلم ليگ جي قيادت محمد علي جناح صاحب ڪري رهيو هو جو ڪراچيءَ ۾ ڄائو هو. ان ڪري ڪيس پنهنجي سر زمين جو سپوت سمجهي پنهنجو اڳواڻ ڪري تسليم ڪيائون. هن برصغير جي اُها پهرين قانون ساز جماعت جنهن پاڪستان بنائڻ جي گهُر جو ٺهراءُ بحال ڪيو سا سنڌ صوبائي اسيمبلي هئي.

## قومي آزادي ڪانپوءِ

آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان جي قائم ٿيڻ ڪان پوءِ، سنڌ جي مسلمانن هندوستان مان لڏي ايندڙ مسلمانن کي ڀاءُ سمجهي وڏيءَ دل سان سندن آجيان ڪئي، ۽ اهڙي طرح آزاديءَ ڪان پوءِ پيدا ٿيندڙ سڀ ڪان وڏي مسئلي کي سلجهائڻ ۾ مدد ڪيائون.

پاڪستان ڪان پوءِ جي ڏهن سالن (1947_1956ع) واري صوبائي خودمختياريءَ واري دؤر ۾ سنڌ اندر لازمي ابتدائي تعليم جي منصوبي تي وڏي جوش خروش سان عمل ڪيو ويو. ڪيترائي اسڪول ۽ ڪاليج ٺهرايا ويا ۽ سنڌ يونيورسٽي قائم ڪئي وئي: ڪوٽڙي بئراج جو منصوبو ٺاهي ان تي ڪم شروع ڪيو ويو، لکن جي تعداد ۾ لڏي آيل مسلمانن کي آباد ڪيو ويو. سنڌ جي ثقافتي ترقي لاءِ سنڌي ادبي بورڊ، شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز، سنڌ صوبائي ڪتبخانو ۽ سنڌ صوبائي ميوزيم قائم ڪرڻ لاءِ سنڌ اسيمبلي ٺهراءُ پاس ڪيو ۽ پهرين ٻن ادارن کي عملي طور قائم ڪيو ويو. هيءَ دؤر سنڌ جي ترقيءَ جو ابتدائي مگر سونهري دؤر هو جو سنہ 1958ع ۾ "مارشل لاءِ" جي لڳڻ سان ختم ٿي ويو.

1958 ڪان 1971ع واري دؤر ۾ سنڌ اندر صنعت ۽ زراعت وڏي ترقي ڪئي ۽ ڪيترائي سڏارا آيا. پر صنعت، زراعت، واپار، نوڪري ۽ تعليم

جي شعبن ۾ سنڌ جي اصلي باشندن جون جائز گهُرون پوريون نہ ڪيون ويون. سماجي ۽ ثقافتي شعبن ۾ بہ سنڌ پوئتي پئجي وئي. سنڌي زبان, جا سنڌ سرڪار ۽ سنڌ اسيمبلي جي سرڪاري زبان هئي, تنهن کي پنجين درجي سنڌي جي پڙهائي تائين محدود ڪيو ويو. سنڌ يونيورسٽيءَ جا تاريخي لحاظ کان هن ملڪ جي ٽيون نمبر يونيورسٽي هئي, تنهن کي ٻين يونيورسٽين جي ڀيٽ ۾ نسبتاً گهٽ گرانٽ ملي, جنهنڪري اها پوري ترقي ڪري نہ سگهي. سنڌ جي انهي تعليمي سلسلي کي بدلايو ويو. جنهن موجب 1948 کان 1858ع تائين پورا ڏهہ سال سنڌي ٻارڙا اردو پڙهندا هئا ۽ اردو ٻارڙا سنڌي پڙهندا هئا; فقط سنڌي ٻارڙن تي اردو لازمي ڪري, 'اردو' ۽ 'غير اردو' جي فرق کي هوا ڏني وئي ۽ سنڌ ۾ ڏهن سالن جي باهمي مفاهمت واري تعليمي ڪوشش کي ختم ڪيو ويو. مجموعي طور سان, نہ فقط سنڌ لاءِ پر سڄي پاڪستان لاءِ سياسي ۽ سماجي لحاظ سان هيءُ دؤر هڪ تنزل پذير دؤر هو جنهن جو بالاآخر 1971ع ۾ خاتمو ٿيو.

1971ع کان وٺي هڪ نئون دؤر شروع ٿيو آهي, جنهن سان سنڌ ۽ ٻئي سڄي ملڪ جون اميدون وابستہ آهن. اسلامي مساوات ۽ اسلامي انصاف ۽ احسان ذريعي ناانصافيون ختم ٿي سگهن ٿيون, نفاق مٽجي سگهن ٿا, ۽ ڀائيچارو قائم ٿي سگهي ٿو. آزادي جي روح پرور فضا پيدا ٿي سگهي ٿي; اقتصادي خوشحالي جي اميد رکي سگهجي ٿي; ۽ تعليمي ثقافتي ترقي لاءِ راهہ هموار ٿي سگهي ٿي. سنڌ جي باشندن کي هن نئين دؤر ۾ پنهنجن خداداد صلاحيتن کي ڪم آڻڻ جو سونهري موقعو مليو آهي. سنڌ جو مستقبل روشن نظر اچي ٿو. هيءُ سنڌي سائنس ڪانفرنس انهيءَ روشن مستقبل جو هڪ نمايان نشان آهي.

**

# ماضيءَ جي تاريخ کي وڏي ويچار سان سامهون آڻڻ گهرجي *

("مهراڻ" جي گذريل پرچي ۾ جناب نذير احمد شاڪر بروهيءَ جو مقالو شايع ٿيو هو جنهن ۾ هن اها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ته سبيءَ جي پرسان مير چاڪر خان رند سان منسوب قلعو دراصل، سنڌ جي سمي خاندان جي هاڪاري حاڪم، ڄام نظام الدين سمي دفاعي لحاظ کان ارغونن جي حملن کي منهن ڏيڻ لاءِ ٺهرايو هو. پوءِ اهو قلعو بين ڪن بااثر شخصيتن ۽ انگر مير چاڪر خان رند به استعمال ڪيو هو.

اهو مقالو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي پسند ڪونه پيو ناراضگيءَ جو اظهار ڪيائين ۽ پنهنجو نقطء نگاهه واضح ڪرڻ لاءِ مضمون لکي موڪليائين. اسان اهو مضمون ڊاڪٽر صاحب جي نقطۂ نگاهه لاءِ احترام طور ۽ مهراڻ جي مهربان پڙهندڙن جي استفادي لاءِ شايع ڪريون ٿا. ـ ادارو)

رسالي "مهراڻ" (1ـ1999/2ع) ۾ "بلوچن جو عظيم هيرو چاڪراعظم" جي عنوان سان نذيراحمد "شاڪر" بروهي صاحب جو مقالو شايع ٿيل آهي، جنهن جي اهميت ۽ افاديت کي زيربحث آڻي سگهجي ٿو. رسالي جو هر باشعور پڙهندڙ حيران ٿيندو ته رسالي جي سرورق تي شاهي قديم قلعي جي تصوير ڏنل آهي، ۽ ان جي هيٺيان ڏنل عنوان ۾ وضاحت

* ٽه ماهي مهراڻ ـ شمارو ـ4ـ 1999ع

سان ڇاڻايل آهي تہ "سبيءَ جي پرسان مير چاڪر خان جو قلعو." پر رسالي ۾ اندر ان جي رَد ۾ مقالو ڇاپيو ويو آهي، جنهن ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ مير چاڪرخان جو تاريخ ۾ ڪو وجود ئي ڪونهي.

مقالي جي لکندڙ "شاڪر" بروهي صاحب کان سوال پڇي سگهجي ٿو جنهن پنهنجو وڏو وقت صرف ڪري، وڏي محنت سان هر قسم جا حوالا جمع ڪيا آهن، پر مقالي جو حاصل مطلب ڇا؟ مير چاڪر خان جي وجود جي انڪار سان ڪهڙو فائدو ٿيندو ۽ ڪنهن کي فائدو ٿيندو؟ شايد انهيءَ بحث جي شروعات سبيءَ جي باشندي عبدالعزيز لوٽي ڪئي، جنهن جو مقصد سياسي هو تہ سبي پٺاڻن جي آهي يا بلوچن جي!

تاريخي لحاظ سان بلوچ ۽ پٺاڻ صدين تائين سُرها پاڙيسري ٿي رهيا آهن.. قلات جي خانن جي حڪمراني هيٺ، ڪوئيٽہ، پشين، سبي وغيره جي پٺاڻ برادريءَ سان برابريءَ جو برتاءُ ڪيو ويو. هن وقت بلوچن-پٺاڻن، يا سنڌين-بلوچن ۾ نفاق وجهڻ خاطر ڪو ويهي بي ٽُڪا تاريخي مضمون لکي تہ اُهي وقتي پروپيگنڊا طور استعمال ٿي سگهن ٿا، پر آئيندي لاءِ نفاق جو ٻج ڇٽي سماجي امن جا بنياد اُکيڙي سگهن ٿا.

شاڪر بروهي صاحب هن مقالي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي اڳين حاڪمن ۽ حڪومتن جي متضاد تاريخي مسئلن کي ڇيڙيو آهي ۽ انهن کي پنهنجي مخصوص آئيني ۾ ڏسڻ ۽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪنهن ڪيس اهڙي مقالي لکڻ تي آماده ڪيو سو معلوم ناهي، پر سندس لکڻ موجب هن هي مقالو "پروفيسر غلام محمد لاکي جي اُٺاريل سوال" کان متاثر ٿي لکيو.

هن مقالي ۾ خالص علمي تحقيق بدران ذاتي ترجيح وارو رخ اختيار ڪيل آهي. شاڪر بروهي صاحب جي لکڻ موجب "سنڌ جا مؤرخ جيڪي بلوچستان جي مؤرخن جي مخصوص تاريخ نويسيءَ کان واقف ڪونہ آهن، ڏوکو کائي وڃن ٿا." "مخصوص تاريخ نويسي" ۽ "ڏوکو" ٻئي ڳرا لفظ آهن، جن مان نفاق جي بوءِ اچي ٿي.

19- صديءَ کان وٺي برطانيہ سامراج جي ايجنٽن سنڌ ۽ بلوچستان جي تاريخ ۾ نفاق ۽ نفرتن جا ٻج ڇٽيا، جنهن جي ڪري وڏو نقصان ٿيو.

افسوس جو موجوده دؤر ۾ سنڌ توڙي بلوچستان جي ڪن لکندڙن وري نفاق جا ٻج ڇٽڻ شروع ڪيا آهن. اها ناعاقبت انديشي آهي ۽ سنڌ توڙي بلوچستان جي روشن مستقبل خلاف هڪ سازش آهي، جنهن کان بچڻ گهرجي.

هن مقالي جو جڏهن تحقيقي تجزيو ڪجي ٿو تہ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ جڻ اهو لکندڙ جي پنهنجي اڳ قائم ڪيل مفروضي جي پنيرائي طور لکيو ويو آهي. مقالہ نگار جڻ پنهنجي ڪيس کي ثابت ڪرڻ لاءِ وڪيلن وارا دليل ڏنا آهن، پر دليلن ۾ بہ تضاد آهي. هت مقصد هن مقالي جو رد لکڻ ناهي، پر اصلاح خاطر ڪي تنقيدي اشارا ضروري آهن، انهيءَ لاءِ تہ اوڻايون معلوم ٿين ۽ اهو احساس پيدا ٿئي تہ "ماضيءَ جي تاريخ کي وڏي سوچ ويچار سان سامهون آڻجي". جيئن ملڪ جي قومن ۽ قبيلن جي وچ ۾ وڏيڪ ويڇا پيدا نہ ٿين.

1. ماضيءَ جون مسلسل روايتون، قديم امثال ۽ اشعار ماضيءَ جي تاريخ جا مجيل ماخذ آهن، جن جو انڪار تاريخ جو علم ۽ ڄاڻ جي منافي ٿيندو. قديم بلوچي شاعري، بلوچن جي ماضيءَ جي تاريخ جو رڪارڊ آهي. خانہ بدوش قبيلن ۾ زبان ۽ يادگيري ئي قلم ۽ ڪاغذ جو ڪم ڪيو آهي، ۽ بلوچن پنهنجي قديم شعر کي پنهنجو 'دفتر' يا رڪارڊ سڏيو آهي:

"اي مَني پيرا اي رَندين- اي بلوچ دپترين."

بلوچي شاعري يا بلوچ- براهوئي شاعري تي بحث ٿي سگهي ٿو پر انڪار ٿي نٿو سگهي. ميرچاڪر ان قديم شاعريءَ جو مجيل ۽ مضبوط ڪردار آهي، جنهن جي وجود جو انڪار ٿي نٿو سگهي. مقالہ نگار هڪ طرف قديم بلوچي شاعريءَ جي اهميت کي گهٽائي ٿو ڇاڪاڻ جو ان مان ميرچاڪر جي وجود جي تصديق ٿئي ٿي ۽ ٻئي طرف بلوچ-براهوئي شاعري کي سَنَد طور پيش ڪندي لکي ٿو تہ "براهوئي بلوچي شاعري مان مستند ثبوت ملي ٿو تہ چاڪر رند قلات تي حملو ئي نہ ڪيو آهي." ساڳئي ماخذ مان، ساڳئي مسئلي بابت متضاد دليل ڏيڻ مان ڪجھ بہ ثابت نٿو ٿئي.

2. مقالہ نگار بلوچستان جي بلوچ مصنفن توڙي غير بلوچ مؤرخن، جن مير چاڪر جو ذڪر ڪيو آهي، تن سيني جي بيانن کي محض سندس

پنهنجو وهم ۽ گمان خاطر (تہ مير چاڪر ماڳهن هوئي ڪونہ) مڃڻ لاءِ تيار ناهي. گل خان نصير، صالح محمد خان لهڙي، سردار خان گشڪوري، مولائي شيدائي، آغا نصير خان احمد زئي ۽ موجوده دؤر جي ٻين مؤرخن ۽ اديبن جي بيانن تي ڪيس اعتبار ڪونهي. پڻ اڳين عالمن ۽ مؤرخن مان جيڪو آخوند محمد صديق 'اخبار الابرار' ۾ لکيو يا قاضي نور محمد گنجابوي جيڪي 'تحفة النصير' ۾ لکيو يا هيتورام جيڪي 'بلوچي نامہ' ۾ لکيو يا مولوي دين محمد جيڪي "يادگار تاجپوشي قلات" ۾ لکيو، تن سڀني جا بيان هن لاءِ قابل قبول ناهن. نہ فقط ايترو پر انگريز مصنف ڊيمس، جنهن سالن جي تحقيق بعد بلوچ قوم جي تاريخ بابت پنهنجو ڪتاب لکيو جنهن ۾ هن پهريون ڀيرو تاريخ شيرشاهي جهڙي معاصرانہ ماخذ جي حوالي سان ميرچاڪر جي تاريخي حيثيت کي ثابت ڪيو، تنهن جي تحقيق کي تسليم ڪرڻ بدران، بنا ڪنهن دليل جي، مقالہ نگار چڻ هڪ قسم جو الزام مڙهيو آهي تہ ڊيمس جاٽي واٽي "بلوچستان ۽ آسپاس جي خِطن جي تاريخ ۾ چاڪر رند کي جڳهہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي." هن قسم جو ذاتي رايو علمي تحقيق جي معيار کان گهٽو گهٽ آهي. موجوده دؤر جي ايترن سارن لکندڙن جا رايا هڪ اجتماعي اتفاق يا Consensus جي حيثيت رکن ٿا ۽ ميرچاڪر جي وجود جي تائيد ڪن ٿا. انهن کانسواءِ ٻين قابل قدر مصنفن بہ پنهنجين تصنيفن ۾ ميرچاڪر جو ذڪر آندو آهي، مثلا: خان قلات مرحوم مير احمد يارخان پنهنجي ڪتاب "قوم بلوچ ۽ خواتين بلوچ" ۾ ۽ مير غوث بخش بيزنجو مرحوم پنهنجي انگريزي مقدمي ۾، جيڪو هن مصنف جان محمد جي ڪتاب 'بلوچ ڪلچرل هيريٽيج' لاءِ لکيو ۽ مرحوم مير شير محمد مري، پنهنجي ڪتاب ۾ جيڪو هن قديم بلوچي شاعري بابت لکيو. بهرحال، هن سلسلي ۾ مقالہ نگار جو ٻين سڀني جي راين کي رد ڪرڻ ۽ پنهنجي گمان کي صحيح سمجهڻ بي سود آهي.

3. مقالہ نگار جي هڪ طرف مقامي ماخذن ۽ مصنفن تي بي اعتمادي تہ ٻئي طرف ٻاهرين ماخذن ۽ مصنفن تي سندس انحصار تہ انهن مان ڪنهن بہ مير چاڪر يا سبي ۾ سندس سرداريءَ جو ذڪر نہ ڪيو آهي، پنهنجي اهڙي دليل جي پنيرائيءَ ۾ هن پنجٽيهن تاريخي ڪتابن جي ڊگهي لسٽ ڏني آهي ۽ ڄاڻايو آهي تہ انهن ۾ جيئن تہ ميرچاڪر جو نالو موجود

ڪونهي، انهيءَ ڪري سنڌس وجود ئي تسليم ڪري نٿو سگهجي. هي دليل علمي تحقيق جي معيار مطابق ناهي. انهن تاريخن جو مکيہ يا ذيلي موضوع مير چاڪر ڪونہ هو انهيءَ ڪري جيڪڏهن انهن ۾ مير چاڪر جو ذڪر ڪونہ آيو آهي تہ ان مان ڪا ڳالهہ ثابت نٿي ٿئي. انهن مان ڪن ساڳين ۽ ڪن ٻين ڪتابن جي ٻي هڪ ڊگهي لسٽ ڏئي سگهجي ٿي، جن ۾ قلات جي خانن جي جد امجد مير احمد يا مير نصير خان نوري جو ذڪر نہ هوندو پر ان مان اهو ثابت نہ ٿيندو تہ ڪو مير احمد يا مير نصير خان نوري هئا ئي ڪين! مقالي ۾ پيش ڪيل لسٽ مان بہ پنجويهن ڪان متي ڪتابن ۾ انهن پنهي مشهور هستين جو نالو ڪونهي.

4. مير چاڪر جي سبيءَ ۾ سرداري کي رد ڏيڻ خاطر هڪ ڊگهي فارسي عبارت نقل ڪئي ويئي آهي، جيڪا رسالي مهراڻ جي ڇئن صفحن تي ڇانيل آهي. اها سڄي عبارت 'مڪلي نامہ' تان نقل ڪيل آهي، جنهن لاءِ صرف حوالو ڏيڻ ئي ڪافي ٿئي ها. پر عام پڙهندڙ تي وڌيڪ اثرانداز ٿيڻ خاطر مقالي ۾ هن ڊگهي فارسي عبارت کي آندو ويو آهي. حالانڪ نہ ان جو ميرچاڪر ۽ سبيءَ سان ڪو تعلق آهي تہ نڪو وري ان دؤر جي سنڌ سان ئي ڪو واسطو آهي، جيڪا ڄام نظام الدين جي حڪمرانيءَ ۾ شامل هئي. هن حقيقت کي سمجهڻ لاءِ البت تفصيلي وضاحت جي ضرورت آهي، جيڪا هيٺ ڏجي ٿي.

هي سڄي عبارت، هرات جي سلطان حسين بايقرا (862_119هہ) جي هڪ لشڪر جي ڪنهن ڪاميابي ۽ فتح بابت فرمان يا پڌرنامو آهي، جنهن کي سلطان جي وڏي منشي خواجہ عبدالله ان وقت جي دستور موجب وڏي عبارت آرائي ۽ آب تاب سان لکيو. ان دستاويز کي پهريائين جرمن محقق روئمر سنہ 1951ع ۾ شايع ڪيو جنهن کي پوءِ حسام الدين راشدي 1967ع ۾ 'مڪلي نامہ' ۾ نقل ڪيو جو پانيائين تہ ڄام نظام الدين جي دؤر ۾ "هرات جي حڪومت........ سنڌ جي ڪنهن حصي تي لشڪر ڪشي ڪئي،" ۽ سندن فتح سنہ 892هہ ۾ ٿي، جو اها تاريخي قطعہ واري فقري "مِلِک فتح مُلک کرد" مان نڪري ٿي (مڪلي نامہ صفحا 177، 179). پر جيئن تہ نڪي هن قطعہ ۾ 'سنڌ' ملڪ جو نالو آهي ۽ نہ وري هيٺ متن ۾ سنڌ جي ڪنهن بہ فتح ڪيل شهر جو نالو ڏنل آهي، انهيءَ ڪري، ميان

حسام الدين بہ مبهم نموني ۾ ڄاڻايو تہ ”سنڌ جي ڪنهن حصي تي“ حملو ٿيو.

غلط فهميءَ جو سبب پڏرنامي جي عنوان ”فتح نامہ بلاد سند“ ۽ هيٺ متن ۾ آندل فقري ”ديارسند“ جا الفاظ آهن، جن ۾ 'سنڌ' جو نالو اچي ٿو. سمجهڻ لائق هي ڳالهہ آهي تہ ان آڳاٽي دؤر ۾ جڏهن منشي عبدالله اهو پڏرنامو لکيو تڏهن 'بلاد سند' ۽ 'ديار سند' جا اصطلاح وسيع معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ هئا، يعني 'سنڌ وارا اطراف' يا 'سنڌ طرف وارا علائقا يا ملڪ، سنڌ- اوچہ-ملتان واري سڄي زمين سنڌ جي سرزمين هئي، جنهن مان اڳتي، 'هند' (هندستان) جي ملڪن ۽ رياستن ڏانهن وڃڻ جو لنگهہ هو: خراسان طرفان لشڪر جا حملا اوچہ- ملتان واري سرحد کان ٿيندا هئا ۽ امن وقت اتان جا واپاري قافلا بہ اوچہ-ملتان واري علائقي مان مٿي اڳتي ويندا هئا. غزنوي-غوري عهد جي تاريخن توڙي 'طبقات ناصري' ۽ هند جي بين آڳاٽين تاريخن جي مطالعي مان اها حقيقت واضح ٿئي ٿي تہ تاريخي طور اوچہ-ملتان واري سنڌ جي سرزمين ('بلاد سند' يا 'ديارسند') خراسان کان ڏکڻ- اولهہ هندوستان ڏانهن وڃڻ لاءِ هڪ مکيہ لنگهہ هئي.

هن پڏرنامي ۾ خراسان جي واپارين جي فرياد جو ذڪر آهي ۽ فارسي عبارت ۾ صاف طرح ڄاڻايل آهي تہ ”انهن جو لنگهہ ۽ اچ وڃ سنڌ جي سرزمين جي ڪنهن ڀاڱي مان هئي.“ (ممر عبورو ورود ايشان بر بعض از ديار سند بود). 892ع ۾ اهو لنگهہ ۽ گذرگاهہ هيٺ سنڌ مان نہ هو بلڪ اوچہ- ملتان واري سرحد کان هو. اتان اڳتي هندوستان (راجپوتانا) جي ڪنهن ڀاڱي مان لشڪر چڙهيو ۽ فتحياب ٿيو. اهو بہ صاف ڄاڻايل آهي تہ واپارين تي حملا ڪندڙ ”ڪافر ۽ دين ۽ شرع جا مخالف آهن“ ۽ سلطاني لشڪر چڙهائي ڪري انهن ”تباهہ ڪار دشمنن بدبخت هندن“ (دشمنان تباهہ ڪارو هندوان سياهہ روزگار) کي تباهہ ڪيو.

اهي حوالا ان وقت جي سنڌ سان هرگز نٿا لڳن. ان وقت سنڌ ۾ ڄام نظام الدين جهڙي ديندار سلطان جي حڪمراني هئي، ۽ سنڌ اندر مسلمانن جي مخالفن هندن جي ڪابہ رياست ڪانہ هئي. هن پڏرنامي جي صاف بيان توڙي ان وقت سنڌ تي ارغونن جي حملن جي سلسلي مان ثابت ٿئي ٿو تہ هي حملو سنڌ تي ڪونہ ٿيو. ان دؤر ۾ هرات جي سلطان بايقرا سنڌ خلاف

ڪا فوج ڪانہ موڪلي. سنڌ تي جيڪي حملا ٿيا سي شاھہ بيگ ارغون ڪيا. سنہ 890ھہ ۾ ڪيل حملن ۾ کيس ڪاميابي ٿي، پر پوءِ سنڌ طرفان سپھہ سالار دريا خان جوابي حملا ڪري ارغونن کي سخت شڪست ڏني، جنھن ڪري 895ھہ تائين وري ٻيو ڪوبہ حملو ڪونہ ٿيو. ھن ٻڌرنامي ۾ حملي ۽ فتح جو سال 893ھہ جاٽايل آھي، جيڪو يقيني طور سنڌ تي ڪو نہ ٿيو ۽ نہ ئي سنڌ يا ھند جي تاريخن ۾ ان جو ڪو ذڪر آھي.

ان جي برعڪس شاڪر بروھي صاحب، ھن حملي کي سنڌ تي ھرات جي سلطان ۽ ارغونن جو حملو ڪري سمجھيو آھي. لکي ٿو تہ، ”سلطان حسين بايقرا ڪجھہ واپاري ماڻھن جي شڪايت تي، امير ذوالنون کي سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو. ذوالنون جو پٽ شاھہ بيگ 1485ع ۾ قنڌار کان اچي اڪڙي، چانڊوڪي (لاڙڪاڻو)، سنڌيچہ ۽ ڪوٽ ماڇي ڳوٺن کي ڦريو لٽيو ۽ سبيءَ جي طرف پيشقدمي جاري رکيائين. سبيءَ تي ڄام ننڊي طرفان امير بھادر (مير بھادر خان) نگران ھو. منگولن جي موتمار فوج امير بھادر کي موت جي ننڊ سمھاري سبيءَ تي قبضو ڪيو ۽ پنھنجي طرفان پنھنجي پاءُ سلطان محمد کي سبيءَ جو گورنر مقرر ڪيائين. ان فتح جي خوشي ۽ عام اطلاع لاءِ ’فتح نامہ سنڌ‘ جي نالي سان ھڪ فرمان جاري ڪيو ويو تہ جيئن ساري ملڪ ۾ اھا خوشخبري پھچائي وڃي.“

ھيءَ سڄو تفصيل مقالہ نگار جي پنھنجي وھم ۽ گمان جي اُڏام آھي. ٻڌرنامي ۾ اھڙو ڪو اشارو ڪونھي. اھو تفصيل شاڪر بروھي صاحب غلطيءَ مان، ٻڌرنامي ۾ مذڪور سنہ 892ھہ (1487ع) واري حملي کي شاھہ بيگ جي گھڻو پوءِ ڪيل حملو ڪري سمجھيو آھي. ٻڌرنامي ۾ صاف طور تي دين اسلام جي مخالفن ڪافرن ۽ ھندن جو ذڪر آھي، جن تي لشڪر چڙھيو ۽ فتح حاصل ڪئي. ان مونجھاري کي شاڪر بروھي صاحب سولائيءَ سان ائين حل ڪيو آھي تہ شاھہ بيگ جڏھن سبيءَ تي قبضو ڪيو تہ ”عارضي طور فتح جي گھمنڊ ۾ مسلمانن (سنڌين) کي ’ڪافر‘ ’غدار‘ ڪوٺيائين.“ ھن قسم جو نتيجو ھن مقالي جي باقي اھميت ۽ افاديت کي بہ ختم ڪري ٿو.

صحيح معنيٰ ۾ غور طلب مسئلو سيوي يا سبيءَ جي تاريخ آھي، خاص طرح 10_صدي عيسويءَ جي آخر ۽ 16_ صدي عيسويءَ جي شروع

واري تاريخ. جنهن تي هن مقالي ۾ منفي رخ کان بحث ڪيو ويو آهي: يعني تہ لکت ۾ جيڪي تاريخي حوالا ملن ٿا تن کي سامهون رکيو وڃي ۽ جيڪي انهن ۾ ناهي، تنهن سڀ جو انڪار ڪيو وڃي! ماضيءَ جي تاريخ ۾ ڪيترائي خال آهن. جن کي تاريخ جي عالمن روايتي ماخذن، تاريخي ۽ جغرافيائي آثارن، قومن ۽ قبيلن جي ماڳن وغيره جي مطالعي سان پرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان سان گڏ ماضيءَ جي تاريخ ۾ جيڪڏهن ڪي تضاد آهن تہ انهن ۾ بہ تطبيق پيدا ڪئي آهي. اهي ئي طريقا آهن، جن سان پنهنجي ملڪ جي تاريخ جي صحيح خدمت ڪري سگهجي ٿي. باقي مير چاڪر جي وجود جي انڪار سان مسئلو حل نٿو ٿئي. مير چاڪر جي شخصيت تاريخي آهي، جنهن جو پڪو پختو ثبوت ان دؤر جي معاصرانہ 'تاريخ شيرشاهي' (مصنف عباس خان) توڙي ان بعد ويجهي دؤر جي تاريخ 'طبقات اڪبري' جي چٽن حوالن مان ملي ٿو. مير چاڪر جو تاريخي مقبرو موجود آهي. سبيءَ ۾ سندس سرداري جو بالواسطہ ثبوت رند قبيلي جي ماڳن جي پکيڙ (Ethnography) مان ملي ٿو جو هن وقت بہ سبي واري ملڪ جي الهندين پاسهين جو سردار رند (مير يار محمد خان) آهي تہ اڀرندين پاسهين جو سردار بہ رند (مير چاڪر خان) آهي. تاريخ ۾ انهن سردارين جو ذڪر ڪونهي، پر اُنهن جي وجود ۽ مير چاڪرخان جي سرداري کان وٺي، انهن جي هلندڙ سلسلي جو انڪار نٿو ڪري سگهجي.

مقالي ۾ زير بحث تاريخ واري دؤر ۾ هڪ حقيقت سنڌ جي حڪومت هئي جنهن جو حڪمران داناءُ ۽ مدبر سلطان ڄام نظام الدين هو. ٻي حقيقت سنڌ جي سري کان وٺي سبيءَ تائين بلوچ قبيلن جي آبادي ۽ پاڻ ۾ طاقت آزمائي هئي ۽ سندن وڏا اڳواڻ ميرچاڪر خان رند ۽ مير گهرام خان لاشاري هئا. ٽئين حقيقت ۽ طاقت ارغونن جي هئي، جن شاهہ بيگ جي اڳواڻي هيٺ شال ڪوٽ (ڪوئٽيہ) تي قبضي بعد بولان مان لنگهي سبي ۽ سنڌ طرف پنهنجي طاقت وڌائڻ خاطر حملا پئي ڪيا. مگر سواءِ انهن حوالن جي جيڪي ارغونن جي حملن يا سنڌ جي جوابي حملن متعلق آهن، سبي بابت ان وقت جو ٻيو ڪوبہ احوال لکت ۾ موجود ڪونهي. ٻئي طرف، ان دؤر جي قبائلي روايات ۽ خاص طرف بلوچي- براهوئي شاعري ۾، باوجود روايتي تضاد جي، ڪافي مواد موجود آهي جنهن سان سبي ۽ سنڌ

جي تعلقات کي روشن ڪري سگهجي ٿو. سبي تي سياسي اثر وڌائڻ توڙي ارغونن جي حملن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڄام نظام الدين ۽ بلوچ سردارن جي وچ ۾ دوستيءَ جا ناتا يا صلح جا معاهدا ٿيا هوندا. مقالي ۾ نقل ڪيل مير چاڪر جي هڪ شعر مان اهڙي ڪنهن معاهدي جو اهڃاڻ ملي ٿو. ٻئي طرف سنڌ جي روايتن توڙي تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جا بلوچ قبيلا ڄام نظام الدين جي اطاعت ۾ سپهه سالار دريا خان جي اڳواڻيءَ هيٺ سنڌ جي مضبوط لشڪر جي صورت ۾ ارغونن سان وڙهيا. ۽ ڄام نظام الدين جي وفات ۽ درياخان جي شهادت بعد به ارغونن خلاف بغاوت ڪندا رهيا.

سبي ۽ سنڌ جي سياسي تعلق تي تحقيق جو ٻيو رخ اهو آهي جو ماضيءَ جي سڄي تاريخي پس منظر تي نظر ڪجي. اڳين ڪن حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن وقت سنڌ جون حدون گهڻو وسيع هيون. عرب اسلامي دؤر ۾ به سنڌ جو وڏو نالو هو. منصوره گاديءَ جو شهر هو ۽ گهڻي حد تائين موجوده پاڪستان ۽ پڻ ڪڇ ڪانياواڙ ۽ اولهه راجستان وارا علائقا منصوره جي ماتحت هئا. سومرن جي دؤر کان وٺي سنڌ جون سياسي سرحدون گهٽيون، ڇاڪاڻ جو غزني جي سلطان معزالدين، اوچ جي حڪمران ناصرالدين قباچه ۽ پوءِ دهليءَ جي سلطان التمش ۽ ٻين ملتان کان بکر تائين، بکر کان سيوهڻ تائين ۽ پڻ اڳتي درياهه جي اولهه وارو پاڳو سمندر تائين پنهنجن حڪومتن ۾ شامل ڪيو. انهيءَ ڪري سبي سنڌ کان ڪٽجي ويئي. سمن جي دؤر ۾ وري ڦهريائين سيوهڻ تائين ۽ پوءِ ڄام نظام الدين جي دؤر ۾ بکر تائين سنڌ جي طاقت وڌي. ڄام نظام الدين وڏي تدبر ۽ تدبير سان، سنڌ ۾ سمن، سومرن، بلوچن ۽ ٻين قبيلن ۾ اخوت ۽ وطنيت جو جذبو وڌائي ملڪي نظام ۽ انتظام کي مضبوط ڪيو ۽ پڻ بکر کان سبيءَ تائين بلوچ قبيلن کي سپهه سالار درياخان جي وطن دوستي ۽ سياسي سماجي حڪمت عمليءَ سان پنهنجو ڪيو جو سبي ڦهريون پيرو سنڌ جي سلطنت سان لاڳو ٿي. پر اهو مسئلو تحقيق طلب آهي ته ڪيتري عرصي لاءِ ڪهڙي سال کان وٺي ڪهڙي سال تائين. ڄام نظام الدين سنه 866هه ۾ تخت نشين ٿيو ۽ جيڪڏهن ان بعد ڦهرين چوڏهن سالن ۾ سنڌ جو نظام ۽ انتظام مڪمل ٿيو هجي ۽ بکر تائين طاقت وڌي هجي ته سبيءَ تي سنڌ جو

سياسي تسلط 880هه بعد شروع ٿيو هوندو ۽ 914هه ۾ ڄام نظام الدين جي وفات تائين ۽ ڪجهه عرصو پوءِ قائم رهيو هوندو. پر اهڙي تخميني ۾ ٻه ڪي مسئلا حل طلب آهن. ڪن تاريخي حوالن موجب، ڄام نظام الدين جي حياتيءَ جي آخري سالن ۾ سنڌ ارغونن جي تسلط هيٺ اچي چڪي هئي ۽ ان بعد سنڌ جو تسلط قائم نه ٿي سگهيو. ٻيو ته سنڌ طرفان بهادر خان سبيءَ تي مقرر ٿيو ته ارغونن جي حملن کي منهن ڏئي، پر مقامي طور سبيءَ جي ماڳ يا گردونواح ۾ ڪنهن جو اثر هو ۽ ڪنهن پٺي سنڀاليو. بلوچي شعر ۽ روايت طور مير چاڪر سبيءَ جو سردار هو ۽ پڻ هن فتحپور جو شهر ٻڌايو ۽ اُتي حڪمراني ڪئي. بالڪل قرين قياس آهي ته ميرچاڪر ارغونن جي حملن سببان سبي ڇڏي هجي، پر پوءِ جڏهن شاهه بيگ پهريائين سبيءَ تي ۽ پوءِ فتحپور تي قبضو ڪيو تڏهن مير معصوم جي لکڻ موجب سلطان پير ولي برلاس جو اولاد اتي اثر رسوخ وارو هو ۽ انهن سبي خالي ڪري فتحپور ۾ وڃي لشڪر گڏ ڪري شاهه بيگ جي سامهون ٿيا. ٿي سگهي ٿو ته سلطان پير ولي برلاس جيڪو اڳ هو سو دهليءَ جي لوڌي سلطانن جو سبيءَ ۾ گماشتو هجي.

**

# ٺٽي جو وجودي بنياد يا ٺٽي شهر جو اصل نسل*

ٺٽو شهر، جيڪو هن وقت سنڌ جي حيدرآباد ڊويزن ۾ هڪ ضلعي صدر مقام آهي، سو ڪڏهن ۽ ڪيئن وجود ۾ آيو سان حقيقت راز ۽ اسرار جي پردن ۾ ڍڪيل رهي آهي. سنڌ جي روايتي داستانن موجب ٺٽي شهر جو بنياد بہ اوتروئي قديم آهي، جيترو قديم شهر ملتان جو. اهڙن داستانن جي هڪ روايت موجب چٽڻ زائفائن مان (جن چٽني مان هرهڪ اها دعويٰ ٿي ڪئي تہ هوءَ ٺي سيني ۾ وڏي آهي) هڪ چيو تہ:

جڏ ٺٽي ٿي ناهہ ڪيو اڏيو ٿي ملتاڻ
تڏ سؤ سهيلين ساڻ، مون مٽي ڪنئي مٿي ٿي.

ٺٽي جي بڻ بنياد بابت لکيت ۾ آيل حقيقتن ۾، هڪ مبهم ۽ موهوم خيالي اشارو امير خسرو (1255_1325ع) جي هڪ شعر ۾ ملي ٿو جيڪو 678هہ (1279ع) کان 683هہ (1284ع) دوران ملتان ۾ پنهنجي قيام واري عرصي ۾ ٺٽي ۾ آيو ٿو ڏسجي. اهو مخصوص شعر ڪهڙي خاص تاريخ تي جوڙيو اٿس، تنهن جي پڪي خاطري ڪانہ ٿي ملي، پر اندازي موجب اهو شعر 1279ع ۽ 1325ع جي دوران ٺي چيو ويو. بهرحال هڪ ڳالهہ يقيني آهي تہ ٺٽي جي ابتدائي آباديءَ وارو دؤر اهوئي ساڳيو آهي جڏهن سنڌونديءَ جي وچ وارو وهڪرو تبديل ٿيو.

هي اهوئي دؤر آهي جڏهن سومرا خاندان جي حڪمراني زوال پذير

* ٽہ ماهي مهراڻ – شمارو – 1 – 1988ع

هئي، جنهن جو (اصل) سبب هيءُ هو جو سنڌوندي پنهنجي "پراڻ سرشتي" وارو وچون وهڪرو تبديل ڪري گهڻو اولهه طرف مغرب وارو رخ ورتو. جنهن ڪي آساني خاطر "نئي وارو سلسلو"چئي سگهجي ٿو. زوال پذير سومرا قوم جي خوشحاليءَ جو دارومدار ئي انهيءَ پراڻ سلسلي تي هو جنهن ۾ (پوءِ) پاڻيءَ جي آوت گهٽ ڪان گهٽ ٿيندي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هنن جي طرف جي زمينن تي فصل متاثر ٿيڻ لڳا ۽ سندن اقتصادي حالت ڪمزور ٿيڻ لڳي. انهيءَ جي برعڪس ٻئي طرف يعني اولهه ۾، سمن زميندارن جي زمين ڪي جهجهو پاڻي جُڙڻ لڳو. سومرا قوم جي خير خواهن جي دلين ۾ به بين وانگر اهو گمان گهر ڪري ويو ته درياءَ پنهنجو رخ انهيءَ ڪري بدلايو آهي جو روهڙيءَ پرسان اروڙ وٽ ڪو بند ٻڌل آهي، جنهن جي ڪري هاڪڙي (اُيرندي ناري) ۾ پاڻيءَ جي آوت گهٽجي وئي آهي، تنهن سبب هو آسروند ٿي اميدون ساري دعائون پنڻ لڳا ته شل اهو بند ڀڄي پور پور ٿئي ۽ سومرن ڪي سک ۽ سڪار موٽي ملي.

هاڪ وهندو هاڪڙو ڀڳي بنڌ اروڙ
ٻهه ميجي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سو ڪڙي.

انهيءَ سان گڏوگڏ هنن عام ماڻهن ڪي اهو چتاءُ به ڏنو ته ڏسجو متان پراڻ جي اوير وارا سومرن جا پرڳڻا ڇڏي اولهه طرف سمن واري اراضي ڏانهن لڏي وڃي ويهو جنهن جو صدر مقام ننگر ٺٽو آهي:

متان ويهجا ماڙهئا، ننگر جي آڏار،
پراڻا پرار، نوان مَ آڏجو نجهرا.

انهن حوالن جي لحاظ ڪان، ٺٽو ان وقت تائين هڪ ننڍي ڪي وڏي نگر (يا نگري) جي حيثيت حاصل ڪري چڪو هو- يعني ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ بنجي چڪو هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ نگر يا نگريءَ جي مستند معنيٰ آهي ڪنهن رياست يا ملڪ جي راڄڌاني، جنهن ۾ حاڪم رهندو هجي. شروع ڪان وٺي اڄ تائين سنڌ جي ماڻهن عام طرح ٺٽي لاءِ هڪ مقبول ۽ مروج نالي طور ٺٽو نگر (يا ننگر) يا فقط نگر جو لفظ پڙهي ڪتب آندو آهي. انهن بيتن ۾ جيڪي تاريخي اشارا سمايل آهن تن موجب ان وقت سومرن جي حڪومت [1050ع ڪان 1350ع] زوال پذير هئي، جيتوڻيڪ سندن آخري بادشاهه اڄان

بہ پراڻ جي دو-آبي وارن علائقن تائين ان جي اپرندي وارين ايراضين تي حڪومت ڪندڙ هئا. هي دؤر تيرهين صديءَ جي آخر کان چوڏهين صديءَ جو وچ تائين جو دؤر هو.

انهيءَ ۾ تہ ڪوبہ شڪ نہ رهيو آهي تہ نتو سنڌو نديءَ جي پيدا ڪيل بستي هئي، ۽ هن سنڌوءَ جي ڪُک مان ان وقت ۽ ان حالت ۾ جنم ورتو جڏهن ندي پنهنجو وچون پراڻ سلسلي وارو وهڪرو متي گهٽيو ۽ ولهہ طرف نتي وارو رخ اختيار ڪيو. سنڌ جي ماڳن مڪانن جي نالن واري پس منظر جي روشنيءَ ۾ خود لفظ ”نتہ“ جي معنيٰ مان انهيءَ حقيقت جي ڪافي حد تائين تصديق ۽ تائيد ٿئي ٿي.

”نَتِي“، ”نٽ“ ۽ ”نتو“، اهي ٽيئي لفظ هڪڙي ئي صفاتي معنيٰ رکندڙ آهن. جنهن جو مطلب آهي سنڌونديءَ جي [يا ان جي ڪنهن بہ دائمي. وهندڙ شاخ جي] ڪناري واري آبادي. جڏهن اهڙي ڪابہ بستي عارضي هوندي آهي، جنهن ۾ فقط ماڇي مهاڻا پنهنجي مڇي جو شڪار گڏ ڪري رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻيندا هجن تہ اُن آباديءَ کي مياڻي يا مياڻ سڏبو آهي: پر جي اها آبادي جهجهي ۽ وڏيل آهي ۽ ان ۾ مهاڻن کان علاوه هاري ڪڙمي پڻ پنهنجي چوپائي ڳائي مال جي ڏٽن سان ٽانئيڪا آهن تہ پوءِ توري مال واري وسنديءَ کي نَتِي (نتي معنيٰ ڏڻ)- ان کان وڏيڪ ڏڻ ڏنارن واري وسنديءَ کي نٽ ۽ اجان بہ وڏيڪ گهٽي ڏڻ ڏنارن جي وسنديءَ کي نتو چئبو. اهڙا نالا فقط اهڙين وسندين تي هوندا جيڪي لازمي طور تي مکيہ درياءَ جي ڪپ تي يا ڪنهن دائمي وسندڙ شاخ تي آباد ٿيل هجن. سنڌوندي ۽ ان جي ڦاٽن تي ڪيترين ئي نتيون ۽ نٽ[1] موجود هئا. پر تاريخ ۾ انهن مان فقط هڪ وڏي ۾ وڏي وسندي يعني ”نتو“ جو ذڪر موجود ۽ مشهور آهي.

نتي جي موجوده محل وقوع يا بيهڪ توڙي ان جي چوڦير پراڻي سنڌوندي ۽ ان جي شاخن جي پاتالن جي ان سان سڌي سنئين سنبنڌ جي صورتحال مان اها تصديق ٿئي ٿي تہ نتو سنڌونديءَ جي شاخن جي وچ ۾ واقع هو. تنهن جي معنيٰ تہ هيءَ وستي آبڪلاٽيءَ جي موسم [مئي، جون کان آگسٽ ۽ سيپٽمبر] دوران پوريءَ طرح محفوظ رهندي هئي. انهيءَ حقيقت جي تصديق سلطان فيروز شاهہ جي نتي خلاف مهمن [1350-

1365ع] ۽ ان بعد شاهہ بيگ ارغون جي هٿان ٺٽي جي فتح (1520ع) بابت تاريخ ۾ ڏنل احوالن مان پڙهڻ ٿيئي ٿي. انهن مان سراج عفيف جي تاريخ فيروز شاهي ۽ اد راڪيءَ جي بيگلارنامي ۾ ڏنل حوالا ٻين سينيَ جي پيٽ ۾ وڌيڪ مستند آهن. ادبي لکيتن ۾ ٺٽي جو "آب پنجاب" [يعني سنڌوندي] ۽ "درياءَ" [يعني ان جي واهن يا شاخن] جي وچون وچ واقع هئڻ جو وڌيڪ پڪو حوالو سلطان فيروز شاهہ جي دؤر حڪومت (1351_1388ع) جي شاعر مطاهر جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو. اهي شعر چوڏهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي جي دوران چيل آهن.

هاڻي سوال آهي تہ آيا ٺٽيءَ يا ٺٽ جي شروعاتي ننڍي آبادي مکيہ درياءَ جي ڪپر تي قائم ٿي يا ان جي ڪنهن شاخ جي ڪپر تي؟ سنڌوندي ۽ انهيءَ مخصوص شاخ جي مکيہ وهڪرن جي پاڻ ۾ هڪبئي سان ڪهڙي موافقت هئي؟ انهن سوالن جو جواب هٿ ڪرڻ لاءِ اسان کي درياءَ جي بالڪل مٿي اترئين موڙ واري ماڳ توڙي هيٺئين ڊيلٽائي وهڪري کي نظر ۾ رکي ان بدلايل رخ کي سمجهڻو پوندو. جيڪو ٺٽي جي پسگردائيءَ ۾ وقوع پذير ٿيو (يعني اهو ڏسڻو پوندو تہ ٺٽي جي اوسي پاسي واري ايراضيءَ ۾ سنڌوءَ جي رخ بدلائڻ وقت بالڪل مٿي ڪهڙي نقطي تي موڙ کاڌو ۽ هيٺ تي ڪهڙي ڊيلٽائي شڪل اختيار ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ سندس رخ بدليو). انهيءَ سلسلي ۾ هيٺين مفروضن کي (جيڪي گهٽ ۾ گهٽ ظاهر طور ڪافي حد تائين اعتبار جوڳا بہ آهن ۽ حسب ضرورت دليل طور پيش ڪرڻ جهڙا بہ) نظر ۾ رکڻو پوندو: (1) مکيہ درياءَ موجوده نواب شاهہ ۽ سڪرنڊ تعلقن جي ايراضين ۾ ڪنهن هنڌ تي پراڻ ڏانهن رخ رکندڙ اوڀر-ڏکڻ وارو وهڪرو مٿي [ٺٽي ڏانهن رخ رکندڙ] اولهہ-ڏکڻ طرف موڙ کاڌو. (2) درياءَ جي انهيءَ نئين وهڪري، يعني اولهہ- ڏکڻ واري وهڪري (پهرين) شهداد پور، نصرپور ۽ ٽنڊي محمد خان جو رخ ورتو ۽ اڳتي وري ڏکڻ-اولهہ طرف موڙ کائي ٺٽي ڏانهن رخ رکيو. (3) درياءَ اتر ۾ چليا ۽ ڏکڻ ۾ خان سومرا ڳوٺ واري ايراضي مان ڪنهن هنڌ ان پنهنجي مکيہ وهڪري ۾ ڦيرو کائي وچي ڏاکڻيون پاسو ورتو ۽ اهڙي ريت ٺٽي واري ايراضيءَ جي ايرندي لڳ ويجهو ٿي وهڻ لڳو. ڏکڻ طرف موڙ واري ور وٺان نديءَ جي هڪ معاون شاخ ڪانئس ڪٽجي جدا ٿي وئي، جا بعد ۾ انهيءَ پراڻي ڪلريءَ جي خشڪ

ڏوري ۾ داخل ٿي وئي [جيڪو اسلامي دؤر کان گهڻو اڳ هڪ مکيہ درياءَ هو]. بعد ۾ اها شاخ اڳتي ٻن شاخن ۾ ڦٽي نڪتي. انهن مان هڪڙي شاخ اتر ۾ مڪلي جي ٽڪرين وچان وهندي اڳتي ڏکڻ-اولهہ طرف گهاري جي رخ تي وهڻ لڳي، جڏهن تہ ٻي شاخ مڪلي واري ٽڪر جي اُيرندين ڪڇ مان ڦيرا کائي پوءِ ڏکڻ طرف وهڻ لڳي.

سنڌونديءَ جي وهڪري ۾ انهيءَ تبديلي جي نتيجي ۾ سما قوم جا اهي راڄ، جيڪي مڪلي واري ايراضي ۾ آباد هئا، سي جهجهي ۽ دائمي وهندڙ پاڻي مان سکيا ٿيا. سمن جي پهرين اهم وسندي، جيڪا سندن راڄ يعني ساموئي جي نالي سان مشهور ٿي، ۽ جيڪا سندن جاگيرداري اقتدارجو ابتدائي مرڪز پڻ ٿي، سا مڪلي ٽڪرين جي بالڪل اُترئين ڇيڙي وٽان وهندڙ ۽ گهاري طرف ويندڙ شاخ جي ڪابي ڪپر (ڏکڻ طرف) تي آباد ٿيل هئي. تنهن بعد سندن زرخيز زمينون مڪلي ٽڪرين جي اولهہ طرف وڌنديون ۽ پکڙنديون ويون. تڏهن کان ئي اهو علائقو 'سماڪي' (يعني سمن جو علائقو) سڏجڻ لڳو. روينيو سرشتي جو اهو سرڪل، جنهن ۾ اها ايراضي شامل آهي، سواچ تائين انهيءَ ئي 'سماڪي سرڪل' جي نالي سان سڏجي ٿو. سمن جي ٻي بستي مڪلي سلسلي جي اُيرندين ڪڇ مان وهندڙ شاخ جي اُيرندي (کابي) ڪپر تي وڌڻ ويجهڻ لڳي. هڪ طرف انهيءَ وسنديءَ جون زمينون وڏين زرخيز ڊيلٽائي ايراضين واريون هيون، جيڪي اُن جي اوير ۽ ڏکڻ-اوير طرف پکڙيل هيون، تہ ٻئي طرف انهيءَ شاخ جو اولهائون ڪنارو مڪلي جي ٽڪري سببان پاڻيءَ جي ڪاڻ کان محفوظ ۽ مستحڪم هو جنهن ڪري ان جا گهاٽ ڏاڍي سهولت ۽ سهنج وارا هئا. تنهنڪري، اها آبادي، جا هوندئن بنيادي طور محض هڪ مڇي مياڻ رهي ها، سا نيٺ هڪ ننڍي بنجي وئي ۽ پوءِ وڏي تهان وڏو نٽ بنجي وئي.[3] سمن حاڪمن جڏهن اهو محسوس ڪيو تہ اها صورتحال آمدرفت ۽ نقل و حمل لاءِ وڏيڪ سٽائي ۽ فائديمند آهي تہ هنن ساموئي مان پنهنجا ديرا ڪڻي اچي انهيءَ نٽ ۾ قائم ڪيا جنهن جي نتيجي ۾ هاڻي اهو نٽ سرڪاري نگر (راڄڌاني) بنجي ويو. اهوئي نگر ان بعد جلد ئي پنهنجي ايراضي ۽ پکيڙ ۾ وڌندو نيٺ وڃي وڏو ننڍو ٿيو ۽ پُراثر نالي سان مشهور ٿي ويو. سمن جي نامياري حاڪم ڄام ننڍي جي مستحڪم ۽ طويل دؤر حڪومت (866-

914هه) ۾ ٺٽو پنهنجي شان شوڪت ۾ عروج کي پهچي ويو.ڄام ننڌي کي (بجا طور تي) سنڌ جو هارون الرشيد سڏجي ٿو.

هن سلسلي ۾ جيڪي سوال اٿن ٿا ۽ جن جو جواب پيش ڪرڻو آهي، سي هي آهن: ٺٽي شهر جي بنهه شروعاتي ۽ بنيادي آبادي ڪهڙي خاص هنڌ تي قائم ٿي؟ سمن حاڪمن شهر جي ڪهڙي حصي کي سڀ کان پهرين سڌاريو ۽ ترقي ڏني؟ شهر جا بعد ۾ وڌندڙ حصا ڪهڙا هئا، جيڪي مشهور ۽ ممتاز ٿيا؟

ٺٽي شهر جي کنڊرات جي موجوده صورتحال تي نظر ڪجي ٿي، ته معلوم ٿئي ٿو ته اهڙيون حدون ۽ نشان خير ڪي محفوظ رهيا آهن، جن مان شهر جي ترقيءَ جي مختلف دؤرن جو واضح ثبوت ملي سگهي. ڪي اهڙيون مسجدون برابر باقي رهيون آهن، جن مان شهر جي ڪن اهڙن پاڙن جا اهڃاڻ ۽ آثار ملن ٿا جيڪي ڪنهن وقت شهر جا ساوا ستابا ۽ اهم پاڙا هئا. انهيءَ لحاظ سان، شهنشاهه شاهجهان جي دؤر حڪومت [1054_1068هه=1644_1658ع] ۾ ٺهرايل شاهجهاني مسجد، توڙي انهيءَ جي اتر اوير ۾ ٺهيل هڪ ننڍي مگر شاندار اميرخاني مسجد اها شاهدي ڏين ٿيون ته شهر جي اتر- اوير وارو اهو پاڱو مغلن جي دؤر حڪومت [1000_1150هه=1592_1737ع] ۾ خوب آباد ٿيو. انهيءَ کان اڳ جي دؤر جي جامع مسجدن ۾ هڪ جامع مسجد "جامع فرخ ارغون" آهي ۽ ٻي "مسجد دابگير يا مسجد دبگران" آهي. انهن مان پوئين مسجد، شهر جي ڏکڻ- اويرئين پاڱي جي واحد باقي بچيل نشاني آهي، جنهن ۾ ارغون ۽ ترخان حڪمران اچي آباد ٿيا هئا. ارغون- ترخاني دؤر ۽ پوءِ مغليه دؤر ۾ آباد ٿيل شهر جا اهي پاڱا، جن جي آبادي تي اهي مسجدون شاهد آهن، گهٽي ۾ گهٽي ايراضي، موجوده شاهي بازار جي اويرندين حصي جو اُتر کان وٺي ڏکڻ تائين وڏو علائقو والاريندڙ آهي. انهيءَ حقيقت مان ازخود هي نتيجو نڪري ٿو ته ارغونن ۽ ترخانن واري دؤر کان اڳ يعني سمن جي دؤر وارو ٺٽو موجوده شاهي بازار جي اولهه ۾ واقع هو.

ٺٽي شهر وارا هن شهر جي قدامت بابت هڪ عام خيال ڏاڍي دلچسپ ۽ افسانوي انداز ۾ بيان ڪن ٿا ته لفظ ٺٽو فارسي لفظ ته ته (سنڌي ۾ مطلب ته مٿان ته) مان ڦري ٺهته ٿيو جا ڳالهه انهيءَ حقيقت کي صاف تي ڪري

تہ هتي تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ آبادي هڪٻئي پٺيان قائم ٿيندي رهي آهي، ۽ قبضن مٿان قبضا ٿيندا رهيا آهن. شهر جا جهونا ڄاڻو ماڻهو اڪثر انهيءَ خيال جا آهن تہ شهر جا جيڪي ڀاڱا ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مٿانهان آهن، سي ئي ان جا قديم حصا آهن. هن خيال ۾ بهرحال هڪ وڏو دليل پوشيده آهي، ڪٿي جو ان کي شهر جي قديم حصن جي بيهڪ بابت قطعي راءِ جو درجو نہ ڏجي. هيٺئين وچور موجب، ڄاڻايل ڀاڱا شهر جا اوائلي مٿانهان حصا سمجهيا وڃن ٿا:

1. ڪاراٽي محلو: سڄوئي ڪاراٽي محلو جيڪو شاهي بازار جي 'ڀڳڙا بازار' واري ڀاڱي کان اولهہ طرف واقع آهي ۽ پڻ ان جي اوپر طرف هليو وڃي ٿو جنهن ۾ "اِبر پاڙو" بہ اچي وڃي ٿو.
2. شاهي بازار جي "قول بازار" واري ڀاڱي جي اولهہ طرف پکڙيل ايراضي.
3. گلڻ شاهہ شيرازي جي مسجد جي چوگرد ايراضي توڙي انجي اوپر طرف پکڙيل ايراضي.

اهي سڀ ايراضيون شهر جي اولهائين حصي ۾ شاهي بازار جي بہ اولهہ طرف آهن. فقط هڪڙو مٿ۔ سطحي محلو "پلنگ پاڙو" [جيڪو اميرخان مسجد جي اولهہ ۾ واقع آهي] سو شاهي بازار جي اوپر ۾ آهي. هاڻي جيڪڏهن هي مٿاهينءَ سطح وارا شهر جا حصا اوائلي آباديون ڪري مڃجن تہ پوءِ نتيجي طور شهر جو اولهہ وارو ڀاڱو (جيڪو شاهي بازار جي اولهہ طرف واقع آهي)، ۽ جيڪو انهيءَ اڳئين دريائي ڀيٽ جي اوپرين پاسي واري ٻنڌ سبب نهيل هڪ وڏي ڪاهيءَ جي اوپرين ڪنيءَ سان لڳو لڳ موجود آهي، سوئي اهو ابتدائي ۽ اوائلي آباد ٿيل حصو آهي. هن ئي حصي جي اترئين ڀاڱي ۾ "مسجد ولي نعمت" واقع آهي. مقامي روايتن موجب، شاهجهان واري جامع (مسجد) جي بنياد پوڻ کان اڳ اها ئي مسجد جامع مسجد طور استعمال ٿيندي هئي. انهن روايتن موجب "مسجد ولي نعمت" ۾ ڪڏهن هڪ مدرسو بہ هو، جنهن ۾ مشهور صوفي بزرگ شاهہ مراد [831 کان 893 هجري] بہ تعليم ورتي هئي. انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سمن جي حڪمرانيءَ جي پوئين دؤر ۾ ان اولهائين ڀاڱي جو اتر وارو پاسو مکيہ شهري علائقو هو.

انهيءَ حساب سان، هاڻي باقي اولهائين پاڱي وارو ڏاکڻو حصو [يعني موجوده شهر جي ايراضيءَ جو ڏکڻ اولهه وارو حصو] بچي ٿو جنهن ۾ اها کوجنا ڪرڻي آهي ته سمن جي حڪمراني جي اوائلي دؤر وارو قديم نتو ڪٿي واقع هو. انهيءَ ڏس ۾ محض خيالي اندازن کان علاوه جيڪي وزني دليل اسان جي راءِ جي پٺڀرائي ڪري سگهندا، تن مان وڏيڪ اهم دليل هي آهي ته هتي به اهڙا اهم پاڙا آهن جيڪي شهر جي بنيادي قدامت ڏيکارين ٿا. انهن مان هڪڙو آهي اسلام پور وارو پاڙو جنهن جو ذڪر مير علي شير قانع ڪيو آهي، ۽ ٻيو آهي "نت پاڙو يا نٽ پاڙو". جنهن ڏانهن هن وقت تائين ڪنهن جو توجهه نه ٿيو آهي، پر تاريخي لحاظ سان اهو هڪ اهم پاڙو آهي. اهو پاڙو اسلام پور پاڙي جي ڏکڻ ۾ آهي. هن وقت انهيءَ نٽ پاڙي ۾ جايون جڳهيون ڪي گهڻي تعداد ۾ باقي نه رهيون آهن، پر ڪن ماڻهن جي يادگيرين موجب ڪنهن وقت اهو محلو ايراضيءَ ۾ چڱو وڏو هو.[4] شهر جي هن حصي جي سڀ کان اهم ڳالهه ته هيءَ آهي جو ان جو اهو قديم نالو يعني "نٽ يا نت" اڄ تائين باقي رهيو آهي. هڪ ٻيو غور لائق نُڪتو هيءَ آهي ته اها ايراضي ڪافي مٿاهين سطح واري آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته گذريل صدين ۾ هتي ماڻهن جي آباديءَ مٿان آبادي قائم ٿيندي رهي آهي. هن ئي ڏاکڻي پاڱي ۾ هڪ ٻي نَٽي (اوائلي آبادي) هئي، جنهن کي 866 کان 893 هجري [1462 کان 1488ع] جي دوران، درويش شاهه مراد جي سفارش سان ڄام نندي جي هندو وزير لکدير ۽ سندس پٽ مُولي وسايو هو جنهن ڪري ان کي "مُولو نَٽي" جي نالي سان سڏيو ويو. هيءُ "مُولو نٽي" ان وقت تائين موجود هئي جنهن وقت مير علي شير قانع تاريخ رقم ڪري رهيو هو يعني ڪي ٻه سؤ سال اڳ. لفظ 'نٽي' تاريخي اهميت رکندڙ آهي، ڇاڪاڻ جو اهي ٻئي نالا يا لفظ، يعني نَٽي ۽ نٽ [جيڪي ٻئي اوائلي وسايل بستين جي نشاندهي ڪن ٿا]، سي شهر جي هن ئي حصي ۾ ملن ٿا، جن سان انهيءَ ابتدائي وسنديءَ جي شناخت ٿي وڃي ٿي، جيڪا پوءِ وڌي وڃي شهر نتو بني. هن ايراضيءَ جو درياءَ جي پيٽ سان جيڪو لاڳاپو آهي تنهن مان به انهيءَ نتيجي جي وڌيڪ تائيد ٿئي ٿي. نٽ يا نت محلو جيڪو ڏکڻ ۾ آهي ۽ اسلام پور محلو جيڪو اتر ۾ آهي [جيڪو پڻ اوائلي دؤر ۾ وڌيو ويجهيو][5] سي ٻئي محلا انهيءَ ڊنڊ مثل ڪڏ جي اوپرين ڪپ تي واقع آهن

جنهن کي "تندسر" سڏيو ويجي ٿو جنهن جو پيٽو پڻ درياءَ جي پيٽ سان ويجي ٿو ملي. "تندسر" جي لغوي معنيٰ آهي پاڻيءَ جي هڪ پرپور وڏي ڇڙ. تازن انگن اکرن موجب انهيءَ جي پکيڙ نٽ_ اسلام پور واري اوپرين ڪپر کان وني اولهه طرف مڪلي ٽڪري جي لاهي تائين آهي. پاڻيءَ جي اها ڍنڍ جيڪا اڳئين درياءَ يا ان جي ڪنهن شاخ جي پيٽ سان لاڳو هئي، سان ايرندي ڪناري تي ٻيڙين لاءِ هڪ مثالي لنگر گاهه جو ڪم ڏيندڙ هئي. پاڻيءَ جو جهجهو مقدار هتي سڄو ٿي سال، يعني آبڪلاڻي توڙي سياري ٻنهي موسمن ۾ موجود هوندو هو. ان جي اوپرين ڪپر تي موجود ٻن جليل القدر بزرگن، لال ڇتو ۽ ابراهيم شاهه جا مقبرا اها شاهدي ڏين ٿا ته هيءَ هنڌ هميشه هڪ مرڪز رهيو آهي ۽ هر امڪاني حد تائين اهو شهر جو اوائلي سائو ستابو حصو رهيو آهي. ان جي آمهون سامهون درياءَ جي اولهين طرف مڪلي جي ٽڪر جي ڪنار سان درياخان جو "ڪوٽ"[6] هو جيڪو ڄام نظام الدين جو وزيراعظم ۽ سپهه سالار هو. انهيءَ ڪري ئي وزيراعظم درياخان شهر جي هن قديم ڏکڻ_اوپر وارين ايراضين جي آبپاشي جي مسئلي تي گهڻو ڌيان ڏنو ۽ مشهور "علي جان واهه" [عرف خانواهه ڪئنال جنهن کي هاڻي علي جاهه سڏيو ويجي ٿو] کوٽايو. اهو واهه ڪلري مان پاڻي کڻي، "وڏي الله ڪاهي" (چئنل) وٽان ۽ پوءِ "ننڍي الله ڪاهي" (چئنل) وٽان وهندو هو. معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ علي جاهه واهه جو تورو پاڻي پوچڙي جي ٻن ڪاهين مان (جن کي هاڻي "گهاڙ مساڻ" ۽ "گهاڙ مڇي" سڏجي ٿو) وهندو ويجي تندسر ڍنڍ ۾ چوڙ ڪندو هو. آبپاشي جي انهيءَ اڳاتي سرشتي، بعد جي دؤرن ۾[7] ٻين واهن لاءِ راهه هموار ڪري ڇڏي، جن ٺٽي جي اوپر واري ايراضيءَ کي خوبصورت باغن واري سرزمين بنائي ڇڏيو.

## اشارا

(1) اهڙن نالن وارين ڪي اڳيون وسنديون (مثلاً ٺٽ ڳوراهو ٺٽ هوتچند وغيره به باقي آهن. جيتوڻيڪ سنڌوءَ جو ويجهڙائيءَ وارو وهڪرو تبديل ٿي چڪو آهي.

(2) ٿي سگهي ٿو ته تيرهين صديءَ جي تبديليءَ وقت يا ان کان ڪجهه اڳ ائين ٿيو هجي. توڙي امير خسرو جيڪو "ٺهٽه" جو ذڪر ڪيو آهي سو به ٿي سگهي ٿو ته "ٺٽ" جي هڪ حيثيت رکندڙ هجي، يعني شهر ٺٽي جي صورت اختيار ڪرڻ کان اڳ واري ترقي يافته صورت.

(3) عيني شاهدن جي بيان موجب، 20_1915ع تائين اتي ميمڻ قبيلي جا ڪيترائي گهر موجود هئا. جنهن جي فردن کي عام طور تي (سنڌن نت محلي جي نالي پٺيان) "نتيار" سڏيو ويندو هو. انهن مان حاجي عبدالله نتيار ۽ ورايو نتيار [جيڪي پٺي 1918ع کان اڳ گذاري ويا] جا نالا ماڻهن کي اڄان به ياد آهن [هيءَ معلومات اسلام پور محلي جي محمد قاسم ميمڻ کان ملي].

(4) 'معارف الانوار في بيان فضائل سيد الابرار وائمه اطهار واحوال قطب المختار' درويش شاه مراد جي سوانح عمري آهي، جيڪا ٺٽي جي محمد صالح بن ملا ذڪريا 1140 هجري مطابق 1727 عيسوي ۾ تاليف ڪئي [جامع مسجد ٺٽي جي مرحوم مولوي محمد حسين جي قلمي نسخي جو باب نائون]. شاه مراد لڪدير ۽ سندس پٽ مُولي کي هدايت ڪئي ته هو شيرازي محلو ڇڏي ڏاڪڻي پاڳي ۾ وڃي پنهنجا گهر قائم ڪن.

(5) غالباً هن محلي کي "اسلام پور" جو انتهائي مبارڪ نالو نامياري حاڪم جام نظام الدين جي ڏينهن ۾ مليو. انهيءَ (محلي) جي مسجد ۾ فقير حاجي سليمان جو مقبرو موجود آهي جنهن جو ذڪر 'تحفة الطاهرين' جي مصنف ڪيو آهي. هن محلي ۾ هڪ ٻي پراڻي قبر پڻ موجود آهي، جيڪا "بيبي راڻي جي قبر" جي نالي سان مشهور آهي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته اها سمن جي اوائلي حاڪمن مان ڪنهن نيڪ خاتون جي قبر هجي.

(6) عيد گاه جي اويرين طرف واري ايراضيءَ کي "درياخان جو ٽڪر" سڏبو هو. ڇاڪاڻ جو سندس ڪوٺ ۽ حويلي انهيءَ هنڌ ئي هئا. اهي ڏاڪا، جيڪي هاٿي عيد گاه ڏانهن ويندڙ آهن، سي ڪوٽ جي اُترئين [پٺ واري] طرف واقع آهن. اهي ڏاڪا هاٿي ڍهي ڦٽي ويا آهن، پر انهن جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

(7) زباني روايتن موجب، مغلن جي دؤر ۾ به اتي ڪي آبپاشي جون واهيون هونديون هيون ۽ موجوده شاهي بازار واري هيٺاهين اصل ۾ اهڙي ئي ڪنهن واهيءَ جو پيٽ آهي. [هيءَ معلومات عابداڻي خاندان جي نواب خير محمد کان ملي، جنهن خاندان جي ناماچار جو سلسلو ارڙهين صديءَ کان هلندڙ آهي].

**

ها:

جڏ سيوهڻ تي ساماٽو اڏيو تي ملتان،
تڏ سٺ سهيلين ساڻ، مون متي ڪنئي مٿي
تي.

ته ان ڪي ئي عمر ۾ وڏو ڪري مجيو وڃي ها. چاڪاڻ ته نئي جي شهر جو ناهه چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ شروع ٿيو پر سيوهڻ ان ڪان تيرهن سئو سال اڳ موجود هو. اهو دليل سيوهڻ ۽ ان سان لاڳو علائقي جي هيٺين نالن مان ملي ٿو جن جو تاريخن ۾ ذڪر آيو آهي: يعني سدوسان، سَدُوستان، سيوستان، سيوان، سِهبان (سهواڻ). اروڙ نئو بکر ۽ روهڙي به سنڌ جا قديم شهر آهن، جيڪي اڄ تائين موجود آهن، پر سيوهڻ انهن سڀني کان آڳاٽو آهي.

## سندَوسان ۽ سنڌوستان

سنڌ ۾ سنڌو درياءَ صدين دوران پٽي پنهنجا وهڪرا ڦيرايا آهن. قديم دؤر ۾ جڏهن اهو وهڪرو ايرندي طرفان الهندي طرف وڌيو ۽ پهريون پيرو شهر واري ماڳ وٽان مٽيو ته ڪناري سان سيوهڻ واري بستي آباد ٿي. پوءِ ايندڙ سوَن سالن تائين سنڌويا ان جي شاخ 'ارل' پٽي شهر ۽ علائقي کي آباد ڪيو. انهيءَ ڪري، سنڌوءَ جي پاٽيءَ تي، سنڌوءَ جي ڪناري لڳ آباد ٿيندڙ هن بستيءَ کي 'سنڌوسان' يا 'سنڌوستان' سڏيو ويو. ملتان جو اصل نالو 'مول آستان' (وسنديءَ جو بڻ بڻياد) هو ۽ سيوهڻ جو نالو 'سنڌو آستان' يعني- سنڌوءَ جي بستي ٿيو. انهيءَ ساڳي پاڇ سان، اڳتي هلي سنڌو درياءَ جي نالي سان الرود جو شهر آباد ٿيو. اهو سنڌ تي، ساساني (ايراني) تسلط وارو دؤر هو. 'رود' (فارسي) معنيٰ ندي، ۽ 'الرود' معنيٰ خاص ندي وارو شهر، جيڪو پوءِ الور يا اروڙ جي نالي سان مشهور ٿيو.

سيوهڻ جي قديم اوائلي نالن بابت اِصطخري جي 'ڪتاب مَسالڪ الممَالڪ' ۾، شهر توڙي علائقي جو نالو 'سندوسان' جي صورت ۾ ملي ٿو.[1] ان بعد ابن حوقل جي 'ڪتاب المسالڪ و الممالڪ' ۾ 'سدوستان' لکيل آهي

[1] اصطخري: ڪتاب مسالڪ الممالڪ، لائيڊن ڇاپو-1870ع، صفحو 175.

۽ پڻ ان پرڳڻي کي سنڌو درياء جي اولهه طرف وارو پرڳڻو ڪري ڄاڻايل آهي[1] تي سگهي ٿو ته سدوسان ۽ سدوستان نالا سيوستان جي بدليل صورت هجن. پر جئن ته اهي هڪ ڪان وڌيڪ تاريخي ماخذن ۾ اصل ائين ڄاڻايل آهن. انهيءَ ڪري اهو دليل وڌيڪ وزندار ٿئي ٿو ته اهي اوائلي نالا 'سنڌوسان' ۽ 'سنڌو آستان' هئا.[2] تاريخ طبقات ناصري ۾ ڄاڻايل آهي ته 'سلطان معز الدين' جي وفات (602هه) بعد سندس سپه سالار ناصر الدين قباچه "سيوستان" فتح ڪيو[3] تاريخ جهان ڪشاني موجب، سنه 619هه / 1222ع ۾ سلطان جلال الدين خوارزم شاهه 'سدوستان' (سيوهڻ) مان مٿيو ۽ اڳتي وڌي وڃي ديبل تي قبضو ڪيائين.[4]

## سيوستان، سيوات، سهبان، سيوهاڻ، سيوهڻ

سيوهڻ پرڳڻي ۽ شهر جا اهي نالا آڳاٽي ترڪ قبيلي ساڪائن يا سيوين يا سِيٿين (Sythians) جي نالي تان پيا. جيڪي پهرين صدي عيسويءَ کان وٺي هتي ڇانئجي ويا ۽ جن جي سنڌ ۾ حڪومت هئي. سندن طاقت جو پهريون مرڪز، ايران جي ڏکڻ اوير وارو ڀاڱو هو جيڪو پوءِ سندن نالي پٺيان ساڪا_استان، سڪستان، سجستان ۽ آخر ۾ سينستان يا سيستان جي نالي سان سڏيو ويو. اُتان هو ڏکڻ طرف (بلوچستان ۽ سنڌ ڏانهن) وڌيا ۽ قلات واري ڀاڱي تي حڪمران ٿيا. جيڪو سندن نالي پويان 'سيوا قلات' سڏيو ويو. اجان اڳتي ڪوچ ڪري جڏهن سنڌ جي ميداني علائقن تي ڇانئجي ويا ته اتي سندن مرڪزي ماڳ سيوي، سيبي، سيوستان ۽ سيوان سڏجڻ لڳا. بلوچستان ۽ سنڌ ۾ جن ماڳن ۽ علائقن جي نالن ۾ 'ساڪ، ساڪا، سيوا ۽ سيوي واريون صورتون موجود آهن. سي ساڪائن يا سيٿين جي تاريخي ماڳن منزلن جا نشان آهن. مثلاً پنجگور کان قلات طرف گِڇڪ ۾ به ماڳ اجان تائين ساڪائي قلات (قلعو) ۽ ساڪائي ڪان (ڪاريز) سڏجن ٿا. قلات کي سندن نالي سان 'سيوا قلات' سڏيو ويو. سيبي به اصل ۾ سيوي هو. سنڌونديءَ جي اولهه طرف وارو سڄو پرڳڻو وبندي مٿي

---

[1] ابن حوقل: ڪتاب المسالڪ و الممالڪ، لائيڊن ڇاپو- 1872ع، صفحو 130.

[2] منهنجي ڏنل هڪ اڳئين حوالي جي پيٺ ۾ هي دليل مون کي وڌيڪ وزندار نظر اچي ٿو.

[3] طبقات ناصري، فارسي متن، حبيبي جو ايڊٽ ڪيل ۽ ڪابل مان شايع ٿيل، صفحا 493 ۽ 497.

[4] تاريخ جهان ڪشائي، مطبوع گب ميموريل لُنڊن، جلد 2، صفحا 147_148.

سيوي تائين سيوستان (سيوبن جو ملڪ) سڏيو ويو ۽ مرڪزي شهر کي سيوان يا سيوهان سڏيو ويو. ساموندي ڪناري لڳ ديبل بندر (ڀنڀور) جي کوٽائيءَ مان، بلڪل هيٺين سطح تي، سيٿين جا آثار لڌا آهن. ان بندر جا کنڊرات ميرپور-ساڪري جي حد ۾ آهن ۽ 'ساڪري' جي نالي ۾ به 'ساڪا' جو عنصر شامل آهي. محقق بيروني ٻن سنبتن يعني 'ساڪا سنبت' ۽ 'سنڌو سنبت' جو ذڪر ڪيو آهي، جن جي شروعات انهن حادثن سان ٿي جيڪي سنڌ ۾ واقع ٿيا.[1]

جيئن ايران-افغانستان ۾ سيٿين جي نالي سان 'سيستان' سڏيو ويو، تيئن سنڌ ۾ 'سيوستان' تي اهو نالو پيو. تاريخي ماخذن ۾ سيوستان بابت پهريان حوالا فتح نامي ۾ ملن ٿا، جيڪو علي ڪوفي سنہ 1216ع فارسي ۾ ترجمو ڪيو. ان ۾ ڄاڻايل آهي تہ اسلام جي آمد کان اڳ، ستين صدي عيسويءَ ۾، چچ برهمڻ جي حڪمراني ۾ سيوهڻ واري پرڳڻي ۾ سيويس نالي قديم قوم آباد هئي. انين صديءَ ۾ محمد بن قاسم جي فتوحات وقت (711ع) 'ڪاڪا راڄ' (= ڪڪڙ) ۾ 'سيويس قوم جو قلعو' (حصار سيويس) هو ۽ سڄي پرڳڻي جو نالو سيوستان هو پڻ مرڪزي شهر سيوستان هو.[2] تاريخ فتوح البلدان ۾ شهر جو نالو ڇتو 'سهبان' لکيل آهي، يعني سهوان يا سيوان.[3] پنج سئو سال پوءِ تيرهين صديءَ جي شروع (28 _1224) ۾ مصنف ياقوت پنهنجي ڪتاب 'معجم البلدان' ۾ سيوهڻ ۽ سيوهڻ واري وسيع علائقي کي 'سيوستان' سڏيو آهي ۽ ڄاڻايو آهي تہ چوڏهين صديءَ ۾ سلطان محمد بن تغلق بابت حوالن کان وٺي اوڻويهين صديءَ ۾ ٽالپرن جي دؤر تائين سيوهڻ واري پرڳڻي جو نالو 'سيوستان' هو.

**

---

[1] تفصيل لاءِ ڏسو رهاڻ هيرن کاڻ-جلد ٻيو (تاريخ) هيٺ.

[2] ڏسو فتحنامہ سنڌ، راقم جو ايڊٽ ڪيل ۽ 1413ھ / 1983ع ۾ اسلام آباد مان شايع ڪيل (وضاحتون صفحا 79 — 76).

[3] فتوح البلدان، دغويہ جو ايڊٽ ڪيل، يورپ مان ڇپيل، صفحو 438.

# سنڌ جو آخري سومرو بادشاهه ۽ سندس پيءُ #

’سومرن جو دؤر‘ سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهڙو دؤر آهي، جنهن بابت پڪا پختا تاريخي احوال نسبتا گهٽ ملن ٿا. ڪجهه وقت کان وٺي راقم هن دؤر جي حالات جي تلاش ۽ تحقيق ۾ رڌل رهيو آهي، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ تازو تصنيف ڪيل ڪتاب ”سومرن جو دؤر“ (ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ) هن سلسلي جي هڪ خاص ڪوشش آهي. هن ڪتاب ۾ توڙي ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ (جلد پهريون، ڇپايل زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1400هه 1981ع) ۾ تاريخي احوالن توڙي سنڌ جي مشهور ۽ متواتر روايتن جي روشني ۾ سنڌ جي آخري سومري بادشاهه ’همير‘ ۽ ساڻس ڄام هالي ۽ سندس پٽن جي جنگ جا حالات ڏنا ويا آهن، جيڪي مختصر طور هيٺين طرح آهن:

’سومرن مان سنڌ جو آخري حڪمران دودي جو پٽ همير هو. سندس ذڪر ان وقت سلطان فيروز شاهه طرفان مقرر ٿيل ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو پنهنجي ڪن خطن ۾ ڪيو آهي ۽ سندس سچو نالو ”همير دودا“ لکيو آهي، يعني همير پٽ دودي جو. عين الملڪ اهي خط اندازاً 1352_1365ع واري عرصي ۾ لکيا جن ۾ ڄاڻايو اٿس ته: ’هن وقت سومري حاڪم همير پٽ دودي جي حڪومت جو سلو سُڪي رهيو آهي، ۽ محض سلطان (فيروز شاهه) جي مدد سان ٿي ذرا ساٿو ٿيو بيٺو آهي. ٻئي طرف سمو ڄام ٻانڀڻيو پٽ انڙ جو پنهنجي سرڪشي ۽ طاقت سان اُڀري رهيو آهي.‘ سلطان فيروز شاهه گجرات جي گورنر کي، همير سومري جي هر طرح سان مدد ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو ۽ پڻ اهڙي خاص ذميداري گجرات جي گورنر جي ناءِ رڪن الدين حسن کي سونپيل هئي. اهڙو ذڪر پڻ عين الملڪ ماهرو جي هڪ خط ۾ ڪيل آهي، جيڪو هن

---

# ٽه ماهي مهراڻ_3_1981ع

گجرات جي گورنر ڏانهن لکيو هو.'

ڇيئي ننڍو سگهجي ٿو تہ همير سومري جي حڪومت جي پڇاڙي ڪهڙي سال ۾ ٿي. جيئن تہ سلطان فيروز شاھہ سن 66-1365ع ڌاري ٺٽي جي سمن حڪمرانن تي حملو ڪيو تنهن مان نتيجو نڪري ٿو تہ ان سال يا ان کان ڪجھہ اڳ همير سومري جي حڪومت جو خاتمو ٿي چڪو هو.

سنڌ جي عام مشهور روايتن مطابق ڄام هالي جي پٽن جي اڳواڻي هيٺ سمن جي همير سومري سان جنگ ٿي، جنهن ۾ همير مارجي ويو. اهو واقعو سن 52-1351ع کان اڳ ۽ سن 66-1365ع کان پوءِ ٿيڻ پر وڌيڪ قرين قياس ائين آهي تہ اهو واقعو غالباً هن عرصي جي آخري ٽن سالن (1362-1365ع) ۾ ٿيو جو سلطان فيروز شاھہ انهيءَ سببان پوءِ سگهوئي سن 66-1365ع ۾ ٺٽي تي چڙهائي ڪئي.

گذريل ويهن سالن کن ۾ هندستان جي صوبي گجرات مان بہ اهڙا فارسي ڪتبا هٿ آيا آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو تہ همير جي مارجڻ کان پوءِ سنڌ جي سومرن حڪمرانن جي هن آخري خاندان جي باقي بچيل فردن، يعني همير جي پاٽرن، هميشہ لاءِ وڃي گجرات ۾ سڪونت اختيار ڪئي. اهي بہ ڪتبا هي آهن:

**(الف) 'فتح مسجد' وارو ڪتبو.** هيءُ ڪتبو 'فتح مسجد' جي محراب مٿان لڳل آهي، جيڪا هاڻي "نيڪري والي مسجد" سڏجي ٿي، ۽ صوبي گجرات جي ضلعي سابر ڪنٺا جي شهر 'پار نتيج' ۾ واقع آهي. ڪتبو (85×30 سينٽي-ميٽر واري سطح تي) هيٺين ٻن فارسي سٽن ۾ لکيل آهي:

1. بسم الله الرحمان الرحيم قال الله تعاليٰ وان مساجدلله فلا تد عوا مع الله احدا اين بقعہ شريف بنا کرده همو دودا سومره.
2. درعهد فيروز شاھ السلطان خلدالله ملکہ درماه مبارک رمضان سنہ اربع و ثمانين و سبعمايہ والله اعلم بالصواب.

(ترجمو:

1. بسم الله الرحمان الرحيم- الله تعاليٰ فرمايو تہ "مسجدون الله (جي عبادت) لاءِ آهن، سو الله سان گڏ ٻئي ڪي نہ ٻاڏايو". هن مٿاهين ماڳ جو بنياد همُو (پٽ) دودي سومري وڌو.
2. سلطان فيروزشاھ- الله سندس بادشاهي دائم قائم رکي- جي دؤر ۾، مهيني رمضان مبارڪ سن ست سئو چوراسي ۾. ۽ الله ئي سچ جو سڀ کان وڌو ڄاڻو آهي.)

هيءُ ڪتبو اچ ڪان سٺ- ايڪهٺ سال اڳ دريافت ٿي چڪو هو. مگر ان جي پڙهڻي پوريءَ طرح سمجهي نہ وئي: 'هَمُو' کي 'هَمُود' ۽ سنہ '784هہ' کي '884هہ' ڪري پڙهيو ويو.[1] ڪجهہ وقت اڳ هيءُ ڪتبو "انڊين ايپيگرافي سالانہ رپورٽ" 1960-61ع ۾ شايع ٿيو[2] ۽ پوءِ سنہ 1962ع ۾ تفصيل سان عربي-فارسي ڪتبات جي خاص اداري جي اضافي اشاعت ۾ ڇپيو.[3] انهيءَ پوئين اشاعت ۾ 'هَمُو' جي نالي مان مراد 'همير' ورتي وئي آهي، ۽ ڄاڻايو ويو آهي تہ جيتوڻيڪ ڪتبي ۾ 'هَمُو' لکيل آهي، مگر ان کي 'همير' ئي سمجهڻ گهرجي، يعني اهو 'همير' جيڪو سنڌ جي سومرا گهراڻي جو آخري بادشاهہ هو ۽ جنهن جو ذڪر ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو پنهنجن خطن ۾ ڪيو آهي: ۽ پڻ اهو سمجهيو ويو آهي تہ همير معزول ٿيو ۽ معزولي بعد سلطان فيروز شاهہ جي حڪم موجب گجرات جي گورنر ۽ سندس پاءُ ڪيس سنڀاليو جيتوڻيڪ اهو معلوم ناهي تہ ڪيس دهلي يا گجرات ۾ رهايو ويو.

راقم جي راءِ ۾ اهو تعبير صحيح ناهي، ڇاڪاڻ جو هڪ تہ ڪتبي ۾ هي نالو صاف طور "همو" لکيو آهي ۽ نہ 'همير'، ۽ بيو تہ سنڌ جي متفقہ ۽ متواتر روايت موجب 'همير' سمن طرفان ڪيل حملي ۾ مارجي ويو هو انهيءَ ڪري گجرات ۾ سندس سڪونت پذير ٿيڻ جو سوال ئي نٿي پيدا ٿيو.

(ب) **'سڪندر شاهہ جي درگاهہ' وارو ڪتبو.** هيءُ ڪتبو ساڳئي شهر 'پارنتيج' ۾ 'سڪندر شاهہ جي درگاهہ' ۾ "شهيد سڪندر خان سومري" جي قبر (جنهن جي ڪري ئي درگاهہ انهيءَ نالي سان سڏجي) جي سيرانديءَ کان سنگ مرمر جي گولائين ٿنڀي تي لڳل آهي. هيءُ ڪتبو ڪافي ڏکو آهي ۽ هيٺين طرح ڇهن فارسي سٽن ۾ لکيل آهي:

1. بتاريخ بيست و يکم ماه صفر سنہ خمس و ثمانين و ثمانمايہ روزسہ شنبہ راي اعظم
2. و خان معظم سکندر خان بن راي غياث بن عمر بن محمد بن دودا در
3. عهد محمود شاهہ بن محمد (شاهہ) بن احمد شاهہ بن محمد شاهہ بن مظفر شاهہ سلطان
4. در تهانہ سينبهر شهادت يافتہ عمر سي دو سال بود.

(ترجمو:

---

1 PRWC, 1919-20, Page 52.
2 Annual Report on Indian Epigraphy, 1960-61, No: D, 75.
3 Epigraphia Indica Arabic ﷺ Persian Supplement, 1962

1. تاريخ ايڪيهين مهينو صفر سنہ اٺ سؤ پنجاسي، ڏينهن اڱاري (راءِ اعظم)
2. ۽ 'خان معظم' سڪندر خان پٽ راءِ غياث پٽ عمر پٽ محمد پٽ دودو
3. محمود شاهہ پٽ محمد شاهہ پٽ احمد شاهہ پٽ محمد شاهہ پٽ مظفر شاهہ (گجرات جي) سلطان جي دور حڪومت ۾
4. تاڻي سينير (سيمير) ۾ شهادت کي رسيو. عمر پنيهہ سال هئس.

هيءُ ڪتبو "انڊين ايپيگرافي ساليانہ رپورٽ 74_1973ع"[1] ۽ "آثار قديمہ هند رويو 74_1973ع"[2] ۾ شايع ٿيو آهي ۽ عربي-فارسي ڪتبات جي اضافي اشاعت 1974ع ۾ تفصيل سان شايع ٿيڻ وارو آهي.[3]

## متين ڪتبن جي روشنيءَ ۾ نتيجا:

1. فتح مسجد وارو ڪتبو سلطان فيروز شاهہ جي حڪومت (752_790هہ/1351_1388ع) جي آخري ڏهاڪي جو آهي، جنهن ۾ 'فتح مسجد' جي بنياد وجهڻ جو سال 784هہ (1382ع) ۽ مسجد جوڙائيندڙ جو نالو صاف طور "همو" (پٽ) دودي سومري جو ڄاڻايل آهي. هن ڪتبي ۾ 'همو'، 'دودا' توڙي 'سومره'، اهي ٽيئي نالا انهيءَ صورت ۾ صاف لکيل آهن.
2. ملتان جي گورنر عين الملڪ پنهنجن خطن ۾ سنڌ جي سومري حڪمران جو نالو "همير دودا" (همير پٽ دودي جو) لکيو آهي. هن ڪتبي ۾ نالو همون دودا" (همون پٽ دودي جو) آهي. ظاهر آهي تہ هي ٻئي ڀاءُ هئا: همير وڏو ۽ گاديءَ جو مالڪ هو جيڪو سمن جي هٿان اندازاً 65_762هہ ڌاري مارجي ويو. انهيءَ واقعي کان 20_22 سال پوءِ، سندس ننڍو ڀاءُ گجرات جي شهر 'پارنتيج' ۾ سڪونت پذير هو جتي هن 'فتح مسجد' جوڙائي. همير جو مارجڻ ۽ همون جو فتح مسجد جوڙائڻ، اهي ٻئي واقعا هڪ ٻئي کي ويجها ۽ سلطان فيروز شاهہ جي ئي حڪومت جي دور جا آهن.
3. سڪندر شاهہ جي درگاهہ وارو ڪتبو (سنہ 885هہ)، 'فتح مسجد' واري ڪتبي (784هہ) کان هڪ سؤ سال کن پوءِ جو آهي. جوان مرد سڪندر

---

[1] Annual Report on Indian Epigraphy, 1943-74, No. D, 94.
[2] "Indian Archaeology 1973-74, A Review", Archaeological Survey of India, Govt: of India, New Delhi, 1979, P.42.
[3] Epigraphica Indica Arabic & Persian Supplement, 1974

سومرو جيڪو 885هه ۾ شهيد ٿيو سو پٽ هو غياث جو پوٽو هو عمر جو ۽ پڙپوٽو هو محمد جو. جيڪو دودي جو پٽ هو. هڪ سئو سالن ۾ چار پيڙهيون گذريون. همون پٽ دودي جو جنهن سئو سال اڳ 'فتح مسجد' جوڙائي ۽ محمد پٽ دودي جو جنهن جو پڙپوٽو سڪندر هو جيڪو هڪ سئو سال پوءِ شهيد ٿيو سي ٻئي ڀائر چئبا. ٻئي ڀاءُ گڏ ساڳئي شهر پارنتيج ۾ رهندڙ هئا. چاڪاڻ جو 'فتح مسجد' توڙي 'سڪندر جي درگاهه' ٻئي ساڳئي شهر 'پارنتيج' ۾ ئي آهن. جئن ته 'فتح مسجد' تي نالو 'همو' جو آهي، انهيءَ مان ظاهر آهي ته 'همو' وڏو ڀاءُ هو ۽ محمد ننڍو ڀاءُ.

4. فتح مسجد جوڙائڻ واري سال سنه 784هه ۾، جڏهن سنڌ جي آخري سومري حڪمران همير جا ٻه ڀاءُ همون ۽ محمد گجرات ۾ زنده سلامت موجود هئا. تڏهن ٺٽي جي سمن ڄامن مان ڄام ٻانڀڻيو ۽ ڄام تماچي ٻئي دهلي ۾ سلطان فيروز شاهه وٽ نظربند هئا. ۽ ڄام علاؤالدين جوڻو سنڌ جو حڪمران هو. هن صورت حال مان هڪ اهم تاريخي حقيقت روشن ٿئي ٿي، جنهن بابت هن کان اڳ وارا ٻيا بيان مختصر ۽ مبهم آهن. ايترو معلوم آهي ته سنڌ جي آخري سومري حڪمران همير پٽ دودي جي کي سلطان فيروز شاهه جي حمايت حاصل هئي، ۽ ان بابت ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو ۽ خاص طرح گجرات جي گورنر اختيار الدين کي هدايتون ڏنل هيون.

1362_1365ع دوران جڏهن سمن حملو ڪري، همير سومري کي ماريو ۽ ڄام ٻانڀڻئي ٺٽي ۾ پنهنجي خودمختيار حڪومت قائم ڪئي، تڏهن سلطان فيروز شاهه سنه 766هه_66_1365ع ۾ ٺٽي تي چڙهائي ڪئي. ٻهرئين مقابلي دوران شاهي لشڪر ۾ رسد جي ڪمي ۽ گهوڙن ۾ بيماري سببان سلطان فيروز شاهه ڪوچ ڪري گجرات طرف ويو ۽ پوءِ وري ٻيهر چڙهي آيو. انهيءَ عرصي دوران شيخ الاسلام صدر الدين ملتاني ۽ اُچ جي بزرگ مخدوم جهانيان جهان گشت وچ ۾ پئي ڪن شرطن تي دهلي ۽ سنڌ جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. عين الملڪ ماهرو جي خطن مان ائين لڳي ٿو ته صلح ڪونه ٿيو.[1] شايد ائين هجي ته فوري صلح ڪونه ٿيو پر آخرڪار معاهدو ٿيو ۽ اهو غالباً انهن سفارشن جي بنياد تي ئي ٿيو جيڪو هنن بزرگن ڪيون هيون. سما قبيلا اڪثر غوث صاحب جا مريد هئا. جنهن ڪري شيخ صدرالدين يقيني

---

1. انشاي ماهرو مطبوع شعبه تاريخ، مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه، ص_177

# سنڌ جو مشهور جھونو شهر نصرپور#

## تاريخي پس منظر

ننگر ۽ نصرپور سنڌ جي آڳاٽن شهرن مان آهن. ٺٽي ننگر جو بنياد سنڌ ۾ سمن جي عروج ۽ ساموئي جي آباد ٿيڻ بعد اٽڪل 1330_1340ع ڌاري پيو ۽ نصرپور جو شهر بہ سمن واري ساڳئي اوائلي دور ۾ آباد ٿيو. نصرپو جي بڌجڻ بابت تاريخ معصومي (49_50) جي مطالعي مان هن طرح معلوم ٿو ٿئي تہ سومرن جي دور جي آخر ۽ سمن جي عروج واري وقت ۾ دهليءَ جو بادشاهہ سلطان محمد بن تغلق سندس هڪ باغي سردار جي پويان گجرات مان ڪاهي اچي سنڌ ۾ رسيو جتي ٺٽي جي آسپاس تاريخ 24 محرم سنہ 752هہ تي گذاري ويو. سندس وفات تي فيرور شاه سندس جاءِ نشين ٿيو جنهن تاريخ 1_ صفر سنہ 752هہ تي ٺٽي طرفان منزل ڪٽي دهليءَ طرف ڪوچ ڪيو. فيروز شاه روزانو پنج ڪوهي منزل جي حساب سان آهستي آهستي روانو ٿيو ۽ انهيءَ پنڌ ۾ ٿي "ساگري جي ڍنڍ" جي ڪناري تي هڪ قعلو نهراياٿين جتي (امير) نصر کي هڪ هزار سوارن سان مقرر ڪيائين ۽ ملڪ بهرام کي انهيءَ علائقي جو فوجدار مقرر ڪيائين.

انهيءَ حوالي مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا: (1) اول تہ غالبا اهو قلعو امير نصر بڌايو ۽ انهيءَ ڪري ئي کيس اتي جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. شهر تي "نصرپور" جو نالو بہ امير نصر جي نالي تان پيو. نصرپور ۾ اڃان تائين هڪ ڦٽل مسجد موجود آهي جا "نصر واري مسجد" جي نالي سان مشهور آهي.(2) ٻيو تہ نصرپُور واري قلعي جو بنياد بہ غالباً صفر جي مهيني

---

# روزانہ مهراڻ_ 22 نومبر 1959ع سالگرہ نمبر

سنہ 752ھ مطابق اپريل سنہ 1351ع ۾ پيو.(3) تيو تہ اهو قلعو "ساڱري جي ڍنڍ" تي ٻڌايو ويو. انهيءَ ڍنڍ بابت ائين چئي سگهجي ٿو تہ اها ساڱري درياءَ جي ڍنڍ هئي. چئي نٿو سگهجي تہ ان وقت ساڱري درياءَ جو وهڪرو ڪٿان هو پر نصرپور جي ٻڌجڻ کان اٽڪل چار سؤ ورهيہ اڳ عربي دؤر حڪومت ۾ درياءَ شهدادپور کان 8 ميل اوپر، شهر "منصوره" وٽان وهندو هو. ان بعد درياءَ الهندي طرف هٽيو ۽ غالباً شهدادپور جي لڳ اولهہ کان وهڻ لڳو جنهن ڪري شهر "منصوره" ڦٽي ويو. پانئجي ٿو تہ درياءَ جو اهو وهڪرو جيڪو شهدادپور وٽان، هيٺ شهبيگ مريءَ جي ڳوٺ وٽان، ٽنڊي آدم جي آسپاس کان هو ۽ جنهن کي "لوهاڻو درياءَ" يا عام طرح "سهڻيءَ جو ڍورو" بہ سڏيو وڃي ٿو اهو اڳتي اڏيرو لعل ۽ نصرپور طرف غالبا "ساڱري" جي نالي سان سڏبو هو.

انهيءَ درياءَ جي ڍنڍ اهائي هئي جنهن جا نشان شهر نصرپور جي لڳ اولهہ طرف موجود آهن. چاڪاڻ تہ "نصر" واري مسجد بالڪل انهيءَ ڍنڍ جي ڪناري تي موجود آهي. ٽن سون سالن کانپوءِ درياءَ ڦري نصرپور لڳ انهيءَ ڍنڍ وچان وڙهو جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو.(4) چوٿون تہ نصرپور جي قلعي تي والي ۽ فوجدار جو مقرر ٿيڻ ڏيکاري ٿو تہ انتظامي لحاظ کان پڻ نصرپور هڪ مرڪزي شهر بڻيو. ان کان پوءِ سنڌ جي تاريخ ۾ نصرپور هميشہ هڪ علائقو "صوبو" يا "سرڪار" ڪري ليکيو ويو.

سمن جي دور ۾ پانئجي ٿو تہ نصرپور جي نئين ٻڌايل شهر ترقي ڪئي. چوڌاري ملڪ آباد هو جو درياءَ جي نزديڪي سببان آباد هو انهيءَ ڪري نصرپور جي آبادي بہ وڌندي رهي. تاريخ معصومي مان معلوم ٿو ٿئي تہ جام سڪندر جي ڏينهن ۾ نصرپور جي حيثيت هڪ "قصبه" (مرڪزي شهر) جي هئي ۽ جام سڪندر خود نصرپور آيو (ص 71) ان بعد بہ نصرپور شهر ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو رهيو ۽ سمن جي خاتمي بعد جڏهن شاه بيگ ارغون سنہ 928ھ (1522ع) ۾ اگهم ڪوٽ ۾ وفات ڪئي تہ سندس پٽ مرزا شاه حسن ارغون نصرپور جي شهر ۾ ئي پيءُ جي گاديءَ تي ويٺو. سنہ 942ھ ۾ مرزا شاه حسن ارغون نصرپور جي شهر مان ئي، پوري فوجي تياري ڪري گجرات طرف همايون بادشاهہ جي مدد لاءِ روانو ٿيو. ان بعد ترخانن جي دؤر ۾ پڻ بکر ۽ ٺٽي جي وچ ۾ نصرپور جي مضبوط قلعي جي وڏي فوجي اهميت هئي. انهيءَ ڪري جڏهن بکر جي حاڪم سلطان محمود خان، مرزا

محمد باقي خلاف چڙهائي ڪئي تہ سڏو اچي "نصرپور جي قلعي" کي گهيرو ڪيائين.

انهن حوالن مان ظاهر آهي تہ سمن کانپوءِ ارغونن ۽ ترخانن جي دؤر ۾ نصرپور انتظامي توڙي فوجي لحاظ سان هڪ مکيہ علائقائي شهر جي حيثيت اختيار ڪئي. شاه ارغون جي وفات کانپوءِ سلطان محمود بکر ۾ ۽ مرزا عيسيٰ ٺٽي ۾ حڪمراني ڪئي. نصرپور جو علائقو ٺٽي جي حڪمرانيءَ ۾ شامل هو. مرزا عيسيٰ کانپوءِ سندس پٽن مرزا محمد باقي ۽ مرزا جان بابا جو گاديءَ تان تڪرار ٿيو ۽ نصرپور جو علائقو مرزا جان بابا جي تصرف هيٺ رهيو. ان وقت مرزا جان بابا جي طرفدار امير شاھ قاسم خان بيگلار عرف "خان زمان" جو هن علائقي ۾ اثر رسوخ هو. مرزا جان بابا جي مرڻ بعد سڄو ملڪ مرزا محمد باقي جي هٿ ۾ آيو ۽ هن خان زمان سان صلح ڪري بالاخر کيس نصرپور جي علائقي جو حاڪم مقرر ڪيو. بيگلارنامي (ص 224) مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت سماواتي (ماتلي ۽ ٽنڊي محمد خان جو اتر)، کيبر (هالا تعلقي جو ڏکڻ)، هاله ڪنڊي (هالا)، خطي (هالن جو اتر) ۽ لاکاوت (سڪرنڊ) جا علائقا نصرپور جي صوبي سان وابستہ هئا. شاه قاسم خان نصرپور جي حاڪم جي حيثيت ۾ ايترو تہ دٻدٻو ۽ اثر رسوخ پيدا ڪيو جو سنڌ جي ٻاهران جيسلمير، جوڌپور، ٻاهڙ مير، بيڪانير، سيروهي، ڪڇ ۽ راڌڻ پور جي راون ۽ راجائن ساڻس دوستيءَ جو ناتو ڳنڍيو ۽ ڏانهس گهوڙا ۽ ٻيون سوکڙيون پاکڙيون موڪليون (بيگلارنامو۔ ص 223). بيگلارنامي ۾ شاه قاسم خان جي ڪارنامن ۽ ڪاميابين سان گڏ نصرپور جي صوبي جي حالات تي پڻ ڪافي روشني وڌل آهي.

اهو زمانو ڏهين صدي هجري جي آخر وارو هو. مرزا جاني بيگ ترخان جي عهد ۾ پڻ شاه قاسم خان نصرپور جو گورنر رهيو. ڏهين صديءَ جي پڇاڙي هئي جو سنہ 1000ھ اڪبر بادشاهہ طرفان مرزا عبدالرحيم خان خانان سنڌ کي فتح ڪرڻ خاطر مرزا جاني بيگ سان جنگيون ڪري رهيو هو. انهن جنگين ۾ نصرپور جو پرڳڻو مرزا جاني بيگ جي طاقت جو مرڪز هو ۽ ڀرين لڳ بنايل دفاعي قلعي توڙي شاهڳڙھ جي قلعي کان مرزا جاني بيگ جي سپہ سالارن زبردست حملا ڪري خان خانان جي لشڪر کي شهون ڏيئي ڇڏيون. آخرڪار خان خانان صلح سان مرزاجاني بيگ کي آڻ مڃائي ۽ سنہ 1001 هجري کان سنڌ اڪبر بادشاه جي هٿ هيٺ آئي.

مغلن جي دؤر ۾ پڻ نصرپور شهر توڙي صوبي جي مرڪزي حيثيت قائم رهي. "مظهر شاهجهاني" (ص 34) مان معلوم ٿو ٿئي ته ٺٽي جي نوابيءَ ۾ چار علائقا شامل هئا:(1) سرڪار ٺٽہ(2) سرڪار چاچڪان (لاڙ جو بدين وارو پاڳو)(3) سرڪار نصرپور(4) ۽ چاڪر هالا (هالن کان هيٺ ٺٽي جي اتر تائين. ان وقت وهندڙ درياءَ جو الهنديون پاڳو.) نصرپور جو علائقو اوپر طرف گهڻو وسيع هو ۽ سوڍن جون آباديون بہ ان ۾ شامل هيون. ان وقت سوڍا، کيبر، ساند، جوٽيجا، ڪيريا ۽ دل نصرپور جي علائقي ۾ 'طاقتور قومون هيون. انهيءَ دؤر ۾ ئي درياءَ نصرپور لڳ وهڻ لڳو جنهن ڪري نصرپور جڻ هڪ بندر جي صورت اختيار ڪئي. پر ساڳئي وقت درياءَ جي اٿل ۽ پائيندڙ سيبان شهر کي بہ نقصان پهتو. ڪن آڳاٽين تحريرن موجب نصرپور جو اصل جهونو شهر ۽ قلعو غالبا "نصر واري مسجد" کان اولهہ ۽ اتر طرف هئا. جڏهن درياءَ انهي طرف کان اچي آرڪيو تہ شهر کي ويو پائيندو ۽ شهر جي آبادي بہ ان ڪري ڏکڻ اوير طرف ويئي وڌندي. نصرپور جي بخاري سادات جي شجره جي جهوني قلمي ڪتاب جو هڪ ورق اسانکي ميان علي گل شاه صاحب جي ڪاغذن ۾ نظر آيو جنهن مان معلوم ٿيو تہ اورنگزيب عالمگير جي عهد ۾، مهيني صفر سنہ 1079هہ ۾ شهر نصرپور کي درياءَ پاتو جنهنڪري اصل "نصرپور حويلي" توڙي "نصرپور وارو قلعو" جو سمن جي ڏينهن جو هو ۽ جنهن جي پوءِ ارغونن ۽ ترخانن جي دؤر ۾ مرمت ڪئي ويئي هئي، سي بئي تباه ٿي ويا. درياءَ جو زور ڏسي ماڻهو اتان لڏيا ۽ سادات، ترخان ۽ بيگلار قبيلا پنهنجون جايون ڇڏي اچي "ميرزائي واهہ" ("ناله مرزائي") جي ڪناري تي ويٺا.

اسان کي اهو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي تہ "مرزائي واهہ" ڪٿي هو. ٿي سگهي ٿو تہ "ميرزائي واه" اهو ئي ساڳيو واه هو جو پوءِ "شاهہ واهہ" سڏجڻ لڳو. جنهن جي منهن ۽ پيٽ جا نشان "نصر واري مسجد" کان اتر طرف موجود آهن. محمد مدني خاندان مان مائي مريم آخوندياڻي، جنهن اٽڪل 95 ورهين جي عمر ۾ سنہ 1920ع ڌاري وفات ڪئي. چوندي هئي تہ: "نصرپور جو شهر شاهہ واهہ جي اتر ۾ هو. قاضين جا قبيلا اتي ئي مقيم هئا ۽ پوءِ (غالبا درياءَ جي خطري سببان) لڏي اچي موجوده شهر وارين جاين ۾ ويٺا جتي اڳ باغ هئا. تحفتہ الڪرام مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاه محمود رحہ جي درگاهہ اصل غالبا الهندي طرف هئي ۽ درياءَ جي پائڻ سببان نعش

ڪيڏي اچي اورتي دفنايائون. وري درياءَ پاتو ۽ اها ٻي جاءِ بہ سير ۾ رهجي ويئي ۽ وري نعش ڪيڏي اچي موجوده درگاهہ ٺاهيائون.

بهرحال سنہ 1079هہ ۾ پائيندڙ سبيان شهر جي تباهيءَ وارو واقعو هڪ تاريخي واقعو آهي. جنهن بعد نصرپور شهر جي نئين آبادي وارو جڻ ٻيو دؤر شروع ٿيو. اهو ٻيو دؤر درياءَ جي مؤج مستي ۽ اٿل پٿل وارو دؤر آهي. اندازاً ساڍا ٽي سؤ سال کان نصرپور جي پسگردائي، يا لڳو لڳ وهڻ بعد درياءَ بادشاهہ پنهنجي رخ متائڻ جي رٿا ۾ هو ۽ آخرڪار انهيءَ وڏي پائيندڙ واقعي کان اٽڪل سؤ سالن کان پوءِ درياءُ اتان هميشہ لاءِ پنهنجو رخ بدلايو يعني تہ "شهدادپور کان نصرپور" وارو وهڪرو ڦٽو ڪري "هالن کان سڌو حيدرآباد جي الهندي طرف وارو" موجوده وهڪرو اختيار ڪيائين. نصرپور جي قاضين جي خاندانن جي موروثي تحريرن مان معلوم ٿو ٿئي تہ درياءُ جو نصرپور جي لڳ وهندو هو ان سنہ 1172هہ (1758/1759ع) ۾ پنهنجو رخ بدلايو.

درياءُ جي رخ بدلائڻ بعد نصرپور جو تاريخي اؤج ختم ٿي ويو ۽ ان جو ٽيون دؤر شروع ٿيو. اهو ٽيون دؤر اندازاً پوڻين ٻن سون سالن وارو دؤر آهي، جنهن ۾ باوجود چوڏاري ويراني جي ۽ مٿان واريءَ وسڻ جي، نصرپور شهر پنهنجي وجود کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا ڍڪجي،
پيئي ڪٽي پساهہ، پسڻ خاطر پرينءَ جي.

## قديم آثار

نصرپور جي جهونن آثارن جا نمايان نشان مسجدون ۽ ولين جون درگاهون آهن. سڀ کان قديم "نصر واري مسجد" آهي جا سلطان فيروز شاهہ جي ڏينهن ۾ قلعي جي بنياد ٻڌڻ وقت امير نصر جوڙائي. هن مسجد کي تازو محڪمہ آثار قديمہ جي پاران، سرڪاري طور محفوظ ڪيو ويو آهي. ٻي جهوني "ڪرڙ واري مسجد" آهي، جا "خونياڻي ڪڌ" جي اترئين ڪپ تي ٻڌل آهي. شاهہ محمود رحہ جي درگاهہ جي مسجد ۾ هڪ ڪتبو لڳل آهي؛ جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اصل مسجد شيخ عبدالرحيم سنہ 1595هہ ۾ نهرائي. ڪنهباتين جي پاڙي ۾ فقير ميان موسيٰ جي مسجد آهي، جنهن جو بنياد سنہ 1166هہ ۾ رکيو ويو. جهوني شاهہ واهہ جي الهندي طرف هڪ ننڍي مسجد آهي، جا "مائي خيري واري مسجد" سڏجي ٿي. ٽالپرن جي دور جي

مسجد "پاٺن واري مسجد" آهي، جا غازي خان پاٺو نهرائي. هن پوئين دؤر جي مسجدن مان ٻه مسجدون قابل ذڪر آهن: هڪ جامع مسجد جا سنه 1338هه ۾ جوڙائي ويئي ۽ ٻي پير جيلانيءَ واري مسجد. انهن ٻنهي مسجدن تي نصرپور جي ڪاشيءَ جو بهترين ڪم ٿيل آهي.

درگاهن مان سڀ کان آڳاٽي ۽ متبرڪ درگاهه شاهه محمود سيوستاني قادري جي آهي. تحفته الڪرام موجب شاهه محمود "حضرت بادشاهه پير" جو حقيقي پوٽو آهي. ان درگاهه جا متولي آڳاٽي وقت کان وٺي رضوي سادات آهن. مير علي شير جي ڏينهن ۾ مير محمد زمان رضوي درگاهه جو متولي ۽ گادي نشين هو. خذمتگار مجاور مڱريا ۽ ڏيتا آهن. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي ڏينهن جي ڪاغذن ۽ سندن مان معلوم ٿو ٿئي ته شيخ مير محمد، شيخ صالح، ۽ شيخ الهڏنو ٽالپرن جي ڏينهن جا مشهور مجاور هئا ۽ شيخ ابو طالب، شيخ سائين ڏنو ۽ شيخ طيب "ميان غلام شاهه" جي ڏينهن جا وڏي اثر رسوخ وارا خذمتگار هئا. هينئر تازو درگاهه جي مرمت ۽ خذمت ميان فقير محمد بن محمد عمر ميمڻ ڪئي آهي. ٻي جهوني زيارتگاهه سيد احمد عرف شاهه غوري جي آهي جو پڻ حضرت بادشاهه پير رحہ عليہ جي اولاد مان آهي. اها درگاهه شهر کان ٻاهر اوپر طرف آهي. شاهه مراداٽي جيلاني جي زيارتگاهه شهر جي وچ ۾ آهي ۽ مصلي تي ستون سن جاٽايل آهي. شاهه عنايت جيلانيءَ جو مقبره قاضين جي پاڙي ۾ آهي ۽ چيو وڃي ٿو ته اهو بزرگ ٻه ستين سن ۾ يمن کان آيو هو. شاهه غوري کان اڳتي شيخ بازيد جو قبو آهي. رضوي سادات مان غالباً سڀ کان آڳاٽي زيارتگاهه شاهه نور (نورالله) نوري جي آهي، جا پڻ شهر کان ٻاهر اوپر طرف آهي. درويش (شاهه نٿو) پاٺو شاهه نوريءَ جي قبرستان ۾ آرامي آهي. رضوي سادات مان هن پوئين دؤر ۾ سنڌ جو مشهور ڪافي گو شاعر "مصري شاهه" ٿي گذريو آهي، جنهن جي تربت شهر جي ڏکڻ اولهه طرف آهي. بخاري سادات مان سيد اميد علي شاهه بخاري جي مزار شهر جي اتر طرف بخاري پاڙي ۾ آهي. سيد قائم الدين شاهه بخاري (وفات 1319هه). جو فارسي جو شاعر ۽ صاحب ديوان ٿي گذريو آهي، سو پڻ اتي آرامي آهي. شهر جي اتر اولهه طرف جيلاني سادات سيد احمد شاهه، قمرالدين ۽ سيد بدرالدين جون مزارون آهن، جن تي ڪاشيءَ جو بهترين ڪم ٿيل آهي. بيبي نور پري، دبگرن جي قوم مان هڪ درويشياڻي هئي، جنهن جي مزار شهر جي وچ ۾ آهي. ينئور فقير

سيلاني شهر جي اتر اولهه ڪنڊ تي ”شاهه واهه“ جي ڪناري تي دفن ٿيل آهي.
انهيءَ ساڳئي طرف سيد فاضل شاهه حيدرآبادي جي ڏاڏاي سيد اسماعيل شاهه جي تربت آهي. درس مبي ڀاٽو جي مزار شهر کان ڏکڻ طرف ميل ڪن پنڌ تي اسٽيشن روڊ تي آهي. انهن ڪانسواءِ ٻين درويشن جا مقامات ۽ مزارون پڻ جدا جدا جاين تي آهن.

## شهر جا قبيلا ۽ پاڙا

ساداتن مان رضوي، بخاري، جيلاني، ٻڙائي ۽ مالهياٽي قبيلن جا سادات شهر ۾ رهن ٿا. رضوي ۽ مالهياٽي قبيلن جا سادات شهر ۾ رهن ٿا. رضوي ۽ مالهياٽي سيد ”امير پٽي“ پاڙي ۾ رهن ٿا. بخاري ”بخاري پاڙي“ ۾، ۽ جيلاني ۽ ٻڙائي ”پيرن جي پاڙي“ ۾. ٻيو آڳاٽو قبيلو مغلن جو آهي جي ”مغلن جي پاڙي“ ۾ رهن ٿا. تحقيق مان معلوم ٿيو آهي تہ اهي مرزا جان بابا جو اولاد آهن ۽ غالباً مرزا جان بابا جي مارجڻ بعد مرزا محمد باقي جي چنبي کان بچي اچي نصرپور ۾ شاهه قاسم خان بيگلار جي پناهه هيٺ رهيا. قاضي، جي اصل ۾ ”سما“ آهن سي بہ غالباً سمن جي دؤر کان هتي سڪونت پذير آهن ۽ هن وقت سنڌن پنهنجو قاضين جو پاڙو آهي. ملان جي اصل ۾ پٽي آهن تن جو پنهنجو ”ملن جو پاڙو“ شهر جي وچ ۾ آهي. ملان محمد عالم جا پويان پاڻ کي ”عالماڻي“ سڏائين ٿا. آخوند ميمڻ آهن ۽ ”بخاري محلہ“ ۾ مقيم آهن. شهر جا ميمڻ پڙهيل ۽ سجاڳ آهن. نوڪرين توڙي واپار ۾ سنڌن چڱو حصو آهي. سنڌن قبيلا ”گهارائي“ ”گاجياڻي“ ”ڪڏ لڏي“ ۽ ”ڪاڪ وارا“ مقامي طور مشهور آهن. درس ”بخاري محلہ“ ۾ رهن ٿا ۽ ”پانڌياڻي“ پنهنجي ”پانڌياڻين جي ”محلہ“ ۾. درس ۽ پانڌياڻي اصل ۾ ”گراٽا“ قبيلي سان تعلق رکن ٿا. چنا جيلاني پيرن جا خادم آهن ۽ پنهنجي ”چنن جي پاڙي“ ۾ رهن ٿا. سماٽن مان شهر جا آڳاٽا باشندا ”ڀاٽو“ آهن. منجهن ”نٿو شاهه“ ۽ ”درس مبي“ جهڙا درويش ٿي گذريا. ”ڀاٽن جو پاڙو“ پنهنجو آهي. ابڙا پنهنجي ”ابڙن جي پاڙي“ ۾ رهن ٿا. شهر نصرپور آڳاٽي وقت کان هنر ۽ ڪاريگري جو مرڪز هو ۽ هن وقت بہ ڪاريگرن ۽ ڪاسبين مان کٽي، کنهباتي، ڪوري، ڪاشيگر دبگر، سونارا، ڏوڙ ڏوا ۽ ڪاغذ ڪٽا شهر ۾ مقيم آهن. کٽي سومرا آهن ۽ پنهنجي ”کٽين جي پاڙي“ ۾ رهن ٿا. کنهباتي، پٽي آهن ۽ سنڌن ”کنهباتين جو پاڙو“ پنهنجو

آهي. ڪورڪو ڪم بہ نصرپور جو لاثاني آهي. خاص طرح نصرپور جا کيس توڙي سوسيون سنڌ ۾ مشهور آهن. نصرپور جا ڪاشيگر بہ پنهنجي فن ۾ قابل آهن. اوستو خيرمحمد, اوستو سائل, اوستو خميسو ۽ اوستو علو نالي وارا ڪاريگر هئا. هن وقت اوستو محمد هارون ۽ اوستو محمد حسن ٺٽي جي شاهجهان واري مسجد جي مرمت لاءِ ڪاشيءَ جون سرون تيار ڪري رهيا آهن. ڪاشيگر "پيرن جي پاڙي" ۾ رهن ٿا. سونارا دراصل "سما" هئا ۽ "امير پٽي" پاڙي ۾ رهندا هئا پر هاڻي لڏي وڃي ٽنڊي الهيار ويٺا آهن. دبگر ۽ ڏوڙ ڏوا شهر جي اترئين پاڳي ۾ رهن ٿا. "ڪاغذڪٽا" ڪرڙواري مسجد لڳ رهن ٿا. هينئر سنڌن ڪي هڪ بہ گهر وڃي بچيا آهن, مگر سنڌن موجودگي مان ظاهر آهي تہ ڪنهن وقت نصرپور ۾ ديسي ڪاغذ ٺاهيو ويندو هو.

## نصرپور جا عالم

نصرپور جي آڳاٽي علمي تاريخ معلوم ڪانهي. پر انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ نصرپور علم جو گهر هو. پراڻن ورقن ۽ قلمي نسخن مان اسان کي رضوي ساداتن, بخاري سيداتن, قاضين ۽ درسن جي جهونن ڪتب خانن جا آثار نظر آيا. هن پوئين ڏور ۾ جيڪي مشهور عالم ٿي گذريا تن مان مولانا محمد عابد سنڌي هو جنهن پنهنجي مشهور ڪتاب "طوالع الانوار" ۾ پاڻ کي نصرپوري ڪري ڄاڻايو آهي. سنڌس تصنيفون مشهور معروف آهن. مولانا محمد عابد قاضين جي خاندان مان هو. ٻيو مخدوم محمد اڪرم نصرپوري مشهور عالم هو جنهن جون تحريرون ڪن ڪتابن ۾ نقل ٿيل ملن ٿيون ۽ پڻ سنڌس تصنيفن مان هڪ بہ موجود آهن. مولانا محمد اڪرم "امير پٽي" ۾ رهندڙ متئين پاڙي وارن قاضين مان هو ۽ وڏو متشرع عالم هو. سنڌس هڪ مهر (نپو) ۾ 1280هہ ڄاڻايل آهي. اسان اها جاءِ وڃي ڏٺي جتي سنڌن گهر هوندو هو. افسوس جو اهو هينئر هڪ مٽيءَ جو ڍير لڳو پيو آهي. قاضين مان ٻيو وڏو عالم قاضي روح الله هو جو ساڳئي وقت هڪ درويش پڻ هو. ملائن مان مولانا عبدالحق ملان عالماڻي ٿي گذريو جنهن کي چون ٿا تہ دهلي پڻ گهرايو ويو هو. مولوي محمد عالم (عالماڻين جو ڏاڏو) پڻ ملائن مان هڪ برک عالم هو. رضوي ساداتن مان مغلن جي آخري دور ۾ ميان نور محمد ۽ ميان غلام شاهہ

ڪلهوڙي جي ڏينهن تائين شهر جا قاضي ۽ عالم ٿي گذريا. قاضي عبدالوهاب، قاضي محمد حسين ۽ قاضي نورمحمد پڻ ٻارهين صدي هجري جي آخر ۾ شهر جا قاضي هئا. هن پوئين دور ۾ قاضين مان مولانا تاج محمد بن قاضي عبدالرحمان بن قاضي محمد حسن هڪ برگزيده عالم ٿي گذريو آهي جنهن سنه 1347هه ۾ وفات ڪئي. سندس شاگردن مان نصرپور جو ذهني ۽ ذڪي عالم مولانا عبدالحق رباني آهي، جو هن وقت ميرپور خاص ۾ برپا ڪيل اسلامي مدرسي جي خدمت ڪري رهيو آهي. مولانا عبدالحق جي شاگردن مان مولوي عبدالرحمان آهي.

## نصرپور جا حڪيم

ٽالپرن جي دور کان وٺي نصرپور جي حڪيمن ۽ طبيبن جا حالات قدري معلوم ٿين ٿا. ٽالپوري دؤر جو سڀ کان وڏو حڪيم قاضي محمد ڪامل هو. ڪانئس پوءِ سندس شاگرد ديوان ٽارومل پٽ چنون مل هو. سيد عبدالفتاح جو طبي ڪتاب "نافع الخلق" عبدالرحيم بن ڪمال ڪشميري جي ڪتاب "تشريح اعضاء البدن" جا ڪي ورق، توڙي سنڌ جي ٻين حڪيمن جهڙوڪ حاجي الياس، پيارو خان مري ٻڌاڻي، جان محمد لغاري، آخوند نورمحمد، ميان عبدالحڪيم هالائي، احمد خان پرگڙي، قاضي نورالله ننده شهر جو ۽ قاضي غلام محمد خان قاسماڻي وغيره جا طبي نسخا اسان ديوان ٽارومل جي هٿ لکيل تحريرن ۾ ڏٺا جي هن سن 1272هه ۾ حيدرآباد ۾ قلمبند ڪيا.

انهن نالي وارن حڪيمن کانپوءِ نصرپور ۾ سيد اسدالله شاهه ٻڙائي، سيد قادر شاهه رضوي ۽ قاضي عبدالرحمان صاحب وچين دور جا حڪيم ٿي گذريا آهن. قاضي صاحب جي شهر ۾ وڏي عزت هئي. هن پوئين آخري دؤر ۾ ديوان عالمچند، چيناند لوهاڻو ۽ گوپالداس ڪتي چڱا حڪيم هئا. هن وقت قاضي ميان محمد بخش بن غلام حسين شهر جي اڳين حڪيمن جو يادگار آهي. آخوند عبدالله به چڱو حڪيم آهي.

## نصرپور جا شاعر

نصرپور جي علمي تاريخ ڇهه سؤ ورهيه پراڻي آهي. انهيءَ عرصي ۾ ڪيترائي شاعر ۽ اديب ٿي گذريا هوندا جن جا حالات اسان تائين نه پهتا آهن. ترخانن جي دؤر ۾ شاهه قاسم خان عرف "خان زمان" (بيگلارنامي جو

هيرو) ۽ ان بعد سندس پٽ ابوالقاسم سلطان، نصرپور جا گورنر ٿي گذريا جي وڏا علم دوست هئا. خاص طرح ابوالقاسم سلطان پاڻ شاعر ۽ شاعرن جو وڏو قدردان هو. ادراڪي بيگلاري ان وقت جو ناليرو فارسي شاعر هو جنهن شاهه قاسم خان جي يادگار ۾ تاريخي ڪتاب "بيگلارنامو" لکيو ۽ ابوالقاسم سلطان لاءِ فارسي ۾ "چنيسرنامو" لکيائين جو ڏانهس منسوب ڪيائين.

هن پوئين دور ۾ به فارسي شاعري جو رواج هلندو آيو. رضوي ساداتن مان نورمحمد شاهه عرف نور شاهه فارسي جو پختو مشق شاعر هو. تقريباً ويهه سال کن اڳ راقم سندس ديوان، نصرپور ۾ مرحوم ماستر ميان محمد عيسيٰ جي معرفت ميان محمد هارون ميمڻ جي اوطاق تي ڏٺو هو. بخاري ساداتن مان مرحوم سيد قائم الدين شاهه (وفات 11_ربيع الثاني 1319هه) سنڌي توڙي فارسي جو شاعر هو. فارسي ۾ "شاهنشاهه" تخلص اختيار ڪيائين. سندس "ديوان شاهنشاهه" 693 غزلن ۽ مداحن تي مشتمل موجود آهي. هڪ درويش اسان کي مرحوم قائم الدين شاه جو نصرپور جي باري ۾ چيل هڪ نظم ٻڌايو جنهن جو مطلع هن طرح هو ته:

زگلزار نصرپور]و[دل پرز تماشا
با آب وهوا است شڪربار نصرپور

هن مان ظاهر آهي ته ويندي هن پوئين دور تائين نصرپور جي برگزيده باشندن کي پنهنجي شهر سان ڪيتري نه محبت هئي.

اسان هڪ مختصر "ديوان مراد" ڏٺو ۽ گمان غالب آهي ته اهو ديوان قاضين مان وڏي قاضي محمد مراد جو آهي. آخر ۾ تحرير "ازدست حقير حيات فقير بيست و دويم بروز شنبه ماهِ صفر 1248هه" قلمبد ٿيل هئي. "ديوان مراد" جي آخر ۾ ڏنل مناجات جو مطلع ۽ مقطع ڏجي ٿو:_

به نيرو ئي قدرت چه صنعت گري
که کس را نباشد به تو همسري

---

چو ازخود دهد رزق رازق مراد
تو ازبهر روزي چه غم مي خوري

سنڌي شاعري ۾ نصرپور "ڪافين جو بادشاھ" مصري شاھ رضوي پيدا ڪيو. اميد علي شاھ، مهدي شاھ، ميون محمد علي ۽ مصري شاھ هن وچولي دور ۾ جڻ هڪ نئين صنف ۽ نئين اسلوب بيان جا باني بنيا جنهن موجب سنڌي ڪافي جي ميناج ۽ فارسي غزلن جي رنگيني ڪي ملائي "نئين سنڌي ڪلام" ڪي نروار ڪيو ويو. مصري شاھ سيني ڪان آخر ۾ ساماڻو پر هن نئين طرز جي سنڌي ڪافي ڪي اوج تي پهچائي ڇڏيائين. قاضين مان بہ ڪيترائي شاعر ٿيا خاص طرح مرحوم قاضي پير بخش، عربي فارسي ۽ سنڌي ۾ شعر چيو. هن موقعي تي نصرپور بابت سندس چيل اشعار ڏجن ٿا:

الفت جو آغاز نصرپور
نوري نيڻن ناز نصرپور
باغ گلستان نهرون جاري
سهڻا سيئي ساز نصرپور
روضہ ملائڪ ملڪ ولايت
جنت جنسي راز نصرپور
نظم سنجي ۽ نڪته داني
شعر ۾ مت شيراز نصرپور
حافظ سعدي مصري يانيان
سيد سرافراز نصرپور
شاھ عنايت سيد رضوي
شاعر سو شهباز نصرپور
حڪمت ۾ يونان يگاني
دانش بي انداز نصرپور

هن نظم مان ظاهر آهي تہ نصرپور جي باشندن کي پنهنجي شهر سان ڪيتري نہ محبت آهي ان سان گڏ نصرپور جا باشندا نهايت خليق ۽ خاص طرح ٻاهران آيل مهمانن سان نهايت مروت سان ملڻ ۽ ڪرنشن ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

1947ع واري لڏ پلاڻ بعد نصرپور جو شهر وري پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. شهر جي مختلف پاڙن مان ڪيترائي صاحب وڏن عهدن تي آهن جن مان ڪن ٿورن پنهنجي شهر کي وساري ڇڏيو

هنڌ سڪونت اختيار ڪئي آهي شهر ۾ سينيٽري ڪميٽي آهي جنهن جو صدر عمر ۾ وڏو پر همت ۾ جوان آهي. سندس همت سان شهر جي گهٽين ۾ فرش لڳي رهيا آهن. نصرپور جا هنر توڙي واپار ترقي ڪري رهيا آهن. نصرپور جو هيءُ احوال مختصر ۽ اڌورو آهي. گذريل سال تاريخ 17-جولاءِ 1958ع تي جناب حاجي محمدصادق صاحب جي مهرباني سان هڪ ڏينهن ۽ رات لاءِ نصرپور ڏسڻ جو موقعو مليو ۽ ان وقت جيڪي ڪجهه معلوم ٿيو سو قلمبند ڪيو ويو. انهيءَ موقعي تي نصرپور جي ڪيترن ئي صاحبن پنهنجا قرب ڪيا جن جي مهرباني سان ئي بالاخر نصرپور بابت هن مضمون جو خاڪو تيار ٿي سگهيو آهي.

**

# رني ڪوٽ جو بنياد ۽ ان جي تاريخ*

ڪي ويهه ورهيه ٿيا تہ 1950ع ۽ 1960ع جي ڏهاڪي دوران مون کي انهيءَ عظيم قلعي کي ڏسڻ جا موقعا ميسر آيا. جن مون کي ان جي تاريخي پس منظر ۽ بنياد جي حالات جي تحقيقات تي آماده ڪيو. تاريخي شواهد ۽ بئي موجود رڪارڊ تي مبني نتيجا 1968ع ۾ شايع ڪيا ويا هئا.[1] آءٌ انهيءَ قلعي جي عام طور مشهور نالي "رني ڪوٽ" جي اصليت تي مختصر بحث سان شروعات ڪريان ٿو.

ظاهر آهي تہ "ڪوٽ" جي معنيٰ آهي قلعو پر پوءِ "رني" جو مطلب ڇا آهي؟ اها وضاحت هن ڪري تمام ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪجهہ وقت کان وٺي اسان ۾ ڳالهين جي اصل حقائق کي بيان ڪرڻ بدران، انهن جي متعلق اندازو ڪرڻ ۽ انو مان ڪيڻ جو رواج عام ٿي ويو آهي، ڇو تہ "دور رس نتيجن جي حامل اصل فيصلن" ڏيڻ جو اهو ٿي (لفظن جي معنيٰ ڏانهن ڌيان ڏيڻ وارو) سڀ کان وڌيڪ آسان طريقو آهي.

اهڙي اندازي جو هڪ بهترين مثال، جيڪو رڪارڊ تي موجود آهي، ڪراچي جي آسپاس موجود "چوکنڊي قبرن" جي نالي جي اصليت جو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ دعوي ڪئي ويئي آهي تہ اهي قبرون هڪ قديم قبيلي جي ماڻهن جون آهن، جنهن جو نالو "چوکنڊي" هو. هن ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ تہ "چوکنڊي" جي معنيٰ "بنا ڇت جي چوديواري" آهي، جنهن جي اندر ڪنهن بزرگ شخص يا قبرستان ۾ دفن ٿيل ڪنهن اهم

---

* . ٽه ماهي مهراڻ (رني ڪوٽ نمبر) ـ شمارو 3ـ1984ع

شخصيت جي قبر واقع آهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ جي روايتن متعلق ڪجهه ڄاڻ جو هئڻ ضروري هو. لفظ ”چوکنڊي“ جي اصليت متعلق ڪيل انهيءَ اندازي جي مطابق ڪنهن صاحب هڪ دفعي اهو دليل پيش ڪيو هو ته ”رني ڪوٽ“ ڪنهن اهڙي رومي يا يوناني سپهه سالار جوڙايو هو جنهن جو نالو ”رينان“ (Renon) هو. ان کان علاوه هڪ ٻيو چڱو خاصو ڏُڪو اهو هنيو ويو هو ته انهيءَ قلعي جو بنياد هڪ اهڙي قديم قبيلي جي علائقي ۾ رکيل آهي، جنهن جو نالو ”رني“ (Ranni) هو جنهن جي پٺيان قلعي کي ”رني ڪوٽ“ سڏيو ويو. هي افسوسناڪ ڳالهه آهي ته جن ملڪن کي بيٺڪي راڄ جي دؤر مان گذرڻو پيو آهي ۽ پاڪستان انهن ملڪن مان هڪ آهي، تن جي ماڻهن ۾ خود شناسي ۽ فڪري آزاديءَ جو مفهوم اڃا تائين پوريءَ طرح اپڙي نه سگهيو آهي. اڄ ڏينهن تائين اسان جي خيالن ۾ اهو رجحان پوشيده آهي ته اسان هر اهڙي شيءِ جي اهميت کي، جيڪا مقامي يا ديسي نوعيت جي آهي، يا ته بلڪل ئي گهٽائي ڇڏيون، يا ان جي اهميت جو احساس ڏيارڻ لاءِ ان کي ڪنهن بيٺڪي ذريعي جي اختياري سان منسلڪ ڪري ڇڏيون.

## نالي جي اصليت

عام فهم توڙي سائنسي ڄاڻ، ٻنهي جي تقاضا اهائي آهي ته اسين ڪنهن خيال جي اصليت ۽ بنياد کي سڀ کان اول انهيءَ معاشري ۾ ڳوليون، جنهن ۾ اهو پيدا ٿيو ۽ وڌيو ويجهيو آهي ۽ ڪنهن به يادگار يا اڏاوت جي بيخ و بنياد کي انهيءَ ملڪ ۾ تلاش ڪريون جنهن ۾ اهو واقع آهي. ”رني“ نالي جي اصليت ۽ بنياد کي سنڌي ٻوليءَ ۾ تلاش ڪرڻ گهرجي، جنهن سان ان جو واسطو آهي. اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته فقط هڪ لفظ ”رني“ ئي نه بلڪ ٻيا به اهڙا ڪيئي لفظ آهن، جيڪي ساڳئي بيخ ۽ بنياد مان نڪتل آهن ۽ جن جي معني، تعبير ۽ مفهوم به ساڳيو ۽ حسب نسب به مشترڪ آهي، يعني پاڻيءَ جو اهو رستو يا وهڪرو جيڪو انساني هٿن جو ٺاهيل نه بلڪ قدرتي آهي. اهي الفاظ هيٺين ڇهن قسمن ۾ ورهايل آهن:

1. پهرئين طبقي ۾ به لفظ روڻي (Roonn-i) ۽ روڻاءِ (Roonn-i) اچي وڃن ٿا، جنهن جو مطلب پاڻيءَ جو عارضي وهڪرو آهي، جيڪو مقدار ۾

نسبتاً ننڍي ۾ ننڍو هوندو آهي. يعني پاڻي کي روڪيندڙ ڪناري يا بند جي هيٺان نڪتل هڪ سوراخ يا ننڍڙي مُنهن ڪان وٺي تي سگهي ٿو جهڙي طرح ٻنيءَ ۾ "ٻنو" يا "اڏ". يا ڪنهن ننڍي ڪڙيي يا وڏيڪ وڏي واهہ يا چئنل جو بچاءُ بند. اهي ٻئي لفظ يعني روڻي ۽ روڻاءِ سڄي سنڌ ۾ ڪڙمي ڪاسبي ماڻهن طرفان عام طور ڳالهايا ويندا آهن.

2. ٻئي طبقي ۾ ٻہ لفظ "رڻي" (Runn-i) ۽ (Runn-i)، ۽ پهرئين طبقي جو "روڻي" (Roonni) پنهنجي وسيع تر معنيٰ ۾ اچي وڃن ٿا. انهن ٽنهي لفظن جو مطلب پاڻيءَ جو ڪافي وڏو وهڪرو ۽ خصوصاً جبلن مان نڪرندڙ وڏيڪ وڏن موسمي وهڪرن جو آهي. اهڙيءَ طرح اسان وٽ رڻي پاڻتياڻي نالي هڪ جابلو وهڪرو آهي، جيڪو جنگشاهي وارين ٽڪرين تي گڏ ٿيندڙ برساتي پاڻيءَ کي ڪٽي گهارو ڪريڪ ۾ پهچائي ٿو. ساڳيءَ طرح اسان وٽ هيءَ "رڻي" (Runni) آهي، جنهن کي روڻي (2) (Roonni) بہ چيو ويو آهي، جيڪو خاص طرح سان وڏيڪ وڏو جابلو وهڪرو آهي، جيڪو ڪيرٿر جبلن جي انهيءَ حصي ۾ وسندڙ برساتي پاڻيءَ کي ڪٽي سن شهر جي پرسان سنڌونديءَ ۾ آڻي پهچائي ٿو.

3. ٽئين طبقي سان وري ٻہ لفظ (Reinn-i) ۽ (Reinn-i) اچي وڃن ٿا، جن جو مطلب درياءَ مان نڪتل دائمي وهندڙ قدرتي ڦاٽ آهي، جيڪو پاڻيءَ جو ڪافي گهڻو مقدار ڪٽي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح تمام آڳاٽي زماني ۾ هاڪڙو درياءَ کي هڪ قدرتي ڦاٽ، نالي (Reinn-i) هو، جيڪو موجوده رحيم يار خان ضلعي جي ڏاڪڻي علائقي ۾، ۽ موجوده اباوڙو تعلقي جي اتر اپرندي حصي ۾ واقع هو. ريڻي جو پيٽ سکر ضلعي جي ٽن تعلقن اباوڙو ميرپور ماٿيلو ۽ گهوٽڪي ۾ ڪافي نمايان ۽ واضح آهي. قديم زماني جي هاڪڙي جي انهيءَ ريڻي کان علاوه، سنڌونديءَ جي وچولي ڪيٽي واري حصي ۾ گوني نالي ريڻي شاخ پڻ موجود هئي، جيڪا موجوده حيدرآباد ضلعي جي ڏکڻ- اپرندي حصي مان وهندي هئي ۽ انهيءَ شاخ ٽن صدين (نائين کان ٻارهين صدي هجري جي وچين حصي تائين/سورهين کان ارڙهين صدي عيسويءَ جي وچ تائين) سڄي چاچڪان پر ڳڻي جي[3] (ٽنڊو محمد خان تعلقي جي ڏکڻ اپرندي ۽ موجوده بدين ضلعي جي سڄي علائقي کي) مغل شهنشاهن جي زماني

ڪانئن اڳ ۽ مغلن جي راڄ دوران آبپاشي ڪئي هئي.

4. چوٿين طبقي ۾ ٻه لفظ "راڻ" (Rann) ۽ "ران" (Raann) اچي وڃن ٿا، جيڪي پاڻيءَ جي وڏي ۾ وڏي وهڪري جو مفهوم ادا ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح اسان وٽ لفظ "باران" آهي، جيڪا وڏي ڪان وڏي جابلو نئن آهي ۽ بلوچستان جي مٿانهين علائقي مان برسات جي پاڻي جو تمام گهڻو مقدار موجوده دادو ضلعي جي تعلقي ڪوٽڙي وچان ڪٽي اچي ٿي. ان ڪان پوءِ اسان وٽ لفظ "مهراڻ" آهي، جيڪو قديم زماني ڪان وٺي اسان وٽ سنڌونديءَ جي نالي طور موجود آهي ۽ اهو درياءَ گهڻي ڪان گهڻو پاڻي ڪٽي اچي ٿو. انهيءَ نالي کي، جيڪو اوائل ۾ مها-راڻ (Maha-raan) هو تنهن کي چوٿين ڪان ڇهين صدي عيسويءَ تائين، سنڌ صوبي تي ايران جي ساساني خاندان جي سياسي برتري جي دوران، فارسي جي صورت ڏيئي مِهر- راڻ (Mih-raan) جي صورت ڏني ويئي.

چنانچہ انهن سيني لفظن جي معنائن جي پيٽا ڪرڻ بعد، لفظ "رني" جي معنيٰ پاڻيءَ جي وهڪري جو مطلب ظاهر ڪري ٿي.

هيءَ حقيقت بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي هن ڳالهہ کي ثابت ڪري ٿي تہ "رني" لفظ ڪو غير ملڪي يا بيروني لفظ نہ، بلڪ خالص سنڌي لفظ آهي. اهڙيءَ طرح "رني ڪوٽ" جي معنيٰ لفظي طور ٿيندي، "جابلو نئن وارو قلعو" يا "جابلو نئن جو قلعو". اهوئي نالو هن قلعي تي انهيءَ زماني ڪان وٺي عوامي نالي جي حيثيت سان پيل آهي، جڏهن ڪان وٺي اهو قلعو جابلو نئن تي تعمير ڪيو ويو هو حالانڪ انهيءَ قلعي کي ڏنل نالو "علي آباد" هو. اها ڳالهہ اسان کي ان جي تاريخ ڏانهن پهچائي ٿي، جنهن جو بيان هاڻي ٿيندو.

## تاريخ

سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي خاندان جي حڪومت جو تختو ٽالپرن هالاڻيءَ واري جنگ ۾ سال 1196هہ مطابق 1782ع ۾ اونڌو ڪيو. نون حڪمرانن جنهن پهرئين اهم ڪم ڏانهن پنهنجو توجهہ مبذول ڪيو سو سنڌ کي ڌارين جي حملن ڪان محفوظ ڪرڻ هو جنهن ٽالپرن ڪان اڳ آيل حڪمران گهراڻن کي ڪمزور ڪيو هو. انهيءَ لاءِ ٻہ اهم قدم کنيا ويا: هڪ سنڌ جي

سرحدن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ جنگي نقطہ نگاہ کان اهم جاين تي قلعن ۽ ڪوٽن جي هڪ ڊگهي قطار تعمير ڪرائڻ ۽ ٻيو حملہ آور دشمن جي فوج سان آخري مقابلي ڪرڻ لاءِ ملڪ جي اندروني علائقي ۾ هڪ مضبوط ۽ مستحڪم قلعو اڏائڻ. تعميراتي رٿا جو پهريون مرحلو سال 1204ھ مطابق 1790ع ۾، يعني اٽڪل ڏهن سالن جي مدت اندر مڪمل ڪيو ويو جنهن جي دوران ٻہ ننڍا قلعا ساموئيءَ ڪناري تي، وِڳر (Vikkur) ۽ ڪوٽڙي وٽ (ڪڇ ڏانهن ويندڙ ساموئي رستي جي تحفظ لاءِ). فتح ڳڙھ (يا نئون ڪوٽ) ۽ اسلام ڪوٽ نالي ٻہ قلعا ۽ موجوده ٿر پارڪر ضلعي جي ڏاکڻين سرحد وٽ واقع مٺي شهر ۾ هڪ ڪوٽ، تعمير ڪرائي راس ڪيو. باقي جيسين هڪ خاص ۽ مضبوط قلعي جي اڏاوت جو معاملو هو تالپرن ميان نور محمد ڪلهوڙي جي انهيءَ غلطيءَ مان سبق سکيو هو جنهن ٻہ هنگامي وقت ۾ پنهنجي آخري پناهگاھ ۽ بچاءَ لاءِ عمر ڪوٽ واري قلعي جو انتخاب ڪيو هو. بهرحال، جڏهن نادر شاھ هن کي انهيءَ هنڌ (29 ذوالقعد 1172ھ مطابق 1640ع) تي اچي گهيريو تڏهن ڪيس (ميان نور محمد کي) هٿيارن ڦٽي ڪرڻ ۽ پيش پوڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو ڪونہ رهيو هو ڇو تہ هن جي پُٺ غير محفوظ هئي ۽ هو ڪڇ ۽ مارواڙ جي علائقن طرف پنهنجي هٽي نہ پئي سگهيو.

انهيءَ (خاص ۽) مضبوط قلعي جي رٿابندي ۽ اڏاوت جو ڪم نواب ولي محمد خان لغاري جي سپرد ڪيو ويو جيڪو هڪ قابل فوجي سپہ سالار هئڻ کان علاوه انجنيري جي فن جو پڻ ماهر هو. هن قلعي (رني ڪوٽ) جي اڏاوت جو هنڌ اهوئي منتخب ڪيو جتي امير پڻ (شڪار لاءِ) ويندا هئا. ڇو تہ اتي جهنگلي جانور تمام گهڻا هئا ۽ شڪار جي مقصدن لاءِ اها بهترين جاءِ هئي. انهيءَ سرزمين جي چوڌاري هڪ اوچي قدرتي پهاڙي هئي، جنهن تي قلعي جي ٻاهرين فصيل جا بنياد آسانيءَ سان رکجي پئي سگهيا. پاڻي نہ فقط مينهوڳي جي موسم ۾، پر خود رنيءَ جي پيٽ ۾ هڪ قدرتي چشمي طور موجود هو. ان کان سواءِ زير زمين پاڻيءَ جو ذخيرو موجود هو جيڪو کوهن کوٽڻ سان حاصل تي پئي سگهيو. چنانچہ غير معمولي طور خشڪ ساليءَ جي عرصي دوران پڻ پاڻي دستياب تي پئي سگهيو.

قلعن جي تعمير جو ڪم، سال 1196ھ/1780ع ۾ ٿي، جيئن تالپر

اميرن ملڪ جي حڪومت جون واڳون سنڀاليون، شروع ڪيو ويو هو. ۽ سال 1204هه/1790ع تائين، متعدد قلعن ۽ ڪوٽن جي اڏاوت جو ڪم پورو ٿي چڪو هو.

ممڪن آهي تہ ابتدائي سروي جو ڪم ۽ قلعي جي اڏاوت لاءِ انهيءَ هنڌ جو انتخاب، جتي شڪار جا جانور (هرڻ ۽ جابلو ٻڪرا) جام هئا. ۽ جتي امير پڻ ويندا رهندا هئا، انهيءَ ئي عرصي ۾ ٿي چڪو هجي. مرزا قليچ بيگ جي مطابق[4] رني ڪوٽ ٻن وڏن اميرن، مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان جي احڪام تي 1812ع ۾ تعمير ڪرايو ويو. اهو ئي سال هو جنهن ۾ وڏو امير غلام علي خان وفات ڪري ويو ۽ ڪانئس پوءِ، ٻيو وڏو پاءُ مير ڪرم علي خان سندس جاءِ تي، وڏو امير بڻيو. مرزا قليچ بيگ طرفان ڏنل سال، ٿوري گهڻي فرق سان، سال 1228هه سان ٺهڪي اچي ٿو ۽ اهو ئي سال هو جو تالپرن عمرڪوٽ جي قلعي تي حملو ڪري، ان کي فتح ڪيو ۽ ان جي تسخير نهايت آسان ڪم ثابت ٿي.[5]

رني ڪوٽ جي رٿابندي ۽ تعمير جي ڪم جو بيان مير حسن علي خان (1240_ ذوالحج 1324هه پنهنجي تاريخي سنڌي مثنوي "فتح نامي" ۾ نهايت جوش وخروش سان ڪيو آهي. هو چوي ٿو:

"مشهور و معروف رني ڪوٽ، جبلن جي وچ ۾ هڪ حيرت انگيز قلعو آهي، جيڪو منهنجن ابن ڏاڏن طرفان ڇڏيل هڪ يادگار آهي. سنگ تراشن انهيءَ جا پٿر فرهاد وانگر وڏي جانفشانيءَ سان ٽُڪيا هئا. سڄو قلعو پٿر جو ٺهيل آهي ۽ قلعي جي فصيل سان، جيڪا ڪيترن ئي ميلن ۾ پکڙيل آهي، گهڻا ئي برج ٺهيل آهن. ان جي اندر هڪ ٻيو ننڍو مضبوط قلعو ناهيو ويو هو جنهن کي شير ڳڙهہ چيو ويندو هو ۽ هڪ ٻيو ڪوٽ بہ هو جنهن کي "ميري" (شاهي رهائشگاهہ) جي نالي سڏيو ويندو هو. ان جو هڪ عجوبو اها جابلو نئن آهي، جنهن جو قلعي جي اندرين حصي ۾ پاڻي موجود آهي، پر ٻاهرين حصي ۾ پاڻي بلڪل ڪونهي. الهندي طرف جتي اها نئن قلعي اندر داخل ٿئي ٿي ۽ اوير ۾ جتي اها قلعي کان نڪري ٻاهر وڃي ٿي، اتي سوين مڻ لوهہ مان ٺهيل بہ مضبوط دروازا (نئن جي پيٽ ۾ پلين جي هيٺان) کوڙيا ويا هئا. پر پاڻيءَ جي زور انهن کي موڙي ڇڏيو. غير محفوظ دروازن سبب قلعي کي مستقل بنيادن تي آباد نہ ڪيو ويو. جيتوڻيڪ ان کي وقتي طور استعمال ڪري

سگهبو هو. هڪ رپورٽ مطابق، قلعي جي تعمير پوري ڪرڻ تي ڪل سترهن لک رپيا خرچ ٿيا هئا.[6]

رني ڪوٽ جي تعمير ۽ تڪميل جي مڪمل ثابتي مير ڪرم علي خان ٽالپر (جمادي الاول کان 6 جمادي الثاني 1234هه) جي در باري شاعر مير غلام علي "مائل" جي ٻن بيتن ۾ ملي ٿي، جنهن ۾ هن انهيءَ حيرت انگيز ڪارنامي لاءِ مير ڪرم علي خان جي تعريف ۽ توصيف ڪئي آهي. هن جي حوالن جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو:

- **پهريون قطعه** : (الف) قلعو جبل[7] جي اوچائيءَ تي (وچين ڪنڌي تي) ناهيو ويو هو جنهن جا بنياد گولائيءَ ۾ هئا ۽ ان جي پڪيڙ تمام گهٽي هئي. اها سڄي اڏاوت پٿر جي آهي ۽ پٿر[9] جي مٿان تعمير ڪيل آهي. اهو هڪ عظيم الشان قلعو[10] آهي، جنهن جو ثاني نه روم ۾ آهي ۽ نه روس[11] ۾. ان جو نالو[12] علي آباد آهي. ان جي تعمير جو ڪم سال 1230هه[13] مطابق 1815ع ۾ شروع ٿيو.[8]
- **ٻيو قطعه:** (ب) ان جو نالو علي آباد آهي.[14] اهو ايترو بلند آهي، جيترو آسمان ۽ ايڏو وسيع جيڏي ڌرتي.[15] اڏاوت ۾ اهو ڪامل آهي ۽ اوچائيءَ ۾ بلند و بالا.[16] ان جي تڪميل جو سال 1234هه 1819ع[17] آهي.

اهڙيءَ طرح قلعي جي تڪميل ۾ 5 سال لڳا. 1230_1234هه مطابق 1815 کان 1819ع.

تاج پور وارن نوابن[18] جا، جيڪي نواب ولي محمد خان لغاري جا پويان آهن، جنهن اُنهيءَ قلعي جي رٿابندي ۽ تعمير جي نگراني ڪئي هئي، تن جا خانداني دستاويزات ۽ روايات پڻ قلعي جي اڏاوت جي انهيءَ بيان جي تصديق ڪن ٿا. هاڻي فقط قلعي مان گذرندڙ جابلو نئن جي پيٽ ۾ پلين جي هيٺان لوهه جي مضبوط شيخن سان دروازا ئي ڪوڙڻ باقي هئا. ته نواب ولي محمد خان لغاريءَ کي ٽنڊار جي شاهه شجاع الملڪ جي مقابلي ڪرڻ لاءِ منتقل ڪيو ويو جيڪو سنڌ ۾ ڪاهي آيو هو ۽ شڪارپور تي قبضو ڪري ويٺو هو. ان کان پوءِ اهي دروازا اطمينان بخش نموني سان نه لڳائجي سگهيا، جنهن ڳالهه قلعي کي حملي لاءِ آسان بڻائي ڇڏيو. جيتوڻيڪ قلعي جي ٻن

صدر دروازن جي برجن تي توبون نصب ڪيون ويئون. ان جي باوجود ٽالپر خاندان جي آخري 25 سالن (1259_1234) جي دوران هن قلعي جي مضبوط پناهگاهہ جي حيثيت سان نئين سر آباد ڪاري تي نہ سگهي.

ڪن وقتن تي حقيقتون ڏند ڪٿائن کان وڌيڪ حيرت انگيز هونديون آهن. جڏهن انهيءَ عظيم قلعي جي بنياد پوڻ جي تاريخي پس منظر جو بيان پڙهجي ٿو تڏهن ماڻهو هن سوال پڇڻ لاءِ ذري گهٽ مجبور ٿي پوي ٿو تہ ڇا, سنڌ جي اميرن کي ايڏي ساري اتاهہ ڪم سرانجام ڏيڻ جي فهم ۽ فراست ۽ ان لاءِ ضروري وسيلا بہ موجود هئا يا نہ؟ انهيءَ ئي سوال کي ذهن ۾ رکي, اسان جي نيڪ دل دوست ڪرنل اي- رشيد, جيڪو ڪنهن زماني ۾ جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر ڪراچي جو ائڊمنسٽريٽر هو هڪ مضمون لکي ورتو جنهن ۾ موصوف انهيءَ قلعي کي غير ملڪي اُصليت وارو قرار ڏيئي ڇڏيو.

اصل مسئلو اهو آهي تہ اسان پنهنجي ماڻهن جي ڪاميابين جو سنڌن پنهنجن حڪمرانن جي زماني ۾ انگريزن جي ڪاهہ کان اڳ واري دؤر ۾ آزادي جي فضا ۾ رهندي انهن جي ڪارنامن جو صحيح اندازو ڪري ئي نہ سگهيا آهيون. اسان کي اڃا پنهنجي تاريخ کي ان جي صحيح پس منظر ۾ پڙهڻو آهي, پنهنجي قوم جي ماڻهن جي ڪارنامن کي سڃاڻڻو آهي ۽ پنهنجي تاريخ نويسن جي بيانن کي خاطر خواهہ اهميت ڏيڻي آهي.

هيءَ حقيقت قابل غور آهي تہ همعصر شاعر مير غلام علي ”مائل“ جي ٻن قطعات ۾ ڏنل حوالا, قلعي جي ٺهڻ جو بيان, جيڪو مير حسن علي خان پنهنجي ڪتاب ”فتح نامہ“ ۾ ڏنو آهي, نواب ولي محمد خان لغاريءَ جي وارثن ۽ پوين جون خانداني تحريرون ۽ روايتون ۽ سنڌ جي جديد تاريخ نويس مرزا قليچ بيگ جا بيان, سڀ هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ انهيءَ قلعي جو بنياد سنڌ جي ٽالپرن اميرن جي طرفان رکيو ويو هو. انهيءَ تحريري رڪارڊ کان علاوه, واقعاتي شهادت پڻ انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪري ٿي تہ انهيءَ قلعي جو بنياد ٽالپر دؤر ۾ ئي پيو هو. هن سڌي سادي حقيقت کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ هن قلعي جي وجود جو ذڪر نہ تہ سنڌ جي اڳاڻن تاريخ نويسن مان ڪنهن بہ هڪ جي تحريرن ۾ موجود آهي ۽ نہ ئي ڪلهوڙا دؤر جي تاريخ نويسن ۽ مصنفن طرفان قلعي جي وجود جو ڪو ذڪر ملي ٿو.

آڳاٽن تاريخ نويسن مان مير محمد معصوم، يا ڪلهوڙا دؤر جي مير علي شير قانع (1203هه_1789ع) جي تجسس ڀريل دل و دماغ، جنهن ڪان ڪاٻه معمولي ڪان معمولي چيز بہ رهجي وڃڻ مشڪل هئي، تنهن بہ ذڪر نہ ڪيو آهي. مير معصوم تہ پنهنجي ڪتاب ”تاريخ سنڌ“ ۾ سبي ضلعي ۽ ان جي آسپاس وارن جبلن جي ننڍن ۽ معمولي ”عجوبن“ کي بہ تحرير ۾ آڻڻ کان نہ رهيو. هو سنڌ کان بهتر نموني ۾ واقف هو ۽ هن کان رني ڪوٽ جهڙي عظيم عجوبي جو ذڪر رهجي وڃڻ ممڪن نہ هو. مير معصوم در حقيقت موجوده دادو ضلعي جو وڏو حصو سنڌ جي ٻئي ڪنهن بہ حصي جي ڀيٽ ۾ گهٽي قدر گهمي ڏٺو هو ۽ هو ان کان گهٽيءَ قدر شناسا هو. هو شهنشاهہ اڪبر جي لشڪر سان گڏ جي ويو هو. جڏهن اهو خان خانان جي قيادت ۾ مرزا جاني بيگ ترخان کان (999_1000هه/1590_1591ع) سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ آيو هو.

شاهي لشڪر، جيئن پاڻ مير معصوم لکيو آهي، سيوهڻ، انڙپور ۽ سن ۾ ترسيو هو ۽ چانوٽي لڳائي هئي ۽ ان مينهوڳيءَ جي هڪ سڄي مند[19] سن ۾ گذاري هئي. جيڪڏهن اهو حيرت انگيز قلعو انهيءَ زماني ۾ موجود هجي ها، تہ اهو ڪنهن بہ حالت ۾ فوجي نقطہ نگاهہ کان خان خانان جي نظرن کان يا تاريخي نقطءِ نظر جي لحاظ کان مير معصوم جي ڌيان تي اچڻ کان، نہ رهجي وڃي ها.

هن هنڌ تي، محض سوال پڇڻ خاطر ئي، اهو سوال پڇي سگهجي ٿو تہ ڇا، سنڌ جي ٽالپر اميرن وٽ ايڏي اٿاهہ قلعي تعمير ڪرائڻ لاءِ وسيلا بہ هئا يا نہ؟ اهي ماڻهو جن اسان جي ماڻهن ۽ سنڌن حڪمرانن جي ڪاميابين ۽ ڪارنامن جو خصوصاً جيستائين ملڪ جي ڪنهن بہ علائقي ۾ قلعن جي تعميرات جي مسئلي جو سوال آهي، سي اها ڳالهہ فوري طور تي تسليم ڪندا تہ هي عظيم قلعو اسان جي ماڻهن ۽ سنڌن حڪمرانن جي آزادي ۽ خود مختياريءَ جي انهيءَ دؤر جي عزم ۽ پختي ارادي جو زندهہ يادگار آهي، جڏهن اهي بيروني تسلط کان آجا هئا. ٽالپرن جي دؤر ۾، تہ فقط اهو هڪ قلعو نہ پر سنڌ جي سرحدن جي تحفظ ۽ سلامتي خاطر، وڏن ۽ ننڍن قلعن جو گهڻو تعمير ڪيو ويو هو:

(الف) چار ننڍا قلعا سامونڊي ڪنارن تي اڏايا ويا. اهي هئا: ڪراچي جي قريب منهوڙا، گهارو ڪريڪ (هن وقت زير آب) تي رتو ڪوٽ، وڪر

(جاتيءَ جي پرسان) ۽ ڪوٽڙي، جيڪو انهيءَ ڪريڪ جي ڪڇ طرف وچڻ واري هنڌ تي (لکپت جي آمهون سامهون) هو.

(ب) ڏاکڻين سرحد جي تحفظ لاءِ، جيڪا موجوده ٿر پارڪر ضلعي ۾ هئي، ست قلعا ۽ ڪوٽ اڏيا ويا. اهي هئا: فتح ڳڙهہ يا نئون ڪوٽ، ڏيپلو ڪوٽ، سنگاريو ڪوٽ، علي ڳڙهہ يا چيلهار ڪوٽ، مِٺي ڪوٽ، اسلام ڳڙهہ يا اسلام ڪوٽ جو قلعو، ننگر پارڪر جو قلعو.

(ث) جوڌپور ۽ جيسلمير جي اُپرندي سرحد سان لڳ اٽڪل 10 قلعا ۽ ڪوٽ تعمير ڪرايا ويا، جيڪي اُتر ۾ ميرپور ماٿيلي کان شروع ٿي، ڏکڻ ۾ ننگر پارڪر تائين هليا ويا هئا. انهيءَ دفاعي لائين ۾ هيٺين نالن وارا ڪوٽ ۽ قلعا شامل هئا:

1ـ سوتيارو ڪوٽ (تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾) 2ـ ليارو ڪوٽ (اباوڙي تعلقي ۾ رحيم يار خان ضلعي جي حدن کي وچي لڳو هو) 3ـ تانوٽ ڪوٽ (اباوڙو تعلقو) 4ـ ڊنگو ڪوٽ (گهوٽا هارو کان 6ـ ميل پري ايرندي ۾) 5ـ دين ڳڙهہ جو قلعو (تانوٽ کان 16 ميل اتر ۾) 6ـ گبڙي جو ڪوٽ 7ـ ڪڏي ۾ (ڇاڇري کان 25 ميل اپرندي ۾) شاهہ ڳڙهہ جو پٽر جو قلعو 8ـ جهڏي جو ڪوٽ (شاهہ ڳڙهہ کان 40 ميل ڏکڻ ۾) 9ـ ستي ڏيرا جو قلعو (موجوده ڇاڇري ۽ ننگر پارڪر تعلقن جي دنگ تي.)

نہ فقط سنڌ جي ٽالپر اميرن سندن آزاديءَ واري دؤر ۾، پر بهاولپور جي اميرن پڻ ديراور کان وٺي هاڪڙا نديءَ جي ڪناري سان لڳ دفاعي حڪمت عمليءَ جي نقطہ نگاهہ کان ننڍين ۽ وڏن قلعن جو هڪ لاڳيتو سلسلو تعمير ڪرايو هو. انهن قلعن ۽ ڪوٽن جي ريگستان جي ڏورانهن هنڌن تي بيهڪ جون جايون ۽ فوجي لحاظ کان ڪيل اڏاوتون اهڙي ماٺهوءَ لاءِ ساڳيءَ طرح سان حيرت انگيز آهن، جيڪو انهن ڪارنامن جو موازنو بيٺڪي راج جي صوبائي تعميرات عامہ واري کاتي جي معيارن ۽ ڪارنامن جي معيارن سان ڪندو.

هن قلعي يا ٻئي ڪنهن بہ يادگار جي اهميت کي ان جي قدامت جي بنيادن تي حق بجانب نهرائڻ يا ان جي وجود لاءِ ڏند ڪٿائي ماضيءَ جي ڪا خيالي تصوير پيش ڪرڻ لاءِ ڪو سبب ڪونهي. يادگار عمارتون فقط سندن قدامت سبب ئي عظيم نہ هونديون آهن، انهن جي اهميت، آثار قديم

جي قدامت کان علاوه، انهيءَ قوم ۽ ملڪ جي چاتل ۽ معلوم تاريخ جي دائره اندر وڏيڪ بامعنيٰ ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ هي قلعو تاريخ ۾ نسبتاً وڏيڪ گهٽ ڄمار جو آهي، ان جي باوجود اهو پنهنجي ڊزائين ۽ اڏاوتي ڪم جي سرانجامي جي لحاظ کان عظيم آهي. اهو اسان جي پوري توجهه جي لائق آهي، ڇاڪاڻ ته اهو اسان جي تاريخ ۾ عام طور ۽ قلعه سازيءَ جي فوجي تاريخ ۾ خاص طور، هڪ حيرت انگيز سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

آخر ۾ هيءَ ڳالهه قابل ذڪر آهي ته غلام علي "مائل" جي ٻن قطعات ۾ فراهم ڪيل همعصر شهادت هن ڳاهه جي متعلق قطعي آهي ته انهيءَ قلعي جي اڏاوت سال 1230هه مطابق 1815ع ۾ شروع ٿي ۽ سال 1234هه مطابق 1819ع ۾ پوري ٿي. سنڌ جي تاريخ نويسن جا اهڙائي قابل- اِعتماد بيان، يعني مير حسن علي خان جو فتح نامي ۾ ۽ مرزا قليچ بيگ جو قديم سنڌ ۾ ۽ نواب ولي محمد خان جا خانداني دستاويز ۽ روايات اتفاق راءِ سان هن ڳالهه جي تصديق ڪن ٿا ته انهيءَ قلعي جو بنياد ٽالپر دؤر ۾ وڌو ويو. واقعاتي شهادتون پڻ انهيءَ نقطه نگاهه جي مڪمل طور حمايت ڪن ٿيون. سڀ کان اول، انهيءَ قلعي جا سمورا تاريخي حوالا يا ته انهي ئي دؤر جا آهن، يا قلعي جي اڏاوت کان بعد جا آهن. سنڌ جي قديم دؤر جي تاريخ ۾ سڌو يا اڻ سڌو ڪو هڪ به اهڙو ذڪر ڪونهي جيڪو قلعي جي بنياد پوڻ ۽ تعميراتي سالن 1819-1815ع کان اڳ وارن سالن جو هجي. ظاهر آهي ته اهڙو ڪو ذڪر يا حوالو ٿي به نٿو سگهي، ڇاڪاڻ ته انهن سالن کان اڳ قلعي جو وجود ئي ڪو نه هو. ٻيو ته ٽالپر اميرن طرفان سنڌ جي بچاءَ کي مضبوط ڪرڻ جي جنهن حڪمت عملي تي زور شور سان عمل ڪيو ويو ۽ قلعي جي تعمير بابت رکيل سندن رڪارڊ پڻ هن باري ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش باقي نٿو ڇڏي ته سندن حڪومت کي انهيءَ پاليسيءَ تي ڪاميابيءَ سان عمل درآمد ڪرڻ جو جذبو ۽ صلاحيت مڪمل طور حاصل هئي، جيڪا سنڌ جي سرحدن سان لڳ، ويهن کان وڏيڪ ننڍن ۽ وڏن قلعن جي تعمير سان شروع ٿي، ملڪ جي اندروني علائقي ۾ واقع هن عظيم قلعي جي تعمير سان پايهءِ تڪميل تي پهتي، جنهن کي ڪنهن ڌارئي حملا آور دشمن جي مقابلي ۾ آخري مورچي طور استعمال ڪرڻو هو.

## فوٽ نوٽ ۽ حوالا

(1) ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، 1968ع صفحا 82_85

(2) مير عبدالحسين خان سانگي جي بيٽن جي هيٺان.

(3) تاريخ طاهري از سيد طاهر محمد نسياني (ٺٽو) 1030هه مطابق 1662ع، مرتب: ڊاڪٽر اين. اي بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، صفحو 77.

(4) قديم سنڌ (سنڌيءَ ۾) ٻيهريون ڇاپو ص 59.

(5) عمر ڪوٽ جو قلعو ۽ ان جي آسپاس وارو علائقو ڪلهوڙا خاندان جي آخري حاڪم ميان عبدالنبي جوڌپور جي راجا کي ڏيئي ڇڏيو هو جو هن لاءِ هن مير بجار خان کي قتل ڪرايو هو. نواب ولي محمد خان لغاري انهن فوجي اڳواڻن مان هڪ هو جيڪي عمرڪوٽ جي قلعي تي حملي ڪرڻ لاءِ ذميدار هئا. جنهن تہ اهو قلعو واريءَ جي دڙي مٿان اڏيل هو انڪري ان جي بنيادن هيٺان اونهيون کاهيون آسانيءَ سان کوٽجي سگهيون ۽ قلعي جي فصيل جا ڪجهہ حصا بارود جي ڌماڪن ذريعي ڊانا ويا.

(6) انهيءَ موضوع تي لکيل متعدد بندن جو متن_فتح نامي جي ڇاپي ۾، جيڪو (سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد سنڌ 1938ع، ص 92) "سنڌ جو شاهنامون يا ڪلهوڙن جي هار" جي نالي سان شايع ٿيو آهي، فقط پندرهن بند ڏنل آهن.

(7) ڪردند طرح برسرِ ڪوهي فلڪ شڪوه.

(8) گردون بنا وسيع فضا.

(9) سنگين بڪوه آمد برسنگ اين حصار.

(10) عالي حصار.

(11) بهرِ صفات محڪمينش ڪي تران نمود_ باشد به روم و روس ڪجا همچنين حصار.

(12) بگرفتہ طرفہ با علي آباد اشتهار.

(13) سال شروع اين علي آباد حصن_ بهرِ م نشانِ نام شهانِ نڪوشعار

(*) فرمود بامراد چنين صبحدم خرد_ ڪرد از ڪرم، ڪرم علي آباد اين حصار" (1230)

(14) علي آباد نام اين حصن است

(15) آسمان رفعت و زمين وسعت

(16) با ڪمال متانت و رفعت

(17) گفت سال از ستايشِ هاتف_ "علي آباد به متين حصن است"

(1234)

○ اهي بہ قطعات شاعر جي پنهنجي بياض جي مسودي واري ڪاپي ۾ ڏنل آهن، جيڪا سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري جي لئبرريءَ ۾ محفوظ آهي. اهي قطعا (ناقص مسوده جي صورت ۾) پير حسام الدين راشدي طرفان، سنڌي ادبي بورڊ جي ٽِماهي

رسالي مهراڻ نمبر 2 سال 1955ع، ص 174_175 تي پڻ شايع ڪيا ويا هئا.

(18) جيئن تہ انهيءَ قلعي جي بنياد پوڻ جو واقعو حيرت انگيز نوعيت جو هو ان ڪري اهو نواب ولي محمد خان لغاري جي خانداني روايتن ۾ محفوظ رهندو آيو. سال 1950ع ۽ 1960ع جي ڏهاڪي ڏاري منهنجي طرفان ڪيل تحقيقات دوران، انهيءَ بياض جي تصديق نواب خاندان جي انتهائي مشهور و معروف ۽ باخبر افراد، جهڙوڪ نواب مرحوم گل محمد خان، نواب شفيع محمد خان ۽ نواب عرض محمد خان طرفان ڪئي ويئي، جيڪي سڀ جا سڀ گذريل صديءَ جي پوئين اڌ حصي ۾ ڄاوا هئا ۽ اهڙيءَ طرح اهي قلعي جي بنياد پوڻ واري واقعي کي هڪ سؤ سال وڌيڪ قريب هئا.

(19) تاريخ سنڌ، فارسي متن، ايڊيٽر ڊاڪٽر يو. ايم. دائود پوٽہ، پونو 1938ع، ص 256.

❋❋

# حيدرآباد شهر *

(سنڌ جي تمام آڳاٽي، اهم تاريخي ۽ تهذيبي شهر، "حيدرآباد" بابت هيٺيون مقالو دراصل ارڙهين ڪُل سنڌ ادبي ڪانفرنس، (31 –مئي ۽ 1–جون، 1958ع _ سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد) ۾ پيش ڪيل، جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مرحبائي خطبو آهي، جنهن ۾ حيدرآباد جي تاريخي، تمدني ۽ ثقافتي پهلوئن تي عالمانه ۽ محققانه معلومات پيريل آهي. "مهراڻ" ۾ هن پُر مغز مقالي کي پيش ڪندي، يقين اٿئون ته تاريخ ۽ ادب سان تعلق رکندڙ صاحب هن مان جوڳو فيض پرائيندا _ ادارو)

حيدرآباد ۾ هن کان اڳ ڪُل–سنڌ ادبي ڪانفرنس سن 1950ع ۾ منعقد ٿي هئي، ۽ سڄن سارن اٺن سالن کان پوءِ هن ڪانفرنس جو هيءُ اجلاس وري هن مرڪزي شهر ۾ قائم ٿي رهيو آهي..... بيجا نه ٿيندو ته اڄ جنهن شهر ۾ هيءَ ڪانفرنس ٿي رهي آهي، ان جي مرڪزي حيثيت ۽ تاريخي اهميت تي مختصر طور روشني وڌي وڃي. مجموعي طور سان ڪٺي ڇئجي ته هيءَ ڪانفرنس ڇڙ مهمان آهي، جا سال بسال مختلف شهرن کي ميزبانيءَ جو شرف بخشي، سنڌي ادب جي احياء سان گڏ، سنڌ جي سخاوت واريءَ قديم رسم کي پڻ اجاريندي رهي ٿي. هن سال شهر حيدرآباد ميزبان

---

* ٹه ماهي مهراڻ - شمارو - 1 _ 1962ع

آهي: اهڙو ميزبان، جنهن جي اصلي خَلق توڙي خُلق اعليٰ آهي: جنهن جي ولادت سنڌ جي قديم تاريخ تي شاهد آهي: جنهن جو ٻاروتڻ سنڌ جي اسلامي تاريخ جي اوائلي دؤر ۾ درويشن جي دعائن ۽ چانون هيٺ گذريو: جنهن جي بخت کي درياءَ بادشاهہ پنهنجي وهڪري جي هندورن ۾ لوڏيو: جنهن جي بلوغت ۽ نئينءَ جوانيءَ جِي سرزمين سنڌ جي آزاد حڪمرانن پرورش ڪئي: جنهن جي اخلاق ۽ اطوار جي هتي جي نيڪ خصلت سردارن ۽ راڄن جي رَڄ چڱن مڙسن تربيت ڪئي: ۽ جنهن جي شعور ۽ هنر کي هتي جي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ هنرمند ڪاريگرن فروغ ڏنو. اهڙو ميزبان، جنهن جي شخصيت خود معزز مهمانن جي تاريخ، تمدن ۽ تهذيب جو نشان هجي، ان جي سوانح جا ڪي باب بيان ڪرڻ هن مجلس ۽ موقعي لاءِ مناسب ٿيندا، ۽ اميد تہ بارِ خاطر نہ بڻبا.

آڳاٽيءَ تاريخي روايت موجب، هن بستيءَ جي آباديءَ جو سلسلو "نيرون جي قلعي" جي بنياد کان شروع ٿئي ٿو. اهو قلعو ڇهين صديءَ عيسويءَ[1] ڌاري، راءِ گهراڻي جي حڪومت ۾ برهمڻ آباد جي گورنر جي هٿ هيٺ هو. ستين صدي عيسويءَ جي آخر ڌاري راجا ڏاهر جي طرفان هن قلعي جو حاڪم ٻڌ ڌرم جو هڪ "شمني" يا ڀڪشو هو پر قلعي جي فوجي اهميت سببان راجا ڏاهر جو پٽ جئسينہ پڻ وقت بوقت هتي اچي ٿي رهيو.[2] اٺين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾، محمد بن قاسم ديبل فتح ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي لشڪر سان هت پهتو ۽ ان وقت کان تصديق سان معلوم ٿئي ٿو تہ جنهن ٽَڪر تي هي قلعو ٻڌل هو ان ٽڪر جو نالو "نيرون" هو ۽ انهيءَ لحاظ سان ان قلعي کي "نيرون ٽڪر وارو قلعو" يا "قلعہ نيرون" ڪري ٿي سڏيو ويو.[3] اهو "قلعہ نيرون"، يعني "نيرون ٽَڪر وارو قلعو"، پوءِ "نيرون ڪوٽ" جي مقامي نالي سان مشهور ٿي ويو. اهو خيال تہ هيءُ قلعو 'نيرون' نالي هڪ ڪافر ٻڌايو هو ۽ انهيءَ ڪري ان کي 'نيرون ڪوٽ' چيو ويو، محض ڏندڪٿا آهي جا پوئين دؤر ۾ رائج ٿي.

محمد بن قاسم جي اچڻ وقت، هتان جو اکين ڏٺو احوال جو فتحنامي

---

1. "فتحنامو" (عرف چچنامو)، ص ص 21_22.
2. ايضاً، ص ص 140 ۽ 156.
3. ايضاً ص ص 178 ۽ 180.

عرف چچنامي ۾ ڏنل آهي، ان جو خلاصو هن طرح آهي تہ محمد بن قاسم قلعي نيرون جي ٻاهران، ”ٻروري“ جي پَٽ ۾ هڪ چراگاهہ ۾ اچي منزل ڪئي، جنهن کي ”بلهار“ تي چيائون. مهراڻ (سنڌوندي) جو پاڻي اجا هت ڪونہ پهتو هو جنهنڪري لشڪر کي پاڻيءَ جي سخت تڪليف ٿي. پر پوءِ مينهن وسي پيو ۽ شهر جي ٻاهران جيڪي بہ تلاءَ هئا، سي پاڻيءَ سان پرجي ويا. شهر جي آبادي قلعي جي اندر هئي ۽ دروازن بند هئڻ سببان شهر وارن سان ڪابہ خريد- فروخت ٿي نٿي سگهي.[1] ٻيءَ جاءِ تي ڄاڻايل آهي تہ ”قلعو نيرون ٽڪر تي آهي، ان جي وچجهو هڪ تلاءُ آهي، جنهن جو پاڻي عاشقن جي اکين کان وڌيڪ صاف، ۽ جنهن جو چراگاهہ ارم جي باغ کان وڌيڪ وڻندڙ آهي“.[2]

هنن بيانن مان ظاهر آهي تہ اهو هتان جوئي ذڪر آهي. هڪ ٽڪر ۽ ان تي قلعو، چوڌاري تلاءُ، ۽ ٻاهران ميدان، جن ۾ سرسبز چراگاهہ- چڻ حيدرآباد جي جاگرافيءَ ۾ فرق ئي ڪونہ آيو آهي. البتہ ان وقت مهراڻ درياءُ ويجهو ڪونہ ٿي وُڙهو ۽ گهٽو پري، ايرندي طرف وهندڙ هو. اندازي مان پائنجي ٿو تہ محمد بن قاسم هت فيبروري-مارچ مهينن ڌاري پهتو. جو ان وقت اجا درياءَ ۾ چاڙهہ ڪونہ آيو هو جو واهہ وهي اچن. انهيءَ ڪري تلاءَ خالي پيا هئا. البتہ بهار جي موسم وارو مينهن پيو ۽ تلاءَ تار ٿي ويا. جنهن چراگاهہ ۾ محمد بن قاسم منزل انداز ٿيو ان کي ”بلهار“ ڪري ٿي سڏيائون. ”بلهار“ ساڳيو سنڌي لفظ ”ولهار“ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وس واري سرسبز جُوءِ. ”ولهار“، جو اصل ۾ ”برهار“ آهي، سو پڻ اڄ تائين سانوڻ جي وس جو اصطلاح آهي. ياڳيا چوندا تہ ” هن سال برهارا لڳي ويا آهن“. يعني تہ گهڻا مينهن پيا آهن ۽ وسون لڳي ويون آهن. بهرحال، نيرون جي جنهن چراگاهہ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو غالباً انهن ميدانن ۾ هو جي ٽڪر جي هينان، اولهہ توڙي ڏکڻ طرف، ٽنڊي ڄهانيان کان گدوبندر، ٽنڊي مير غلام حسين، ۽ ويندي اسٽيشن جي ڏکڻ طرف تائين پکڙيل آهن. محمد بن قاسم ڏکڻ کان ديبل طرفان ايندي غالباً انهيءَ اراضيءَ ۾ اچي منزل انداز ٿيو

---

[1]. اهو اکين ڏٺو احوال ڄعونہ پٽ عَقَبہ سُلمِيَ جو آهي، جو محمد بن قاسم جي لشڪر سان گڏ هو. ڏسو ”فتحنامو“، ص ص 164_166.

[2]. ايضاً، ص 178.

هوندو. ان وقت "نيرون قلعو" خاص طرح ٻڌ ڌرم جي پوئلڳن جي بستي هئي، ۽ اتي جو حاڪم، جنهن جو نالو فتحنامي ۾[1] اسان کي "ٻهند رڪو" جي صورت ۾ لکيل ملي ٿو، سو اصل ۾ غالباً "ينڌ رکيو" يا "ٻڌ رکيو" هوندو. هن حاڪم عراق جي گورنر حجاج سان لکپڙهه ڪري دوستيءَ جا ناتا قائم ڪيا هئا. انهيءَ ڪري محمد بن قاسم ۽ سندس وچ ۾ صلح جو معاهدو ٿيو. قلعي جا دروازا کوليا ويا، ۽ محمد بن قاسم پنهنجن لائق سردارن سان گڏ معائني لاءِ آيو. اندر هڪ مسجد جي تعمير جو حڪم ڏنائين، ۽ شڪريي طور ٻه رڪعتون نماز ادا ڪيائين.[2] اهو فيبروري- مارچ، سن 712ع هو. ان بعد "نيرون ڪوٽ" جو اسلامي تاريخ وارو دؤر شروع ٿئي ٿو.

انين صديءَ کان وٺي ويندي ارڙهين صدي عيسويءَ تائين، نيرون ڪوٽ بابت عرب راوين جهڙو اکين ڏٺو احوال ڪونه ٿو ملي. نيرون جو قلعو اڳ برهمڻ آباد جي گورنر جي هٿ هيٺ هو. عربي دؤر حڪومت ۾، محمد بن قاسم جي فتح کان اٽڪل 20_22 سال کن پوءِ، برهمڻ آباد جي پرسان، محمد بن قاسم جي پٽ عَمرو هڪ نئين تختگاهه "منصوره" جو بنياد رکيو جنهن جا کنڊرات هتان کان 45 ميل کن اتر- اوڀر، دلور وٽ موجود آهن. اسلام کان اڳ سنڌ جو تختگاهه موجوده روهڙيءَ کان ٿوري فاصلي تي، ڏکڻ طرف، "اروڙ" جو شهر هو انهيءَ ڪري دور دراز قلعن کي وڏي فوجي اهميت هئي. نئون تختگاهه "منصوره" ايترو ويجهو هو جو نيرون جي قلعي جي اڳوڻي اهميت باقي نه رهي. انهيءَ هوندي به عربي دؤر حڪومت ۾ نيرون جو قلعو انهيءَ وڏيءَ شاهراهه تي واقع هو جيڪا عراق، ايران ۽ مڪران مان ديبل بندر تي پهچندي هئي، ۽ ديبل کان وري نيرون ڪوٽ، منصوره ۽ اروڙ کان ٿيندي، ملتان ويندي هئي. ڏهين صدي هجريءَ ۾ عرب سياحن اصطخري، ابن حوقل ۽ مقدسي، جن سنڌو ماٿريءَ کي پنهنجي سياحت ۽ جغرافيائي تحقيق جو مقصد بنايو، تن جي بيانن ۾ ايترو ذڪر ملي ٿو ته نيرون جو قلعو ديبل کان منصوره واري شاهي رستي جي وچ ڌاري واقع آهي، پر البت منصوره کي ويجهو آهي.

انهيءَ شاهراهه تي واقع هئڻ سببان، وقت بوقت هتي مسلم سياح، محقق

---

1. ڏسو ص ص 167 ۽ 187.
2. "فتحنامو"، ص 188.

۽ عالم پئي آيا هوندا. پر تقريباً ٻارهين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ ڌاري هڪ درويش مڪي شريف مان آيو جنهن هن بستيءَ کي هميشه لاءِ اچي پنهنجو آرامگاهه بڻايو. اهو درويش هو شيخ سيد محمد مڪي، جنهن جي درگاهه "شاهه مڪائي" يا "جئي شاهه" جي نالي سان مشهور معروف آهي.



(روضو سيد محمد مڪي رحه۔ درگاهه شاهه مڪائي، ڪچو قلعو)

سيد محمد مڪي بن محمد شجاع بن ابراهيم بن ابي القاسم بن ابي المڪارم محمد بن جعفرالاصغر بن سيد ابي المعالي حمزه الملڪ الامير المشهور بن هارون بن عقيل بن ابي عقيل بن ابي الغنائم ناصر بن اسماعيل بن جعفرالصادق، ڇنڇر رات، 22۔ محرم 510 هجريءَ ۾ مڪي شريف ۾ ڄائو. نبي صلعم جي بشارت موجب، سندس ڄائي ڄم جو نالو حمزه رکيو ويو پر محمد توڙي محمود پڻ ڪيس سڏيندا هئا. بالآخر هو 'محمد مڪي' جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ سنڌ طرف هجرت ڪيائين. قرين قياس آهي ته چاليهن ورهين جي ڄمار ۾ هجرت ڪئي هجيس: ۽ انهيءَ لحاظ سان 560 هجري يا ان بعد سنڌ ۾ سندس اچڻ ٿيو هوندو. هت پهچڻ بعد سنڌ ۽ پنجاب جو سير ڪيائين. جو هڪ روايت ۾ ڄاڻايل آهي ته سندس ٽڪيا لاهور ۾ لڏياني طرف به گهڻا ئي آهن. آخرڪار نيرون ڪوٽ واريءَ بستيءَ

ڪي، جنهن مان سندس گذر ٿيو هو پنهنجو ماڳ مڪان بنايائين، جتي وڏيءَ عمر ۾ 8- ذوالحج سن 658 هجريءَ ۾ وفات ڪيائين. سندس هڪ فرزند مخدوم صدرالدين خطيب جي نالي سان مشهور ٿيو. مخدوم صدرالدين کي چار پٽ- مخدوم بدرالدين، مخدوم علاؤالدين، مخدوم تاج الدين ۽ مخدوم علي- ٿيا، جن جو اولاد روهڙي، اُچ، ملتان، لاهور، لڏياني، دهليءَ ۽ احمد آباد (گجرات) تائين پکڙيو ۽ مشهور ٿيو. تاج الدين محمود مڪيءَ بکر ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ اتي پنهنجي درويشيءَ ڪري مشهور ٿيو. حيدرآباد ۽ ڪوٽڙيءَ جي ماڻهن جي روايت موجب، پلا سائين جئي شاهه جي پوٽي (يعني تاج الدين محمود مڪي بن مخدوم صدرالدين خطيب بن سيد محمد مڪي رحہ) جي زيارت لاءِ هتان بکر ويندا آهن. سيد محمد مڪيءَ جي ٻئي پوٽي مخدوم علاؤالدين جي پٽ مخدوم فخرالدين جو اولاد پشت بپشت درگاهه جو مجاور ٿي رهيو ۽ انهيءَ پيڙهيءَ مان هن وقت خليفو دين محمد درگاهه جو وارث آهي.[1]

مطلب تہ ٻارهين صديءَ بعد سيد محمد مڪيءَ جي درگاهه نيرون ڪوٽ جو نمايان نشان رهي. قلعي واري اراضيءَ ۾ ۽ ان جي آسپاس اوائلي عربي دؤر جا بزرگ بہ دفن ٿيل هئا. تي سڀهي ٿو تہ قلعي جي سامهون 'اصحابيءَ جي قبر' انهن آڳاٽن بزرگن مان ڪنهن جي هجي. نسبتاً پوئين دؤر ۾ بخاري ساداتن مان بہ ڪي بزرگ اچي نيرون ڪوٽ ۾ رهيا. غالباً انهن ۾ سڀ کان آڳاٽو شاهه بخاري، قلعي واريءَ اراضيءَ ۾ ڏکڻ- اوڀر طرف مدفون هو ۽ سندس قبر قلعي واريءَ نئين ڪالونيءَ ٺهڻ وقت بہ موجود هئي. ٻيو شاهه بخاري، ڪليڪٽريءَ کان ايرندي طرف دفن ٿيل آهي، جو پڻ شايد آڳاٽو آهي. حضرت سيد عبدالقادر جيلاني رح جي اولاد مان سيد عبدالوهاب جيلاني، جنهن جي مزار قدمن جي پرسان آهي، اهو پڻ هتي جي آڳاٽن بزرگن مان آهي. مخدوم احمد نالي هڪ درويش هت سن 936هه (1529ع) ۾ هتي نيرون ڪوٽ ۾ وفات ڪئي[2]، پر جيئن تہ هو ٻاهر جو هو انهيءَ ڪري غالباً هتي دفن ڪونہ ٿيو. اهو سورهين صدي عيسويءَ جي اوائل جو واقعو آهي. اهڙيءَ طرح، ٻارهين صديءَ جي آخر کان وٺي سورهين

---

1. سيد محمد مڪيءَ جي حالات جو مدار ڪتاب "بحرالانساب" (قلمي) تي آهي.
2. "تحفة الڪرام"، ص 378.

صديءَ جي اوائل تائين بزرگن جا حوالا ملن ٿا۔ ۽ ڪٽي چئجي تہ انهيءَ عرصي ۾ انهن درويشن جي دعائن سان نيرون ڪوٽ جي بستي آباد رهي.

نيرون ڪوٽ بابت تاريخي اشارا وري سورهين ۽ سترهين صدي عيسويءَ ۾ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دؤر ۾ ملن ٿا: مثلاً مرزا محمد باقيءَ نيرون ڪوٽ وارو علائقو مرزا محمد ترخان ۽ قاسم علي سلطان ساربان جي حوالي ڪيو؛[1] مرزا غازي بيگ جي عهد ۾ ٺٽي جي نواب خسرو خان جو ڏوهٽو نيرون ڪوٽ جو حاڪم هو؛[2] خواجہ عبيدالله احرار جي اولاد مان خواجہ ڪمال الدين، جو ارغونن سان گڏ آيو ۽ اچي ٺٽي ۾ رهيو. ان جو پوٽو خواجہ مير ابو تراب بن خواجہ مير شهاب الدين نيرون ڪوٽ ۾ پنهنجيءَ جاگيرتي گذاريندو هو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين ۽ اتي ئي دفن ٿيو.[3] ظاهر آهي تہ ارغونن ۽ ترخانن جي دؤر ۾ 'نيرون ڪوٽ' بہ ضلعي مثل هڪ علائقو هو، جو تختگاهہ ٺٽي جي تابع هو. مرزا غازي بيگ اڪبر بادشاهہ جي ڏينهن ۾ نواب هو ۽ ان وقت 'نيرون ڪوٽ' جي انتظامي صورت اها ئي هئي. جهانگير جي ڏينهن ۾ شهزادي خورم پڄي اچي سنڌ ۾ پناهہ ورتي هئي، انهيءَ ڪري جڏهن هو "شاهہ جهان" جي خطاب سان بادشاهہ ٿيو، تڏهين سنڌ کي ڪين وساريائين. ٺٽي ۾ جامع مسجد ڪان سواءِ، سيوهڻ ۾ قلندر شهباز توڙي ڇتي امراٽيءَ جي مزارن لڳ شاهجهان جي نوابن مسجدون ٺهرايون. ساڳيءَ طرح، شاهجهان جي عهد ۾ ٺٽي جي نوابن درگاهہ سيد محمد مڪيءَ ڏانهن بہ توجهہ ڪيو ۽ فرمان جاري ڪري، مخدومن جا پاڻ ۾ اختلافات حل ڪيائون. شاهجهاني عهد ۾ انهيءَ قسم جو پهريون فرمان سن 1038ع ۾ صادر ٿيو. ٻيو فرمان، نواب ابوالبقا امير خان طرخان، 14۔شعبان 1052هہ ۾ جاري ٿيو ۽ ٽيون، نواب محمد رضا طرخان، 1061هہ ۾ جاري ٿيو. ساڳيءَ طرح، عالمگير جي عهد ۾ پهريون فرمان نواب عزت خان طرخان سن 1076هہ ۾ جاري ٿيو ۽ ٻيو نواب غضنفر علي خان طرخان سن 1077هہ ۾ صادر ٿيو. پنج سال پوءِ، سن 1082هہ ۾ غالباً نواب عزت خان جي ڪوشش سان بزرگ جو روضو جڙي راس ٿيو: جيئن

[1] ايضاً، ص 182.
[2] ايضاً، ص214.
[3] ايضاً، ص 523.

هيٺئين ڪتبي مان ظاهر آهي، جو هن وقت روضي جي آڏو الهندي طرف، ڪچي قلعي جي ديوار ۾ لڳل آهي:

ز عزّت بنا يافت خوش منظري، ڪہ از فيضِ حق ميزند موج، نور،
بهشت آستان بوس خُدّامِ اوِ ز خاڪِ درش سرمہ چشمِ حور،
بجستم ز دل سالِ تعميرِ او بگفتا خرد، زيبِ بزمِ حضور.
(1082هہ)



(سيد محمد مڪيءَ جي درگاهہ جي سال تعمير جو ڪتبو- جو هن وقت روضي جي الهندي طرف، ڪچي قلعي جي ديوار ۾ لڳل آهي.)

انهن فرمانن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سترهين صدي عيسويءَ ۾، مغليہ سلطنت واري دؤر ۾، نيرون ڪوٽ جي آبادي قائم هئي، پر بطور هڪ علائقي جي ان جي اڳين حيثيت ختم ٿي چڪي هئي، ڇاڪاڻ تہ انهن فرمانن ۾ "نيرون ڪوٽ" جي بدران "چاڪر هالا پرڳڻو" ڄاڻايل آهي.

ارڙهين صديءَ ۾ جڏهن مغليہ سلطنت جو تسلط ختم ٿيو ۽ سنڌ ۾ ڪلهوڙن پنهنجي آزاد حڪومت قائم ڪئي تہ نيرون ڪوٽ جو ستل بخت بہ بيدار ٿيو. ڪلهوڙن کي تختگاهہ جي تلاش هئي، تہ سنڌو نديءَ کي وري پنهنجي نئين وهڪري لاءِ لوچ پوچ هئي. جڏهن سنڌو ندي اڃي نيرون ٽڪر کي نوازيو ۽ الهندي طرف کان گدو بندر وٽان گس ڪيو، تڏهن غلام شاهہ بہ اڃي قديم نيرون ڪوٽ واريءَ جاءِ تي نئون قلعو جوڙايو. اهو

دلچسپ داستان هن طرح آهي:

ڪلهوڙا فقيريءَ مان اميريءَ کي رسيا. موروثي طور سنڌن سڪونت ڪنهن اهڙي شهر ۾ ڪانہ هئي جو ان کي پنهنجي گادي بنائين ها. ميان يار محمد سان بخت ياوري ڪئي جو هن موجوده دادو ضلعي جي هيٺئين ڀاڱي ۾ پنهورن جي ملڪ تي قبضو ڪيو ۽ پنهورن جي ٿي مرڪزي شهر شڪارپور کي ”خدا آباد“ جو نالو ڏيئي، ان کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بنايو.[1] انهيءَ خدا آباد جا ڪنڊرات دادوءَ جي اوريان، خدا آباد جي اسٽيشن جي سامهون، الهندي طرف موجود آهن. ميان نور محمد هڪ مستقل تختگاهہ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ موجوده موري جي شهر کان 7-8 ميل اوپر طرف ”محمدآباد“ نالي شهر ٻڌائين؛ ان ۾ حياتيءَ جا پويان ٻہ سال ڪن مس گذاريائين جو احمد شاهہ ابداليءَ جي حملي جي خبر ٻڌي، پاڻ جيسلمير طرف نڪري ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. سندس لاش آڻي ”محمد آباد“ ۾ دفن ڪيائون، جو بعد ۾ صرف بزرگن جو قبرستان بڻجي ويو. ميان نور محمد جي وفات وقت ڪلهوڙن جي طاقت، هيٺ لاڙ طرف بہ مضبوط ٿي رهي هئي. ميان نور محمد جو پٽ، محمد مرادياب، عمر ڪوٽ ۾ هو جو گدومل، احمد شاهہ ابداليءَ وٽان گاديءَ جي سند آڻي ڪيس پيش ڪئي. پوءِ محمد مرادياب، عمر ڪوٽ کان ايندي، نصرپور شهر جي سامهون هڪ اراضيءَ کي پنهنجي نئينءَ گاديءَ لاءِ منتخب ڪيو ڇاڪاڻ تہ ان وقت درياءُ بہ نصرپور وٽان ٿي وهندو هو ۽ اهو ئي ملڪ سر سبز ۽ آباد هو. اتي هڪ وڏو شهر تيار ٿي ويو ۽ ان جو نالو ”مراد آباد“ رکيو ويو.[2] غالباً اهو شهر سن 1753ع جي آخر يا 1754ع جي شروع ڌاري تيار ٿيو. هي شهر درياءَ جي سَنئي سان ٻڌرايو ويو هو پر ساڳئي وقت درياءَ رخ بدلائي پنهنجي نئين راهہ قائم ڪرڻ لاءِ بيتاب هو ۽ انهيءَ ڪري نوان ڦاٽ ڦاڙي بوڏون پئي ڪيائين، ۽ سيپٽمبر 1757ع ۾ مراد آباد کي پڻ ٻوڙي ڇڏيائين. ميان محمد مرادياب ٻيو هڪ شهر سڪرنڊ پرڳڻي جي ايرندي ڀاڱي ۾ ٻڌايو ۽ ان جو نالو ”احمدآباد“ رکيائين.[3] اها بستي اڃان تائين احمد آباد جي نالي سان شاهپور چاڪر جي

---

1. ”تحفة الڪرام“، ص 262.
2. تحفتہ الڪرام، ص 274.
3. هيگ: ”سنڌو نديءَ جي دوآبي وارو ملڪ“، ص 120.

نزديڪ موجود آهي.

مِيان محمد مرادياب جي قيد ٿيڻ ۽ ميان غلام شاهہ جي طاقت ۾ اچڻ کان پوءِ مهينو مس گذريو هو جو مراد آباد 10۔ محرم 1171هہ ۾ ٻڏي ويو. انهيءَ ڪري ميان غلام شاهہ وري مٿي موري طرف، پنهنجي والد جي ٻڌايل "محمد آباد" جي پرسان، ساڳئي مهيني محرم 1171هہ ۾ "الله آباد" جو نئون شهر ٻڌائي اتي رهيو.[1] ربيع ثاني 1127هہ=ڊسمبر 1758ع ۾ غلام شاهہ پنهنجي عيال سان هيٺ ڪاري ڏانهن روانو ٿيو ۽ اورنگا بندر ٽپي، "ڪجي" جي بستيءَ تي "شاهہ ڳڙهہ" نالو رکيائين، ۽ پوءِ ان جي سامهون بندر ٻڌرائي، ان تي "شاهہ بندر" نالو رکيائين ۽ اتي پنهنجو اهل عيال رهايائين.[2] ان بعد وري نصرپور کان 4 ميل اولهہ طرف نئون شهر ٻڌايائين، جنهن جو نالو "شاهپور" رکيائين، ۽ 25۔ محرم 1173هہ = 20۔ سپٽمبر 1759ع تي اچي هن نئين وسايل شهر، شاهپور ۾ منزل انداز ٿيو. پر جيئن تہ انهيءَ پسگردائيءَ ۾ درياءَ پئي پنهنجو رخ بدلايو انهيءَ ڪري ٿوري وقت ۾ شاهپور جي چوڌاري واري لڳي ويئي. غالباً ان بعد هڪ دفعو وري مٿي وڃي ميان غلام شاهہ ڪنهن ٻيءَ اراضيءَ جي تلاش ڪئي ۽ الهندي پاسي جبلن جي ڪنار سان "خانوٽ" جو شهر ٻڌايو پر آبڪلاٽيءَ ۾ درياءَ جي ٻوڏ جو خطرو محسوس ڪري ان جو آسرو لاٿائين.[3] پئي طرف شاهپور کي درياءَ جي رخ بدلائڻ سببان اچي واءُ ۽ مٽي ڪنيو انهيءَ ڪري وري انهيءَ طرف ٻي نئين "شاهپور" ٻڌائي ويئي. 1178هہ=1764ع ۾ ميان غلام شاهہ پراڻي شاهپور مان لڏي اچي نئين شاهپور وسائي ۽ چار سال ڪن ٻيا اتي گذاريائين، پر جيئن تہ درياءَ هميشہ لاءِ اتان رخ بدلائي ڇڏيو هو انهيءَ ڪري ميان غلام شاهہ کان پڻ نئين تختگاهہ جي تلاش ڪرڻي پيئي.

اهو 59۔1758ع وارو وقت هو جو سالن جي بيتابيءَ بعد درياءَ، هالن ۽

---

1. "تحفة الڪرام"، ص 275.
2. تحفة الڪرام، ص 277.
3. هيگ: "سنڌونديءَ جي دوآبي وارو ملڪ"، ص 120. البتہ هيگ خانوٽ جو ٻڌجڻ اول، 60۔1759ع ۾ ۽ شاهپور جو ٻڌجڻ پوءِ، سن 63۔1762ع ۾ ڄاڻايو آهي، جو قرين قياس ناهي. غالباً شاهپور مان سنڌس مراد نئين شاهپور آهي، جا پوءِ ۾ پيو پيرو ٻڌائي ويئي.

نصرپور کان ويندي هيٺ تائين، اٽڪل هڪ سؤ ميل، پنهنجو اصلو ڪو پيٽ ڇڏي، هالن کان سڌو ڏکڻ طرف رخ رکي، نيرون ڪوٽ جي الهندي کان وهڻ لڳو. جتان اڄ ڏينهن تائين وهندو رهي ٿو. انهيءَ تبديليءَ سببان ڏکڻ طرف درياءَ جو 70 ميل ڊگهو ”ريڻ“ ڦاٽ سڪي ويو ۽ نئون ”ڦليلي“ ڦاٽ، نيرون ڪوٽ کان 17 ميل ڪن اُتران نڪري، انهيءَ بستي جي اوپر کان وهڻ لڳو. نصرپور واري ڇڏيل پيٽ ۾ غالباً آبڪلاٽيءَ وقت اٿل جو پاڻي ايندو رهيو پر جيئن عرصو گذرندو ويو، تيئن اهو پيٽ ڦِٽندو ويو. انهيءَ ڪري، نصرپور وٽان درياءَ جي رخ بدلائڻ کان چار سال ڪن پوءِ، جڏهن ميان غلام شاهه ’شاهپور‘ کي ڇڏي پنهنجي گاديءَ لاءِ نئينءَ جڳهه جي تلاش ڪئي ته قديم ”نيرون ڪوٽ“ واري بستي ڪيس هر نقطه نظر کان موزون نظر آئي. الهندي طرفان درياءَ جو نئون پيٽ، ته ايرندي طرفان ڦليليءَ جو ڦاٽ هوس. ٽڪر واري اراضي مٿي هئي، انهيءَ ڪري ٻوڏ جو خطرو بلڪل ئي ڪونه ٿي نظر آيو. انهيءَ ڪري، مهيني ذي القعده 1182هه جنوري 1789ع ۾، قديم نيرون ڪوٽ واريءَ اراضيءَ تي نئين قلعي ٻڌائڻ جي تجويز طي ٿي ۽ يڪدم ڪم شروع ٿي ويو.

همعصر مؤرخ مير علي شير قانع ٺٽويءَ نيرون ڪوٽ تي نئين قلعي ۽ شهر ٻڌجڻ بابت پنهنجي ڪتاب ”تحفة الڪرام“ ۾ هيٺيان حوالا ڏنا آهن: ”مهيني ذوالقعد سن 1182هه ۾ نيرون ڪوٽ جي سرزمين تي، جو هڪ مضبوط جبل آهي، تختگاهه بنائڻ جي تجويز ٿي چڪي هئي“ (ص 281). ”نيرون ڪوٽ، جو هن ملڪ جو هڪ جهونو ۽ مشهور قلعو آهي، سو گهڻي وقت کان ڊهي ويو هو ۽ سندس شهرت وڃي هڪ ڳوٺڙي جيتري بيٺي هئي. سن 1182هه ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي هن جاءِ کي پنهنجي خاص رهڻ لاءِ پسند فرمائي، مضبوط قلعي ۽ شاندار شهر جو بنياد رکيو. (قلعي ٺهڻ وقت) ڪن لاشن جي نڪرڻ وقت ماڻهن کي ڪي عجائبات نظر آيا. هتي سُتلن ڪيترن بزرگن، جن کي فوت ٿئي سوين سال گذري ويا هئا، تن جا لاشا بلڪل صحيح سلامت نڪتا. انهن مان هڪ زال ۽ مرد پراڻين قبرن مان اهڙا ته تازا نڪتا جو ڄڻ ته زنده آهن. چون ٿا ته اهي هڪٻئي جا عاشق-معشوق هئا. نئين قلعي ۽ شهر جو نالو ’حيدرآباد‘ مقرر ٿيو. قلعي جي مضبوطيءَ جو

ڪهڙو بيان ڪجي! واقعي هن ڪان اڳ سنڌ ۾ اهڙو قلعو ڪو ورلي نظر ايندو" (ص 444). "قلعو سن 1182هه ۾ جڙي راس ٿيو. ان جي آڏو سامهون ٽڪر جي مٿان شهر اڏائي، رعيت کي قلعي جي حفاظت ۾ رهايائون. ذوالحج مهيني ۾ ديري (غازي خان) کان موٽڻ تي، (ميان غلام شاهه جن) اچي انهيءَ قلعي ۾ رهيا" (ص 281).

مير علي شير جي هن معتبر بيان موجب، ذوالقعد 1182هه ۾ قلعي تيار ڪرڻ جي تجويز عمل ۾ آئي ۽ 1182هه ۾ ئي قلعو جڙي راس ٿيو جو ذوالحج ۾ ميان غلام شاهه اچي هت رهيو. انهيءَ مان ظاهر آهي ته وڏيءَ همت ۽ محنت سان ڪم ٿيو هوندو جو ٻن مهينن ۾ هيءُ عاليشان قلعو جڙي راس ٿيو.

اها تاريخي حقيقت اُن وقت جي حڪومت جي حسن انتظام ۽ آفيسرن جي همت تي شاهد آهي. غور ڪيو وڃي ته باوجود وسائل، پئسي، وڏي سرڪاري عملي ۽ ڏار ڏار ڪاتن جي، جيڪر هن وقت حڪومت طرفان اهڙي قلعي جي تعمير جي تجويز منظور ٿئي ها، ته ڇا ايندڙ مهيني تائين اهڙو قلعو تيار ٿي سگهي ها؟ ۽ جي تيار ٿي سگهي ها ته گهڻو وقت جٽاءِ ڪري ها؟ پر ان وقت، حاڪم کان وٺي مزور تائين، سيني سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪيو ۽ خود قلعي ۽ شهر جي بنجڻ وارو سال، 1182، هن قرآني آيت مان نڪتو ته "يا رَب اجعل هذا البلد آمنا"- يعني ته 'اي ڌڻي، هن شهر کي امن وارو ڪر!' اهوئي مادهٔ تاريخ سنگمرمر جي تعويذ تي ڪند ڪرايو ويو جو بطور "سنگ بنياد" جي قلعي جي دروازي مٿان هڻايو ويو. هيٺان انهيءَ تعويذ تي قلعي جي بناء بابت هي الفاظ ذنل آهن: "بامر عالي مظهرِ ولايت ميان غلام شاهه خان عباسي بن ميان نور محمد بن ميان يار محمد بن ميان نصير محمد عباسي بنا يافت."



(قلعي ۽ شهر جو نظارو- ٽالپوري عهد جي تصوير)



(حيدرآباد جي قلعي جو نظارو الهندي طرفان-مئي، 1958ع)



(قلعي جو دروازو ۽ ان جي سامهون برج ـ ٽالپوري عهد جي تصوير)



(ميرن جي ڪچهري ۽ (دربار) واري عمارت ـ قلعي اندر شاهي دروازي جي سامهون مئي، 1958ع)

نوبت آمد بمن سخن سنجي     من ڪہ بودم ز جملہ هيچمدان
غوطہ خوردم بہ بحرفڪرو خيال     متحيّر چو مردمِ حيران
ناگهان گفت هاتفي ڪہ بگو     چون ڪہ هستي تو سرفراز جهان
از "عطا هاي واهبِ ديّان     حيدرآباد گشت آبادان "[1]



(شاهہ مڪائيءَ وارو ڪچو قلعو ۽ سامهون درگاهہ ڏانهن ويندڙ چاڙهيءَ جو هيٺيون دروازو)

اهو پڻ ظاهر آهي تہ نئون قلعو واقعي قديم نيرون ڪوٽ واريءَ اراضيءَ تي ٻڌو ويو جو بنيادن کوٽڻ وقت هتان اڳوڻي وقت جا لاشا نڪتا. سامهون جيڪو شهر ٻڌايو ويو ان بابت موجوده روايتن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ شهر جي اها اراضي اتر طرفان قلعي لڳ ۽ موجوده شاهي بازار کان اوير طرف 'طاهر بازار' جي لڳ ڀڳ هئي. ميان غلام شاهہ جي وقت ۾ جن ماڻهن بابت يقيني طور چئي سگهجي ٿو تہ اچي هن نئين شهر ۾ وينا. تن مان هڪڙا هئا "ناهيان"، جي سڀ فوج جا ماڻهو هئا ۽ ٻيا هئا توبن جا گولہ انداز جن کي پو "گل انداز" ڪري سڏيو ويو. چون ٿا تہ گولہ اندازن جو وڏو شهباز خان هو جو قنڌار مان آيو هو. ڪي ڪاسبي يا ڪاريگر ۽ دڪاندار ۽ واپاري بہ ضرور شهر ۾ بروقت وسليا ويا هوندا. پر انهن بابت هن وقت ڪوبہ

---

1. مختلف نسخن ۾ "واهب اديان"، "واهب ديان" ۽ "واهب منان" پڙهڻيون ڏنل آهن. صحيح سال تاريخ "1182" آهي، جنهن جو استخراج غور طلب آهي.

احوال ملي نٿو سگهي. ميان صاحب جو وڪيل، ديوان گدو مل، جيئن خدا آباد کان ٻيڙين ۾ چڙهيو تہ ٻيڙيون اچي الهندي طرفان حيدرآباد جي سامهون بيٺيون. گدومل اتي ئي سڪونت اختيار ڪئي، ۽ اهڙيءَ طرح گدو بندر ۾ گدوءَ جي ٽنڊي جو بنياد پيو. 1185هہ ۾ ميان غلام شاهہ حضرت سيد محمد مڪيءَ جي مزار جي حفاظت لاءِ ڪچو قلعو ٺهرايو جنهن کي اتر طرف گهٽي پاڳي ۾ وڌايو ويو. انهيءَ اتر ئين پاڳي جو دروازو اپرندي طرفان جدا آهي، ۽ انهيءَ طرف جا برج ڏيکارين ٿا تہ غالباً ميان صاحب هتي پنهنجا فوجي دستا رکيا. انهيءَ لاءِ تہ جيڪڏهن ڏکڻ طرفان ڪو حملو ٿئي تہ اها فوجي چؤڪي اوائلي مدافعت ڪري. ٽڪريءَ جي اترئين ڇيڙي تي، موجوده جيل کان اتر-اولهہ طرف، ميان صاحب پنهنجي مقبري جي جاءِ منتخب ڪئي ۽ ان جي حفاظت لاءِ چوڌاري ڪچو قلعو ٺهرايو. انهيءَ قلعي جي دروازي وارا برج ڏيکارين ٿا تہ اتي بہ انهيءَ اترئين پاسي جي چوڪسيءَ خاطر فوجي چؤڪي قائم ڪئي ويئي. ميان غلام شاهہ جي وقت ۾ مجموعي طور سان، حيدرآباد جي لڳ ڀڳ اها ئي پڪيڙ ۽ آبادي هئي.



(ميان غلام شاهہ جي مزار وارو ڪچو قلعو-قلعي جو ٻاهريون دروازو)

قلعي جي تڪميل کان پوءِ چوٿين سال، سن 1186 هجري ۾، ميان غلام شاهہ جهڙي باهمت ۽ نيڪ ڪردار حاڪم وفات ڪئي، ۽ وڃي دارالبقا ۾

آرامي ٿيو. ڪنهن چيو تہ "ميان خُفتہ" (يعني ميان آرامي ٿيو)۔ ۽ انهيءَ فقري مان ٿئي، ابجد جي حساب موجب، سن وفات "1186" نڪتو. ڪيس شهر جي اتر ۾ تيار ڪرايل ڪچي قلعي اندر دفن ڪيو ويو. سندس پٽ ميان سرفراز مٿس روضو ٺهرايو جو فن عمارتسازيءَ جي لحاظ سان هڪ خاص اهميت رکي ٿو. روضي جي اندر ڏاکڻيءَ ديوار ۾، محراب مثل دروازي جي مٿان، تاريخ وفات بابت ميان سرفراز جا چيل هينيان اشعار سهڻي خط ۾ لکيل آهن. جن جي آخري مصرع "جنات فيها خالدا" مان هن نيڪ خصلت حاڪم جو سال وفات، 1186، نڪري ٿو:

آه از بي مهريءِ گردونِ دون  آه از نيرنگِ چرخ نيلگون
شهسوارِ عرصهٔ نامِ وري  شهريارِ تختگاهِ سروري
آفتابِ برج عزّت را شعاع  هردو عالم بود حڪمِ او مطاع
آنڪ حڪمش از سعاداتِ فلڪ  بود جاري از سما تا بر سمڪ
خسروان را بر درِ او التجا  تاجداران بر زمينش جبّہ سا
خسروِ دوران غلامِ شاهِ دين  آنڪ بوسيده فلڪ او را زمين
از جهان بگذشت در رضوان شتافت  از درِ حق آنچہ بايست يافت
روضهٔ بر مرقدِ آن شهريار  شد بنا چون سقف گردون روزگار
نورِ او چون روضهٔ قصرِ بهشت  دلڪشا چون جنّتِ مينو سرشت
سالِ تاريخش 'سرافراز' از خيال  جستجو مي ڪرد باصد اختلال
ناگہ از تنزيل در داد اين ندا  هاتفي: جَنّات فيها خالدا

(1186)



(ميان غلام شاهہ جو سال وفات، "1186هہ" - روضي جي اندر ڏاکڻي ديوار تي، ميان سرفراز جا اشعار)

ميان غلام شاهہ جي توجهہ سان حيدرآباد جو بخت کليو پر اڃان تخت ڪونہ مليو. ميان غلام شاهہ جي وفات بعد سندس پٽ، ميان سرفراز هالن لڳ "خدآباد" کي پنهنجي گادي بنايو.[1] ان وقت کان وٺي، ويندي مير فتح علي خان جي ڏينهن تائين، تخت جي تراري جي اٿل خدا آباد ڏانهن ٿي رهي. البتہ ميان غلام شاهہ حيدرآباد ۾ دفن ٿيو انهيءَ ڪري ڪلهوڙي خاندان جو مقام ڦري حيدرآباد ٿيو. ميان غلام نبي جڏهن مير بجار خان جي مقابلي ۾ لياري (لڳ جهول، تعلقو سنجهورو) واريءَ جنگ ۾ مارجي ويو تڏهن ڪيس هت آڻي دفن ڪيو ويو. ميان غلام نبيءَ جو قبو ميان غلام شاهہ جي مزار ۽ گرلس ڪاليج جي وچ تي هڪ وسيع ايوان ۾ هڪ ڪشادي ٿلهي جي وچ تي، نهايت سهڻي سٽاءَ سان اڏيل آهي. ميان غلام شاهہ جو ڀاءُ ميان عطر خان پڻ هتي ئي دفن ٿيو. سندس قبر گورنمينٽ گرلس ڪاليج جي حدن اندر هڪ چوديواريءَ ۾ گڏ بيٺل، ٻن وڏين قبرن مان اڀرندي طرف واري آهي. ان بعد جڏهن ميان عبدالنبي، ميان سرفراز ۽ ٻين ڪلهوڙن صاحبزادن کي قلعي جي هڪ قيد خاني ۾ قتل ڪرايو تہ انهن کي ٽڪريءَ ڪان هيٺ الهندي پاسي دفن ڪيائون. اهو 'شهيدن جو قبرستان' سڏجڻ لڳو جتي پوءِ طاهر خدمتگار الهداد چنڊ ۽ ٻيا مشهور ماڻهو بہ دفن ٿيا.



(مياں غلام نبيءَ جو قبو)

سن 1198هه= 1783ع ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت ختم ٿي ۽ ٽالپورن جو دؤر شروع ٿيو. شروع وارا سال بدستور ٽالپورن جو تختگاهه به خدا آباد رهيو.

ميان غلام شاهه حيدرآباد جي بخت کي بيدار ڪري ويو هو پر ان جي بلند اقبال جو ستارو حقيقي معنيٰ ۾ تڏهن روشن ٿيو جڏهن فاتح سنڌ مير فتح علي خان، سن 1789ع ۾ خدا آباد کي هميشه لاءِ ڇڏي، هڪ باقاعدي تجويز ۽ تياريءَ سان اچي حيدرآباد کي تخت ۽ طاقت جو مرڪز بنايو. پهريائين شهر جي سٽاءَ ۽ آباديءَ طرف توجهه ڏنائين. خدا آباد ۾ جيئن وچان سڌي بازار هئي، تيئن قلعي جي دروازي جي سامهون سڌي بازار قائم ڪيائين. جيئن ته اڳين آبادي انهيءَ شاهي بازار جي منڍ ڪان اوڀر–اتر طرف هئي ۽ اها سڄي مسلم آباد هئي، انهيءَ ڪري شاهي بازار جي اوڀر طرف مسلمانن کي آباد ڪيائين. شاهي بازار جي اولهه طرف، قلعي جي سامهون غالباً اڳ به ڪجهه مسلمان آبادي هئي، جا هاٽي اڳتي جمن شاهه جي پڙ تائين وڌي. البته انهيءَ تڪر ۾ ديوان گدومل ۽ سندس ڪٽنب کي، جي گدو بندر مان لڏي آيا، "مير محمد خان جي پڙ" جي پرسان، اپرندي طرف جاءِ ڏني ويئي– گدواڻي گهٽي انهيءَ ڪٽنب جي اصلي جاين جو ياد گار آهي. وڏو توجهه ڪاريگرن ۽ ڪاسبين جي آباديءَ تي ڏنو ويو، جيئن هنر جي ترقي ٿئي ۽ ڪارخانن ذريعي شهر شاهوڪار ٿئي. واڍا ۽ رازا خدا آباد مان آندا ويا، ۽ انهن خدا آبادي واڍن کي "واڍن جي پڙ" واريءَ اراضيءَ ۾ ۽ رازن کي ڪاهي روڊ واريءَ زمين تي آباد ڪيو ويو. فوجي ضرورت لاءِ– "تيوَرا" قوم جا ماڻهو جي ترارين صاف ڪندا هئا، رتناڻي، جي خيمه دوزيا تنبو ناهيندڙ هئا، نال بند، ۽ نوبتون نغارا مڙهيندڙ "بزگر"، آٽي ويهاريا ويا. "گوله انداز" جي ڪلهوڙن جا ماڻهو هئا، تن کي پهريائين شڪ جي نگاهه سان ڏٺو ويو جنهنڪري شهباز خان روپوش رهيو (۽ چون ٿا ته وفات به اتر سنڌ ۾ ڪيائين ۽ ڪيس آدم شاهه جي ٽڪريءَ تي دفن ڪيو ويو). پر پوءِ گوله اندازن جي دلجوئي ڪري کين آباد ڪيو ويو. بندوقون ۽ هٿيار ناهيندڙ مستري ۽ لوهار توڙي 'خاطوبند' ڪاريگر، جي هٿيارن جي ڳنن توڙي عاج ۽

ڪاٺ جي سامان تي جڙاوت جو ڪم ڪندا هئا، تن کي وسايو ويو.[1] پائيخان، جنهن جي نالي چاڙهي سڏجي ٿي، سو ترارين ناهڻ جو ڪاريگر هو. بهرحال، مير فتح علي خان جي عهد ۾ ۽ ڪائنس پوءِ حيدرآباد ڪاسبين، ڪاريگرن ۽ ڪارخانن جو مرڪز بنجي ويو. ڪوري، ڪتي، کهنباتي، رنگريز، زري دوز پاٽولي، زرگر (سونارا)، وبنجهر، چوڙيگر، ڦٽي گر، سراز، ڪمانگر يا نقاش، لوهار ناٺارا، ۽ ڪاسائي، شهر جي آباديءَ جو اهم حصو بنجي ويا. انهيءَ عام آباديءَ کان سواءِ ٽالپر حڪمرانن پنهنجن نوابن، خدمتگارن، آخوندن ۽ طبيبن کي بہ موزون جايون سندن حويلين، سرائن ۽ اوطاقن لاءِ ڏنيون. شهر جي آباديءَ جا خاص حصا شاهي بازار جي ٻنهي پاسي گهٽين، پاڙن يا پڙن جي نالن پويان مشهور ٿيا. ٽالپوري عهد ۾ خاص شهري آباديءَ جو تفصيل لڳ ڀڳ هيٺينءَ طور هو.

## (الف) شاهي بازار جو الهنديون پاسو (ڏکڻ کان اتر):

قلعي جي دروازي آڏو وڏو برج هو جنهن تان سڏو شاهي بازار تي توڙي الهندي ۽ ايرندي پاسن طرف نظر پيئي پوندي هئي. انهيءَ برج جي الهندي طرف "مير نصير خان جو پڙ" هو جنهن جي پرسان اتر طرف "مير مير محمد خان جو پڙ" هو. انهيءَ جي پرسان جمعدار گوڙي ناريجي جون حويليون هيون، جتي ناريجن واري مسجد اڄا تائين موجود آهي. هيٺ اولهہ طرف پائيخان لوهار جو پاڙو ۽ پڙ هو جنهن تان "پائيخان جي چاڙهيءَ" جو نالو پيو. انهيءَ چاڙهيءَ جي مٿان ناٺارن جو پاڙو هو. مٿي، "اصحابيءَ جي قبر" لڳ، نال بندن جي مسجد ۽ پاڙو هئا. مير مير محمد خان جي پڙ کان ايرندي پاسي ديوان گدومل وارن جا گهر ۽ سرائون هيون. جمن شاهہ جي پڙ وٽ زرگر يا سونارا آباد هئا. ساڳيءَ جاءِ تي ڪتين جو پاڙو هو جي مير صاحبن جا ڪپڙا ڏوئندا هئا. منجهانئن آخر ۾ حسين بخش ڪتي هو جو هز هائنس حاجي نور محمد خان وارن جا ڪپڙا ڏوئندو هو. اتان اتر طرف اڳتي "پرور شاهہ جو پڙ" هو جنهن جي پرسان خاطو بندن جو پاڙو ۽ خاطو بندن جي گهٽي هئي، جا "چوڙيگرن جي گهٽي" پڻ سڏبي هئي، پاڪستان بعد اها

[1]. "They (the Talpur rulers) had induced skilful gun-smiths and inlayers to settle in Hyderabad" (Aitken E.H.: Gazetteer of the Province of Sind, Karachi, 1907 P. 137.)

”ريشمي گهٽي“ جي نالي سان مشهور ٿي ويئي آهي. پڻ جمن شاهه جي پٽ بعد وينجهرن جو پاڙو هو جي مٽيا موتي ونڊيندا هئا. ان جي لڳ يتيم شاهه جو مزار هو جتي مير صاحبن طرفان مسجد جوڙائي ويئي، جا مير غلام عليءَ جي نالي سان مشهور ٿي. پرسان مرزا لطف علي جو پٽ ۽ بوچالي شاهه جو پٽ هو جنهن تان ”بوچالي شاهه جي چاڙهيءَ“ تي نالو پيو. هيٺ وري ”پڪا پير وارو اوتارو“ هو جتي بلوچ سردارن جي وڏي اوطاق هئي. جمن شاهه جي پٽ کان وٺي چوٽڪي گهٽيءَ تائين خدا آبادي هندو پائيبند. ۽ چوٽڪي گهٽيءَ کان وٺي سري گهاٽ تائين خدا آبادي هندو عامل آباد هئا. هيٺ الهندي طرف ڪاساين جو پڙ ۽ احسان علي شاهه جو اوتارو هئا، جتي پڻ پاهريان قومي سردار اچي اوطاقي ٿيندا هئا.

## (ب) شاهي بازار جو اُيرنديون پاسو (ڏکڻ کان اُتر):

قلعي جي سامهون، شاهي بازار کان اوپر طرف جيڪا گهٽي اتر–اوپر رخ تي وڃي ٿي، اها ”طاهر بازار“ هئي، جنهن تي اهو نالو نواب سرائي طاهر خذمتگار جي نالي تان پيو. سرائي طاهر خذمتگار پاڻ قلعي اندر رهندو هو. طاهر بازار کان اندر تي اشرف شاهه بخاريءَ جي مزار وارو محلو هو. انهيءَ لڳ، ”لونگ پڳت جي گهٽي“ واريءَ اراضيءَ ۾ صيقل گر تيوَرا رهندا هئا، جي ترارين صاف ڪندا هئا. انهن مان عبدالڪريم تيوَرو مير حاجي نور محمد خان واري وقت ۾ هو. تيوَرن جي پرسان ڦٽي گر رهندا هئا، جن جي پاڙي لڳ ”نهال شاهه جو پڙ“ هو. ان جي پرسان زري دوزن جو محلو هو. هتي جي ڪاريگرن جو زري دوزيءَ جو ڪم مشهور هو ۽ ٽالپوري عهد جي خاتمي بعد، سال 1875ع ۾ پڻ هت هڪ سؤ ڪاريگر هئا، جي سون ۽ چانديءَ جي زريءَ جو ڪم ڪندا هئا. هن پوئين زماني ۾ اوستو محمد صالح ۽ اوستو عبدالله زري دوزيءَ جي هنر جا آخري ڪاريگر ٿي گذريا. زري دوزن سان لڳ ”کهنباتي گهٽيءَ“ وٽ کهنباتين جو ويڙهو هو جي رڱاوت جو ڪم ڪندا هئا. ان جي پرسان فقيري جوٽيجي خذمتگار جو پڙ هو جو هينئر عام طور ”فقير جو پڙ“ سڏجي ٿو. ان جي پرسان ميان يونس وارن جون حويليون هيون. ميان يونس جي نياڻي مير محمد نصير خان جي گهر ۾ هئي ۽ ڏانهنس نظر بنديءَ واريءَ حالت ۾ مير صاحب جيڪي ڪلڪتي مان خط

لکيا، سي ادبي لحاظ سان توڙي خانہ داري تعلقات جي نقطہ نظر سان وڏي اهميت رکن ٿا. ان بعد نواب محمد خان ٽالپر جي نالي پويان جيڪا "نواب جي چاڙهي" يا "نوڙهي جي چاڙهي" سڏجي ٿي، ان جي ڏکڻ طرفان رتناڻين جو پاڙو هو. جي "خيمہ دوز" هئا ۽ مير صاحبن جا تنبو ٺاهيندا هئا. منجهانئن بهادر خان مشهور ٿي گذريو. انهن جي ڀرسان ڪمانگرن يا نقاشن جو پاڙو هو. چاڙهيءَ جي اتران نواب صاحب جون سرائون ۽ اوطاقون هيون، جتي بعد ۾ جناب قاضي امام علي صاحب مختيار ڪار ۽ مئجسٽريٽ جن رهڻ لڳا. ان جي ڀرسان طبيبن جو پاڙو هو جن مان وڏو حڪيم محمود انصاري سندس پٽ محمد حسن، ۽ حڪيم محمد جعفر ٿي گذريا. اتان اڳتي "گنج بخش جو پڙ" هو جتي پڻ نقاش رهندا هئا، ۽ اجا تائين رهن ٿا. ان بعد شيراڻي مُلن جو پاڙو ۽ اڳتي هاشمياڻين ۽ حميراڻين جا پاڙا هئا. ان بعد "ناهين جو پڙ" هو جتي ناهيان رهندا هئا. جي ڪلهوڙن جي ڏينهن کان فوج ۾ هئا ۽ ميرن جي ڏينهن ۾ پڻ معتمد فوج ۾ شمار ٿيل هئا. ناهين جي پڙ جي اولهہ ۾ ڪتين جو ويڙهو هو ۽ ان جي اولهہ ۾ "سانول شاهہ جو پڙ" ۽ "مڇي هٽ بازار" هئا. ساٽي انهيءَ مڇي-هٽ- بازار ۾ اچي مڇي وڪڻندا هئا. ناهين جي پڙ جي اتر ۾ "امير شاهہ بخاريءَ جو پڙ" ۽ "دينوءَ جو پڙ" هئا. امير شاهہ اُچ جي ساداتن مان هو ۽ مير نصير خان جي ڏينهن ۾ هت آيو. دينوشيخ نيروڻي هو ۽ سندس اولاد مان ميرن جو مشهور خفتي شڪاري "محمد شينهن مار" ٿيو. ان بعد قاضين ساداتن جو پاڙو هو. جن مان مشهور شاعر فاضل شاهہ ٿيو. انهن جي ڀرسان "گل اندازن" يعني گولہ اندازن جو پاڙو هو جن مان هن پوئين دؤر ۾ ميان علي بخش، ڊرائينگ جو استاد مشهور ٿيو جو هن وقت رٽائرڊ ۽ پيرسن آهي. گل اندازن جي اتر ۾ ڪوري رهندا هئا ۽ سندن "ڪورين جو پڙ" اجا تائين مشهور آهي. ان جي اتر ۾ واڍن جو پاڙو هو جتي سندن "واڍن جو پڙ" مشهور آهي. واڍن جي پڙ کان اوير طرف "خير شاهہ جو پڙ" هو ۽ اتر طرف "سخيءَ جو پڙ" هو. ان طرف اهو شهر جو دنگ هو. البتہ ڏومڻ واهہ طرف فتح فقير جو مشهور اوتارو هو ۽ ٽئين نمبر تلاءَ طرف سرازن جو ويڙهو هو. قلعي جي سرن لاءِ اوير طرفان مٽي ڪڍي ويئي هئي، ۽ اهي کڏون پاڻ ۾ ملي هڪ وڏي کاهيءَ جي صورت ۾ بنجي پيون، جنهن کي "ڪانگن ڪاڏي" ڪري سڏيندا هئا. انهيءَ تي اهو نالو چون

ٿا ته انهيءَ ڪري پيو جو اتي ڪا ٻاجهريءَ يا جوئر جي پوک هئي، جا هاريءَ کان زوريءَ ڪاڻ ڪاٽي ويا. انهيءَ ڪري اها ٻني، جا ڪاهيءَ جي ڪپ تي هئي، "ڪانگن ڪاڏي" سڏجڻ لڳي ۽ بالاخر ڪاهيءَ تي ئي اهو نالو پئجي ويو. انهيءَ 'ڪانگن ڪاڏيءَ' تي ٻه بلوچ سردارن جون اوطاقون هونديون هيون. قلعي ۽ شهر جي انهيءَ مرڪزي آباديءَ جي چوڌاري نوابن ۽ خاص ماڻهن جا ٽنڊا هئا. الهندي طرف گدوءَ جو ٽنڊو يا گدوبندر بدستور موجود هو. جهانيان پوٽه ساداتن مان سيد ويڏل شاهه بن سيد حامد ڪبير بن حسن جهانيان رحه. جو اصل شاهپور جهانيان (تعلقو مورو) مان ٻڙودي طرف هليو ويو هو، سو مير صاحبن جي پيغام تي حيدرآباد آيو ۽ جيئن ته هت سندس پٽ حامد شاهه وفات ڪئي، انهيءَ ڪري صفا الهندي طرف، ٽڪر جي هيٺان، "ٽنڊو جهانيان" آباد ڪري، هميشه لاءِ ويهي رهيو. ٽنڊي جهانيان جي اوريان ڏکڻ طرف، ۽ گدو واري رستي کان اتر طرف، چانگ قوم مان هڪ مرداني عورت "مائيءَ ماهڻ" جي نالي پويان "مائي ماهڻ جو ٽنڊو" مشهور ٿيو جتي اڄ تائين ڪي گهر آباد آهن. مٿي ٽڪر تي يونيورسٽيءَ جي اولهه طرف، "اميدن پرئي" جي مقبري کان وٺي ڪليڪٽريءَ تائين، وزيراعظم نواب ولي محمد خان لغاريءَ جو "ٽنڊو نواب ولي محمد" هو. انگريزن جي قبضي بعد اها آبادي موجوده ٽنڊي ولي محمد واريءَ جاءِ تي منتقل ڪئي ويئي. هيٺ ڏکڻ طرف مير غلام حسين خان "ٽنڊو غلام حسين" ٻڌو. قلعي ۽ شهر کان اوڀر طرف، مير مير محمود خان جي حويلين ۽ اوطاقن پويان، "ٽنڊو مير محمود" قائم ٿيو. ان جي اتر طرف، حڪيم ۽ وزير آغا اسماعيل شاهه ۽ سندس اولاد جي پاڙي جي نالي پويان "ٽنڊو آغا" ٿيو. اتان موجوده ريلوي کان ڏکڻ طرف، محمد يوسف خذمتگار "ٽنڊو يوسف" ٻڌو. ٽنڊي مير محمود خان جي اولهه ۾ طيب خذمتگار "ٽنڊوطيب" ٻڌو. نواب محمد خان ٽالپر جي نالي پويان، ڦليليءَ جي ايرندي طرف "ٽنڊو نوڙهو" مشهور ٿيو. مير شهداد خان جي ماڻهو الهداد چنڊ، سندس ڳوٺ نسبتاً پوئين دؤر ۾ ٻڌو. ساڳيءَ طرح الهندي پاسي ٽنڊو مير نورمحمد خان به پوئين دؤر ۾ ٻڌايو ويو.

اهو هو ٽالپوري عهد ۾ حيدرآباد شهر ۽ ان جي چوڌاري آباديءَ جو خاڪو. ان کان پوءِ هن شهر ۾ وڏا انقلاب ڏٺا آهن: 1843ع ۾ انگريزن جو سنڌ تي غاصبانه قبضو ۽ ان بعد، سؤ کن سالن کان پوءِ، 1947ع ۾ پاڪستان

جو قيام. انگريزن جي قبضي هتان جي نيڪيءَ، اخلاق، تمدن ۽ روايات ۾ جيتريقدر ڦيرو آندو اوتروئي حيدرآباد شهر جي درو ديوار کي تبديل ڪيو. حيدرآباد حڪومت جو تختگاهه نه رهيو. هتان جا حڪمران قيد ٿي وڃي ڪلڪتي ۾ ڏينهن ڪاٽڻ لڳا ۽ پويان قلعي واريون جايون ڦٽي وَيون. حاڪمن جي وڃي کان پوءِ نواب ۽ خدمتگار پڻ ڏڪائجي پيا ۽ تنڊن ۾ ڪا طراوت ۽ تازگي نه رهي. هتان جا عالم ۽ اديب، آخوند ۽ طبيب ڏتڙجي ويا. نئين دؤر ۾ نوان قانون ۽ نوان رجحانات پيدا ٿيا. پراڻيءَ آباديءَ مان فقط هندو عامل ۽ پائيبند اوج کي پهتا ۽ سنڌن دولت سببان نيون جايون ۽ نوان پاڙا وڌيا. ڏکڻ طرف هيرآباد وڌيو. جاءِ جي تنگيءَ سببان قلعي جهڙي تاريخي يادگار کي پڻ هڪڙي پاسي کان ڊاهي، نيون جايون جوڙايون ويون. الهندو ڪچو ۽ صدر بئي نئين طور آباد ٿيا. گورنمينٽ جون آفيسون، اسڪول، اسپتالون ۽ ڪاليج نئين دؤر جي ترقيءَ جا نشان بنيا. حيدرآباد جو شهر ريلوي ذريعي ڪراچيءَ ۽ سکر، بلڪ بمبئيءَ ۽ لاهور سان ڳنڍجي ويو. ان بعد 1947ع ۾ قومي آزاديءَ جو انقلاب آيو. هندو عامل ۽ پائيبند، جن کي انگريزي دؤر حڪومت وارن هڪ سؤ سالن ۾ سڀ نعمتون نصيب ٿيون ۽ هو حيدرآباد شهر جا وارث ۽ سنيالينڊڙ بنيا، تن هي شهر خالي ڪيو ۽ سندن جاءِ اچي مهاجر آباديءَ والاري. 1947ع کان پوءِ حيدرآباد جي آدمشماري ايترو ته وڌي آهي جو ان جو گذريل تاريخ ۾ مثال ڪونهي. شهر جي گوشي گوشي ۾ نئينءَ آباديءَ وڌڻ سان گڏ "شاهه لطيف آباد" جهڙو حيدرآباد جو نئون پاڳو آباد ٿيو آهي. ڪوٽڙي بئراج جو نهڻ، وڏن ڪارخانن جو قائم ٿيڻ، سنڌ يونيورسٽيءَ جو حيدرآباد ۾ منتقل ٿيڻ، ريڊيو اسٽيشن لڳڻ، ۽ ڪمشنري پوڻ، هن نئين دور جا نمايان نشان آهن. حيدرآباد وري هڪ نئين مرڪزي حيثيت جو مالڪ بنجي رهيو آهي، جنهن جو تاريخي جائزو وٺڻ قبل ازوقت آهي.

البته هن ڪانفرنس ذريعي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو هيءُ ميڙ حيدرآباد جي اڳين علمي روايتن جي هڪ ڪڙي آهي. 'حيدرآباد' کان اڳ ۾، هيءَ 'نيرون ڪوٽ' واري ننڍڙي بستي شاعرن جو گهر هئي. مير علي شير قانع پنهنجو ڪتاب "مقالات الشعراء" حيدرآباد جي بڌجڻ کان 8 سال اڳ، سن 1174هه ۾ لکي پورو ڪيو جنهن ۾ هتان جي ڪن نالي وارن شاعرن جو

ذڪر موجود آهي: مثلاً محمد احسن (احسن) نيرون ڪوٽي، ملا بهاء الدين (بهائي) نيرن ڪوٽي، ملا رحيم الله (رحيم) نيرن ڪوٽي، ملا شهاب (شهاب) نيرن ڪوٽي، عبدالجميل (جميل) نيرن ڪوٽي، عبدالقادر (قادري) نيرن ڪوٽي، ۽ ملا محمد (سيار) نيرن ڪوٽي، جنهن چيو ته:

گر سوي حقيقت نبود راهِ مجاز　　　در دامنِ گل دست چرا زد شبنم.

ان بعد ڪلهوڙن جي دؤر جي ادبي مجلسن جو نمائندو فارسيءَ ۾ صاحب ديوان ۽ سنڌي توڙي اردو جو شاعر، ميان سرفراز هتان اسان کان چار فرلانگ کن اتر طرف آرامي آهي، ۽ جڻ زماني جي بي ثباتيءَ ۽ مسلسل تبديل بابت پنهنجو اردو فرد پڙهي رهيو آهي ته:



(ميان سرفراز جو مزار – شهيدن جو مقام)

ارے بلبل، کسے پر باند ھتی ہو آشیاں اپنا،
نہ گل اپنا، نہ باغ اپنا، نہ لطفِ باغباں اپنا۔

ٽالپوري عهد جي علمي ۽ ادبي مجلسن جو باني مباني، حافظ قرآن ۽ شاعر سخندان، مير ڪرم علي خان "ڪرم" به هتان کان ڇهه فرلانگ کن اتر طرف، "ميرن جي قبن" واري مرڪزي قبي ۾ آرامي آهي. پاڻ پنهنجي

وقت جي فارسي شاعرن جي ڪلام جو انتخاب "محڪ ڪمال" جي نالي سان مرتب ڪرايائين. سندس ديوان، خود سندس هٿ لکيل ديباچي سان، سندس يادگار آهي. جيئن سندس دربار شاعرن ۽ اديبن جو مرڪز هئي تيئن هن وقت سندس مرقد پڻ شاعرن ۽ سخن سنج صاحبن جي هڪ گروهه جو مرڪز آهي، جن ۾ مير مراد علي خان "علي"، مير نصير خان "جعفري"، مير حسين علي خان "حسين"، مير شهداد خان "حيدري"، ۽ مير عباس علي خان "مومن" ڪيس چوڏاري ويجها ستل آهن. باقي مرزا خسرو بيگ "غلام" (صاحب ديوان) پاهران اوپر طرف هڪ چارديواريءَ ۾ چوڪنڊي هيٺ آرامي آهي، ته آغا زين العابدين "عابد" (صاحب ديوان) مرزا خسروبيگ واري حاطي ڪان پاهر ڏکڻ طرف، ۽ هيرآباد واري رستي ڪان اولهه طرف، ميدان تي، پنهنجي پيءُ حڪيم ۽ وزير آغا اسماعيل شاهه جي پرسان، واري وسائي ستو پيو آهي. تالپوري عهد جا ٻيا شاعر ۽ اديب ٻين جاين تي آرامي آهن. حڪيم، شاعر، مصنف، سپهه سالار ۽ وزيراعظم، نواب ولي محمد خان لغاري "ولي" (صاحب ديوان)، ميان سرفراز جي قبي ڪان ڪجهه فاصلي تي اتر طرف هڪ ننڍي گنبذ ۾ آرامي آهي؛ ملا محمد يوسف خذمتگار "يوسف" (صاحب ديوان) پنهنجي ٽنڊي يوسف ۾ ستل آهي؛ سرائي محبوب علي حبشي "احقر" ٽنڊي مير نور محمد ڪان ڏکڻ، ڪامل شاهه جي مقام ۾ آسودو آهي؛ سنڌيءَ جو شاعر سيد خير شاهه سندس پڙ ۾ ستل آهي؛ ۽ مرزا فريدون بيگ "قانع" مرزائن جي مقام ۾ خوابيده آهي.



(مير ڪرم علي خان جو مرڪزي قبو- "ميرن جا قبا"، حيدرآباد)

ٽالپوري عهد کان پوءِ وارين علمي ۽ ادبي مجلسن جا مور بہ ڪي گهٽيئي هئا، پر اهي جي هن شهر جي خاڪ ۾ خوابيده آهن، تن مان غلام محمد شاهہ "گدا"، ٽنڊي مير نورمحمد کان ڏکڻ طرف، ڪامل شاهہ جي مقام ۾ قراريل آهي؛ سيد فاضل شاهہ ٽنڊي مير محمود ۽ ٽنڊي آغا کان الهندي طرف واري "پراڻي مقام" ۾ آرامي آهي؛ ۽ چوڏاري سندس ست جا ٻيا ساٿي شاعر ۽ اديب- آخوند لطف الله شيراڻي (لطف)، آخوند محمد لقمان شيراڻي (لقمان)، آخوند حاجي فقير محمد شيراڻي (عاجز)، ميان محب علي (محب) ناٿارو-ستل آهن. انهيءَ ساڳيءَ خاموش بستيءَ ۾ ان وقت جو وڏو علم دوست ۽ سخن شناس بزرگ مرحوم قاضي امام علي آرامي آهي. انهيءَ دور جي ٻين ٻن وڏن شاعرن ۽ مصنفن مان، مير عبدالحسين خان "سانگي" ٽنڊي صاحب جي سايي ۾ وڃي ستو ۽ مرزا قليچ بيگ ٽنڊي نوڙهي ۾ پنهنجي بزرگن جي مقام ۾ آسودو آهي. انهيءَ دؤر جا درويش صوفي شاعر، قطب علي شاهہ (قطب)، روشن علي شاهہ (روشن)، توڙي سندن ٻيا عزيز جهانيان پوٽا شاعر، شمس الدين شاهہ (شمس)، هادي بخش شاهہ ۽ غلام شاهہ هتان کان الهندي، ٽنڊي جهانيان ۾ پنهنجن بزرگن جي مقام ۾ آرامي آهن.



(نواب ولي محمد خان لغاريءَ جو مرقد-ميان سرفراز کان اتر)

فاضل شاهه ۽ گدا کان پوءِ واري شاعرن ۽ اديبن جي گروهه مان "گدا" جو شاگرد مرزا دوست محمد (دوست) ۽ سندس ساٿي مرزا ٻيدل بيگ (ٻيدل)[1] ٻئي ٽنڊي آغا ۾ پنهنجي وڏن جي مقام ۾ ستل آهن. ۽ آخوند فقير محمد (عاجز) جو شاگرد رشيد، شاعر ۽ اديب، محمد بخش "واصف"، ٽنڊي يوسف لڳ "نئين مقام" ۾ آرامي آهي. حافظ حيات شاهه پڻ انهيءَ نئين مقام ۾ آسودو آهي. مرزا مدد علي (مدد) ٽنڊي آغا ۾ پنهنجي وڏن جي مقام ۾ مقامي آهي، ته مرزا همايون بيگ (همايون) پنهنجن بزرگن جي مقام ۾ ويجي ستو آهي. ان کان اڳ سنڌ جي ناميارِي اديب لعلچند امر ڏني مل جيتوڻيڪ بمبئي ۾ گذاريو ته به سندس وصيت موجب، سندس خاڪ جي پيچري کي هتي حيدرآباد ۾ آڻي، مهراڻ جي لهرين ۽ لولين ۾ لوڙهيو ويو.

انهن سيني شاعرن ۽ اديبن هن ساڳئي شهر ۾ ادبي محفلن ۾ ائين حصو ورتو جيئن اڄ اسين وٺي رهيا آهيون. البت اڄ هو خاموش آهن- پر ڪيئن چئجي ته اسين بيدار آهيون! بهرحال اهي شاعر ۽ اديب جي هتي جي خاڪ ۾ خوابيده آهن، تن کي هن مجلس جي موقعي تي ياد ڪرڻ مناسب هو. ڪن جو ذڪر رهجي ويو آهي، ۽ پڻ ڪي اهڙا شاعر ۽ اديب جي هتان جي ادبي مجلسن ۾ شامل رهيا پر هتا ٻاهر جا. انهن جو ذڪر خير ڪونه ڪيو ويو آهي. انهيءَ هوندي به، ظاهر آهي ته قومي آزادي کسجڻ ۽ انگريزن جي تسلط قائم ٿيڻ بعد هتان جي علمي ۽ ادبي روايات کي ته و بالا ڪرڻ جي باوجود، هيترن سارن اديبن ۽ شاعرن پنهنجي ذوق، سعي ۽ همت سان هتان جي علمي ۽ ادبي مجلسن کي قائم رکيو. ٽالپوري دؤر جي خاتمي بعد، مير عبدالحسين خان "سانگي" جي مجلس موروثي طور شاعرن ۽ اديبن سان سينگاريل رهي. ٻاهر شهر ۾ نئين سر هن سرزمين تي ادبي ذوق جاڳائڻ خاطر، هتان جي توڙي ٻاهر جي شاعرن ۽ سخن سنج صاحبن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ادبي محفلن قائم ڪرڻ ۽ مشاعرن منعقد ڪرڻ جي سڀ کان اول ڪوشش غالباً مرحوم قاضي امام علي صاحب جن ڪئي. نواب جي چاڙهيءَ تي سنڌن اوطاق سن 1870ع کان 1880ع واري عرصي ۾

[1]. مرزا ٻيدل بيگ ڪربلا معليٰ ۾ مدفون آهي (مرتب)

خاص طرح انهن ادبي محفلن ۽ مشاعرن جو مرڪز هئي. قاضي صاحب جن وقت بوقت شهر جي شاعرن کي دعوت ڏيئي پاڻ وٽ گهرائيندا هئا ۽ اتي نهايت دلچسپ مشاعرا ۽ شعر بازيون ٿينديون هيون. حيدرآباد جا هيٺيان شاعر انهن شاعرانه مجلسن ۾ خاص حصو وٺندا هئا: (1) آخوند ميان محمد قاسم مرحوم هالائي، (2) سيد فاضل شاهه (3) سيد غلام محمد شاهه "گدا" (4) مرزا عباس دهلوي "خورشيد"، جو حيدرآباد هاءِ اسڪول ۾ پرشن ٽيچر هوندو هو ۽ سنڌيءَ ۾ به چڱو شعر چوندو هو. (5) حافظ عبدالله معذور اصل ميرپور ساڪري تعلقي جو وينل، پر جنهن حياتيءَ جو پويون وڏو حصو حيدرآباد ۾ گذاريو. (6) آخوند محمد لقمان شيراڻي "لقمان"، (7) آخوند لطف الله شيراڻي "لطف"، (8) آخوند فقير محمد شيراڻي "عاجز"، ۽ (9) ميان محب علي "محب" ٽاٽارو. بعضي ٻاهريان شاعر به اچي مشاعري ۾ شامل ٿيندا هئا*. اخبار "مفرح القلوب"، ڪراچي، مؤرخه 8-فيبروري 1874ع ۾ مرحوم قاضي صاحب جن جي اوطاق تي هڪ اهڙي مشاعري بابت ڇاپيل آهي ته:

> "عيداضحيٰ جي ڏينهن جناب مستطاب فضائل وڪمالات انتساب، منبع الفنون ومجمع العلوم، جناب قاضي امام علي صاحب مختيارڪار پنهنجيءَ اوطاق تي مشاعري جو جلسو ڪرايو هو. انهيءَ جلسي ۾ سيادت ونقابت مآب آقا سيد محمد تقي شاهه صاحب قنڌاري 'تائب'، لس ٻيلي جي ڄام جو مير منشي، جناب ميرزا صاحب ميرزا عباس 'خورشيد'، جو هينئر ڪراچيءَ جي انگريزي اسڪول مان اضافي سان بدلي ٿي حيدرآباد جي انگريزي اسڪول ۾ آيو آهي، جناب منشي محمد قاسم 'قاسم' ۽ جناب سيد محمد فاضل شاهه صاحب 'فاضل' حاضر هئا، ۽ انهن کان سواءِ شهر جا ٻيا به ڪيترائي معزز ۽ مقتدر اصحاب انهيءَ محفل ۾ سڏايل هئا. عيد سڳوريءَ جي ڪري هڪڙو گويو به اتي حاضر هو. ڪائڻ پيئڻ بعد، جناب قاضي صاحب 'مفرح القلوب' اخبار جو فائل حاضر مجلس شاعرن ۽ سخن شناسن جي تفريح طبع لاءِ آڏو رکيو جنهن ۾

* "ديوان فاضل" سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد سنڌ، 1937ع، ص ص 29-30

شيرين گفتار شاعرن جا غزل ۽ قصيده وغيره اشعار هئا. پوءِ قاضي صاحب فرمايو تہ ’حسن اتفاق سان اڄ نامي گرامي شاعر هت تشريف فرما ٿيل آهن، اميدوار آهيان تہ ڪو بديهيہ ڪلام ٺاهي ڏيکارڻ فرمائيندا‘. نيٺ نهراءُ ٿيو تہ هر هڪ شاعر واري وٺيءَ تي هڪڙي هڪڙي مصرع چوندو اچي، جيئن سڄو غزل تيار ٿي پوي. اول جناب آقا سيد تقي شاهہ ’تائب‘ هيءَ مصرع چئي........ الخ.“

انهيءَ طرح سڄي مشاعري جي تفصيلي ڪارروائي ڏنل آهي، جا بحيثيت هڪ ميزبان ۽ سخن شناس جي، مرحوم قاضي امام علي صاحب جي انهن ادبي ڪوششن کي روشن ڪري ٿي. بهرحال، ادبي محفلن جي ذوق وارو اهو ابتدائي ٿَڏو ڦُٽي آهستي آهستي وڏي وڻ ٿيو جو هن وقت ٻين ادارن سان گڏ هڪ مستقل اداري، يعني تہ ”ڪل سنڌ ادبي ڪانفرنس“ جي صورت ۾ ثمردار آهي. قاضي صاحب مرحوم وٽ اهي علمي ۽ ادبي محفلون جاري هيون، جو ڪين هت حيدرآباد ۾ ٿي هڪ فرزند ڄائو جنهن خانداني تربيت جي فيض سان سنڌ جي فضيلت، شرافت ۽ صداقت واريون خوبيون پنهنجي شخصيت ۾ پيدا ڪيون؛ جنهن علم کي علم خاطر پرايو ۽ ان کي پنهنجي ذاتي فڪر سان پختو ڪيو. جنهن مشرق ۽ مغرب جي علم ۽ حڪمت جي حقيقتن کي سمجهيو. جنهن انساني معاشرت توڙي نظام فطرت جو مطالعو ڪري قرآن جي حڪمت کي پروڙيو: ٿورن لفظن ۾ تہ جو ”اڄا ڪي افضل، آهي چوڻ ڪان چوٹو گهٽو“، سو آهي سنڌ جو صالح فرزند، صاحب فضيلت، عالي وقار، علامہ امداد علي صاحب قاضي، جو خوش قسمتيءَ سان اڄ هن ڪانفرنس جي صدارت فرمائي رهيو آهي.....

آخر ۾ آءٌ مڙني معزز مهمانن جو شڪريو ادا ڪريان ٿو جي هن اجلاس ۾ اچي شريڪ ٿيا آهن.

**

# حيدرآباد شهر*

حيدرآباد ۾ هن کان اڳ سنڌي ادبي ڪانفرنس سنہ 1950ع ۾ منعقد ٿي هئي ان کانپوءِ 1967ع ۾ پاڪستان سائنس ڪانفرنس سنڌ جي هن مرڪزي شهر ۾ ڪوٺائي ويئي. وري هن سال سنڌ جي هن ئي مرڪزي شهر ۾ پهرين سنڌي سائنس ڪانفرنس ٿي رهي آهي. شهر حيدرآباد جنهن جي ولادت سنڌ جي قديم تاريخ تي شاهد آهي: جنهن جو ٻاروتڻ سنڌ جي اسلامي تاريخ جي اوائلي دؤر ۾ درويشن جي دعائن ۽ ڇانون هيٺ گذريو. جنهن جي بخت کي درياءَ بادشاهہ پنهنجي وهڪري جي هندورن ۾ لوڏيو جنهن جي بلوغت ۽ نئين جوانيءَ جي سنڌ جي آزاد حڪمرانن پرورش ڪئي: جنهن جي اخلاق ۽ اطوار جي هتي جي نيڪ خصلت سردارن ۽ راڄن جي رڄ چڱن مڙسن تربيت ڪئي: ۽ جنهن جي شعور ۽ هنر کي هتي جي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ هنرمند ڪاريگرن فروغ ڏنو. اهڙو ميزبان، جنهن جي شخصيت خود معزز مهمانن جي تاريخ، تمدن ۽ تهذيب جو نشان هجي، ان جي سوانح جا ڪي باب بيان ڪرڻ هن مجلس ۽ موقعي لاءِ مناسب ٿيندا ۽ اميد تہ بار خاطر نہ بنبا.

آڳاٽيءَ تاريخي روايت موجب، هن بستيءَ جي آباديءَ جو سلسلو "نيرون جي قلعي" جي بنياد کان شروع ٿئي ٿو. اهو قلعو ڇهين صديءَ عيسويءَ جي آخر ڌاري راءِ گهراڻي جي حڪومت ۾ برهمڻ آباد جي گورنر جي هٿ هيٺ هو.[1] ستين صديءَ عيسويءَ جي آخر ڌاري هن قلعي جو

---

*- سوکڙي (سووينئير) سنڌ سائنس سوسائٽي ڪانفرنس- 30-29 اپريل 1972ع- سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو/حيدرآباد، سنڌ.

1. "فتح نامو" (عرف چچ نامو)، ص-ص- 21-22.

حاڪم ٻڌ ڌرم جو هڪ (شمني) يا (ڀڪشو) هو پر قلعي جي فوجي اهميت سببان راجا ڏاهر جو پٽ جئسينہ پڻ وقت بہ وقت هتي اچي ٿي رهيو.[1] اٺين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ محمد بن قاسم ديبل فتح ڪرڻ ڪان پوءِ پنهنجي لشڪر سان هت پهتو ۽ ان وقت ڪان تصديق سان معلوم ٿئي ٿو تہ جنهن ٽڪر تي قلعو ٻڌل هو ان ٽڪر جو نالو "نيرون" هو. انهيءَ لحاظ سان ان قلعي کي "نيرون ٽڪر وارو قلعو" يا "قلعہ نيرون" ڪري ٿي سڏيو ويو.[2] اهو "قلعہ نيرون"، يعني "نيرون ٽڪر وارو قلعو". پوءِ "نيرون ڪوٽ" جي مقامي نالي سان مشهور ٿي ويو. اهو خيال تہ هيءُ قلعو 'نيرون' نالي هڪ ڪافر ٻڌايو هو ۽ انهيءَ ڪري ان کي "نيرون ڪوٽ" چيو ويو محض ڏند ڪٿا آهي، جا پوئين دؤر ۾ رائج ٿي.

محمد بن قاسم جي اچڻ وقت، هتان جو اکين ڏٺو احوال، جو فتح نامي عرف چچ نامي ۾ ڏنل آهي، ان جو خلاصو هن طرح آهي تہ محمد بن قاسم قلعي نيرون جي ٻاهران 'بروري' جي پٽ ۾ هڪ چراگاهہ ۾ اچي منزل ڪئي، جنهن کي "بلهار" ٿي چيائون. مهراڻ (سنڌو ندي) جو پاڻي اجا هت ڪونہ پهتو هو. جنهنڪري لشڪر کي پاڻيءَ جي سخت تڪليف ٿي. پر پوءِ مينهن وسي پيو ۽ شهر جي ٻاهران جيڪي بہ تلاءُ هئا، سي پاڻيءَ سان ڀرجي ويا. شهر جي آبادي قلعي جي اندر هئي ۽ دروازن بند هئڻ سببان شهر وارن سان ڪا بہ خريد فروخت ٿي نٿي سگهي.[3]

ٻيءَ جاءِ تي ڄاڻايل آهي تہ "قلعو" نيرون ٽڪر تي آهي، ان جي ويجهو هڪ تلاءُ آهي، "جنهن جو پاڻي عاشقن جي اکين ڪان وڌيڪ صاف ۽ جنهن جو چراگاهہ ارم جي باغ ڪان وڌيڪ وڻندڙ آهي".[4]

هنن بيانن مان ظاهر آهي تہ اهو هتان جوئي ذڪر آهي. هڪ ٽڪر ۽ ان تي قلعو چوڌاري تلاءُ ۽ ٻاهران ميدان جنهن ۾ سرسبز چراگاهہ-چڻ حيدرآباد جي جاگرافيءَ ۾ فرق ئي نہ آيو آهي. البت ان وقت مهراڻ شهر جي ويجهو ڪونہ تي وهيو ۽ گهڻو پري، ايرندي طرف وهندڙ هو. اندازي مان پائنجي ٿو تہ محمد بن قاسم هت فيبروري-مارچ مهينن ڌاري پهتو جو ان

---

1. ايضاً، ص-140 ۽ 156.
2. "فتح نامو" (عرف چچ نامو)، ص ص 178 ۽ 180.
3. اهو اکين ڏٺو احوال جعونہ پٽ عقبہ سلمي جو آهي، جو محمد بن قاسم جي لشڪر سان گڏ هو. ڏسو "فتح نامو"، ص ص 164-166.
4. ايضاً ص 178.

وقت اجا درياءَ ۾ چاڙهه ڪونه آيو هو جو واهه وهي وڃن، انهيءَ ڪري تلاءَ خالي پيا هئا. البت بهار جي موسم وارو مينهن پيو ۽ تلاءَ تار ٿي ويا. جنهن چراگاهه ۾ محمد بن قاسم منزل انداز ٿيو ان کي "بلهار" ڪري ٿي سڏيائون. "بلهار" ساڳيو سنڌي لفظ "ولهار" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وس واري سرسبز جُوءِ. "ولهار" اصل ۾ "برهار" آهي، سو پڻ اڄ تائين سانوڻ جي وس جو اصطلاح آهي. پاڳيا چوندا ته: "هن سال برهارا لڳي ويا آهن." يعني ته گهڻا مينهن پيا آهن ۽ وسون لڳيون پيون آهن.

بهرحال، نيرون جي جنهن چراگاهه جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو غالباً انهن ميدانن ۾ هو جيڪي ٽڪر جي هيٺان، اولهه توڙي ڏکڻ طرف، ٽنڊي جهانيان کان گدو بندر، ٽنڊي مير غلام حسين، ۽ وينديِ اسٽيشن جي ڏکڻ طرف پکڙيل آهن. محمد بن قاسم ڏکڻ کان ديبل طرف ايندي غالباً انهيءَ ايراضيءَ ۾ اچي منزل انداز ٿيو هوندو. ان وقت "نيرون قلعو" خاص طرح ٻڌ ڌرم جي پوئلڳن جي بستي هئي، ۽ اتي جو حاڪم، جنهن جو نالو فتحنامي ۾ اسان کي "ڀهندر ڪو" جي صورت ۾ لکيل ملي ٿو سو اصل ۾ غالباً "ٻڌرڪيو" هوندو. هن حاڪم، عراق جي گورنر حجاج سان لکپڙهه ڪري دوستيءَ جا ناتا قائم ڪيا هئا. انهيءَ ڪري محمد بن قاسم ۽ سندس وچ ۾ صلح جو معاهدو ٿيو. قلعي جا دروازا کوليا ويا. ۽ محمد بن قاسم پنهنجي سردارن سان گڏ معائني لاءِ آيو. اندر هڪ مسجد جي تعمير جو حڪم ڏنائين. ۽ شڪريي طور ٻه رڪعتون نماز ادا ڪيائين. اهو فيبروري-مارچ، سنه 712ع هو. ان بعد "نيرون ڪوٽ" جو اسلامي تاريخ وارو دؤر شروع ٿئي ٿو.

انين صديءَ کان وٺي وينديِ ارڙهين صدي عيسويءَ تائين، نيرون ڪوٽ بابت عرب راوين جهڙوا ڪين ڏنو احوال ڪونه ٿو ملي. نيرون جو قلعو اڳ برهمڻ آباد جي گورنر جي هٿ هيٺ هو. عربي دؤر حڪومت ۾ محمد بن قاسم جي فتح کان اٽڪل 20_22 سال کن پوءِ، برهمڻ آباد جي پرسان، محمد بن قاسم جي پٽ عمرو هڪ نئين تختگاهه "منصوره" جو بنياد رکيو جنهن جا کنڊرات هتان کان 45 ميل کن اتر_اوڀر، دلور وٽ موجود آهن. اسلام کان اڳ سنڌ جو تختگاهه، موجوده روهڙيءَ کان ٿوري فاصلي تي ڏکڻ طرف، "اروڙ" جو شهر هو انهيءَ ڪري دور دراز قلعن کي وڏي فوجي اهميت هئي. نئون تختگاهه "منصوره" ايترو ويجهو هو جو نيرون جي قلعي جي اڳوڻي اهميت باقي نه رهي. انهيءَ هوندي به عربي دؤر حڪومت ۾ نيرون جو قلعو

انهيءَ وڏي شاهراه تي واقع هو جيڪا عراق، ايران ۽ مڪران مان ديبل بندر تي پهچندي هئي، ۽ ديبل کان نيرون ڪوٽ، منصوره ۽ اروڙ کان ٿيندي، ملتان ويندي هئي. ڏهين صدي هجريءَ ۾ عرب سياحن اصطخري، ابن حوقل ۽ مقدسي، جن سنڌو ماٿريءَ کي پنهنجي سياحت ۽ جغرافيائي تحقيق جو مقصد بنايو تن جي بيانن ۾ ايترو ذڪر ملي ٿو ته "نيرون جو قلعو ديبل کان منصوره واري شاهي رستي جي وچ ڌاري واقع آهي، پر البت، منصوره کي ويجهو آهي."

انهيءَ شاهراه تي، واقع هئڻ سببان، وقت بوقت هتي مسلم سياح، محقق ۽ عالم پئي آيا هوندا. پر تقريباً ٻارهين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ ڌاري هڪ درويش مڪي شريف مان آيو جنهن هن بستيءَ کي هميشه لاءِ اچي پنهنجو آرامگاه بنايو. اهو درويش هو سيد محمد مڪي جنهن جي درگاه "شاه مڪائي" يا "جئي شاه" جي نالي سان مشهور معروف آهي.

ٻارهين صديءَ بعد سيد محمد مڪيءَ جي درگاه.نيرون ڪوٽ جو نمايان نشان رهي، قلعي واري اراضيءَ ۾ ۽ ان جي آسپاس اوائلي عربي دؤر جا بزرگ به دفن ٿيل هئا. تي سگهي ٿو ته قلعي جي سامهون اصحابيءَ جي قبر، انهن آڳاٽن بزرگن مان ڪنهن جي هجي. نسبتاً پوئين دؤر ۾ بخاري ساداتن مان به ڪي بزرگ اچي نيرون ڪوٽ ۾ رهيا. غالباً انهن مان سڀ کان آڳاٽو شاه بخاري، قلعي واريءَ اراضيءَ ۾ ذڪرڻ-اوير طرف مدفون هو ۽ سندس قبر قلعي واري نئين ڪالونيءَ نهڻ وقت به موجود هئي. ٻيو شاه بخاري، ڪليڪٽريءَ کان اڀرندي طرف دفن ٿيل آهي، جو پڻ شايد آڳاٽو آهي. حضرت سيد عبدالقادر جيلاني رح جي اولاد مان سيد عبدالوهاب جيلاني، جنهن جي مزار قدمن جي پرسان آهي، اهو پڻ هتي جي آڳاٽن بزرگن مان آهي. مخدوم احمد نالي هڪ درويش سنه 936هه (1529ع) ۾ هتي نيرون ڪوٽ ۾ وفات ڪئي.[1] پر جيئن ته هو ٻاهر جو هو انهيءَ ڪري هتي دفن ڪونه ٿيو. اهو سورهين صدي عيسويءَ جي اوائل جو واقعو آهي. اهڙيءَ طرح، ٻارهين صديءَ جي آخر کان وٺي سورهين صديءَ جي اوائل تائين بزرگن جا حوالا ملن ٿا. ۽ کٽي چئجي ته انهيءَ عرصي ۾ درويشن جي دعائن سان نيرون ڪوٽ جي بستي آباد رهي.

نيرون ڪوٽ بابت تاريخي اشارا وري سورهين ۽ سترهين صدي

1. تحفة الڪرام ص 378.

عيسويءَ ۾ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دؤر ۾ ملن ٿا: مثلاً مرزا محمد باقي نيرون ڪوٽ وارو علائقو مرزا محمد ترخان ۽ قاسم علي سلطان ساربان جي حوالي ڪيو.[1] مرزا غازي بيگ جي عهد ۾ ٺٽي جي نواب خسرو خان جو ڏوھٽو نيرون ڪوٽ جو حاڪم هو.[2] خواجہ عبيد الله احرار جي اولاد مان خواجہ ڪمال الدين، جو ارغونن سان گڏ آيو ۽ اچي ٺٽي ۾ رهيو، ان جو پوٽو خواجہ مير ابو تراب بن خواجہ مير شهاب الدين نيرون ڪوٽ ۾ پنهنجيءَ جاگير تي گذاريندو هو اتي ئي وفات ڪيائين ۽ اتي ئي دفن ٿيو.[3] ظاهر آهي تہ ارغونن ۽ ترخانن جي دؤر ۾ 'نيرون ڪوٽ' بہ ضلعي مثل هڪ علائقو هو جو تختگاهہ ٺٽي جي تابع هو. مرزا باقي بيگ اڪبر بادشاهہ جي ڏينهن ۾ سنڌ جو نواب رهيو ۽ ڪانئس پوءِ سندس فرزند مرزا غازي بيگ سنہ 1021ع تائين سنڌ جو نواب رهيو. ان وقت نيرون ڪوٽ جي انتظامي صورت اها هئي. جهانگير جي ڏينهن ۾ شهزادي خرم پڇي اچي سنڌ ۾ پناه ورتي هئي، انهيءَ ڪري جڏهن هو "شاهجهان" جي خطاب سان بادشاهہ ٿيو تڏهن سنڌ کي ڪين وساريائين. ٺٽي ۾ جامع مسجد ڪانسواءِ، سيوهڻ ۾ قلندڙ شهباز توڙي ڄُتي امراٽيءَ جي مزارن لڳ شاهجهان جي نوابن مسجدون ٺهرايون. ساڳيءَ طرح، شاهجهان جي عهد ۾ ٺٽي جي نوابن درگاهہ سيد محمد مڪيءَ ڏانهن بہ توجهہ ڪيو ۽ فرمان جاري ڪري، مخدومن جا پاڙ ۾ اختلافات حل ڪيائون. شاهجهاني عهد ۾ انهيءَ قسم جو پهريون فرمان سنہ 1038ع ۾ صادر ٿيو. ٻيو فرمان، ابو البقا امير خان طرفان، 14۔شعبان۔1052ھ ۾ جاري ٿيو. ساڳي طرح، عالمگير جي عهد ۾ پهريون فرمان نواب عزت خان طرفان سنہ 1076ھ ۾ جاري ٿيو ۽ ٻيو نواب غضنفر علي خان طرفان سنہ 1077 ھ ۾ صادر ٿيو. پنج سال پوءِ 1082ھ ۾، غالباً نواب عزت خان جي ڪوشش سان شاهہ مڪيءَ جو روضو جڙي راس ٿيو. جيئن هيٺئين ڪتبي مان ظاهر آهي، جو هن وقت روضي آڏو الهندي طرف، ڪچي قلعي جي ديوار ۾ لڳل آهي:

ز عزت بنا يافت خوش منظري،
کہ از فيض حق مي زند موج نور
بهشت آستان بوس خُدّامِ او

---

1. تحفتہ الڪرام، ص 182.
2. ايضاً، ص 214.
3. ايضاً، ص 523.

ز خاک درش سرمهٔ چشمِ حور
بجستم ز دل سالِ تعمیر او
بگفتا خرد: "زیبِ بزمِ حضور"
1082ھ

٥

انهن فرمانن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سترهين صدي عيسويءَ ۾ مغليہ سلطنت واري دؤر ۾ نيرون ڪوٽ جي آبادي قائم هئي، پر بطور هڪ علائقي جي ان جي اڳين حيثيت ختم ٿي چڪي هئي، ڇاڪاڻ تہ انهن فرمانن ۾ "نيرون ڪوٽ" جي بدران "چاڪر هالا پرڳڻو" ڄاڻايل آهي.

ارڙهين صديءَ ۾ جڏهن مغليہ سلطنت جو تسلط ختم ٿيو ۽ سنڌ ۾ ڪلهوڙن پنهنجي آزاد حڪومت قائم ڪئي تہ نيرون ڪوٽ جو سنل بخت بہ بيدار ٿيو. ڪلهوڙن کي تختگاهہ جي تلاش هئي، تہ سنڌو نديءَ کي وري پنهنجي نئين وهڪري لاءِ لوڇ پوڇ هئي. جڏهن سنڌوندي اچي نيرون کي نوازيو ۽ الهندي طرف کان گدو بندر وٽان گس ڪيو، تڏهن غلام شاهہ بہ اچي قديم نيرون ڪوٽ واري جاءِ تي نئون قلعو جوڙايو. اهو دلچسپ داستان هن طرح آهي:

ڪلهوڙا فقيريءَ مان اميريءَ کي رسيا. موروثي طور سندن سڪونت ڪنهن اهڙي شهر ۾ ڪانہ هئي، جو ان کي پنهنجي گادي بنائين ها. ميان يار محمد سان بخت ياوري ڪئي جو هن موجوده دادو ضلعي جي هيٺئين ڀاڱي ۾ پنهورن جي ملڪ تي قبضو ڪيو ۽ پنهورن جي ئي مرڪزي شهر شڪارپور کي "خدا آباد" جو نالو ڏيئي ان کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بنايو.[1] انهيءَ خدا آباد جا کنڊر دادوءَ جي اوريان، خدا آباد جي اسٽيشن کان الهندي شاهراهہ تي موجود آهن. ميان نور محمد هڪ مستقل تخت گاهہ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ موجوده موري جي شهر کان 7-8 ميل اوڀر طرف "محمد آباد" نالي شهر بڏائين. ان ۾ حياتيءَ جا پويان بہ سال ڪن مس گذاريائين جو احمد شاهہ ابداليءَ جي حملي جي خبر ٻڌي، پاڻ جيسلمير طرف نڪري ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. سندس لاش آڻي "محمد آباد" ۾ دفن ڪيائون، جو بعد ۾ صرف بزرگن جو قبرستان بڻجي ويو. ميان نور محمد جي وفات وقت ڪلهوڙن جي طاقت، هيٺ لاڙ طرف بہ مضبوط ٿي رهي هئي.

---

1. تحفة الڪرام ص 262.

مياں نور محمد جو پٽ، محمد مراداياب، عمرڪوٽ ۾ هو جو گدو مل احمد شاهه ابداليءَ وٽان گاديءَ جي سنڌ آٽي ڪيس پيش ڪئي. پوءِ محمد مراداياب، عمر ڪوٽ کان ايندي، نصرپور جي سامهون هڪ اراضيءَ کي پنهنجي نئين گاديءَ لاءِ منتخب ڪيو ڇاڪاڻ ته ان وقت درياءُ به نصرپور وٽان تي وڙهو ۽ اهوئي ملڪ سرسبز ۽ آباد هو. اتي هڪ وٽندڙ شهر تيار تي ويو ۽ ان جو نالو "مراد آباد" رکيو ويو.[1] غالباً اهو شهر سنه 1753ع جي آخر يا 1754ع جي شروع ڌاري تيار ٿيو.

هي شهر درياءَ جي سنڌي سان ٻڌرايو ويو هو پر ساڳئي وقت درياءَ رخ بدلائي پنهنجي نئين راهه قائم ڪرڻ لاءِ بيتاب هو ۽ انهيءَ ڪري نوان ڦاٽ ڦاڙي ٻوڏون پئي ڪيائين ۽ سيپٽمبر 1757ع ۾ مراد آباد کي پڻ ٻوڙي ڇڏيائين. مياں محمد مراداياب ٻيو هڪ شهر سڪرنڊ پرڳڻي جي ايرندي ياڱي ۾ ٻڌارايو ۽ ان جو نالو "احمد آباد" رکيائين.[2] اها بستي اڄا تائين احمد آباد جي نالي سان شاهپور چاڪر جي نزديڪ موجود آهي. مياں مراداياب جي قيد ٿيڻ ۽ مياں غلام شاهه جي طاقت ۾ اچڻ کان پوءِ مهينو مس گذريو هو جو مراد آباد 10-محرم-1171هه تي ٻڏي ويو: انهيءَ ڪري مياں غلام شاهه وري مٿي موري طرف، پنهنجي والد جي ٻڌايل محمد آباد پرسان، ساڳئي مهيني محرم 1171هه ۾ "الله آباد" جو نئون شهر ٻڌائي اتي رهيو.[3] ربيع الثاني 1127هه= ڊسمبر 1758ع ۾ غلام شاهه پنهنجي عيال سان هيٺ ڪاري ڏانهن روانو ٿيو ۽ اورنگا بندر، "ڪڇي" جي بستيءَ تي "شاهه ڳڙهه" نالو رکيائين، ۽ پوءِ ان جي سامهون بند ٻڌرائي، ان تي "شاهه بندر" نالو رکيائين، ۽ اتي پنهنجو عيال رهايائين.[4] ان بعد وري نصرپور کان 4 ميل اولهه طرف نئون شهر ٻڌايائين، جنهنجو نالو "شاهپور" رکيائين ۽ 25-محرم-1173هه 20-سپٽمبر-1759ع تي اچي هن نئين وسايل شهر، شاهپور ۾ منزل انداز ٿيو. پر جيئن ته انهيءَ پسگردائيءَ ۾ درياءَ پئي پنهنجو رُخ بدلايو انهيءَ ڪري ٿوري وقت ۾ شاهپور جي چوڌاري واري لڳي ويئي. غالباً ان بعد هڪ دفعو وري مٿي وڃي مياں غلام شاهه ڪنهن ٻيءَ اراضيءَ جي تلاش ڪئي ۽

---

1. ايضاً، ص 2.
2. هيگ: "سنڌونديءَ جي "دو آبي وارو ملڪ"، ص 120.
3. تحفة الڪرام، ص 275.
4. تحفة الڪرام، ص 277.

الهندي پاسي جبلن جي ڪنار سان "خانوٽ" جو شهر ٻڌايو پر آبڪلاٽيءَ ۾ درياءَ جي ٻوڏ جو خطرو محسوس ڪري ان جو آسرو لاٿائين.[1] ٻئي طرف شاهپور ڪي درياءَ جي رخ بدلائڻ سببان اڇي واءَ ۾ متيءَ ڪنيو. انهيءَ ڪري وري انهيءَ طرف ٻي نئين "شاهپور" ٻڌائي ويئي. 1178هه 1764ع ۾ ميان غلام شاهه پراڻي شاهپور مان لڏي اچي نئين شاهپور وسائي ۽ چار سال ڪن ٻيا اتي گذاريائين، پر جيئن ته درياءَ هميشه لاءِ اُتان رُخ بدلائي ڇڏيو هو انهيءَ ڪري ميان غلام شاهه ڪي پڻ نئين تختگاهه جي تلاش ڪرڻي پيئي.

اهو 59_1758ع وارو وقت هو جو سالن جي بيتابيءَ بعد درياءَ هالن ۽ نصرپور کان ويندي هيٺ تائين، ميلن جا ميل، پنهنجو اصلوڪو پيٽ ڇڏي، هالن کان سڌو ڏکڻ طرف رخ رکي، نيرون ڪوٽ جي الهندي کان وهڻ لڳو. جتان اڄ ڏينهن تائين وهندو رهي ٿو. انهيءَ تبديليءَ سببان ڏکڻ طرف درياءَ جو 70 ميل ڊگهو "ريڻ" ڦاٽ سڪي ويو ۽ نئون "ڦليلي" ڦاٽ، نيرون ڪوٽ کان 17 ميل ڪن اتران نڪري، انهيءَ بستيءَ جي اوپر کان وهڻ لڳو. نصرپور واري ڇڏيل پيٽ ۾ غالباً آبڪلاٽيءَ وقت اٿل جو پاڻي ايندو رهيو پر جيئن عرصو گذرندو ويو تيئن اهو پيٽ ڦٽندو ويو. انهيءَ ڪري، نصرپور وٽان درياءَ جي رخ بدلائڻ کان چار سال ڪن پوءِ جڏهين ميان غلام شاهه "شاهپور" ڪي ڇڏي پنهنجي گاديءَ لاءِ نئين جڳهه جي تلاش ڪئي ته قديم "نيرون ڪوٽ" واري بستي ڪيس هر نقطه نظر کان موزون نظر آئي. الهندي طرف درياءَ جو نئون پيٽ ، ته ايرندي طرفان ڦليليءَ جو ڦاٽ هوس. ٽڪر واري اراضي متي هئي، انهيءَ ڪري ٻوڏ جو خطرو بلڪل ئي ڪونه ٿي نظر آيو. انهيءَ ڪري، مهيني ذوالقعده 1182هه = جنوري 1789ع ۾ قديم نيرون ڪوٽ واريءَ ايراضيءَ تي نئين قلعي ٻڌائڻ جي تجويز طي ٿي ۽ يڪدم ڪم شروع ٿي ويو.

همعصر مؤرخ مير علي شير قانع ٺٽويءَ نيرون ڪوٽ تي نئين قلعي ۽ شهر ٻڌجڻ بابت پنهنجي ڪتاب "تحفة الڪرام" ۾ هيٺيان حوالا ڏنا آهن: "مهيني ذوالقعده سنه 1182هه ۾ نيرون ڪوٽ جي سرزمين تي، جو هڪ مضبوط جبل آهي، تختگاهه بنائڻ جي تجويز ٿي چڪي هئي." (ص_281).

---

1. هيگ: "سنڌونديءَ جي دوآبي وارو ملڪ"، ص 120. البته هيگ: خانوٽ جو ٻڌجڻ اول، 60_1759ع ۾ ۽ شاهپور جو ٻڌجڻ پوءِ، سنه 63_1762ع ۾ ڄاڻايو آهي، جوترين قياس ناهي. غالباً شاهپور مان سندس مراد نئين شاهپور آهي، جا پوءِ ۾ ٻيو پيرو ٻڌائي وئي.

"نيرون ڪوٽ، جو هن ملڪ جو جهونو ۽ مشهور قلعو آهي، سو گهڻي وقت کان ڊهي ويو هو ۽ سندس شهرت وڃي هڪ ڳوٺڙي جيتري بيٺي هئي. سنه 1182هه ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي هن جاءِ کي پنهنجي خاص رهڻ لاءِ پسند فرمائي، مضبوط قلعي ۽ شاندار شهر جو بنياد رکيو. (قلعي نهڻ وقت) ڪن لاشن جي نڪرڻ وقت ماڻهن کي ڪي عجائبات نظر آيا. هتي ستلن ڪيترن بزرگن، جن کي فوت ٿئي سوين سال گذري ويا هئا، تن جا لاشا بلڪل صحيح سلامت نڪتا. انهن مان هڪ زال ۽ مرد پراڻين قبرن مان اهڙا تہ تازا نڪتا جو چڻ تہ زنده آهن. چون ٿا تہ اهي ٻئي هڪ ٻئي جا عاشق-معشوق هئا. نئين قلعي ۽ شهر جو نالو "حيدرآباد" مقرر ٿيو. قلعي جي مضبوطيءَ جو ڪهڙو بيان ڪجي! واقعي هن کان اڳ سنڌ ۾ اهڙو قلعو ڪو ورلي نظر ايندو." (ص-444). "قلعو سنه 1182هه ۾ جڙي راس ٿيو. ان جي آڏو سامهون ٽڪر جي مٿان شهر اڏائي، رعيت کي قلعي جي حفاظت ۾ رهايائون. ذوالحج مهيني ۾ "ديري" کان موٽڻ تي، (ميان غلام شاهه جن) اچي انهيءَ قلعي ۾ رهيا." (ص-281).

مير علي شير جي هن معتبر بيان موجب، ذوالقعده 1182هه ۾ قلعي تيار ڪرڻ جي تجويز عمل ۾ آئي ۽ 1182هه ۾ ئي قلعو جڙي راس ٿيو جو ذوالحج ۾ ميان غلام شاهه اچي هت رهيو انهيءَ مان ظاهر آهي تہ وڏي همت ۽ محنت سان ڪم ٿيو هوندو جو ٻن مهينن ۾ هيءُ عاليشان قلعو جڙي راس ٿيو.

اها تاريخي حقيقت ان وقت جي حڪومت جي حسن انتظام ۽ آفيسرن جي همت تي شاهد آهي. غور ڪيو وڃي تہ باوجود وسائل، پئسي، وڏي سرڪاري عملي ۽ ڏار ڏار کاتن جي، جيڪر هن وقت حڪومت طرفان اهڙي قلعي جي تعمير جي تجويز منظور ٿئي ها، تہ ڇا ٻن مهينن تائين اهڙو قلعو تيار ٿي سگهي ها؟ جي تيار ٿي سگهي ها تہ گهڻو وقت جٽاءُ ڪري ها؟ پر ان وقت، حاڪم کان وٺي مزدور تائين، سڀني سچائي ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪيو. خود قلعي ۽ شهر جي ٻڌجڻ وارو سال 1182هه هن قرآني آيت مان نڪتو تہ "يا رب اجعل هذا البلد امنا" يعني تہ "اي ڌڻي، هن شهر کي امن وارو ڪر!" اهوئي مادهٔ تاريخ سنگمرمر جي تعويذ تي ڪنده ڪرايو ويو جو بطور "سنگ بنياد" جي قلعي جي دروازي مٿان هڻايو ويو.

هينئان انهيءَ تعويذ تي قلعي جي بناء بابت هي لفظ ذيل آهن: "بامر عالي مظهر ولايت ميان غلام شاهه خان عباسي بن ميان نور محمد بن ميان

يار محمد بن ميان نصير محمد عباسي بنايافت"

ميان غلام شاهہ جو پٽ ميان سرفراز جو فارسي زبان جو اعليٰ شاعر هو تنهن حيدرآباد جي آباد ٿيڻ واري سال بابت هينيان اشعار چيا:

در گلستان دانش و عرفان    بلبل طبع من کشود زبان
اي که داري خرد بيا بشنو    از زبان من خجستہ بيان
که به سال نکو بہ ماهِ سعيد    وز عنايات حضرت يزدان
حکم شد از جناب خاقاني    چون نزولِ قضا بر اهل جهان
از جنابي که پاسباني او    فخر باشد به قيصر و خاقان
آنکه از هيبتش فلک لزرد    همچو بيدي که او بود لرزان
مخزنِ سر حق ميان صاحب    مظهر لطفِ ايزدِ منان
سرور دين غلام شاهِ نجف    خادم الفقر شهريار جهان
تا که سازند قلعہ محکم    که بماند به دهر جاويدان
قلعہ اي شد بنا که مانندش    کس نديده ست در همہ دوران
قلعہ محکم و رفيع کہ نيست    همچو اين لاجورد گون ايوان
سعي کردند جملۂ از خويش    بهر تاريخ او سخن سنجان
هر کسي گفت مصرع تاريخ    زادهٔ طبع چون دُر غلطان
نوبت آمد بمن سخن سنجي    من که بودم ز جملہ هيچمدان
غوطہ خوردم بہ بحر فکر و خيال    متحير . چو مردمِ حيران
ناگهان گفت هاتفي که بگو    چون کہ هستي تو سرفراز جهان
از "عطا هاي واهب ديان    حيدرآباد گشت آبادان ."[1]

اهو پڻ ظاهر آهي تہ نئون قلعو قديم نيرون ڪوٽ واريءَ اراضيءَ تي ٻڌو ويو جو بنيادن کوٽڻ وقت هتان اڳوڻي وقت جا لاشا نڪتا. سامهون جيڪو شهر ٻڌايو ويو ان بابت موجوده روايتن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ شهر جي اها اراضي اتر طرفان قلعي لڳ، ۽ موجوده شاهي بازار کان اوير طرف، طاهر بازار جي لڳ ڀڳ هئي. ميان غلام شاهہ جي وقت ۾ جن ماڻهن بابت يقيني طور چئي سگهجي ٿو تہ اچي هن نئين شهر ۾ وينا، تن مان هڪڙا هئا "ناهيان" جي سپ فوج جا ماڻهو هئا، ۽ ٻيا هئا توبن جا گولہ انداز

1. مختلف نسخن ۾ "واهب اديان"، "واهب ديان" ۽ "واهب منان" پڙهڻيون ڏنل آهن. صحيح سال تاريخ "1182" آهي، جنهن جو استخراج غور طلب آهي.

جن کي پوءِ ”گل انداز“ ڪري سڏيو ويو. چون ٿا تہ گولہ اندازن جو وڏو شهباز خان هو جو قنڌار مان آيو هو. ڪي ڪاسبي ۽ ڪاريگر ۽ دڪاندار ۽ واپاري بہ ضرور شهر ۾ بر وقت وسايا ويا هوندا، پر انهن بابت هن وقت ڪو بہ احوال ملي نٿو سگهي. ميان صاحب جو وڪيل، ديوان گدومل، جيئن خداآباد کان بيڙين ۾ چڙهيو تہ بيڙيون اچي الهندي طرفان حيدرآباد جي سامهون بيٺيون. گدومل اتي ئي سڪونت اختيار ڪئي، ۽ اهڙي طرح گدوبندر ۽ گدوءَ جي ٽنڊي جو بنياد پيو. 1185هہ ۾ ميان غلام شاهہ حضرت سيد محمد مڪيءَ جي مزار جي حفاظت لاءِ ڪچوقلعو ٺهرايو جنهن کي اتر طرف گهٽي پاڳي ۾ وڌايو ويو. انهيءَ اترئين پاڳي جو دروازو اڀرندي طرفان جدا آهي، ۽ انهيءَ طرف جا برج ڏيکارين ٿا تہ غالباً ميان صاحب هتي پنهنجا فوجي دستا رکيا، انهيءَ لاءِ تہ جيڪڏهن ڏکڻ طرفان ڪو حملو ٿئي تہ اها فوجي چؤڪي اوائلي مدافعت ڪري. ٽڪريءَ جي اترئين ڇيڙي تي، موجوده جبل کان اتر طرف ميان صاحب پنهنجي مقبري جي جاءِ منتخب ڪئي ۽ ان جي حفاظت لاءِ چوڏاري ڪچو قلعو ٺهرايو. انهيءَ قلعي جي دروازي وارا برج ڏيکارين ٿا تہ اتي بہ انهيءَ اترئين پاسي جي چوڪسيءَ خاطر فوجي چوڪي قائم ڪئي ويئي. ميان غلام شاهہ جي وقت ۾، مجموعي طور سان، حيدرآباد جي لڳ ڀڳ اهائي پکيڙ ۽ آبادي هئي.

قلعي جي تڪميل کان پوءِ چوٿين سال، سنہ 1186 هجريءَ ۾ ميان غلام شاهہ جهڙي باهمت ۽ نيڪ ڪردار حاڪم وفات ڪئي ۽ وڃي دارالبقا ۾ آرامي ٿيو. ڪنهن چيو تہ ”ميان خفتہ“ (يعني ميان آرامي ٿيو) ۽ انهيءَ فقري مان ئي، ابجد جي حساب موجب، سنہ وفات ”1186“ نڪتو. سندس پٽ ميان سرفراز ”جنات فيها خالدا“ مان سندس تاريخ وفات ڪڍي. ڪيس شهر جي اتر ۾ تيار ڪرايل ڪچي قلعي اندر دفن ڪيو ويو. سندس پٽ ميان سرفراز مٿس روضو ٺهرايو جو فن عمارت سازي جي لحاظ سان هڪ خاص اهميت رکي ٿو.

ميان غلام شاهہ جي توجهہ سان حيدرآباد جو بخت کليو. ميان غلام شاهہ جي وفات بعد سندس پٽ، ميان سرفراز، هالن لڳ ”خداآباد“ کي پنهنجي گادي بنايو.[1] ان وقت کان وٺي، ويندي مير فتح علي خان جي اوائلي ڏينهن تائين، تخت جي تراري جي اٿل خداآباد ڏانهن ٿي رهي. البتہ ميان

1. عام حوالن موجب، ميان سرفراز سن 1186 هہ ۾ هيءُ نئون ”خداآباد“ بڏايو.

غلام شاهه حيدرآباد ۾ دفن ٿيو انهيءَ ڪري حڪمران ڪلهوڙي خاندان جو مقام ڦري حيدرآباد ٿيو. ميان غلام نبي جڏهن مير بجار خان جي مقابلي ۾ لياري (لڳ جهول، تعلقو سنجهورو) واريءَ جنگ ۾ مارجي ويو تڏهين ڪيس هت آڻي دفن ڪيو ويو. ميان غلام نبيءَ جو قبو ميان غلام شاهه جي مزار ۽ گرلس ڪاليج جي وچ تي، هڪ وسيع ايوان ۽ هڪ ڪشادي ٿلهي تي، نهايت سهڻي سٺاءَ سان اڏيل آهي. ان بعد جڏهين ميان عبدالنبي، ميان سرفراز ميان عطر خان ۽ ٻين کي قلعي جي هڪ قيد خاني ۾ قتل ڪرايو ته انهن کي ٽڪريءَ کان هيٺ الهندي پاسي دفن ڪيائون. اهو شهيدن جو قبرستان سڏجڻ لڳو جتي پوءِ طاهر خدمتگار الهداد چنڊ ۽ ٻيا مشهور ماڻهو به دفن ٿيا. ميان غلام شاهه جو ڀاءُ ميان عطر خان ميان غلام نبي لڳ دفن ٿيو. سندس قبر گورنمينٽ گرلس ڪاليج جي حدن اندر چوديواريءَ ۾ ٻن وڏين گڏ ٻيڻل قبرن مان ايرندي طرف واري آهي.

سنه 1198 هه = 1783ع ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت ختم ٿي ۽ ٽالپورن جو تختگاهه به خدا آباد رهيو. ميان غلام شاهه حيدرآباد جي بخت کي بيدار ڪري ويو هو. پر ان جي بلند اقبال جو ستارو حقيقي معنيٰ ۾ تڏهن روشن ٿيو جڏهين فاتح سنڌ مير فتح علي خان، سنه 1789ع ۾ خدا آباد کي هميشه لاءِ ڇڏي هڪ باقاعدي تجويز ۽ تياريءَ سان اچي حيدرآباد کي تخت ۽ طاقت جو مرڪز بنايو. پهريائين شهر جي سٺاءَ ۽ آباديءَ طرف توجهه ڏنائين. خدا آباد ۾ جيئن وچان سڌي بازار هئي، تيئن قلعي جي دروازي جي سامهون سڌي بازار قائم ڪيائين. جيئن ته اڳين آبادي انهيءَ شاهي بازار جي منڍ کان اوڀر اتر طرف هئي ۽ اها سڄي مسلم آبادي هئي، انهيءَ ڪري شاهي بازار جي اوڀر طرف مسلمانن کي آباد ڪيائين. شاهي بازار جي اولهه طرف، قلعي جي سامهون غالباً اڳ به ڪجهه مسلمان آبادي هئي، جا هاڻي اڳتي جمن شاهه جي پڙ تائين وڌي. انهيءَ ٽڪر ۾ ديوان گدومل ۽ سندس ڪٽنب کي، جي گدوبندر مان لڏي آيا، "مير مير محمد خان جي پڙ" جي پرسان، اڀرندي طرف جاءِ ڏني ويئي. "گدواڻي گهٽي" انهيءَ ڪٽنب جي اصلي جاين جو يادگار آهي. وڌو توجهه ڪاريگرن ۽ ڪاسبين جي آباديءَ تي ڏنو ويو ته جيئن هنر جي ترقي ٿئي ۽ ڪارخانن ذريعي شهر شاهوڪار ٿئي. واڍا ۽ رازا خدا آباد مان آندا ويا، ۽ انهن خدا آبادي واڍن کي "واڍن جي پڙ" واري اراضيءَ ۾، ۽ رازن کي ڪاهي روڊ واري زمين تي آباد ڪيو ويو.

فوجي ضرورت لاءِ "تيورا" قوم جا ماڻهو جي ترارين صاف ڪندا هئا. "رتناڻي" جي خيمہ دوز يا تنبو ناهيندڙ هئا. "نال بند" ۽ نوبتون نغارا مڙهيندڙ "بزگر" آٽي وهاريا ويا. "گولہ انداز" جي ڪلهوڙن جا ماڻهو هئا. تن کي پهريائين شڪ جي نگاهہ سان ڏٺو ويو. جنهن ڪري شهباز خان روپوش رهيو (۽ چون ٿا تہ وفات بہ اتر سنڌ ۾ ڪيائين ۽ کيس آدم شاهہ جي ٽڪريءَ تي دفنايو ويو) پر پوءِ گولہ اندازن جي دلجوئي ڪري کين آباد ڪيو ويو. بندوق ۽ هٿيار ناهيندڙ مستري ۽ لوهار توڙي "خاطو بند" ڪاريگر هٿيارن جي ڳنن توڙي عاج ۽ ڪاٺ جي سامان تي جڙاوت جو ڪم ڪندا هئا. تن کي وسايو ويو.[1] پائيخان، جنهن جي نالي چاڙهي سڏجي ٿي، سوترارين ناهڻ جو ڪاريگر هو. بهرحال، مير فتح علي خان جي عهد ۾ ۽ کانئس پوءِ حيدرآباد ڪاسبين، ڪاريگرن ۽ ڪارخانن جو مرڪز بڻجي ويو. ڪوري، کتي، کهنباٽي، رنگريز، زري دوز پاٽولي، زرگر (سونارا)، وينجهر، چوڙيگر، ڦٽي گر، سراز ڪمانگريا نقاش، لوهار ٺانارا ۽ ڪاسائي، شهر جي آباديءَ جو اهم حصو بنجي ويا. انهيءَ عام آباديءَ کانسواءِ ٽالپر حڪمرانن پنهنجن نوابن، خدمتگارن، آخوندن ۽ طبيبن کي بہ موزون جايون سندن حويلين، سرائن ۽ اوطاقن لاءِ ڏنيون. شهر جي آباديءَ جا خاص حصا شاهي بازار جي ڀنهي پاسي گهٽين، پاڙن يا پڙن جي نالن پويان مشهور ٿيا. قلعي کان اتر-اوير "ڪانگن ڪاڏي" ڪاهي لڳ سنڌ جي سردارن جون اوطاقون هونديون هيون.

ٽالپوري عهد کان پوءِ هن شهر بہ وڏا انقلاب ڏٺا آهن: 1843ع ۾ انگريزن جو سنڌ تي غاصبانہ قبضو ۽ ان بعد، سؤ کن سالن کانپوءِ، 1947ع ۾ پاڪستان جو قيام. انگريزن جي قبضي، هتان جي نيڪنامي، اخلاق، تمدن ۽ روايات ۾ جيتريقدر ڦيرو آندو اوتروئي حيدرآباد شهر جي در و ديوار کي تبديل ڪيو. حيدرآباد حڪومت جو تختگاهہ نہ رهيو. هتان جا حاڪم قيد ٿي وڃي ڪلڪتي ۾ ڏينهن ڪاٽڻ لڳا ۽ اندر قلعي واريون جايون ڦٽي ويون. حاڪمن جي وڃي کان پوءِ نواب ۽ خدمتگار پڻ ڏڪائجي پيا، ۽ سندن آباد ڪيل ٽنڊن ۾ طراوت ۽ تازگي نہ رهي. هتان

---

[1]. "They (the Talppur rulers) had induced skilful gun smiths and inlayers to settle in Hyderabad." (Aitken E.H.: Gazetter of the Province of Sind, Karachi, 1907, P. I 37.)

جا عالم اديب، آخوند ۽ طبيب ڏنڙجي ويا. نئين دؤر ۾ نوان قانون ۽ نوان رجحانات پيدا ٿيا. پراڻي آباديءَ مان فقط هندو عامل ۽ پائيبند اوج کي پهتا ۽ سندن دولت سببان نيون جايون ۽ نوان پاڙا وڌايا. ڏکڻ طرف هير آباد وڏيو. سندن ڪوشش سان، قلعي جهڙي تاريخي يادگار کي پڻ هڪڙي پاسي کان ڍاهي، نيون جايون جوڙايون ويون. الهندو ڪچو ۽ صدر بہ نئين طور آباد ٿيا. گورنمينٽ جون آفيسون، اسڪول، اسپتالون ۽ ڪاليج نئين دؤر جي ترقيءَ جا نشان بڻيا. حيدرآباد جو شهر ريلوي ذريعي ڪراچيءَ ۽ سکر، بلڪ بمبئي ۽ لاهور سان ڳنڍجي ويو. ان بعد 1947ع ۾ قومي آزاديءَ جو انقلاب آيو. هندو عامل ۽ پائيبند، جن کي انگريزي دؤر حڪومت وارن هڪ سؤ سالن ۾ سڀ نعمتون نصيب ٿيون ۽ حيدرآباد شهر جا وارث ۽ سنڀاليندڙ هئا، تن هي شهر خالي ڪيو ۽ سندن جاءِ اچي مهاجر آباديءَ والاري.

1947ع کانپوءِ حيدرآباد شهر جي آدمشماري ايترو تہ وڌي آهي جو ان جو گذريل تاريخ ۾ مثال ڪونهي. شهر جي گوشي گوشي ۾ نئين آبادي وڌڻ سان گڏ "شاهہ لطيف آباد" جهڙو حيدرآباد جو نئون پاڱو آباد ٿيو آهي. ڪوٽڙي بئراج جو ٺهڻ، وڏن ڪارخانن جو قائم ٿيڻ، سنڌ يونيورسٽيءَ جو حيدرآباد-ڄام شوري منتقل ٿيڻ، ريڊيو اسٽيشن لڳڻ، ڪمشنري پوڻ، هن نئين دؤر جانمايان نشان آهن. حيدرآباد جو شهر وري هڪ نئين مرڪزي حيثيت جو مالڪ بڻجي رهيو آهي. جنهن جو تاريخي جائزو وٺڻ قبل از وقت آهي.

**

# شڪارپور۔ هڪ سرسري تاريخي جائزو*

جناب صدر انتظاميہ ڪميٽي جشن شڪارپور ۽ ميمبر صاحبان، جناب سربراهہ پبليڪيشن ڪميٽي ۽ ميمبر صاحبان، شهر شڪارپور جا علم دوستو حاضرينو السلام عليڪم!

آءٌ پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي سربراهہ جناب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب جو شڪرگذار آهيان، جو اوهان جي طرفان مون کي هن محفل ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏنائين. ان جو وڏو فائدو مون کي ٿيو آهي جو اوهان صاحبن سان ملڻ ۽ شهر شڪارپور کي هڪ دفعو وري ڏسڻ جو موقعو مليو آهي.

ڊاڪٽر عبدالمجيد صاحب پنهنجي دعوتنامي ۾ اهو شرط لاڳو ڪري ڇڏيو هو تہ هن موقعي تي آءٌ شڪارپور شهر جي ادب، تاريخ ۽ ثقافت بابت مقالو پڙهان. گذريل ٻن سالن ۾ انهيءَ موضوع تي ايڏو سارو مواد گڏ ٿي چڪو آهي جو ان تي ڪتاب ڇپيو آهي، جنهن جي اڄ رونمائي ٿي رهي آهي. هاڻي وڌيڪ ڇا لکجي! بهرحال مون ڊاڪٽر صاحب جي ارشاد جي تعميل ڪئي آهي، جو چيو اٿن تہ: جنهن جو ڪائجي تنهن جو ڳائجي؛ پر ايترو سو چوندس تہ من اڳتي لاءِ ڊاڪٽر صاحب پنهنجن خاص مهمانن کي سڌي ائين آزمائش جي ميدان ۾ نہ آڻي بيهاري، جيئن اڄ مون سان مهرباني ڪئي اٿئين.

'شهرن جي تاريخ' ملڪي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي، جنهن مان خاص طرح ملڪ جي اقتصادي ۽ سماجي تاريخ تي روشني پوي ٿي. آڳاٽن شهرن جا آثار آڳاٽين تهذيبن جي عروج ۽ زوال تي شاهد آهن. انساني

---

* ٽه ماهي مهراڻ شمارو ـ2ـ1987ع

تاريخ جي مطالعي لاءِ ۽ ان مان سبق حاصل ڪرڻ لاءِ، قرآن حڪيم ۾ پهريون ڀيرو "ٿنين واري شهر ارم" جو ذڪر آيو. اهوئي سبب هو جو اسلامي دؤر ۾ شهرن جي تاريخ لکڻ طرف خاص توجهه ٿيو ۽ مڪه، مدينه، دمشق، بغداد، غرناطه ۽ قاهره وغيره شهرن تي وڏي تحقيق سان ڪتاب لکيا ويا. 'شهرن جي تاريخ' جي سلسلي ۾ آزرقي جو لکيل "ڪتاب اخبار مڪه" (شهر مڪه جي تاريخ) هن موضوع تي دنيا جي اوائلي ڪتابن مان هڪ اهم ڪتاب آهي.

وقت گذرڻ سان اهو موضوع ايڏو ته اهم ۽ عام مقبول بڻجي ويو جو اسلامي ملڪن مان هرهڪ جي ڪنهن نه ڪنهن شهر جي تاريخ لکي ويئي، ۽ اهڙيءَ طرح 'شهرن جي تاريخ' جو موضوع "علم تاريخ نويسي" (Historiography) جو هڪ مکيه باب بڻجي ويو. سنڌ ۾ شهر جي عنوان سان پهريون ڪتاب مير طاهر محمد نسياني ٺٽوي سن 1030هه (1621ع) ڌاري لکيو جيڪو عام طور 'تاريخ طاهري' سڏجي ٿو. مگر مصنف ان کي 'شهر ٺٽي جي تاريخ' (تاريخ بلده تته) جي نالي سان لکيو انهيءَ لحاظ سان 'شهرن جي تاريخ' جي عنوان سان سنڌ ۽ هند ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ويا، تن ۾ مير طاهر محمد جو "شهر ٺٽي جي تاريخ" هڪ خاص اهميت رکي ٿو. سنڌ ۾ ان سلسلي جو ٻيو ڪتاب سيوهڻ بابت "تاريخ مشائخ سيوستان" آهي، جنهن ۾ خاص طرح شهر سيوهڻ جي ولين ۽ درويشن جو ذڪر آهي.

مجموعي طور سان، سنڌ جي آڳاٽن شهرن جي موضوع تي محب الله شاهه بکري جي لکيل مختصر "تاريخ سنڌ" ۾ هڪ باب 'امصار' يعني 'شهرن' بابت آهي.[1] جيتوڻيڪ ان ۾ مواد بالڪل ٿورو ۽ عام سطح وارو آهي. سنڌ جي تاريخي شهرن بابت حوالا ٻين تاريخن ۽ تذڪرن ۾ موجود آهن، جن ۾ مير علي شير قانع جو تاريخي ڪتاب "تحفة الڪرام" وڏي اهميت وارو آهي، مگر ان ۾ فقط 'ڪلهوڙن جي دؤر' تائين شهرن جا نالا ۽ حوالا موجود آهن، جن مان ڪي شهر اهڙا آهن جيڪي ان کان پوءِ وڏيا. مثلاً تحفة الڪرام ۾ حيدرآباد شهر جي بناء جو ذڪر آهي، مگر حيدرآباد جو اوج ۽ عروج پوءِ ٿيو.

ڪلهوڙن جي دؤر کان پوءِ انگريزن جي سنڌ تي غاصبانه قبضي کان اڳ، سنڌ جي آخري آزاد حڪومت، يعني "ٽالپر اميرن واري دؤر" ۾ ڪيترن

---

[1]. باب جو سڄو عنوان "در تفصيل امصار وبلاد وحصار و قصبات سنده و وجه تسميه ولغة آنها" آهي.

ٿي نَون شهرن جا بنياد پيا، ۽ پڻ ڪي اڳيون بستيون وڏيون ۽ وڏي اوج ۽ عروج کي پهتيون. اهڙن شهرن ۽ بستين مان حيدرآباد، ڪراچي، شڪارپور، لاڙڪاڻو خيرپور، ميرپور ۽ شهدادپور تاريخي اعتبار سان خاص اهميت رکن ٿا.

شڪارپور جو بنياد جيتوڻيڪ اڳ پيو پر هيءَ هڪ مثالي شهر آهي جيڪو ٽالپرن جي دؤر ۾ پنهنجي اوج ۽ عروج کي پهتو. البت هن شاندار شهر جي تاريخ پڻ ڪن ٻين مکيه شهرن وانگر عروج ۽ زوال جي تاريخ آهي.

## شهر جي بنياد ۽ دائود پوٽن جي سرداري وارو اوائلي دؤر (1026هه_ 1159هه)

شڪارپور شهر جي بنياد ۽ اوائلي دؤر واري تاريخ تحقيق طلب آهي. دائود پوٽن جي تاريخي روايت موجب، بهادر خان هن شهر جو بنياد وڌو. هن اورنگزيب بادشاهه طرفان سبي ۽ ڍاڍر جي نواب مرزا خان کان سنڌوندي‌ءَ جي ڪناري سان وڏي ايراضي، جنهن ۾ خانپور، ترائي ۽ سکر وارا علائقا اچي ٿي ويا، مقاطعي تي ورتي. اتي ٻيلا ۽ شڪار گاهه هئا. شڪارپور واري خاص ايراضي لکي جي مهرن جي هٿ ۾، جن جو سردار شير خان مهر هو. ان بعد دائود پوٽن ۽ مهرن جي وچ ۾ جنگ لڳي، جنهن ۾ مهرن هارايو. بهادر خان پوءِ انهيءَ فتح جي يادگار طور سن 1026هه (1617ع) ۾ شڪارپور شهر جو بنياد وڌو. ڀانئجي ٿو ته انهيءَ روايت جي مدارتي تي پوءِ ڪنهن پڙهيل هن بستي جي بناء جو سال، تاريخي ماده 'غوڪ' مان ڪڍيو جنهن جو عدد ابجد جي حساب سان '1026' آهي، مگر 'غوڪ' جي معنيٰ آهي ڏيڏر ۽ انهيءَ لحاظ سان اهو تاريخي ماده محض گماني ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ جو ان ۾ نه ته ڪا سهڻي معنيٰ ۽ نڪا نيڪ فال سمايل آهي.

ٻيو ته هن روايت موجب جنهن بهادر خان هي شهر ٻڌايو سو بهادر خان ثاني (ٻيو) هو جيڪو فيروز خان بعد دائود پوٽن جو سربراهه ٿيو. بهادر خان جو پٽ امير مبارڪ خان ٿيو ۽ ان جو پٽ صادق محمد خان (اول) هو جيڪو 1140هه (1727_1728ع) ۾ امير ٿيو. يعني ته بهادر خان جي بناء واري سال 1026هه ۽ صادق محمد خان جي مسند نشيني جي وچ ۾ 114 سالن جي وٿي آهي ۽ وچ تي نفقط هڪ پيڙهي (مبارڪ خان) آهي، جيڪا ان وڏي

عرصي لاءِ ناڪافي آهي. انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ اها ڦهرين بستي جيڪا سن 1026هہ ۾ آباد ٿي، سا بهادر خان ٻئي نہ، پر سندس وڏي ڏاڏي بهادر خان ڦهرئين آباد ڪئي هجي (جنهن ڪان پوءِ امير بکر خان ٿيو پوءِ امير محمد خان، پوءِ امير فيروز خان ۽ پوءِ امير بهادر خان ثاني).

ان ڦهرئين اوائلي بناء ڪان پوءِ ان بستي جي ڪوٽ ۽ عالم پناهہ کي غالباً بهادر خان ثاني تعمير ڪيو ۽ تعمير ۾ وڌيڪ واڌارو شايد سندس پٽ مبارڪ خان ۽ سندس پوٽي محمد صادق خان (اول) ڪيو. بهرحال شهر جي انهيءَ اوائلي دؤر جي سَنن سالن تي وڌيڪ غور جي ضرورت آهي.

## دائود پوٽن ۽ ڪلهوڙن جي گهرو لڙاين ۽ ڪابلي- قنڌاري افغانن جي قبضي ۽ خرابي وارو دؤر (1125_1239هـ)

اوائلي بناء واري دؤر بعد هڪ سؤ سالن جي وڏي عرصي تائين هن شهر جي وڌيڪ تعمير ۽ آبادي ڪانہ ٿي، بلڪ ويراني ٿي. جنهن جا ٻہ سبب هئا: دائود پوٽن ۽ ڪلهوڙن جون پاڻ ۾ گهرو لڙايون، ۽ انهن جي نتيجي ۾ ڪابلي- قنڌاري افغانن جو شڪارپور شهر ۽ ٻئي چوڌاري علائقي تي قبضو. هن دؤر جا حالات تاريخي ڪتابن ۾ موجود آهن. مکيہ واقعا هن طرح آهن:

(الف) مغلن طرفان سبي ۽ ڍاڍر جي نواب مرزا خان بعد سندس پٽ بختيار خان جي حملي ۽ هيس سببان، بهادر خان (ثاني) دائود پوٽي جو پٽ محمد مبارڪ خان شڪارپور کي ڇڏي هليو ويو. هو ڦهريائين نٿي ميران شاهہ ۾ ۽ پوءِ ميرپور- اوباوڙي پرڳڻي طرف 'قلعي پنهون خان' ۾ وڃي رهيو. ان ڪان پوءِ مغل شهزاده محمد معزالدين کي چاڙهي آيو ۽ بختيار خان جي مارجي وڃڻ ڪان پوءِ ٿي هو شڪارپور ۾ موٽي آيو.

(ب) ان ڪان پوءِ محمد مبارڪ خان ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي وچ ۾ نفاق پيو ۽ لڙايون شروع ٿي ويون. ميان يار محمد جي وفات (1131هـ) بعد ميان نور محمد مغليہ سرڪار ڪان خانپور ۽ شڪارپور جي جاگير جي سَنَد وٺي آيو ۽ قبضي وٺڻ لاءِ حملا شروع ڪيائين.

(ج) 1140هـ ۾ محمد مبارڪ خان جي وفات بعد سندس پٽ صادق محمد خان امير ٿيو. 1152هـ (1739ع) ۾ جڏهن نادر شاهہ سنڌ تي چڙهائي

ڪئي تہ غالباً محمد مبارڪ خان نادر شاهہ جي رسائي ڪئي. نادر شاهہ جڏهن ميان نور محمد کي عمر ڪوٽ ۾ سوگهو ڪري آڻ مڃائي تہ سڄي اُتر سنڌ ميان نور محمد جي قبضي مان ڪڍي ٽن حصن ۾ ورهايائين ۽ مٿي اتر طرف چنڊ ۽ شڪارپور ۽ هيٺ ڏکڻ طرف لاڙڪاڻو ۽ سيوستان امير صادق محمد خان جي حوالي ڪيائين.

(د) غالباً ميان نور محمد جي صادق محمد خلاف هلايل حڪمت عملي سان پوءِ نادر شاهہ طرفان طهماسپ خان شڪارپور تي چڙهائي ڪري ان علائقي تي قبضو ڪيو. انهيءَ وچ ۾ صادق محمد خان بہ وڃي ايران پهتو ۽ اتان عسڪر علي خان کي چاڙهي آيو. ميان نور محمد وري بہ حڪمت عملي سان عسڪر علي خان کي صادق محمد خان خلاف بدظن ڪيو جنهن ڪري مدد ۾ آيل لشڪر صادق محمد خان تي سن 1159هہ (1746ع) ۾ شڪارپور تي حملو ڪيو. صادق محمد خان وڏي بهادريءَ سان مقابلو ڪيو پر 14 ربيع الاول 1159هہ تي مارجي ويو. انهيءَ حملي ۾ شڪارپور جي آبادي توڙي ڪوٽ قلعي کي وڏو نقصان پهتو.

(هہ) ان بعد شڪارپور تي ڪجهہ وقت لاءِ ميان نور محمد جو قبضو ٿيو پر نادر شاهہ جي قتل ٿيڻ بعد احمد شاهہ ابدالي حڪومت جو وارث ٿيو. هن ميان نور محمد کي خطاب ڏنو پر ميان صاحب شايد عهدنامي جي پوئواري نہ ڪئي جنهنڪري سن 1167هہ (1753ع) ۾ جڏهن احمد شاهہ سنڌ تي چڙهائي ڪئي تہ ميان نور محمد بہ سنڌ ڇڏي هليو ويو جنهنڪري احمد شاهہ ابدالي شڪارپور وارو سڄو علائقو سبي سان لاڳو ڪري پنهنجي افغان حڪومت سان ملائي ڇڏيو.

(و) ڪلهوڙن جي آخري ڪمزور حڪمران ميان عبدالنبي جيئن سنڌ جو عمر ڪوٽ وارو علائقو جوڌ پور جي راجا کي ڏيئي ڇڏيو هو تيئن شڪارپور ۽ ٻيو سڄو اترين علائقو افغانن جي حوالي ڪندي ۽ پڻ وڏيڪ ڏن ڏيڻ جا دلاسا ڏيندي سنڌ تي افغانن جي لشڪر جا حملا ڪرايا. انهيءَ ڪري نہ فقط ملڪ ڦٽي ويو پر شڪارپور واري سڄي پرڳڻي تي ڪابلي قنڌاري افغانن جو قبضو مضبوط ٿي ويو. اهو قبضو احمد شاهہ ابدالي جي حملي واري سال 1167هہ (1753ع) کان شروع ٿيو ۽ ٽالپرن جي دؤر ۾ ويندي 1239هہ (1823ع) تائين ٽورو گهٽو هلندو آيو.

## ٽالپورن جي دؤر ۾ شڪارپور جي آزادي، اوج ۽ عروج وارو دؤر
(1239_1259هه/1823_1843ع)

ٽالپورن جي دؤر ۾ وچي شڪارپور شهر آزاد ٿيو ۽ پنهنجي اوج کي پهتو. ان دؤر جي تاريخ کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (الف) شڪارپور شهر ۽ پرڳڻي کي افغانن جي قبضي مان آزاد ڪرائڻ وارو دؤر ۽ (ب) شهر شڪارپور جي اوج ۽ عروج وارو دؤر.

### (الف) افغانن جي قبضي جو خاتمو

سن 1196هه (1782ع) ۾ ٽالپورن جي حڪومت قائم ٿيڻ سان، مير فتح علي خان جي عهد ۾ سنڌ جا اهي شهر ۽ علائقا، جيڪي پوين ڪمزور ڪلهوڙن حڪمرانن پر وارن حاڪمن کي ڏيئي ڇڏيا هئا، تن جي آزاد ڪرائڻ لاءِ قدم کنيا ويا. عمر ڪوٽ جو علائقو جوڌ پور جي راجا کان ڇڏايو ويو. ڪراچي قلات جي خان کان واپس ورتي وئي؛ اوباوڙي- سبزل ڪوٽ وارو علائقو بهاول پور جي اميرن کان ورتو ويو. ۽ آخر ۾ شڪارپور وارو پرڳڻو ۽ شهر افغانن کان ڇڏايا ويا. البت شڪارپور تي 1167هه کان وٺي ٽيهن سالن جي عرصي تائين افغانن جو قبضو رهيو هو. انهيءَ ڪري وڏي حڪمت عمليءَ سان ان کي ختم ڪيو ويو. پهريائين افغانن جي قبضي هيٺ آيل شڪارپور پرڳڻي جي حدبندي ڪئي وئي، ان بعد شهر شڪارپور جي چوڌاري سجو پرڳڻو افغانن جي قبضي کان آجو ڪيو ويو ۽ آخر ۾ شهر شڪارپور مان افغانن کي بي دخل ڪيو ويو. انهيءَ تدبير ۽ حڪمت عملي جو اڳواڻ نواب ولي محمد خان لغاري هو. هن سلسلي ۾ جيڪي مکيه قدم کنيا ويا، سي مختصر طور هي هئا:[1]

1. سن 1208هه (1793ع) ۾ ڪابل جو حڪمران زمان شاهه سنڌ کان سالانه ڍل اڳاڙڻ لاءِ لشڪر وٺي چڙهيو. سنڌ طرفان نواب ولي محمد خان ڪيس مُنهن ڏيڻ لاءِ روانو ٿيو. اتفاق سان پويان ڪابل ۾ فساد شروع ٿيا، جنهن ڪري زمان شاهه واٽ تان پوئتي وريو ۽ شڪارپور جي سرحد تان فتنو ٽري ويو.

---

[1]. اسان ڪتاب "ڪلام فقير نواب ولي محمد خان لغاري" (ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1968ع) جي مقدمي ۾ انهن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. هيٺ ڏنل اقتباس ان مقدمي تان ورتل آهي.

2. 1211_1217هه واري عرصي ۾ جڏهن نواب ولي محمد خان چانڊڪي (لاڙڪاڻو) جو گورنر هو تڏهن تائين شڪارپور وارو پرڳڻو جيڪو افغانن جي هٿ هيٺ هو تنهن جون حدون مقرر ٿيل ڪين هيون ۽ انهيءَ ڪري افغان فوجدارن چوڌاري پئي ملڪ پيليو ڪاڍو. نواب ولي محمد خان سنڌن انهيءَ چڙواڳي کي بنجي، ڏيڻ لاءِ ڳڙهي ياسين لڳ نوشهره ابڙه ۾ وچي پنهنجو سرڪاري ديرو قائم ڪيو ۽ ان کي ڪوٽ ڏياري مضبوط ڪيو. هن ديري وٽان هن پنهنجي مالي ۽ فوجداري انتظام جون حدون وڌايون، تان جو باقي شڪارپور شهر ۽ ان جي پسگردائي وچي افغانن لاءِ ڇڏيائين.

3. سن 1218هه (1803ع) ۾ شاهه شجاع ڪابل جو حڪمران ٿيو ۽ هن پئسي جي لالچ ۾ سنڌ تي چڙهايون شروع ڪيون. سن 1221هه/1806ع ۾ هو پنهنجي وزير شير محمد خان کي ساڻ ڪري ماليات وصول ڪرڻ لاءِ اچي شڪارپور پهتو ۽ نواب ولي محمد خان ڪيس قدري رقم ڏيئي راضي ڪري واپس موٽايو. سن 1225هه/1810ع ۾ وري ماليات وصول ڪرڻ جي بهاني سان شاهه شجاع اچي شڪارپور سهڙيو. نواب ولي محمد خان وڏو دورانديش هو. هن ڏٺو ته جي شڪارپور جهڙي پُرفضا شهر ۾ ڪابل جي حاڪم اچي ديرو دمايو ته پوءِ منجهانئس جند ڪانه ڇٽندي، سو فوري شڪارپور پهچي، ساڻس ملي دم دلاسا ڏيئي في الحال ڪيس ديره غازي خان ڏانهن ڪڍي ويو ۽ اتي ڪيس قدري رقم ڏيئي اڳتي اُماڻي ڇڏيائين.

4. سن 1229_1231هه (1814_1816ع) وارن سالن ۾ ڪابل جي محمود شاهه پنهنجي وزير فتح خان جي مشوري سان شڪارپور تي چڙهائي ڪئي. بهانو اهو هو ته افغانن طرفان مقرر ڪيل شڪارپور وارو نائب ڪين ماليات نٿو پهچائي. محمود شاهه پنهنجي لشڪر سان اچي ڍاڍر ۾ منزل انداز ٿيو جتي قلات جو خان محمود خان پريان لشڪر وٺي اچي ساڻس شامل ٿيو. اتان اول امين الملڪ محمد رحيم خان افغان کي شڪارپور تي چاڙهي موڪليائون. نواب ولي محمد خان حالات جو جائزو وٺي راءِ ڏني ته طاقت جو جواب طاقت سان ڏجي. انهيءَ صلاح موجب مير ڪرم علي خان، مير مراد علي خان، مير سهراب خان ۽ مير تارو خان سنڌ جي متحده لشڪر سان اچي شڪارپور جي ويجهو منزل

انداز ٿيا. جتي ڪين محمود شاهہ جو پيغام ماليات لاءِ پهتو ۽ ان بعد شڪارپور مان محمد رحيم افغان جو قاصد آيو. مشوري بعد فيصلو ٿيو تہ محمود شاهہ ڏي خط لکيو وڃي تہ جي صلح ڪندين تہ صلح ڪنداسون ۽ جي جنگ ڪندين تہ جنگ ڪنداسون. باقي محمد رحيم افغان جو قاصد موڪلڻ بي معنيٰ آهي، ڪيس خود حاضر ٿيڻ گهرجي. مير صاحبن طرفان نواب ولي محمد خان لغاري انهيءَ قاصد کي ساڻ ڪري شڪارپور پهتو. محمد رحيم مير صاحبن جي دربار ۾ اچڻ کان نٽايو مگر نواب ولي محمد خان ساڻس ڳالهيون هلائي ڪيس مجبوراً آڻي دربار ۾ حاضر ڪيو. ان بعد ڳالهيون هليون ۽ صلح لاءِ رستو صاف ٿيو مگر مولا داد افغان شرارت ڪري نهيل ڪم کي ڦٽايو. انهيءَ تي سنڌ جو لشڪر جنگ لاءِ تيار ٿيو. محمود شاهہ اهو ٻڌي ڀاڳ مان پيير ڏانا ۽ راجن پور وارو گس وٺي وڃي ديري غازي خان پهتو. اهو ٻڌي محمد رحيم افغان ميرن صاحبن کان موڪل گهري جا ڪيس ملي ۽ هو پاڻ سنڌ ڇڏي واپس وريو. انهيءَ تدبير سان بنا جنگ و جدل جي سنڌ جي سَرسي ٿي. نواب ولي محمد خان هن موقعي تي اهم پارٽ ادا ڪيو جنهن جو پنهنجي مثنوي 'هير رانجهي' ۾ پڻ قدري تفصيل سان ذڪر ڪيو اٿائين.

5. سن 1234هہ (1819ع) ۾ وري شاهہ شجاع اچي شڪارپور پهتو تہ نواب ولي محمد خان بہ اچي نوشهره ابڙي طرف منزل ڪئي. پوئتي ڪابل ڏانهن شاهہ شجاع جي موٽڻ جون واهون بند هيون جو ڪابل تي محمد عظيم خان جو قبضو هو انهيءَ ڪري هو ڪپ ڪوڙي يڪا بہ سال شڪارپور ۾ ويهي رهيو. نواب ولي محمد خان شڪارپور جي چوڌاري سڄي علائقي کي پوريءَ طرح پنهنجي ضابطي ۾ رکيو هو مگر شهر شڪارپور ۽ ان جي نزديڪي پسگردائي ۾ شاهہ شجاع ۽ سندس ماڻهو ڦرندا رهيا. جيئن تہ ڪين مهمانن جي حيثيت هئي انهيءَ ڪري ڪين ڪجهہ بہ ڪونہ ٿي چيو ويو. بالاآخر جڏهن شاهہ شجاع ۽ سندس سپاه شرافت جا ليڪا لتاڙي اشرافن جون لجون ۽ ملڪيتون لُٽڻ لڳا، تڏهن نواب ولي محمد خان رعايا تي ظلم ٿيندو ڏسي شجاع کي شڪارپور ڇڏائڻ جي تجويز اميرن جي آڏو رکي، جا منظور ٿي. ان موجب 1236هہ/1821ع ۾ نواب ولي محمد خان حيدرآباد طرفان ۽ حمزو خان

ٽالپور خيرپور طرفان پنهنجي فوجي دستن سان اچي شهر شڪارپور ۾ منزل انداز ٿيا، جنهن ڪري ڇڙواڳ افغانن طرفان رعايا کي ايذائڻ واريون حرڪتون بند ٿيون. ٻئي طرف سنڌ طرفان سڌو محمد عظيم خان سان تعلق قائم ڪيو ويو جو فوج وٺي اُتان چڙهيو. سنڌ جي متحده فوج بہ اميرن سان گڏ اچي نواب ولي محمد خان جي رٿيل تجويز موجب لاڙڪاڻي پهتي ۽ اتان وڏي اچي ميان شاهل محمد عباسي جي قبي وٽ ڇانوڻي هنيائون. شاهہ شجاع بہ پريان محمد عظيم خان جو لشڪر ايندو ڏسي شڪارپور جي جند ڇڏي ۽ پنهنجي جان بچائڻ خاطر اچي سنڌ جي ڇانوڻي ۾ پناهہ ورتي. محمد عظيم خان جي فوجي دستن ابهرائي ڪري پيشقدمي ڪئي جنهن کي سنڌ جي فوجي دستن ختم ڪري ڇڏيو. محمد عظيم خان کي پوءِ صلح ڪري پوئتي موٽڻو پيو. شاهہ شجاع بہ سنڌ ڇڏي جيسلمير جي راهہ وٺي لُڌياني (پنجاب) ڏي روانو ٿيو.

6. نواب ولي محمد خان هاڻي شڪارپور شهر جي ڇوڏاري سڄي پسگردائي سنڌ جي انتظام هيٺ آڻي ڇڏي ۽ سوچيائين تہ ڪنهن طرح شهر افغانن جي چنبي کان آزاد ڪرائجي. سن 1239هہ/23-1824ع ۾ رحمدل خان افغان شڪارپور شهر جو ڪوتوال هو جنهن کي سندس پاءُ ۽ ڪابل جي امير شير دل خان پاڻ گهرائي ورتو. رحمدل خان پنهنجي طرفان عبدالمنصور خان کي شڪارپور تي مقرر ڪيو. ٿوري عرصي بعد، سِکن جو لشڪر اچي ديري غازي خان پهتو. مبادا اهو لشڪر سنڌ جو رُخ ڪري، انهيءَ لاءِ ضروري هو تہ سنڌ جي سرحد خصوصاً شڪارپور جي بچاءُ لاءِ انتظام ڪيو وڃي. اهو انتظام نواب ولي محمد خان جي حوالي ٿيو.

نواب صاحب اول پنهنجي هيڊ ڪوارٽر لاڙڪاڻي مان عبدالمنصور ڏانهن مؤثر مُراسلا موڪليا، ۽ ڪيس موقعي جي نزاڪت کان آگاهہ ڪري سمجهائيندو رهيو تہ افغان سردارن طرفان شڪارپور جو بچاءُ مشڪل آهي، انهيءَ ڪري بهتر آهي تہ سِکن جي آڏو سِر جهڪائڻ بدران شڪارپور سنڌ جي حوالي ٿئي تہ فوراً حفاظتي انتظام ڪيو وڃي. عبدالمنصور خان شهر خالي ڪرڻ بدران، نواب صاحب ڏي منٽ ميڙ جا خط بهاني طور لکيا تہ سِک شڪارپور تي حملو ڪونہ ڪندا ۽ ازانسواءِ شڪارپور جي ٻئي سڄي

علائقي تي اڳ ئي اوهان جو قبضو آهي، ۽ صرف شهر واري چار ديواريءَ باقي وڃي بچي آهي، جا اسان کان نہ ڇڏايو تہ بهتر آهي. نواب صاحب انهن حيلن ۽ بهانن کان متاثر نہ ٿيو ۽ شڪارپور کي افغانن جي تسلط کان هميشه لاءِ آزاد ڪرائڻ لاءِ لاڙڪاڻي کان لشڪر وٺي هليو. نواب صاحب کي بخوبي معلوم هو تہ عبدالمنصور خان ۾ مقابلي جي طاقت ڪانهي، انهيءَ ڪري سپاهہ ۽ پنهنجا خاص ماڻهو جن ۾ 'دلاور خذمتگار' برک هو ساڻ ڪري اچي 'شاهي باغ' ۾ لٿو ۽ جمعي خان بارڪزئي سردار کي گهرائي عبدالمنصور خان ڏي چوائي موڪليائين، تہ هو پنهنجو خير سمجهي تہ شهر خالي ڪري ڪابل ڏانهن روانو ٿئي. انهيءَ ڌمڪيءَ سان گڏ 'خذمتگار دلاور' کي گهوڙي سوارن جي دستي سان شهر ۾ موڪليائين تہ سنڌ جي حڪومت طرفان قبضي جو اعلان ڪري، ۽ ڪوتوالي توڙي دروازن جي چوڪين تي پنهنجا ماڻهو مقرر ڪري. ٻئي ڏينهن نواب صاحب پنهنجن سپاهين جي هڪ خاص دستي کي وردي ۽ سروپاءَ سان سينگاري هٿياربند ڪري موڪليو تہ وڃي شهر ۾ گشت ڪن، ۽ ماڻهن کي همٿائين ۽ اطمينان ڏيارين تہ افغانن جو تسلط ختم ٿي چڪو آهي. خدمتگارن پوري رعب تاب سان گشت ڪيو ۽ تاريخ "تازه نواي معارڪ" جي مؤلف منشي عطا محمد جي لکڻ موجب اکين جا اشارا ڏيندي عليٰ الاعلان پئي چيائون تہ:

واهہ شڪارپورا! واهہ شڪارپورا!
پلا پلا مار مارينداسون ڙي!
رئيسن جي سرن جي سلامتي هجي!

محض انهيءَ رعب تاب جي حڪمت عملي سان عبدالمنصور خان جا حوصلا پست ٿي ويا ۽ ٽئي ڏينهن ٽپڙ ٻڌائين. پاڻ هلي اچي نواب صاحب کي شاهي باغ ۾ مليو. نواب صاحب ڪيس مروت سان پيش آيو پر فوري شهر ڇڏڻ لاءِ تاڪيد ڪيائينس، جنهن تي نواب صاحب کان ڳڙهي ياسين وڃڻ لاءِ اجازت ورتائين تہ اتي وڃي سامان سڙو سنياري ڪابل روانو ٿئي. ڪيس اها اجازت ملي. ڳڙهي ياسين ۾ سندس مڏي مس تيار ٿي تہ نواب صاحب طرفان سنڌ ڇڏڻ جو حڪم نامو پهتس ۽ لاچار ٿي روانو ٿيو. بقول منشي عطا محمد: "شڪارپور جيڪا سالن جا سال خراسان (ڪابل) جي حڪمرانن جي يار دلخواه رهي هئي، انهيءَ معشوق جي جدائي ۾ هو ڳوڙها ڳاڙيندو سينو پٽيندو ڪپڙا ڦاڙيندو افسوس ڪندو پئي ويو."

## (ب) شڪارپور شهر جو اوج ۽ عروج

ٽالپور اميرن جي حڪومت قائم ٿيڻ بعد، سن 1211هه (1796ع) کان وٺي، پهريائين لاڙڪاڻي جي گورنر جي حيثيت ۾ ۽ ان بعد سنڌ جي وزيراعظم جي حيثيت ۾ نواب ولي محمد خان درجي بدرجي شڪارپور جي افغان انتظاميه تي دٻاءُ وجهڻ شروع ڪيو جنهنڪري هنن جي چيره دستي ۽ من ماني وارو پنجيتاليهن سالن کن (1167_1211هه) جو دؤر ختم ٿي ويو. 1211_1217هه وارن پنجن سالن ۾ شڪارپور شهر ۽ پسگردائي وارو علائقو جيڪو افغان عملي جي هٿ هيٺ رهيو، تنهن جي حدبندي ٿيڻ سان افغان عملي جو عمل دخل، سنڌ جي انتظاميه جي گهيري ۾ اچي ويو. انهيءَ ڪري شڪارپور شهر توڙي چوڌاري ٻي آباديءَ کي وڏو ڏڍ ۽ آسرو ٿيو. ڪين سنڌ جي حڪومت جي پشت پناهي ملي وئي. نوشهره ابڙي ۽ ترائي وارو پرڳڻو جيڪو سنڌ جي حڪومت ۾ شامل هو، تنهن جي آبادي وڌي، جنهنڪري اتر طرف شڪارپور ته ڏکڻ طرف لاڙڪاڻي جا شهر واپار جا مرڪز بڻيا. شڪارپور جي سيٺين کي افغانن سان واپار جو تجربو ته ڇڪو هو ۽ جيئن ئي ڪين افغان حڪمرانن جي زبردستي ۽ ڦرلٽ کان نجات ملي ته افغانستان طرف واپار وڌيو. ٽالپورن جي دؤر ۾ سنڌ جي حڪومت طرفان خاص طرح واپارين کي سڀ سهولتون ڏيڻ ۽ همٿائڻ ۽ آزاد تجارت واري پاليسي سببان تجارتي ڪاروبار ترقي ڪئي. سن 1239هه (1823_24ع) کان وٺي شڪارپور شهر به سنئون سڌو سنڌ جي حڪومت ۾ داخل ٿي ويو، جنهنڪري ٽالپورن جي دؤر جي ايندڙ ويهن سالن واري عرصي ۾ شڪارپور شهر جي واپار جو دائرو هڪ طرف بلخ ۽ بخارا تائين ته ٻئي طرف هرات ۽ مشهد تائين وڌيو.

انتظامي طور، ٽالپورن جي دؤر ۾ شڪارپور کي خاص اهميت ڏني ويئي. پهريائين اتي جي انتظام جو اعليٰ اختيار نواب ولي محمد خان جي هٿ ۾ رهيو جو ساڳئي وقت سنڌ جو وزيراعظم هو ان بعد سنڌ جي ٻئي وزير آغا اسماعيل شاهه جو فرزند آغا ڪاظم شاهه شڪارپور جو گورنر مقرر ٿيو ۽ ان کان پوءِ نواب عالم خان مري انتظام سنڀاليو. انهيءَ اعليٰ درجي جي منتظمين، اديبن ۽ محب وطن خادمن[1] جي نگرانيءَ هيٺ شهر شڪارپور سگهوئي

---

[1]. نواب ولي محمد خان سن 1247هه ۾ وفات ڪئي. آغا ڪاظم شاهه ۽ نواب عالم خان مري ٻيئي "ڪرڙي واري جنگ" ۾ شعبان 1249هه ۾ شهيد ٿيا.

پنهنجي اوج ۽ عروج کي پهچي ويو. شهر جي آبادي وڌي، شهر جي عالم پناهه ۽ ان جي دروازن جي نئين سر مرمت ۽ تعمير ٿي. قافلن لاءِ ڪاروان سراءِ تعمير ٿي ۽ آبپاشي جي اعليٰ انتظام سان شهر شڪارپور باغات جو مرڪز بڻجي ويو.

سڀ کان وڏو واڌارو تعليم ۾ ٿيو جڏهن کان شاهه فقير الله علوي (وفات 1194هه) شڪارپور ۾ پنهنجو تڪيو ڪيو هو تڏهن کان وٺي شڪارپور ۾ اعليٰ تعليم ۽ تصنيف جو تڏو لڳو جيڪو پوءِ ٽالپور اميرن واري دؤر ۾ وڌي وڻ ٿيو. نواب ولي محمد خان توڙي آغا ڪاظم شاهه پنهنجي دؤر جا وڏا اديب ۽ شاعر هئا ۽ سندن شڪارپور ۾ اچڻ ۽ انتظام سنڀالڻ سان اديبن ۽ شاعرن جو وڏو قدر ٿيو. آخوند صاحبڏنو جيڪو هن دؤر ۾ شڪارپور جو هڪ وڏو ذهين عالم، شاعر ۽ قاضين واري مسجد ۾ مدرسي جو استاد هو تنهن نواب ولي محمد خان جي انهيءَ حسن انتظام کي غائبانه داد ڏنو جنهن سان سڄي ملڪ توڙي شڪارپور شهر ۾ رونق ۽ تازگي اچي وئي هئي. بقول آخوند صاحبڏنو:

باز در عالم نواي تازگي را برتري ست
در همه آفاق انواعِ طرب را رهبري ست

شڪارپور جي مڪتبن ۽ مدرسن وڏا عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا ۽ پڻ تجارتي ترقي سببان شهر جي صفائي ۽ سهڻائي ۾ رونق اچي وئي ۽ چوڌاري باغات جي گلزاري لڳي وئي. اندازاً 1241_1245هه واري عرصي ۾ آغا ڪاظم شاهه به سال شڪارپور ۾ گورنر ٿي رهيو ۽ شهر جي اندروني رونق، شهر جي سهڻن ماڻهن، شهر جي گلستانن ۽ بلبلن بابت يادگار شعر چيائين ته:

شڪارپور عجب جاي خوبرويان است
مقام و منزل و ماواي عندليبانست
نه موسمِ گل و فصل بهار باشد، ليک
به هر طرف که نظر مي کنم گلستانست

آخوند صاحبڏنو محمد عارف صنعت ۽ ٻيا انهيءَ دؤر ۾ فارسيءَ جا اديب ۽ شاعر هئا ۽ جيتوڻيڪ 1259هه (1843ع) ۾ انگريزن جو سنڌ تي قبضو ٿيو مگر اڳئين آزادي واري دؤر ۾ قائم ٿيل علمي درسگاهون ۽ علم

ادب واريون محفلون چاليهہ سال کن پوءِ ويندي 1880ع تائين هلنديون آيون. فارسي جي اديب ۽ شاعر مرزا احمد علي قلاتي، جيڪو مارچ 1877ع ڌاري ڪجهہ وقت لاءِ اچي شڪارپور ۾ رهيو هو. تنهن ان وقت جي شهر جي پُرفضا رونق کان متاثر ٿي سهڻو شعر چيو جنهن ۾ شڪارپور کي بهشت ۽ گلشن ڪري سڏيائين.

بهشت روئي زمين گلشنِ شڪارپور است
نگارخانه چين گلشنِ شڪارپور است

بقصر هاي فراوان و گلرخان، وفير
بباغ خلد برين گلشنِ شڪارپور است

اگر ز روضه مينو سواد گفتندي
يقين شدم که همين گلشنِ شڪارپور است

هزار همچو جهاندار و بهروز بانو
بابيين که درين گلشنِ شڪارپور است

## انگريزن جي سنڌ تي غاصبانہ قبضي ۽ شڪارپور جي زوال وارو دؤر (1843_1947ع)

1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي غاصبانہ قبضو ڪيو جنهن سان سنڌ جي پنهنجي آزاد حڪومت ختم ٿي ۽ غلامي وارو دؤر شروع ٿيو. انگريزن ڪي سڏارا واڏار آندا، پر ان سان گڏ سنڌ جي اڳين حڪمرانن خلاف پروپئگنڊا جو طوفان جاري ڪيو ۽ پنهنجي سامراجي حڪومت کي سونهري ثابت ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪانہ ڇڏي. وقت گذرڻ سان، سڄي سنڌ، توڙي سنڌ جو هر ڳوٺ ۽ هر شهر غلاميءَ جي زنجيرن ۾ قابو ٿي ويو ۽ ماڻهن جا ذهن بدلجي ويا. ايتريقدر جو سنڌ ۾ انگريزن جي پڙهايل چاڙتن پنهنجن ملڪي حڪمرانن ۽ پنهنجن ملڪي ماڻهن خلاف گِلا جا دفتر پريا ۽ انگريزن جي تعريف ۾ قصيده ڳائڻ شروع ڪيا. انگريزن اچڻ سان، سنڌ جي اڳئين آزادي واري دؤر جا تعليمي ۽ انتظامي مرڪز ڊاهڻ شروع ڪيا. پنهنجي حڪومت جو مرڪز ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيائون تہ جيئن سنڌ جي اڳئين گاديءَ جي شهر حيدرآباد جي اهميت ختم ٿئي. اهڙيءَ طرح لاڙڪاڻي ۽

خاص طرح شڪارپور جي اهميت کي ختم ڪيائون. سنڌ جي مٿين اُترئين سرحد بند ڪيائون. جنهنڪري تجارتي مرڪز جي حيثيت ۾ شڪارپور جي اهميت ختم ٿي وئي ۽ ڪاروان سِراءِ کنڊر بڻجي ويو.

سن 1883ع ۾ ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر شڪارپور مان بدلائي سکر ۾ آندائون. جنهنڪري انتظامي طور سان پڻ شڪارپور جي مرڪزي اهميت ختم ٿي وئي. شڪارپور جا مڪتب ۽ مدرسا بند ٿي ويا. ۽ فارسي علم ادب وارو گلشن ڦٽي ويو. شهر جا معزز گهراڻا دربدر ٿي ويا. البت شاهوڪار سيٺين انگريزن جو ساٿ ڏنو جن ڪين پڙهايو واپار ۾ وڌايو ۽ شهر جو مالڪ بڻايو.

هڪ سؤ کن سالن کان پوءِ انگريزن جي آخري دؤر ۾ شهر جي ڪن مسلمان گهراڻن جا فرد وڃي چڱن عهدن تي پهتا. مرحوم الله بخش سومرو پهريون بيدار مغز مدبر هو جنهن جي سياسي طاقت ۾ اچڻ سان هتان جي مسلمان باشندن کي به تقويت ملي.

حقيقت ۾ شڪارپور کي ڪنهن حد تائين پنهنجو اڳيون تاريخي مقام جولاءِ 1977ع کان پوءِ مليو آهي، جڏهن کان وٽي شڪارپور کي ضلعي جو درجو مليو آهي ۽ شهر شڪارپور ان ضلعي جو انتظامي مرڪز ٿيو آهي. انهيءَ لحاظ کان اوهان ’جشن شڪارپور‘ ملهائڻ ۾ نه فقط حق بجانب آهيو پر هڪ تاريخي ڪردار ادا ڪري رهيا آهيو. پبليڪيشن ڪميٽي جي ڪوشش قابل مبارڪباد آهي، جو جشن شڪارپور جي جلسن ۾ پڙهيل مقالن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويو آهي.

جيئن ته شڪارپور هڪ تاريخي شهر آهي، انهيءَ ڪري ضروري آهي ته هن نئين ضلعي جي انتظاميه، ميونسپالٽي توڙي شهر واسين طرفان هن شهر جي قديم آثارن کي جيترو ٿي سگهي اوترو جلد محفوظ ڪيو وڃي ۽ انهن جاين تي يادگار ڪتبا هڻايا وڃن. انهيءَ سلسلي ۾ آءٌ هيٺين آثارن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضروري سمجهان ٿو:

1. دائود پوٽن جي قبرستان، خاص طرح صادق محمد خان جي قبر لڳ ڪتبو هڻايو وڃي. قبرستان جو اَڳاٽو تفصيل هن طرح آهي: محله اسٽوارٽ گنج سٽي سروي چڪ نمبر 5، نمبر شمار 95، ميونسپل نمبر 155، قبرستان نمبر شمار 87، ميونسپل نمبر 22، سٽي سروي نمبر 151 قبرستان نمبر شمار 60، سٽي سروي نمبر 95، قبرستان جو حاطو.

2. شهر جي عالم پناهه کي جيڪي دروازا هئا، انهن مان هڪ ته دروازا اصل حالت ۾ محفوظ ڪيا ويا، پر سيني دروازن وارين جاين تي انهن دروازن جي نالن جا يادگار ڪتبا هٽايا ويا.
3. نواب ولي محمد خان شهر شڪارپور کي آخري طور افغانن جي چنبي مان آزاد ڪرايو. ان موقعي تي هو شاهي باغ ۾ منزل انداز ٿيو هو جتي ڪنهن موزون جڳهه تي يادگار ڪتبو هٽايو ويو.
4. ڪاروان سراءِ جي ڪم از ڪم هڪ ديوار ۽ دروازي جي حفاظت ڪئي وڃي، ۽ پڻ اتي هڪ يادگار ڪتبو هٽايو وڃي.

اهڙيءَ طرح ٻين تاريخي يادگارن جي حفاظت لاءِ مناسب قدم کنيا وڃن.

**

# ڪراچي جي تاريخ بابت دليلن جي ڇنڊڇاڻ#

"پيغام" جي گذريل پرچي (آڪٽوبر- نومبر) ۾ تاريخ جي پروفيسر ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جو مضمون: "ڪراچيءَ جي اوائلي تاريخ" شايع ٿيو. جنهن تي اخبارن ۾ ڪجهه عالمن مختلف حوالن سان پنهنجا ويچار پيش ڪيا. ڪن عالمن سنڌ جي قابل احترام محقق ۽ اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي پڻ بحث هيٺ آندو. تاريخ ۾ جيئن ته ڪابه حتمي ۽ آخري راءِ نه ٿيندي آهي. وقت پجاڻا تحقيق جا نوان گوشا نروار ٿيندا رهندا آهن. ان ڏس ۾ عالمانه بحث لاءِ اسان محترم سائين بلوچ صاحب کي گذارش ڪئي. جنهن تي نهايت فراخدلي سان ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ پنهنجي راءِ اسان ڏي ڏياري موڪلي آهي. جنهن کي اسان پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهون ٿا. يقيناً اهڙين قابل قدر هستين جي مضمونن ۽ مقالن سان "پيغام" رسالي جي اهميت ۾ اضافو ٿيندو ۽ پڙهندڙن کي معياري مواد ميسر ٿيندو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳ ۾ به اهڙا ترب ڪندو رهيو آهي، جنهن لاءِ اسان سندن بيحد ٿورائتا آهيون. -ايڊيٽر

پيغام آڪٽوبر- نومبر 2004ع ۾ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جو مضمون "ڪراچي شهر جي اوائلي تاريخ" (ڪلهوڙن جو دور) ڇپيو آهي. ڊاڪٽر موصوف (مضمون نگار) هڪ ذهين ۽ محنتي لکندڙ آهي ۽ مون سندس تحريرن کي قدر جي نگاهه سان پئي ڏٺو آهي ۽ پڻ همٿايو آهي. مگر هن مضمون ۾ خلاف توقع، هڪ ته هن جذباتي انداز ۾ پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن ۽ ٻيو ته پنهنجي اڳواٽ سوچيل نتيجن جي تائيد ڪندي ڪي غلطيون ڪيون آهن، جن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضروري آهي ته جيئن صحيح صورت حال سامهون اچي.

---

# ماخذ- ماهوار پيغام ڪراچي جنوري 2005ع.

## جذبات جو وهڪرو ۽ تدبر جي کمي

18_ صدي عيسوي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي حڪمرانن ۾ ڪشمڪش رهي، پر ان ۾ درگذر ڪرڻ ۽ صلح سان رهڻ وارا رجحان تعريف لائق هئا. جن لاءِ سنڌ جي عباسي حڪمرانن ۽ قلات جي خانن کي داد ڏيئي سگهجي ٿو. مضمون نگار سنڌ ـ بلوچستان جي تعلقات جو تجزيو ڪندي، باهمي ڪشمڪش کي اهميت ڏني آهي جنهن ۾ تاريخداني بدران سندس هڪ طرفي رجحان ۽ ذاتي جذبن جو دخل نظر اچي ٿو.

مضمون نگار. عالمانہ تدبر ۽ سنجيده تنقيد کي هٿان ڇڏي، قلات جي خان بلڪ سيني بلوچن تي ٽوڪ ڪئي آهي. هن خان قلات مير احمد يار خان مرحوم جي ڪتاب "انسائيڊ بلوچستان" مان هڪ حوالو نقل ڪيو آهي، جنهن ۾ "يار محمد" بدران "راءِ محمد" ڇپيل آهي. ظاهر آهي تہ اها ڇاپي جي غلطي آهي پر مضمون نگار ان کي درگذر ڪرڻ بدران تڪڙ ۽ تيزيءَ سان نہ فقط خان قلات پر سيني بلوچ مورخن کي زير عتاب ڪيو آهي ۽ هيٺاهين هلڪي انداز ۾ لکيو آهي تہ:

"مير احمد خان (قلات جي خان) جي هن لکت ۾ ڪوبہ وزن ڪونهي. ليڪن تعجب هن ڳالهہ جو آهي تہ "يار محمد" کي "راءِ محمد" سڏيو ويو آهي. بلوچ مورخن جي هن لکت مان سندن اتهاسڪ اڻ ڄاڻائي ٺيڪ طرح سان ظاهر ٿئي ٿي" (ص 17).

هن بيان ۾ "ڪوبہ وزن ڪونهي" ۽ "بلوچ مورخن جي اتهاسڪ اڻ ڄاڻائي" جهڙن ڳرن لفظن آڻڻ مان ظاهر آهي تہ هو عالمن واري راهہ رسم ۽ تنقيدي معيارن کان بي خبر آهي. هي سندس هلڪي زبان سيکڙاٽن واري آهي.

مون سان سندس علمي ڄاڻ سڃاڻ جي باوجود، هن منهنجي لاءِ بہ جذباتي انداز ۾ ڳرا ڳوڙها الفاظ آندا آهن (ڏسو هيٺ) جن جي ضرورت ڪانہ هئي، ڇاڪاڻ جو مون سندس باري ۾ ڪڏهن بہ ان انداز ۾ نہ لکيو آهي. ائين محسوس ٿئي ٿو تہ هن مخالفت برائي مخالفت واري جذبي هيٺ هي مضمون لکيو آهي.

باوجود انهيءَ جي، هي مضمون انهيءَ اعتبار سان ڌيان طلب آهي جو مصنف سنڌ جي عباسي (ڪلهوڙا) دور تي تحقيق ڪري ڊاڪٽري جي ڊگري حاصل ڪئي آهي ۽ انهيءَ ڪري تي سگهي ٿو تہ اڳتي هلي سندس

پيش ڪيل نظرين ۽ نتيجن کي آخري حرف سمجهيو وڃي. هن دور تي لکندي هن ڪي نظريا قائم ڪيا آهن جيڪي ڪيس نهايت عزيز آهن ۽ هو هر حالت ۾ انهن جي حمايت ضروري سمجهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ڪمزور دليلن جي آڌار تي، جذباتي انداز ۾، هن پنهنجن نظرين جي پنيرائي ڪئي آهي: (الف) هڪ محض ان لاءِ تہ ڪراچي عباسي (ڪلهوڙا) خاندان واري دور ۾ آباد ٿي، مضمون نگار جو اصرار آهي تہ اها نائون مل جي وڏن بڌي، (ب) پيو تہ چاڪاڻ جو سن 1737/1150ع ۾ ٺٽو پرڳڻو ڪراچي سميت خود بخود ميان نورمحمد جو قبضي ۾ اچي ويو. هيٺ تفصيلي وضاحت مان معلوم ٿيندو تہ اهي ٻئي نتيجا غلط آهن.

## (الف) ڪراچيءَ جو آباد ٿيڻ

ڪراچي جي اوائلي تاريخ تي پهريون ڀيرو ڪي سال اڳ، مون پنهنجي هڪ تحقيقي مقالي ۾ تفصيل سان روشني وڌي هئي تہ جيئن موجوده دور ۾ ٻاهران آيل آبادي کي اهو معلوم ٿئي تہ ڪراچي سنڌ جي هڪ قديم بستي آهي. اهو مضمون اڳ شايع ٿيو ۽ پڻ هاڻي منهنجي انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب (SINDH: Studies in History) ۾ شامل آهي. ان ۾ ڪيل تحقيق مان نائون مل جي اها دعوي بہ رد ٿئي ٿي تہ سندس وڏن پهريائين 1729ع ۾ هي شهر ٻڌو. مضمون نگار پنهنجو مضمون نائون مل واري دعوي جي حمايت سان شروع ڪيو آهي، جنهن لاءِ هن اهو دليل ڏنو آهي تہ "هي راءِ موجوده دور تائين تسليم ٿيندي رهي آهي." بيشڪ، انگريزن جي دور کان وٺي تسليم ٿيندي رهي، ڇاڪاڻ جو هڪ تہ ان وقت بين کي جٽ سمجهيو ويو پيو تہ علمي تحقيق جو دائرو اڃان محدود هو ۽ ٽيون تہ نائون مل جي بيانن کي حڪومت جي پنيرائي هئي. انگريز حڪمرانن جڏهن ڪراچيءَ کي پنهنجو صوبائي تختگاهہ بنايو تڏهن ان کي "ميرن جو شهر" ڪري مڃڻ يا ان کان اڳ وارن سنڌ جي مقامي مسلمانن جي بستي مڃڻ کان بهتر ائين ڄاتائون تہ هي شهر سندن طرفدار مددگار نائون مل جي وڏن جو هجي. ان لاءِ ڪراچي بابت پنهنجن بيانن جو سڄو مدار نائون مل جي ڊائري تي رکيائون، جنهن کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري دستاويزي صورت ڏنائون. پر هاڻي نئين تحقيق جي روشنيءَ ۾، ڪراچي بابت نائون مل جي ڪيل دعوي جي اهميت ختم ٿي چڪي آهي.

مضمون نگار پنهنجي ڪنهن نئين تحقيق پيش ڪرڻ بدران منهنجي مضمون مان حوالن کي زير بحث آندو آهي، ۽ پڻ غلط بياني ڪئي آهي. مثلا لکي ٿو ته ڊاڪٽر بلوچ "اها راءِ ڏني آهي ته هي شهر ڪلمتي قبيلي جي ماڇين آباد ڪيو" (۽ ان لاءِ منهنجي ڪتاب جي صفحن جا غلط حوالا ڏنا آهن). مون پنهنجي مضمون ۾ ڪٿي به ائين نه لکيو آهي. مون دليلن ۽ حوالن سان ڪراچيءَ جي اوائلي تاريخ جي اهڃاڻن کي نائون مل کان صديون اڳ 13 صدي عيسويءَ تائين پهچايو آهي ۽ ثابت ڪيو آهي ته ڪراچي جي اصل ڳوٺ کي سنڌ جي مقامي مسلمان باشندن وسايو جن بابت (پسگردائي جي قديم قبرستانن/ مقامن ۽ آثارن جي بناءَ تي) چئي سگهجي ٿو ته انهن جو تعلق اتان جي بلوچ قبيلن سان هو. اهو ان مان به ظاهر آهي ته چئن صدين گذرڻ کانپوءِ به ويندي 1947ع ۾ پاڪستان جي قيام تائين، ڪراچي شهر جي حدن ۾ توڙي چوڌاري گهڻا آڳاٽا ڳوٺ بلوچن جا هئا، خاص طرح گبولن جا، جن کي ڪراچيءَ جي وڌندڙ شهر خاطر مسمار ڪيو ويو. هن وقت فقط سهراب خان گبول جو ڳوٺ "سهراب ڳوٺ" جي نالي سان باقي وڃي بچيو آهي.

مضمون نگار تاريخي حوالن جي صحيح تورتڪ ۽ انهن مان صحيح نتيجن ڪڍڻ بدران، پاڻ پنهنجن متضاد بيانن سان نتيجن کي منجهايو آهي. هڪ طرف سندس سڄو زور نائون مل جي بيان تي آهي ته هن جي وڏن ئي پهريائين هي شهر سن 1729ع ۾ ٻڌو ٻئي طرف پنهنجن بين گمانن خاطر لکي ٿو ته "ان کان اڳ به هي شهر ڪنهن نه ڪنهن نالي ۽ شڪل ۾ موجود هو." (ص 19) اهڙي بيان سان، مضمون نگار نائون مل واري بيان تي اڏيل پنهنجي عمارت کي پاڻ ڊاهي ٿو. سيني تاريخي حوالن تي غور ڪندي، صحيح نتيجو اهو نڪري ٿو ته ڪراچيءَ جو شهر اڳ موجود هو ۽ 1729ع ۾ نائون مل وارا به اتي اچي ويٺا.

لکت ۾ هڪ پڪي ثابتي ته ڪراچي اصل ۾ سنڌ جي مقامي ماڇين (بلوچن) جو شهر هو ۽ نه سيٺين جو ٻڌايل شهر، جان پورٽر (John Porter) جو پڪو پيان آهي، جنهن جي اهميت کي مضمون نگار سمجهي نه سگهيو آهي. نائون مل جو حوالو سندس ذهن تي ايترو ته حاوي آهي، جو هو ٻئي ڪنهن حوالي جي اهميت کي سمجهڻ کان قاصر آهي. نه فقط ايترو پر هو پنهنجي ڪري تنقيد جو رخ (ڊاڪٽر بلوچ) ڏي ڪري ٿو ۽ 1729ع ۾

ڪراچيءَ جي بڻجڻ بابت ناؤنمل جي بيان جي تائيد ڪرڻ بعد لکي ٿو تہ "هن واقعي کي ڊاڪٽر بلوچ، انگريز جي لکت جي آڌار تي منجهائي ڇڏيو آهي"، "ڊاڪٽر بلوچ هڪ وڏي مغالطي جو شڪار ٿيو آهي" ۽ "ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي تحقيق ۾ گهربل نتيجا نہ ڪڍيا آهن، ليڪن ڪراچي ارڙهين صديءَ جو اتهاس سڌرڻ بجاءِ بگڙيو آهي" (ص 20). هن سڄي بيجا تنقيد جو سبب اهو آهي جو جان پورٽر جي بيان سان، 1729ع ۾ ڪراچيءَ جي بڻجڻ واري ناؤنمل جي دعوي رد ٿئي ٿي، جنهن جو مضمون نگار کي ارمان آهي. پورٽر صاف لکيو آهي ۽ سندس مطلب صاف آهي تہ:

"ڪراچي ڪنهن اڳئين وقت ۾ بلوچن جو (belonged to) شهر هو. پوءِ سنڌ جي حڪمران محسوس ڪيو تہ اهو ماڳ، سنڌ مان اندران ايندڙ قافلن لاءِ، سنڌ جي ساموندي ڪناري واري بئي هر ڀاڱي کان وڌيڪ سهولت وارو ٿيندو. انهيءَ ڪري اهو انهن کان ورتائين ۽ ان جي عيوض ڪين ٻي زمين ڏنائين."

ظاهر آهي تہ اها ڳالهہ سنڌ جي آهي، سنڌ جي حڪمران جي آهي سنڌ جي ماڻهن جي آهي، جيڪي بلوچ هئا. پر جيئن تہ اهو حوالو ناؤنمل جي دعوي کي رد ڪري ٿو انهيءَ ڪري مضمون نگار هن حوالي کي هڪ ڪمزور دليل جي بناءَ تي رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ان حوالي ۾ جان پورٽر جو هِتي هئڻ وارو سال صحيح ناهي. ان حد تائين سندس تنقيد صحيح آهي، پر ڊاڪٽري جي ڊگري حاصل ڪندڙ کي ايتري سمجهہ هجڻ گهرجي تہ هي حوالو سن سال جي تصديق لاءِ ڏنل ڪونهي پر ڪراچي جي اصل بستيءَ جي آبادي بابت آهي. ٻيو تہ مون پنهنجي مضمون ۾ واضح طور ڄاڻايو آهي تہ مون اهو حوالو اخبار "ڊان" ۾ ابو شميم عارف جي ڇپيل مضمون تان ورتو آهي. انهيءَ ڪري تنقيد فقط ايتري ٿي سگهي ٿي تہ ابو شميم عارف، پورٽر وارو سال (1744ع) صحيح نہ لکيو آهي. پر مضمون نگار غلط بياني ڪندي لکي ٿو تہ "ڊاڪٽر بلوچ هن واقعي جو سال 1744ع ڏيندي تاريخي ڏوڪو کاڌو آهي" (ص 21). "ڏوڪو" ڳرو لفظ آهي، جنهن جو استعمال مضمون نگار جي پنهنجي ڪم مايگي آهي، جو هن جان پورٽر واري حوالي جو مقصد ئي نہ سمجهيو آهي. ڪنهن ٻئي لاءِ "ڏوڪي" جهڙو لفظ ڇو استعمال ڪجي! جڏهن خود پاڻ ۾ ايتري صلاحيت ناهي، جو ٻئي جي دليل کي صحيح طور تي سمجهي سگهجي! تاريخي اعتبار سان، جان

پورٽر جي بيان تي ڪو شڪ ڪري نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ جو (جيئن مضمون نگار پاڻ به ڄاڻايو آهي) جان پورٽر عربي سمنڊ جي سروي ۽ سنڌ ۽ بلوچستان جي ساحلي ڪناري جي کوجنا لاءِ هن علائقي ۾ سالن جي وڏي عرصي تائين رهيو ۽ ان وقت هن انٽيليجنس طور جيڪا رپورٽ لکي هوندي سا پوري پڇا ۽ تحقيق بعد لکي هونداڻين. انهيءَ ڪري سندس بيان کي رد ڪري نٿو ڪري سگهجي. باوجود ان جي، مضمون نگار پنهنجي طرفان راءِ قائم ڪئي آهي ته جان پورٽر جيڪي لکيو سو ”بي بنياد روايتن“ جي بنياد تي لکيو. اهڙي راءِ تاريخداني جي اصولن جي خلاف آهي، ڇاڪاڻ جو ماضيءَ جي ڪنهن معاصرانه بيان کي، ٻئي معاصرانه مخالف بيان يا پڪين شاهدين کانسواءِ، هن وقت محض پنهنجي ذاتي راءِ جي بنياد تي رد ڪري نٿو سگهجي.

## (ب) عباسي دور ۾ ٺٽي پرڳڻي ۽ ڪراچي جو انتظام

ڪراچيءَ بابت مضمون نگار زوردار لفظن ۾ چٽو ڪري لکيو آهي ته ”هي شهر کهڙي به نالي سان هو پر اهو سنڌ جي سامونڊي ڪناري جي انتظامي حدن ۾ هجڻ سبب هن پرڳڻي جو اڻ ٽٽ حصو رهندو پئي آيو.“ (ص 19) بالڪل صحيح! اها هڪ تاريخي حقيقت آهي، جنهن کان ڪوبه انڪار ڪري نٿو سگهي. ٻيو ته سنڌ تي عباسي خاندان جي حڪومت سنڌ جي پنهنجي حڪومت هئي، پر ضروري آهي ته ان دور بابت صحيح نتيجا ڪڍيا وڃن. محض گمانن ۽ ذاتي ترجيحن جي بناءَ تي فرضي ڳالهيون نه ڪجن. پر مضمون نگار سنڌ توڙي ٺٽي پرڳڻي ۽ ڪراچي تي عباسي خاندان جي حڪمراني بابت جيڪي دليل ڏنا آهن تن ۾ اختلاف ۽ تضاد آهي، جو هو هڪ ڳالهه چئي وري ٻي ڳالهه ڪري ٿو. هڪ بيان ۾ چوي ٿو ته 1719ع ۾ ميان يار محمد جي وفات تي صوبي (سنڌ) جي حڪمراني به ملي وئي ۽ ان طرح ”سڄي سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪمراني قائم ٿي“ (ص 17). وري ٻئي بيان ۾ واضح ڪري ٿو ته سن 1729ع ۾ جڏهن (نائون مل جي بيان مطابق) ڪراچي وجود ۾ آئي ”تڏهن اڃان اتي مغلن جو قبضو هو“ (ص 18). جيڪڏهن 1719ع ۾ سڄي سنڌ ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ ۾ اچي وئي هئي ته پوءِ 1729ع ۾ ڪراچي تي مغلن جو قبضو ڪيئن هو!

هن سلسلي ۾ سندس هيٺيون بيان اڃان وڌيڪ مبهم آهي. لکي ٿو ته

سن 1719ع ۾ يارمحمد جي وفات تي نه صرف "سڄي سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت قائم ٿي پر هي به هڪ تاريخي حقيقت آهي ته 1956ع کانپوءِ پهريون ڀيرو وري سنڌ جي سياسي ۽ جاگرافيائي وحدت قائم ٿي هئي (صفحا 16_17) هي بيان نه فقط مبهم پر سڄو غلط آهي، ڇاڪاڻ جو هڪ ته سن 1719ع ۾ ميان يارمحمد جي وفات تي سڄي سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت قائم ڪانه ٿي ۽ ٻيو ته 1556ع کان اڳ سنڌ تي ارغونن جي حڪومت هئي ۽ سن 1556ع ۾ ترخانن جي حڪومت شروع ٿي، جنهن ۾ سياسي وحدت ڪانه هئي، ڇاڪاڻ جو ميرزا عيسيٰ ترخان ٺٽي جو حڪمران هو ۽ سلطان محمود خان بکر جو حڪمران هو. مضمون نگار جي هن بيان تي حيرت ٿئي ٿي: ٻين محققن کي تاريخ بگاڙيندڙ ۽ پاڻ کي تاريخ سنواريندڙ سمجهندڙ کي هن قسم جي بيانن کان محتاط رهڻ گهرجي.

**ٺٽي پرڳڻي ۽ ڪراچي تي اختيار ۽ قبضو:** مضمون نگار ٺٽي پرڳڻي يا ڪراچي تي ميان نورمحمد جي اختيار ۽ قبضي بابت به دليل ڏنا آهن: هڪ ته جيئن ئي ٺٽو پرڳڻو ميان نورمحمد کي ٺيڪي تي مليو تيئن ئي سڄو پرڳڻو ڪراچي سميت سندس قبضي ۽ اختيار ۾ اچي ويو. ٻيو ته ان اختيار سان گڏ ۽ پڻ ان کان گهڻو اڳ، ڪلهوڙن ڪراچيءَ تي چپ چاپ ۾ قبضو ڪري ورتو هو. اهي ٻئي دليل فرضي آهن ۽ عملي صورتحال جي ابتڙ آهن.

مضمون نگار دعويٰ سان لکي ٿو ته "سن 1737/1150ع ۾ ٺٽو صوبو سڄي جو سڄو ميان نورمحمد کي ملي ويو ۽ ان طرح سبيءَ کان ڪري عربي سمنڊ تائين سمورو ملڪ متحد ٿي ڪلهوڙن جي انتظام ۽ اختيار ۾ اچي ويو." (ص 20). هي بيان نه صرف تاريخي حقيقتن کان اٽجاٽائي آهي پر تاريخي تبديلين جي نوعيت کان بيخبري پڻ آهي. پهريون ته اهو سمجهڻ گهرجي ته ان سال ٺٽو پرڳڻو ميان نورمحمد کي اجاري تي مليو پر مالڪي اجان مغلن جي هئي. ميان صاحب ٺن لکن جي ساليانى ٺيڪي تي ٺٽو پرڳڻو ورتو پر اها رقم به اجان ادا ڪانه ڪئي هئائين جو مٿان نادرشاه اچي ڪڙڪيو. ٺيڪو معاهدي طور ٿيو پر سرزمين تي ٺٽو پرڳڻو اجان ميان صاحب جي انتظام ۽ اختيار ۾ ڪونه آيو. ميان نورمحمد ۾ صلاحيتون هيون پر هو سياسي بصيرت کان خالي هو. سنڌ جي سري توڙي لاڙ ۾ هن صلح جي معاهدي جو ڪونه سوچيو: ٺٽي پرڳڻي جي مقامي رياستن جي

حڪمرانن توڙي قبيلائي سردارن سان مغليہ دور وارا معاهدا قائم رکي کين پنهنجو ڪونہ ڪيائين پر طاقت جي زور تي کين ماري ميڄائڻ ٿي چاهيائين. انهيءَ ڪري ڏهن سالن تائين مقامي رياستن ۽ قبيلن تي سندس حملا جاري رهيا ۽ هنن بہ پنهنجي وس آهر وڏا مقابلا ڪيا. ظاهر آهي تہ سنہ 1150هہ ۾ نيڪي تي ڪٽڻ ساڻ نئو پرڳڻو "سڃي جو سڃو" ميان صاحب جي اختيار ۾ ڪونہ آيو هو. ميان صاحب پنهنجا اختيار هلائڻ ۽ قبضي قائم ڪرڻ لاءِ مسلسل حملا ڪيا ۽ نئي پرڳڻي جي ايرندئين پاڱي ۾ ويندي شاهبندر ۽ بدين تائين وڏي تباهي آئي. چاڪر هالا ۽ ڪوهستان جا شورا، ونگي جا نهڙيا. بدين جا منڊرا. ڪڪرالي جا ڄام سڀ ميان جي حملي جو نشانو بنيا. مضمون نگار لکيو آهي تہ انهن بغاوت تي ڪئي. اها سندس هڪ طرفي راءِ آهي، جيڪا تاريخي اعتبار کان غلط آهي.

ميان جي انتقامي حملن جي حداها هئي جو تاجن منڊرو بدين ڇڏي پڇي ويو ۽ وڃي رڻ ۾ ڪانجي ڪوٽ ۾ لڪو تہ بہ ميان صاحب کيس نہ ڇڏيو ۽ پاڻ پنهنجي سر اتي ڪاهي وڃي کيس قتل ڪيو. ان بابت مضمون نگار پنهنجي اصطلاحي ٻوليءَ ۾ ائين لکيو آهي تہ "ڪانجي ڪوٽ جي مهم ۾ خود نورمحمد پاڻ سان ورتو" (ص 20) جنهن جي شايد ڪا معنيٰ هجي، پر هن ۾ پريس جي ڪا غلطي نظر نٿي اچي.

**ڪراچي تي اختيار ۽ قبضو:** مضمون نگار بار بار ٻين لکندڙن ۽ محققن تي الزام هنيو آهي تہ هنن عباسي دور واري سنڌ جي تاريخ ۽ خاص طرح ڪراچيءَ جي تاريخ کي بگاڙيو آهي ۽ هاڻي پاڻ ٿي ان کي نئين سر استوار ڪري رهيو آهي. ٻين محققن تي سندس يڪشت تنقيد ۽ پاڻ کي ساراهڻ وارو اهو انداز تاريخي تحقيق جي منافي آهي. لکي ٿو تہ "محققن ڪراچي ۽ قلات تي لکندي نهايت غيرذميداري جو مظاهرو ڪيو آهي. ان کان علاوه تازي وقت ۾ شهر جي نالي ۽ ان جي بانيڪارن جو ذڪر ڪندي ان جي اتهاس کي اڃان بہ وڌيڪ الجهن ۾ وڌو ويو آهي. هن مقالي ۾ اسين مختلف رخن کان مطالعو ڪري ڪراچيءَ جي تاريخ کي اجاگر ڪنداسين" (ص 16)

حقيقت ۾ سنڌ جي تاريخ جو هي هڪ اهم مسئلو آهي، جنهن تي تحقيق جي ضرورت آهي تہ سن 1737/1150ع ۾ جڏهن ميان نورمحمد کي نئو پرڳڻو اجاري تي مليو تڏهن کان وٺي عباسين جي حڪومت جي زوال

تائين ٺٽي پرڳڻي جي اولهندئين ڀاڱي جو قبضو ڪنهن جي هٿ ۾ هو؟ ڪراچيءَ تي سنڌن قبضو ٿيو تہ ڪڏهن ٿيو؟ مضمون نگار ڪراچي بابت پنهنجي تحقيق کي ٻيهر ڪيل هڪ نئون ڪارنامو ڄاڻائيندي لکيو آهي تہ "ڪراچي شهر جي تاريخ يا ڪلهوڙن کي ان جي هٿ اچڻ متعلق ٻين لکندڙن بہ قلم کنيو آهي ليڪن ڪنهن بہ صحيح نتيجي تي نہ پهچي سگهيا آهن. تاريخ جي سلسلي کي ٻيهر هٿ ۾ کڻندي، اسين هت ورجايون ٿا" (ص 20). اهو ورجاءُ مضمون نگار هن طرح ڪيو آهي تہ "ڪلهوڙن چپ چاپ، ماٺ ميٺ ۾ ڪراچي تي قبضو ڪري ورتو جنهن جو ڪنهن کي بہ پتو ڪونہ پيو!" هو پنهنجي هن "غير تاريخي" سوچ کان ايترو تہ مطمئن آهي، جو جدا جدا سبب ڄاڻائي ان حوالي کي ٽي ڀيرا ورائي بيان ڪيو آهي تہ:

- "نائون مل جي لکت پڪو ثبوت آهي تہ انهيءَ وقت (1729ع ۾ سيٺين جي شهر ٻڌڻ وقت) ڪلهوڙن ماٺ ميٺ ۾ سواءِ ڪنهن مخالفت جي ڪراچيءَ تي قبضو ڪيو هو." (ص 20)
- جڏهن شاهبندر جي بندرگاهہ جو منهن بند ٿي ويو ۽ اتان جا گهڻا ماڻهو لڏي ڪراچيءَ ۾ آيا، اُنهيءَ وقت ڪلهوڙن ماٺ ميٺ ۾ سواءِ ڪنهن مخالفت جي ڪراچي تي قبضو ڪيو هو. (ص_20)
- همعصر مورخ مير علي شير قانع، تحفتہ الڪرام جو مصنف، ٺٽي پرڳڻي ۾ ڪلهوڙن جي ڪارروائين کان پوري طرح آگاهہ هو پر "ڪراچي بابت ڪجهہ بہ نٿو لکي، ان جو مطلب تہ ڪلهوڙن هي شهر ماٺ ميٺ ۾ ورتو هو." (ص 22).

هي ماٺ ميٺ وارو قبضو محض خوش فهمي آهي، جيڪا مضمون نگار جي تاريخ فهمي جي منافي آهي. جيڪي ٽي سبب ڄاڻايل آهن تن مان ٽن جدا جدا واقعن ۽ وقتن جو تعين ٿئي ٿو تہ پوءِ هن ماٺ ميٺ واري قبضي لاءِ ڪهڙي سال کي تسليم ڪجي! 1729ع ۾ نائون مل جي وڏن ٻيبي مرادان کان موڪل وٺي پنهنجيون ڪوٺيون وڌيون. معلوم هجي تہ هڪ روايت موجب ٻيبي مرادان خان قلات جي خاندان مان هئي، ۽ جي ائين هو ۽ ڪراچي خان قلات جي هٿ ۾ هئي تہ پوءِ ڪلهوڙن ڪيئن قبضو ڪيو هوندو! شاهبندر جي لٽجڻ ۽ اتان ماڻهن جي لڏپلاڻ ۽ ڪراچي ۾ آباد ٿيڻ ۾ بہ وقت لڳو هوندو. بهرحال اهو عمل سان 1729ع بعد ٿي ٿيو هوندو. پنهنجي

هن بيان لاءِ مضمون نگار حوالو نمبر (27) لکيو آهي پر پويان اهو نمبر غائب آهي. البت اڳتي هلي لکي ٿو ته هن سال ميان نورمحمد "اڃان اتر سنڌ جو حڪمران هو ۽ مغل صوبيدار برابر ٺٽي صوبي تي مقرر ٿي رهيا هئا" (ص 20) جي ائين هو ته پوءِ ان وقت ڪلهوڙن ڪيئن ماٺ ميٺ ۾ ڪراچي تي قبضو ڪيو!

مضمون نگار جو هي "ميٺ ماٺ" وارو منتر صحيح ناهي، ڇاڪاڻ جو ميان نورمحمد ٺٽي پرڳڻي جي الهندئين ڀاڱي تي فوري طور قبضي لاءِ وڏا وس ڪيا پر حالات ايترا سازگار نه هئا جو ان طرف سندس پورو قبضو قائم ٿي سگهي. انهيءَ ڪري جيسين تائين ٻي ڪا پڪي شاهدي سامهون اچي تيسين تائين ائين سمجهڻ صحيح ٿيندو ته ميان نورمحمد جو ڪراچي تي جيتوڻيڪ قانوني قبضو هو پر عملي قبضو ڪونه ٿيو. اهو قبضو ڪانئس پوءِ ميان غلام شاهه جي سياسي بصيرت سان ٿيو ۽ بالواسطه ٿيو. ان سلسلي ۾ وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي پر جيڪي حالات مقامي روايتن ذريعي معلوم آهن ۽ جن جي ڪن تاريخي حوالن سان به تصديق ٿئي ٿي سي هن طرح آهن.

سن 1150هه/1737ع ۾ جڏهن ميان نورمحمد کي ٺيڪو مليو تڏهن هن ٺٽي پرڳڻي جي اوير طرف وارن مقامي قبيلن ۽ سردارن کي ميڄائڻ طرف وڌيڪ توجهه ڏنو. ان جو هڪ سبب هي به هو جو اولهه طرف فوري طور تي سندس زور هلي نه سگهيو ڇاڪاڻ جو ان طرف مغلن جي دور وارا به مقامي اتحادي گهراڻا، ڏاراجه جا اِجمالي راڻا ۽ ملير- ساڪري جا ڪلمتي ملڪ طاقتور هئا. مضمون نگار ان وقت جي انهيءَ صورتحال کان بي خبر آهي: کيس نه ڪلمتين جي خبر آهي نه ڪراچي جي! هو ميان نورمحمد جي ٺيڪي کان پوءِ واران واقعن بابت لکي ٿو ته انهن ۾ "نه ته ڪراچي جو ذڪر اچي ٿو ۽ نه وري ڪلمتين جو حوالو ملي ٿو" (ص 20). جيسين تائين ڪراچي جي ذڪر جو تعلق آهي ته 1155هه ۾ مظفر علي خان ڪراچي بندر جي رستي ٺٽي آيو ۽ مضمون نگار پاڻ به اهو حوالو نقل ڪيو آهي (ص 20) ڪلمتي قبيلا سمن جي دور کان وٺي هتي طاقتور هئا ۽ جڏهن ارغونن- ترخانن سنڌ تي قبضو ڪيو ته انهن سان مقابلا ڪيائون. اورنگزيب بادشاهه ساڻن صلح وارو رستو اختيار ڪري کين لاهري بندر کان ڀوڏيسر (ننگر پارڪر) تائين تجارتي قافلن جي حفاظت جي ذميواري سونپي ۽

جاگيرون ڏنيون. اهي واقعا ته اڳ جا هئا، پر مضمون نگار کي اهو به معلوم نه ٿي سگهيو آهي ته ميان نورمحمد به ڪلمتين سان صلح وارو رخ اختيار ڪيو ۽ کين جاگيرون بحال ڪري ڏنيون.

سن 1150ھ ۾ ٺٽو پرڳڻو مقاطعي تي مليو ته شيخ غلام محمد اتي ناظم مقرر ٿيو ۽ پوءِ جڏهن محمد مرادياب ذوالقعده 1151ھ ۾ گورنر ٿي آيو ته پرڳڻي جي اولهه توڙي اوپر مقامي رياستن ۽ قبيلن تي چڙهايون شروع ٿيون. اولهه طرف، ملير جي ڪلمتين خلاف عالم خان جماليءَ جي اڳواڻي هيٺ خدا آباد مان لشڪر آيو پر ڪاميابي نه ٿي جو آڏو سخت مقابلو ٿيو. ڪلمتين جي اتحادي ڏاراجه جي راڻي اولهندي ڪان ۽ ڪڪراله جي ڄام اپرني ڪان بيڙين ذريعي دريائي فوج سان حملا ڪيا جن کي ميان صاحب جو لشڪر فوري طور تي منهن نه ڏيئي سگهيو. شوال 1152ھ ۾ محمد مرادياب ٺٽي مان واپس ويو. بعد ۾ نادر شاھ جي حملي سبب ٺٽي پرڳڻي توڙي سڄي ملڪ جو نظام درهم برهم ٿيو. محرم 1153ھ ۾ نادر شاھ جي وڃڻ بعد ميان نورمحمد ٺٽي پرڳڻي ڏانهن متوجهه ٿيو پر 1154ھ کان 1157ھ تائين ميان جو لشڪر، اتر طرف شورن، اوپر طرف ونگي جي نهڙين سردارن تماچي ۽ توگاچي، بدين جي منڌرن، ڪڪراله جي ڄام هوٿي خلاف وڙهندو رهيو. 1157ھ ۾ ميان نورمحمد تاجن منڌري خلاف ڪانجي ڪوٽ تي ڪاهيو. انهن واقعن مان ظاهر آهي ته ٺٽي پرڳڻي جي اوپر طرف حملا ڪيا ويا.

اولهه طرف به قبضي ۽ اختيار قائم ڪرڻ لاءِ توجهه 1151ھ ۾ ٿيو پر سخت مقابلن جي ڪري ايتري پيش قدمي ڪانه ٿي، جيتري اُتر طرف ٿي. شروع ۾ شيخ غلام محمد ٺٽي کي سنڀاليو پر 1153ھ ۾ ان کي نادر شاھ وٺي ويو ۽ سنڌس جاءِ تي سلطان فقير سامٽيو ناظم مقرر ٿيو پر 1154ھ کان وٺي هو اوپر طرف وارين ڪارروائين ۾ شامل رهيو. هن (1156ھ ۾؟) ٺٽي ۾ وفات ڪئي ۽ مڪلي تي دفن ٿيو ۽ ان بعد مسو فقير نوتڪاڻي سنڌس جاءِ تي مقرر ٿيو. ڏاراجه جي راڻي ۽ ملير —ساڪري جي ڪلمتي ملڪن خلاف حملي لاءِ هزارن ۾ وڏو لشڪر ٺٽي ۾ گڏ ڪيو. راڻي ۽ ڪلمتي ملڪن پيش قدمي ڪري زوردار حملو ڪيو مڪلي جي مقام لڳ اتر - اوپر جنگ لڳي ۽ ميان جي لشڪر کي سخت شڪست آئي. لشڪر جو وڏو حصو مارجي ويو.

ان ڪانپوءِ ميان نورمحمد طرفان اولهہ طرف وڏيڪ توجهہ ٿيو. تاريخي حوالن ۾ فقط ايترو ڄاڻايل آهي تہ ٽن سالن تائين ڏاراجہ جي راڻي خلاف ڪو قدم ڪونہ کنيو ويو. پر حالات جي تورتڪ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي هڪ ئي موقعو هو جڏهن ميان نورمحمد تدبر کان ڪم وٺي محسوس ڪيو تہ ڪلمتي ملڪن ۽ راڻي جي گڏيل طاقت خلاف ڪاميابي مشڪل هئي. انهيءَ ڪري هر حيلي ۽ حڪمت عمليءَ سان ڪلمتي ملڪن کي راڻي کان ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪيائين. ان لاءِ ملڪن کي مغلن جي دور واريون جاگيرون بحال ڪري ڏيڻ قبول ڪيائين. سن 1158ھ ۾ مسو فقير جي وفات[1] بعد بلاول فقير نائچ کي نائب مقرر ڪيو. سن 1160ھ ۾ ميان نورمحمد پنهنجي پٽ خدا داد خان کي ٺٽي جو گورنر مقرر ڪيو ۽ خدا داد خان وڏي لشڪر سان ڏاراجہ جي راڻي جي قلعي تي حملو ڪيو. راڻو پاڻ پيڙيءَ ۾ چڙهي قلعو ڇڏي ويو پر سندس لشڪر سخت مقابلو ڪيو ۽ قلعو جهلي بيٺو. خدا داد خان پوءِ راڻي سان ڪيل هڪ معاهدي وارو جعلي دستاويز ڏيکاري، قلعي تي قبضو ڪيو. راڻي کي پوءِ ميان غلام شاهہ جي حڪم تي، شيخ شڪرالله حرفت حيلي سان بجار جوکيي هٿان مارايو.[2] روايتن مان ايتري تصديق ٿئي ٿي تہ ملير جو ڪلمتي ملڪ طوطا، راڻي تي بجار جوکيي جي حملي وقت غير جانبدار رهيو. ان مان گمان نڪري ٿو تہ مان نورمحمد (۽ پوءِ ميان غلام شاهہ) ملڪ طوطا کي پنهنجي طرف ڪري ڇڏيو. 1162ھ ۾ ميان نورمحمد ساڪري جي ڪلمتي ملڪ جي مريد خان کي مغلن جي دور واريون جاگيرون بحال ڪري ڏنيون. تاريخ 27 ربيع الاول سن 1162ھ تي ڏنل بحالي واري سند ميان نورمحمد ساڪري جي ڪلمتي

---

[1] تاريخي حوالن ۾ ڏاراجہ جي راڻي جو نالو "راڻو اجمال" ڄاڻايل آهي، پر راڻي جو پنهنجو ذاتي نالو ارجن هو ۽ هو ڏاراجہ جي راڻن جي اجمال يا اجمالي گهراڻي جو آخري راڻو هو. هي راڻا سنڌ جي پين قديم راڻن وانگر مسلمان هئا. سندس سر بجار جوکيو وڍي کڻي ويو. باقي سندس لوٺ کي ساڪري جي وڏي ولي سوائي جي قبي ۾ دفن ڪيائون جتي سندس قبر موجود آهي. سندس پٽ جو نالو اجمال هو جيڪو پوءِ ڏاراجہ ۾ رهيو ۽ اتي وفات ڪيائين. سندس قبر پٿر جي سنگتراشي ۽ ڪلام پاڪ جي آيتن سان سينگاريل، راقم پنجاهہ سال اڳ ڏاراجہ وارن کنڊرن ۾ ڳولي ڏٺي.

[2] مسو فقير بابت ڪن تاريخي حوالن ۾ ڄاڻايل آهي تہ هو سلطان فقير سامتيي جو پٽ هو. اهو صحيح ڪونهي. مسو فقير نوتڪاڻي بلوچ هو. هن صدمي ۽ معزولي بعد هن سن 1158ع ۾ وفات ڪئي. پنجاهہ سال کن اڳ ٺٽي پرڳڻي تي تحقيق ڪندي راقم سندس قبر ٺٽي شهر کان ٻہ ميل ڏکڻ- اولهہ ٽڪريءَ تي، سيد حسين سلطان (وفات 5 ربيع الاول 1066) جي مقام ۾ ڳولي لڌي، جنهن تي سندس نالو ۽ وفات جو سال لکيل آهي.

ملڪ جي مريد خان کي مغلن جي دور واريون جاگيرون بحال ڪري ڏنيون. تاريخ 27 ربيع الاول سن 1162هه تي ڏنل بحالي واري سند ميان ميرمحمد ڪلهوڙي جي صحيءَ سان رڪارڊ تي موجود آهي.

مٿئين تفصيل مان ظاهر آهي ته 1150هه کان وٺي ميان نورمحمد جي آخري سالن تائين ميان جي لشڪر جا مقابلا ڏاراجه جي راڻي سان جاري رهيا. ڪراچي اڃان پري هئي ڇاڪاڻ جو ڏاراجه کان اولهه طرف ملير جي ملڪن جي سرداري هئي ۽ ڪراچي وارو علائقو انهن جي هٿ ۾ هو. جڏهن ڪلمتي ملڪ ۽ انهن سان شامل ڄام بجار ميان غلام شاهه جا تابع ٿي سنڌس طاقت جا علمبردار رهيا. تڏهن انهن جي وساطت سان ڪراچيءَ تي ميان غلام شاهه جي حڪمراني قائم ٿي.

**

# هنگلاج جو سفر*

گهڻي وقت کان خيال هو تہ هنگلاج وڃي ڏسجي، جنهن جو ذڪر اسان جي آڳاٽن شاعرن مان ميين شاه عنايت ۽ ڀٽائي صاحب ڪيو آهي ۽ ڪانئن پوءِ ٻين شاعرن پڻ ان جو نالو ڪنيو آهي. سنگت کي صلاحيوسون تہ: 'اسان پهہ پيو هلندي ڪا هنگلاج ڏي؟'

انهيءَ تي محترم محمد اسمعيل خان نون چيو تہ 'ادا هلنداسون.' ارادو پڪو ڪيوسون ۽ تياريون شروع ٿيون تہ اها ڳالهہ وڃي عالي جناب پير صاحب پاڳاري تائين پهتي، جن چيو تہ: 'ادا سڀ گڏجي هلنداسون.' آخرڪار تاريخ 28_آڪٽوبر (1961ع) ڏينهن ڇنڇر مقرر ٿيو ۽ شام جو ڪراچيءَ مان رواني ٿيڻ جو پهہ پڪو ڪيو ويو. جناب پير صاحب جن سان جيڪي صاحب گڏ هئا، تن ۾ سيد سردار علي شاه ايڊيٽر 'مهراڻ' ۽ مير فضل علي خان جا نالا قابلِ ذڪر آهن. انهن مڙسن توڙ نباهيو ۽ آخري منزل تائين گڏ رهيا. باقي ٻيا وچان واٽ تان وري ويا. جناب پير صاحب جن جي همت ۽ مردانگي جي جيتري تعريف ڪجي اوتري ٿوري. ڇاڪاڻ تہ هن ڏورانهين پنڌ جي هر ڏکي منزل ۾ جيپ تي توڙي پيرن پيادي، سيني کان اڳ ۾ هئا ۽ سيني جي سار سنڀار پٽي لڏائون....

"هٽڻ، هڪلڻ، ٻيلي سارڻ، مانجهيان اي مَرڪ"

ٻئي طرف محترم محمد اسمعيل خان نون جي همت کي آفرين هجي جو گهہ ۽ ڪشاليءَ جي ڪيس پرواه ڪانہ هئي. ٿمر ۽ سواري جي انتظام ۾

* هيءُ مضمون ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ذاتي ياد داشت طور سنہ 1961ع ۾ لکيو هو پر جيئن تہ ان ۾ هنگلاج بابت قيمتي مواد موجود آهي، انهيءَ ڪري بلوچ صاحب جي رضا سان سندس بياض تان نقل ڪري هت ڏجي ٿو.

جن مڙسن پاڻ موکيو تن ۾ مسٽر حبيب الله مختيارڪار غلام محمد، حاجي محمد سوڍو بگهياڙ علي محمد، مستري آچار الهه بچايو الهه ڏنو حاجي پنهون موندرو ۽ حاجي گرمي (بلوچ) برک هئا. گهڻن لاءِ ته حب ندي به وڏي منزل هئي، پر هيءَ ته هاڙهي ۽ هگور جو ڏورانهون سفر هو. ۽

”هاڙهي، پب، هگور جي تي سچي ڳالهه ڳري!“

انهيءَ ڪري سفر تي اسرندي ئي ڀٽائي صاحب جي سٽ ياد آئي ته:

”جي حب نه هلڻ سڪيون، سي جڏيون ميڙ جليل!“

## ڪراچي کان لياري

ڇنڇر ڏينهن، آڪٽوبر 28ـ تاريخ تي سنگت ڪراچي مان رواني ٿي. همت وارا اڳ هليا ۽ هيٺا پوءِ نڪتا، پر مڙني کي پهرين منزل ’لياري‘ تي پهچڻو هو. اسان ٽن جيپن ۽ سامان جي هڪ ٽرڪ سان رات جو 9 بجي ڪراچي ڇڏي ته هڪ جيپ بروقت ئي جواب ڏنو. اهي ماٺهو ڪٽي ڪئيسون الله توهار. ڪراچي شهر مان ’شيرشاه‘ ۽ ’لياري‘ وچان رستو لس بيلي ڏانهن ويچي ٿو، جو پهريائين حب ندي تي پهچي ٿو، جنهن تي الهندي پران لس بيلي (ضلعي) جي حد شروع ٿئي ٿي. جڏهن جيپون خير سان حب نديءَ جو پاڻي جهاڳي چڙهيون ته اڳتي وڏو شاهي رستو هو، جو ڪراچيءَ کان ڪوئيٽا تائين رٽيل آهي ۽ هن وقت تائين ’ٻيلي‘ جي شهر تائين نهي ويو آهي. 1946ع ۾ جڏهن آءٌ ڪتاب ’ٻيلاين جا ٻول‘ لاءِ مواد گڏ ڪرڻ ويو هوس ته هيءُ رستو ڪچو هو. حب ندي جي پريان پب جبل، اُتر کان ڏکڻ سمنڊ جي ڪناري تائين هڪ ڪنڌي ناهيو بيٺو آهي:

> ”آءٌ هيڪلي حب ۾، نه مون ميٺ نه ڪاڪو،
> پُري پچنديس پب ۾، وڻ وڻ وجهنديس واڪو.“
> (شاه)

آڏو ’ٻواني‘ جي بستي وٽان لنگهياسون ته پڪيون جايون، هوٽل ۽ بجلي جا گولا نظر آيا. 1946ع ۾ انهيءَ جاءِ تي هڪ ڪکائون مَتَهن هو جتي چاءِ پيتي هئيسون. ٻواني جي پريان ’ڪجين واري واءِ‘ (کوهه) وٽان لنگهياسون ته نئين آبادي ۽ بنگلا نظر آيا. اڳتي ’ڪارڙي جي ناڪي‘ وٽ به پڪيون جايون نظر آيون. اڳوڻو ڪچو رستو ’ڪارڙي‘ کان اُتر طرف مڙي

'ڪائور' جي بستي مان ٿيندو ور ڪائيندو اُٿل جي شهر ۾ پهچندو هو پر نئون شاهي رستو 'ڪارڙي جي ناڪي' ڪان اڳتي ٻـ ساموڊي ڪناري جو پاسو وٺيو وڃي ٿو ۽ ڪارڙي جي ننڍي نئن بعد "وندر" ندي (نئن) مٿي ٿو. اسان ٻـ وندر ٽپي ٽياسون اڳتي.

"جا وندر وڪاٽي، تنهن جو موٽڻ مس ٿئي"



اتان اڳتي رستي جي الهندي طرف ۽ سمنڊ جي ڪناري سان "سون مياڻي" آهي، جتي چڱي آبادي آهي ۽ روينيو جو عملو رهي ٿو. آڳاٽي وقت ۾ چون ٿا تہ دلوراءِ، سون مياڻي 'مورڙي' کي جاگير ڪري ڏني هئي. پر اجان اسان جو پنڌ اڳتي.رات پنهنجي تات ڪري روانا ٿياسون. ڪراچي کان وٺي اندازاً سٺ ميل کن تائين رستي تي ڏامر پئجي ويو آهي ۽ اڳتي ڪم هلندڙ آهي. چوهٺ ميل کان اسان هي شاهي رستو ڇڏيو جنهن تي ڏهہ ميل اڳتي اٿل جو شهر آهي، جتي لس بيلي جي ضلعي جو نئون هيڊ ڪواٽر ٺهي رهيو آهي. اسان جي منزل هن شاهي رستي کان نو ميل کن اولهہ طرف 'لياري' ۾ هئي. هڪ رستو ڪچو بيو رات جو وڳڙو. لياري کان سڏ پنڌ تي هئاسون تہ جيپ جي 'پائنٽ' سڙي وئي، ۽ بہ ڪلاڪ مرمت لاءِ بيهڻو پيو. آخرڪار ساڍي ٽيئين بجي صبح جو 'لياري' پهتاسون، ۽ ڪلاڪ بہ ڪلاڪ آرام ڪري صبوح ساڻ اُٿياسون تہ اڳتي واري وڏي منزل جي تياري ڪجي.

## لياري کان هگور

آچر جو ڏينهن 29_ آڪٽوبر جو صبوح مردانو هو. جناب پير صاحب جن سڏيو ۽ همتايو تہ فوراً تياري ڪريو. رڌپچاءُ تي۔ڪن مڙسن ماني کاڌي تہ ڪن چاءِ پيتي پر۔ڏهين بجي اُتان منزل ڪنئي سون. هڪ 'ترڪ' جا هلڻ جهڙي ڪانہ هئي سا اُتي ڇڏي سون. هاڻي اسان جو پنڌ لياري کان اولهہ۔ ڏکڻ طرف هو. پنج چار ڏينهن اڳ هڪ جيپ موڪلي هئي سون، جا اسان جي رٿيل ٻي منزل يعني 'هڱور ندي' تان ٿي موٽي هئي. انهيءَ جيپ جا چيلها وٺي ٿياسون راهي. ٽيئن پنجن ميلن تي 'پُورالي' ندي جا ٻِتا ٽِورا ٽپياسون، جنهن کي 'ريلُون' ڪري ٿا ڪوٺين. اتي 'بَراديا' قوم جا ماڻهو رهن ٿا، ۽ وس تي جوئر پوکيل هئي. شاعر مڱيو براديو اتي 'ريلن' جو وينل هو.

اٽڪل ڏهہ ٻارهن ميل کن هلياسون تہ هڪ جيپ خراب ٿي پئي جنهنڪري سڄي سات کي ڪلاڪ ڏيڍ ترسڻو پيو. ڏينهن جا ساڍا ٻارهن کن لڳي چڪا هئا. اُتان روانا ٿياسون تہ سڀ ڪنهن پنهنجي رفتار آهر منزل تي پهچڻ جو پهہ ڪيو. هاڻي ترسڻ واري ڪنهن کي ڪانہ هئي. آڌو حب پوٺو ۽وڏيون ٽٽيون پنڌ جون هيون. ڪلاڪ کن هلياسون تہ الهندي طرفان ڪاري ڪڪر مثل 'هاڙهو' جبل نظر آيو پر ڪوهن جو پنڌ هو. ٽٽائي صاحب سچ چيو آهي تہ:

"هلندي هاڙهي مٽي، ڪرڻ ڪوهه پيام"
"هلندي هاڙهي مٽي، گسي ڪونه گسان"

پير صاحب جن همت سان سيني ڪان اڳ ۾ تي ويا انهيءَ ڪري اسان لاءِ آڏو جيپن رستو ناهي چڙهيو هو. هڪ بجي ڏاري "ڪانئين واري" تي پهتاسون جتي هڪ 'هوٽل' هو يعني ته هڪ ڪکائين جهوپڙي هئي، جتي چاءِ ملي تي سگهي. پر چاءِ پيئي ڪيرا سڀ ڪنهن کي منزل جي اونَ هئي. هاڻي اڳيان اوڏڙو الهندي طرفان هاڙهو جبل ڪوٽ ٻڌيو بيٺو هو. اسان جي گس جو رخ ٻه ٽري ڏکڻ طرف موڙئون ٿيو. هڪ 'ٽرڪ' جنهن ۾ سيڏو سامان هو سا اڳتي پوئتي رهجي وئي هئي ۽ اٽڪل هڪ بجي ڏاري بي وڏي ٽرڪ جنهن ۾ اسان جي مڏي ۽ سجو سيڏو سامان هو. تنهن جو 'ڪوائل' سڙي ويو. اسان جو ساٿي مستري آچار مشنري جي فن ۾ ماهر هو تنهن جي ڪوشش سان ٽرڪ هلي، پر ميل پنڌ بعد وري بيهي رهي. بيلي ڏاڍي ڳالهه تي! طنبو طولان، هنڌ بسترا، سيڏو سامان ۽ انهيءَ کان سواءِ ڏهه ٻارهن مڙس سڀ ان ٽرڪ تي: جي نه ٿي هلي ته مڏي تي رُلي. بيلي مڙس تي ناهيوس! مستري آچار وري وجي اٽڪيو ۽ آخر ٽرڪ هلي. سڀ ڪنهن ٿڌو ساهه کنيو. هاڙهي جبلُ آڏو ڪر ڪٽي پئي نهاريو ته اڄ مڙس مون کي لتاڙڻ هليا آهن، پر پاڻهي خبر پوندي. ٽرڪ ڇُري ته سهي پر ٻه ميل کن هلي وري بيهي رهي. اتي شام جا ٽي لڳي چڪا هئا. مستري آچار وري ورتو ٽرڪ کي. اتفاق سان مون کي ڀٽائي صاحب جو بيت ياد آيو ته:

گندي ۽ گراه، جن سناسين سانديو
تني کان الله، اجا آڳاهون ٿيو.

اتي مون پڪ ڄاتي ته جي سيڏو سنڀاليندا سون ته منزل تي ڪيئن پهچنداسون. محترم نون صاحب کي چيم ته: اسان کي توڪل ڪري هلڻ گهرجي. چيائين ته: ادا بيشڪ!

اسان ڪجهه سڪو ميوو چاءِ وغيره جا شيءِ حاضر هئي سا ڪٽي جيپ تي روانا ٿياسون. اڳتي وڌياسون ته هڪ جيپ بيٺل نظر آئي. چيائون ته: پير صاحب جن هي جيپ اوهان لاءِ ڇڏي ويا آهن ته جيئن سگهو اچي منزل تي پهچو.

"هورن هاڙهو لنگهيو ڳوريون ٿيون ڳمن"

منزل ڪهڙي! جو نہ ڪا جاءِ نہ جڳهہ. نڪو ڇنهن نہ جهوپڙي. ميدان ۾ جيپون بيٺيون هيون. هڪ بہ فراسيون وڇايل هيون. پير صاحب جن ويٺا هئا پنهنجي خوش طبعي سان ٻين ساٿين کي پٺي وندرايائون. اسان وڃي سلام ورايو. پنهنجي سفر جو حال سڻايو ۽ سُڪو ميوو ۽ چاءِ وغيره وچ تي رکيو جو پير صاحب جن سنگت آڏو رکي کين خوش ڪيو. پر اتي اتر جو ڇوٽ واءُ اچي ڪليو. هڪ سيءُ ۽ ٻيو مٽيءَ جو وسڪارو-سيني وڃي جيپون جهليون ۽ دروازا بند ڪري ويٺا. پير صاحب جن جي همت جو جتي ويٺا هئا، اُتي ويٺا رهيا. جنهن تي ڪم ڪندڙ همراهن جي همت وڌي. هڪ جيپ کي روانو ڪيوسون تہ پندرهن ويهن ميلن ڪن تي ڪلر ۾ جيڪا 'ترڪ' ڦاٿل هئي اها وڃي ڪڍائي يا ڪم از ڪم اُتان سيڌو سامان ڪٽي اچي.

علي بخش ۽ عاقل ڪجهہ پريرو پنهنجي پٽاري ناهي مچ مچائي ڇڏيو هو. اتا اڌ فرلانگ پنڌ تي بنا ڇت جي ڇنل پٽرن سان سالن جي هڪ ڦٽل جهوپڙي هئي، جنهن کي صاف ڪري نون صاحب، سردار علي شاه ۽ مون وڃي وسايو. رات جا ساڍا ٻارهن ڪن هئا جو موڪليل جيپ، ترڪ سوڌو اچي پهتي. شاميانا ڪڍي هٽاياسون ۽ معزز صاحبن کي جيپن مان اُتاري بسترن پيڙو ڪيوسون. فقط پير صاحب جن ٺئي هئا جي واء ۽ مٽيءَ کان چادر اوٽ ڏيو پنهنجي پاٽاري تي قائم هئا، ۽ شاميانې لڳڻ بعد اتي اچي ساٿين سان خوش طبعي ڪرڻ لڳا. هاٽي اسين بي اونا تي پٺي انتظام کي لڳاسون. هڪ بجي ڌاري اسان واري جيپ ۾ اسان جو ساٿي حاجي محمد سوڍو بہ اچي پهتو. واٽ تان ڏهن ميلن ڪن جو ور ڪري بہ دنبا وٺي آيو هو ۽ ڪجهہ ڇانور ڇيڙ پڻ ٻاڻ سان ڪٽائي آيو هو. غلام محمد ۽ حاجي محمد سوڍي چيو تہ صبوح جو سوير سڄي سنگت لاءِ مانيءَ جو انتظام تي ويندو جيئن سڄهنديئي اڳتي آخري منزل ڏانهن روانا ٿيون.

پنج ڏينهن اڳ جيڪا اسان جي جيپ آئي هئي تنهن اُنن وارن کي نياپو موڪليو هو تہ 29ـ تاريخ تي هڱور ندي تي پهچن. ان انجام موجب مراد اگاريو (عمر اسي ورهيہ) پٽ سميت تي اُٺ وٺي اچي نڪتو هو. تنهن خبر ڪئي ۽ چيو تہ: 'هنگلاج جي منزل اجان آٺ نو ميل اڳتي آهي ۽ آڏو جبل جو پنڌ آهي. اُنن کان سواءِ اوهان پهچي ڪيئن سگهندو.' اسان اڳتي هلڻ واري سڄي سنگت ساري، ڪيس چيو تہ سياٽي ڏهين بجي صبوح تائين

جا نظاري ڪي ڪنيو بيٺي هئي. چيائون تہ انهيءَ ڪجهي وٽ 'واڳن جي ڪُهِري' آهي، يعني تہ پاڻيءَ جو ڪُنب آهي، جنهن ۾ واڳون رهن ٿا. هڱور نديءَ جي ڪنبن ۾ جتي ڪٿي واڳون آهن. نديءَ جي پريان الهندي طرف ڪناري سان ريت پٽي نظر آيو جنهن ۾ وڻراه هئي. چيائون تہ اتي ٻنيون آهن. بهرحال هڪ عجب نظارو هو.

چاءِ پيئڻ بعد، اسان جي ساٿي محترم نون صاحب چيو تہ: مون کي ترت پوئتي ورڻو آهي، انهيءَ ڪري اسان جي سنبت هينئر ئي هنگلاج ڏي' آءُ نون صاحب جي محڪم ارادي کان واقف هوس، انهيءَ ڪري جهل ڪانہ وڌم. اڳتي منزل اٺ نو ميل هئي پر هيءُ مڙس پيرين پيادو نڪري پيو. هڪ سونهون ۽ حاجي محمد سوڍو پڻ ساڻس روانا ٿيا. ڏهين بجي ڌاري اُٺ آيا تہ هڪ اُٺ سنڌن پويان اُماڻيوسون.

سردار علي شاه ۽ مون هاڻي وڃي ٻي سنگت جو سماءُ لڌو. پر صاحب جن سوير اُٿيا هئا ۽ هڱور نديءَ جي ڪناري تي پاڻيءَ لڳ وڃي ڪيمپ هنئي هئائون. ڪي ساٿي (محمد سعيد شاه ۽ ٻيا) صبوح ساڻ ڪانئن موڪلائي واپس سنڌ وريا هئا. ڏهين بجي ڌاري جڏهن پندرهن سورهن اُٺ اچي پهتا، تہ منجهند جي ماني کائي هنگلاج هلڻ جي صلاح ڪئي سون. پير صاحب جن پنهنجي همت مردانہ سان چيو تہ: 'اسان نديءَ مان جيپ ڪڍي اڳتي هلنداسين، ۽ اوهان اُٺن تي ايندا.'

اندازاً ٽي بجي شام جو وقت هو جو سنگت اُٺن تي بار لڏيا ۽ ڪي اڳ ۽ ڪي پوءِ روانا ٿيا. هاڻي هڱور جو پيٽ وني مٿي اتر اولهہ طرف هلڻو هو. منهنجو جت صديق نالي هڪ نيڪ مرد هو جو بلوچي، سنڌي، فارسي توڙي اردو ڳالهائي ٿي سگهيو. اسان نديءَ جو پيٽ ڏيئي اڳتي هلياسون تہ الهندي پاسي پاڻيءَ جو ڪنب ۾ ڪناري تي واڳون نظر آيو جو اسان کي ايندو ڏسي هيٺ پاڻيءَ ۾ لهي ويو. جبل جو گهٽ مٿي اڳتي ٿياسون تہ اسان جو ساٿي محترم نون صاحب گڏيو جو هنگلاج ڏسي واپس وريو هو. کانئس موڪلائي اڳتي پنڌ پياسون. آڏو هڱور نديءَ نانگ وارا ور ڪندي پئي آئي، ۽ اسان ڪڏهن سندس پيٽ مان تہ ڪڏهن مٿان ريت مان ور ڪاٽيندا پئي وياسون. نديءَ ڪناري سان، ڊگهين چوٽين واريون سفيد قسم جون ٽڪريون نظر آيون جن جو عجب نظارو هو. ريٽن ۾ جهل جا وڏا شاهي ساوا ڇهڇ ٻوڙا بيٺل هئا جن جهڙا اسان اڳ ڪڏهين ڪونہ ڏٺا هئا. اڳتي پاسي سان هڪ

ديوار مثل جبل جو نوڙ نظر آيو جنهن ۾ چيائون تہ چراغ گهٽا تا رهن.

بهرحال ڇهہ ست ميل پنڌ ڪري سانجهي ٽاڻي وڃي هڪ هنڌ هگور جي پيٽ ۾ ويناسون. جتان ڪبي پاسي هڪ ننڍي گهار وٺي مٿي "ناني" جبل تي چڙهڻو هو. اتي سڄي سنگت اچي گڏ ٿي. پير صاحب جن بہ جيپ اتي ڇڏي، جو هاڻي هتان پيرين پيادل مٿي چڙهڻو هو. سانجهيءَ جو ٽاڻو ٽري چڪو هو جو پنڌ پياسون. هڪ اونداهي ٻيو مٿي پهاڙ جو پنڌ! ناني جبل تان لهندڙ پاڻي جي گهار وٺي هلڻو هو. انهيءَ گهار جي مٿين ڪنڊيءَ تان ڪو پيچرو هو پر اسان کي پورو هٿ ڪونہ ٿي آيو. بس پوءِ تہ ڪڏهن ٻانهون ٻوڙن ۾ ٿي اٽڪيون تہ ڪڏهن ڇپون ڇاتيءَ ساڻ، ڪڏهن لهڻ تہ ڪڏهن اُبو چڙهڻ، ۽ ڪڏهن ٻيرين منجهان تہ ڪڏهن سَرن جي ٻوڙن منجهان رهڙجي ٿي پار پياسون. پنڌ بہ ميل ٿي چيائون پر چڙهائي ڪندي ڪوهہ ٿي لڳا. جناب پير صاحب جن جي همت کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، جو وات ڪُوات مان سيني جي مهڙ ۾ ٿي رهيا. اسان مان گهٽا سي ٿڪجي پيا ۽ ذري ذري پئي پڇيائون تہ 'منزل اڃان ڪيترو پري آهي؟' پر پير صاحب جي منزل پڇڻ يا ساهي کڻڻ واري ڳالهہ زبان تي ئي ڪانہ ٿي آندي، سندن انهيءَ همت سڀان ٻيا ساٿي پڻ دل جهلي هلندا رهيا.

بالاخر هن گهار جي سڄي ڪناري تي جريب کن جيتري هڪ ڪشادي ماٿري نظر آئي ۽ جتي ڪي پٽيون ۽ وڏا وڻ بيٺل هئا. سُونهين چيو تہ منزل تي پهچي ويا آهيون. ڪجهہ دير ويناسون تہ پويان اُٺن جي قطار بہ اچي پهتي. سيني پنهنجا ٽپڙ لاٿا ۽ انهيءَ ميدان ۾ پاٿاريون لڳي ويون. چڙهائيءَ وارو پنڌ ڪري آيا هئاسون، سو پهريائين تہ ڪنهن کي بہ سردي محسوس ڪانہ ٿي، پر ڪلاڪ کن کان پوءِ ٿڌ وري پئي. مڙس سڀ ايترو تہ ٿڪل هئا جو ماني جي ڪنهن پڇا ئي ڪانہ ڪئي، جو جتي هو سو تتي ويڙهجي سمهي پيو. پير صاحب جن ڪلاڪ کن ويهي ڪچهري ڪئي. سندن ساٿين مان فقط مير فضل علي خان گڏ هو ۽ آفرين هجي مير صاحب جي بردباري ۽ همت کي جو تڪليف جي شڪايت کي ڪڏهن زبان تي ڪونہ آندائين.

## هنگلاج

صبوح جو اڪ کُلي ۽ اُٿي پنهنجي منزل واري ماڳ کي جاچيوسون.

ٻنهي پاسن کان ناني جبل جون شاهي ڪنڌيون هيون جن جي وچ ۾ هڪ ننڍڙي "نانيءَ واري نئن" هئي، جنهن جي ڪبي ڪنڌي تي (الهندي طرف) اسان جي منزل هئي. اڀرندي طرف ساڌوئن جي سراءِ هئي، جنهن کي پٿرن جي ديوار سان هڪ حاطو ۽ سامهون ننڍيون ننڍيون ڪوٺيون ٺهيل هيون، جن تي ڪنهن وقت شايد ڇت پيل هئي. هڪ سِر تي هنديءَ ۾ ڪا عبارت لکيل هئي پر پڙهڻ ۾ ڪانه آئي. اها سراءِ گهٽي پراڻي ڪانه هئي ۽ پوڻ پنجاهه سٺ سالن جي ٺهيل هئي. الهندي طرف، ٻن ٽن فوٽن جي اوچائي ۾ رکيل پٿرن سان هڪ ننڍي مسجد جو حاطو ٺهيل هو. چيائون ته اها مسجد جي خذ لس ٻيلي جي ڄام غلام محمد خان چاليهه پنجاهه سال کن اڳ ٺهرائي هئي ۽ سندس ارادو انهيءَ کي پڪي ڪرائڻ جو هو پر حياتي ساٿس وفا نه ڪئي. مسجد ۽ سراءِ جي وچ ۾ مٿاهين سطح تي ڪنڌيءَ جا ڪافي وڻ هئا. اڀرندي طرف هيٺ گهار ۾ پاڻ هو ۽ گاهه جي ساوڪ هئي، ۽ ٻهاڙ جي زنگي گل جا شاهي ٻوڙا ٻيٺل هئا. جن کي جتن "جَوَر" ڪري ٿي ڪوٺيو: چيائون ته اُٺ جي اهي گل ۽ ٻوڙا کائي ٿو ته مري ٿو ۽ انهيءَ ڪري جتي ٻه "جَوَر" هوندا اتي جت اُٺ نه چاريندا. پير صاحب جن ڪجهه اڳتي وڏي وچي هڪ پاٽي تي ويٺا هئا، جنهن ۾ هٿ جيڏيون مڇيون هيون. عاقل فقير گوڏ ٻڌي پاٽي ۾ گهڙي پيو ۽ مڇين جهلڻ سان پوريون ڪري ڇڏيائين. علي بخش ڏسي چيو ته: بس، ڊوري جي مهاڻن کي شهه آهي!

سادي ڏهين ٻجي ڏاري سنيري، سڀ سنگت اها پاٽي واري گهار ڏيئي اڳتي "هنگلاج" واري تڪيي ڏانهن هلي. اٽڪل سڏ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اچي ماڳ تي پهتاسون. وهندڙ گهار جي سڄي (اڀرندي) پاسي واري ٻهاڙ جي ڪنڌيءَ جي پاڙ ۾ هڪ وڏي ڪوپ هئي، جنهن جي مٿان جبل قدرتي ڇت ٺاهيو ٻيٺو هو. اها وڏي ڪوپ هنگلاج جو تڪيو هو جنهن جي آڏو گهار ۾ وهندڙ پاٽيءَ جو ننڍڙو تلاءُ هو. انهيءَ ڪوپ جي اندر سڄي طرف واري پاڳي ۾ گذريل پنجاهه سٺ سالن واري عرصي ۾، ٻن طرفن کان، پٿر جي اوساري سان، ڇهه ست فوٽ کن پٽ ڏياري وئي هئي، جنهن جي اوپر واري ٻانهين ۾ پنج فوٽ کن اوچو ڪاٺ جو در چڙهيل هو. ٻاهرئين طرف در جي آڏو هيٺان پٿر جي ذرا بلند سطح هئي، جنهن جڻ هڪ ننڍڙو ٿلهو ٺاهي ڇڏيو هو. انهيءَ ٿلهي تي بنوڙن ساڻ ننڍا ننڍا دائرا ٺهيل هئا، جن ۾ ڪٿي چار پئي هئي، ڪٿي ڏيئا رکيا هئا ته ڪٿي لوها 'ترشول' ڪتا پيا هئا. هڪ

ڳاڙهي جهنڊي لڳل هئي ۽ ٻيءَ جهنڊي جي ڪپڙي جو ڳاڙهو ٽڪر هيٺ ڪريو پيو هو جو مون ڪٽي مٿي سولو ڪيو. انهيءَ ٿلهي کان ڪبي طرف ڪوپ جي وچ واري حصي ۾ پڻ ٽي فوٽ ڪن ديوار سان هڪ ڪوني ناهي وئي هئي، جنهن جو دروازو ڪريو پيو هو جنهن کي ڪٽي سولو ڪيوسون. باقي ڪوپ وارو ڪبو طرف ڪليو پيو هو جنهن تي جابجا سينڌر يا ڳاڙهي رنگ جا ڇٽا ۽ ترشول جا نشان چٽيل هئا.

انهيءَ معائني بعد جناب پير صاحب جن مون کي ڪبي طرف واري ديوار جي دروازي کولڻ لاءِ چيو. تارڪن فقيرن جي هن تڪيي جو ادب واجب هو. مون ڄتي لاهي، بسم الله ڪري دروازو کوليو. مٿان اوچائي گهٽ هئي ۽ نوڙي لنگهڻو پيو. در کان اندر ڏهه فوٽ ڪن ويڪري ۽ پندرهن فوٽ ڪن ڊگهي اراضي هئي، جنهن جي ٻن پاسن کان پٿيون، ٻن پاسن کان جبل جي ڪنڌي ۽ مٿان جبل جي ڇت هئي. دروازي جي سامهون قدرتي پهڻ جي هڪ شاهي ڇپ پيل هئي، جنهن جو عمق ٻه اڍائي فوٽ هو. انهيءَ ڇپ جي مٿين سطح تي پاٺ پوڄا جا ٿول رکيل هئا، جي پوئين چاليهه پنجاه سالن واري عرصي جا پئي لڳا. ڇپ جي چوڌاري ٻه اڍائي فوٽ عمق ۽ ٻه فوٽ ڪن ويڪري گهيري مٿان ڪاٺ جا ٽڪرا ۽ ڇٽ وجهي ڍڪي آڏيو ويو هو. انهيءَ گهيريدار اڏيل سرنگهه اندر وڃڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ لاءِ، ٻنهي طرفن کان ٻه فوٽ اوچيون ۽ ڏيڍ فوٽ ڪن ويڪريون ڪاٺ جون دريون لڳل هيون، جي بند پيون هيون. پر درين آڏو اسان جي ساٿي محترم نون صاحب ۽ سنڌس ساٿين جا پيرا نظر آيا ۽ ڏٺم ته هنن اهي دريون کوليون آهن ۽ شايد انهيءَ گول گهيري اندران ٻه ٽي آيا آهن. مون اهي دريون کوليون. ٻنهي طرفان اندر انهيءَ وڏي سوراخ ۾ اونده هئي. آءُ ڪبي دريءَ مان سيني ڀر سرندو اندر داخل ٿيس. منهنجي پويان علي بخش فقير به سيني ڀر سرندو اندر آيو. بس. پوءِ ته سيني ڀر سرندا چوڌاري ڦري سڄي طرف واري دري کان خير سان اچي ٻاهر نڪتاسون. انهيءَ تجربي مان معلوم ٿيو ته اها قدرتي غار ناهي بلڪ شاهي ڇپ کي پاسن کان مٿان ڇت وجهي اها غار ناهي وئي آهي.

ڇپ جي مٿين سطح تي، ننڍا دائرا ۽ چُلها ناهيل هئا ۽ پاٺ پوڄا جا ٿول جهڙوڪ ڏيئا، ڍڪڻيون وغيره رکيل هئا. هڪ طرف "لِنگ" (لنگم ڇوڪس ۽ ٽوپي سميت) پڻ رکيل هو. چُلهن ۽ دائرن ۾ لوهه جا "ترشول" کُتل هئا. دروازي جي سامهون جيڪو دائرو هو انهيءَ کي صاف ڪرڻ سان

هڪ طرف سنگ مرمر جي هڪ ننڍي چوڪس سِر هيٺ فرش ۾ لڳل نظر آئي، جنهن کي ڏوئڻ سان ان تي ٻن پيرن جا نشان اڪريل نظر آيا. شايد ڪو وڏو فقير جنهن ڀيريائين هتي اچي پير گهمايا، تنهن جي ياد ۾ اهي قدمن جا نشان قائم ڪيا ويا آهن. ان سِر جي مٿان ڀنوڙي جي ديوار ۾ ٻي سنگ مرمر جي سر لڳل هئي، جنهن تي غالباً بنگالي زبان ۾ ڪتبو لڳل هو جو اسان پڙهي ڪين سگهياسون. هن تڪيي ۾ ڪاٻه مورتي، بوتي توڙي تصوير جي صورت ۾ نظر ڪانه آئي.

ٻاهران جيڪي ٻه ننڍيون ديوارون آيل هيون انهن تي چوڏاري ڳاڙهي رنگ توڙي اڳرن سان لکيل تيرٿ واسين جا نالا لکيل هئا. گهڻيون عبارتون بنگالي ۽ هندي حرفن ۾ لکيل هيون ۽ ڪي ٿورا نالا. سنڌي واٽڪي اکرن ۾ پڻ لکيل هئا. انهيءَ ڪوپ کان ٻاهر 'نئن' واري وهندي ۾ پيل چپن تي پڻ سينڌر جا نشان توڙي ياترا ڪندڙن جا پتا لکيل هئا. هڪ چپ تي آڱرين سان هڪ تصوير نڪتل هئي جنهن ۾ جڻ ته هڪ ماڻهو ٻانهن مٿي ڪيو بيٺو آهي. اها تصوير ڏسي سنڌ جي عام روايت ياد آئي ته پٽائي صاحب هنگلاج ۾ هڪ ساڌو کي ڏٺو هو جو وچن ڪري ٻانهن مٿي جهليو بيٺو هو. کيس ڏسي، پٽائي صاحب هيءُ بيت ڏنو ته:

هنيون نه سُڪايئي هوت لئي، تو سڪائين ٻانهون
منا مُنئي پاڻ کي، تو چوين "آهيان آديسي آئون"
هيءُ پنڌ پرانهون، ڪي ڪي لهندا ڪاپڙي

بهرحال هنگلاج جي تڪيي تي بت پرستي جي بوءِ ڪانه هئي. چئي نٿو سگهجي ته دراصل اهو ڪنهن جو تڪيو آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته پرسان ٻاٽيءَ جي وهندي ۽ مٿان جبل جي ڪوپ واري ڇت جي پناهه سببان هن ماڳ کي اڳاٽي وقت کان ماڻهن استعمال ڪيو. هن تڪيي جو اصول نالو 'ناني' هو جو اسلام جي اوائلي زماني کان استعمال ٿيو جبل کي پڻ 'ناني' سڏيو ويو ۽ اڄان تائين مقامي طور هن تڪيي کي "بيبي ناني" جو آستان سڏيو وڃي ٿو. 'ناني' جي نالي مان اهو پڻ گمان اٿي ٿو ته شايد هي نالو ۽ تڪيو سر زمين عراق جي قديم معبود 'اينرنا' جي يادگار آهي.

ان بعد نسبتاً پوئين دور ۾ ڪنهن مها جوڳي هتي پير پاتا (جنهن جي ياد ۾ قدمن جا نشان قائم ڪيا ويا آهن) ۽ هيءُ ماڳ جوڳي فقيرن جي ياترا جو ماڳ بنيو. مڪاني ماڻهن کان معلوم ٿيو ته اڳاٽي وقت کان هتي

هندستاني ڳالهائيندڙ فقير ايندا هئا. بنگالي ۽ هندي ۾ لکيل عبارتون ڏسي خاطري ٿي تہ ويندي هن پوئين دور ۾ پڻ بنگال ۽ بهار کان پانڌيئڙا هت پئي پهتا آهن. تازو 1959ع ۾ هڪ شخص "جمال پور" ضلعي ميمن سنگ (مشرقي پاڪستان) مان هت آيو هو. جنهن پنهنجو نالو ۽ پتو انگريزي ۾ پڻ لکي ڇڏيو هو. گمان غالب آهي تہ پوين پنجن ڇهن سون سالن کان "هنگلاج" جي تڪيي سان "جوڳي پنٿ" وارن جو واسطو پئي رهيو آهي. "جوڳي پنٿ" ۾ گرو گور کناٿ کي وڏي اهميت آهي. "گورکناٿ" ۽ ديناناٿ درويشن جو پورب طرف ويندي بنگال ۽ آسام تائين وڏو اثر هو ۽ اڄ ڏينهن تائين آهي. سنڌ ۾ هنن فقيرن جي سلسلي جو ڪو وڏو فقير آيو ۽ هنگلاج تائين ويو. ڀٽائي صاحب، توڙي ٻين شاعرن "سر رامڪلي" ۾ "گورکناٿ" جو نالو ڪنيو آهي. انهيءَ ڪري ٿي پورب (بهار، اوڙيسا ۽ بنگال) جي فقيرن لاءِ 'هنگلاج' ياترا جي جاءِ بڻي. ڀٽائي صاحب انهن جوڳين فقيرن کي 'پوربين' جي نالي سان پڻ ياد ڪيو آهي. اهي جوڳي پنٿ جا پوربيا فقير، ناني جبل ۾ "هنگلاج" جي تڪيي جي ياترا لاءِ ايندا هئا، ۽ ان بعد وري پورب (اوير ڏانهن بهار ۽ بنگال) طرف پوريندا هئا. بهرحال پوئين دور ۾ جوڳي، هنگلاج ۽ پورب ٽيئي هڪبئي سان وابستہ ٿيا:

سائين سڀ سندوم، مَ ڇڄي سين جوڳئين
هلڻ جو هنگلاج ڏي، آديسين اُتوم
نيئي پورب پار ڏي، ويراڳين وڏوم
سوئي تيرٿ تڪيو سوئي پنڌ سندوم.
(شاه)

"ناني" جبل جو مقامي نالو آهي جنهن ۾ تڪيو آهي. اسان سان ڳالهائيندي جتن "ناني، جبل" ۽ "ناني جي نئن" جا نالا پئي ڪنيا. ڀٽائي صاحب "ناني" جو نالو بار بار ڪنيو آهي تہ "نانگا ناني هليا، لوڪان ڪري لِڪ"، "نانگا ناني هليا، سامي سيئي" ۽ "نانگا ناني هليا، هاءِ منهنجي حال." جوڳي فقيرن جي نظر "ناني" ڏانهن هئي تہ ڪڏهن ٿا ان ماڳ تي پهچن ۽ ٻيو پورب جي پچار هُئن تہ ڪڏهن ٿا وري پورب موٽن:

جوڳي ٿين نہ يار، ڪنهين سين قريب ٿي
آنئي پهر ان جي آهي ناني ڏانه نهار
مان ملاقي اُن سين، پورب جن پچار

## هنگلاج کان موٽڻ

”وٺا جه هنگلور، ته ڪرمين ملندءِ ڪاپڙي“- انهن ڏينهن ۾ ايتري پرانهين پنڌ تي وڃڻ ۽ وري ورڻ جو آسرو ئي ڪونه هو. بهرحال اسان 31- آڪٽوبر تي ساڍي ٻارهين بجي ڏاري هنگلاج جي ماڳ کان موڪلايو. منجهند جي ماني بعد صلاح بيٺي ته متي ناني واري جبل تي چڙهي ديدار ڪجي ۽ رات اتي ئي رهجي. ٽي بجي ڏاري چڙهائي شروع ڪئيسون ۽ ٻه منزلون متي وياسون ته گهٽن جا متا ڦري ويا ته گهٽن جا هانءَ ٻتلجڻ لڳا. مجيوسون ته جبل تي چڙهڻ سولو نه آهي، انهيءَ ڪري وري لٿاسون هيٺ. اٽڪل ساڍي چئين بجي قافلو تيار ٿيو. ڪي اُٺن تي ڪي پيادا. ”ناني واري گهار“ وٽي اچي هيٺ هگور ندي جي پيٽ ۾ پهتاسون. پير صاحب جن جيپ تي روانا ٿيا. باقي ٻين مان ڪن جا اُٺ اڳيان ته ڪي پوئتان، پر رات جو سمهاڻي ڏاري سڀ ساٿ اچي هگور ندي واري منزل تي پهتو ۽ صلاح بيٺي ته صبوح جو مڏي ڪوچ ڪندا سون.

صبوح جو ماني کائي ڏهين بجي واپس ورڻ جي تياري ڪئي سون. پير صاحب جن چيو ته واٽ تي جيڪا گُندي جهڙي ٽڪري آهي، اُتي پهنداسون ۽ ان کي ڏسنداسون. هگور ندي کان اها ٽڪري اٽڪل ٽيهارو ڪن ميلن جي مفاصلي تي اوريان هئي. اُتي جي ماڻهن اُن کي ”ڀُٽڙ“ ڪري ٿي چيو. چاڪاڻ ته ان جي چوٽي مان پاڻي ”ڀُٽ ڀُٽ“ ڪري ٿي بڙڪي نڪتو. پير صاحب جن اڳ پهتا ۽ اسين ٿورو پوءِ رسياسون ۽ ”ڀُٽڙ“ جي پاڙ وٽ اچي جيپون جهليوسون. اسان جي سامهون ’ڀُٽڙ‘ پنهنجي پوري شان سان ڪر کنيو بيٺي هئي، ڄڻ ته مصر جو ”مخروطي منارو“ آهي؛ يا ائين ٿي پانيوسون ته هڪ وڏي گُندي يا ٻِلي آهي. بس پوءِ ته ڪمرڪشي ڪيوسون چڙهڻ شروع. هڪ لسي سطح، ٻي اُڀي چڙهائي- ٻانئجي ته ماڻهو ٿو پوئتي ڪري. پير صاحب جن خوش طبعي ڪندا چڙهندا پئي ويا. سو ساٿن گڏ هلندا منزلون ڪندا وڃي چوٽي تي پهتاسون، جا ٽي چار سؤ فوٽ اوچي هئي. متي عجب نظارو هو. چوٽي گنڌي وانگر گول منهن سان هئي ۽ گول جو قطر تقريباً ويهه فوٽ کن هو. وچ سڄو گاري مثل گپ سان ڀريل هو جنهن جي وچ تان گپ ۽ پاڻي منٽ منٽ ۾ اُڏاما پئي ڪاڏا. ڪنهن زماني ۾ غالباً اها ٻرندڙ جبل جي چوٽي هئي ۽ اُلا ۽ دونهان ڪڍيا هوندائين، پر هينئر نري وڃڻ بعد ٿڌو گارو ۽ گپ پئي اڇليائين. گپ سان گڏيل پاڻي چڪيوسون ته

ڪارو هو. وڏيڪ پاڻهي انهيءَ گُنديءَ جي گول منهن واري ڪناري ڪان گپ گاڏئون سيما ڪري هيٺ پئي لٿو.

هن عجب نظاري ڏسڻ بعد هيٺ لهي پوئتي جي ڊگهي سفر جي تياري ڪئي سون. پير صاحب جن اسان لاءِ وات تي "ڪانئڻ واري" هوٽل تي ترسيا ۽ ان بعد اڳتي هلي شهر لياري ۾ سنگت لاءِ ترسيا. اسان جو ساٿي حاجي محمد سوڍو اڳ 'لياري' پهچي چڪو هو ۽ طنبو هٽائي ماني جو انتظام ڪري ڇڏيو هٿائين. سانجهي بعد اسين به اچي لياري پهتاسون ۽ ٻي سڄي سنگت به اچي پهتي. پير صاحب جن ڪلاڪ ڪن ڪچهري ڪئي ۽ ماني بعد پاڻ موڪلائي ڪراچي اُسريا. اسان اها رات لياري ۾ گذاري. رات جو هڪ بجي تائين مارڪو ٽيو جنهن ۾ منگهي ۽ آدم نڙ وڄايو ۽ هڪ طرف حسين فقير هگوري سانوڻ ۽ مولابخش جا بيت چيا ته ٻئي طرفان لس جي سگهڙ الهڏني موندري لس واري لي ۾ لس ٻيلي جي شاعر يوسف موندري جا بيت ڏنا. ٻئي ڏينهن تاريخ 2_نومبر صبوح جي پهر لس جي سگهڙن کان بيت ٻڌاسون ۽ لکياسون ۽ منجهند جي ماني کائي لياري جي سنگت کان موڪلايوسون.

وات تي کارڙي جي ناڪي لڳ "آدم پير ٻاڙي جو ٻروچ" تنهن جو قديم قبرستان ڏٺوسون جنهن ۾ پٿرن جي سهٽي سنگتراشيءَ سان آڳاٽي وقت جون قبرون هيون. 'آدم پير' جي درگاه مشهور آهي ۽ لس ٻيلي جي حڪومت طرفان آڳاٽي وقت کان درگاه لاءِ زمين جاگير طور مليل آهي. ڪرمتي بلوچن جي هڪ شاخ مان آدم هڪ درويش ٿي گذريو آهي جو پنهنجي بزرگيءَ سان 'پير' ٿي سڏجڻ لڳو. آدم پير جي اولاد مان عيسب خليفو ٿيو جو لڏي اچي ميرپور ساڪري ۾ رهيو. سندس اولاد مان اسان جو ساٿي ۽ داناء سگهڙ حاجي محمد سوڍو آهي جو هن وقت آدم پير جي درگاه جو متولي آهي. آدم پير جي تاريخي مقام ڏسڻ بعد سڌو ڪراچي رخ رکيوسون ۽ ڇهين بجي شام جي اچي شهر ڪراچي ۾ پهتاسون. هنگلاج ڪراچي کان اٽڪل ڏيڍ سؤ ڪن ميل پري آهي، پر رستو ڪونهي ۽ رڻ جي وات آهي، انهيءَ ڪري جيپن هوندي به هي پنڌ ڏکيو ۽ ڏورانهون لڳو. خيال آيو ته جوڳ وارن تارڪن فقيرن ڇو ڪشالا ڪري، رڻ جهاڳي ايترو پري وڃي ٿي هيءَ تڪيو پيتيو. ميين شاه عنايت پڻ چيو هو ته:

ناٿ جتي ٿي ننڌ، ات نه پڇئو جوڳئين
ڪُ ويساها ڪاپڙي، پُريا پراهين هنڌ

هيءَ هنهين هنڌ، هو هليا هنگلاج ڏونه.

چون ٿا تہ پٽائي صاحب ان جو سهڻو جواب ڏنو تہ:

ناٿ جتهين ننڌ، تت نهاريو جوڳئين
سُويساها ڪاپڙي، پريا پراهين هنڌ
هيءَ هنهين هنڌ، پر هنن گڏيو هنگلاج ۾.

**

# ڳوٺ جعفر خان لغاري جو جاگرافيائي ۽ تاريخي پسمنظر#

جاگرافي جي لحاظ سان، ڳوٺ جعفرخان لغاري شهدادپور ۽ سانگهڙ جي وچ واري علائقي جي مشهور ڳوٺن مان آهي.

پهرين صدي کان 6 صدي هجري (8 کان 13 عيسوي) تائين درياء انهيءَ علائقي جي وچان وهندو هو جنهن تي سنہ 112_116 هجري وارن سالن ۾، سنڌ جي عرب اسلامي دور ۾، وڏو مشهور شهر منصوره آباد ٿيو. منصوره جا شاهي کنڊرات ڳوٺ جعفر خان لغاري کان چارميل ڏکڻ طرف آهن. ٻيو ننڍو شهر مُتاهلہ (اصل ۾ ڪو عربي نالو= ڪنهن ڪڙم قبيلي جي نئين آباد ڪيل بستي؟) جيڪو هن وقت 'مُتَهَلو' سڏجي ٿو سو ڳوٺ جعفر خان لغاري کان ٻہ ميل ڪن ڏکڻ طرف آهي. شاهہ عبداللطيف جا وڏا مٽياري سادات، سندن اصل ماڳ هالا ڪنڊي مان پهريائين هتي لڏي آيا ۽ گهڻو وقت متهلي ۾ رهيا[1]. ڳوٺ 'ڄَراري' جنهن جو نالو اصل ۾ درياء جي شاخ 'ڄَلوالِي' جي نالي مان بدلجي سنڌي اچار ۾ 'ڄَراري' ٿيو سو ڳوٺ جعفر خان کان ساڍا ٽي ميل ڏکڻ اوير طرف آهي.

اصل درياء ڄَلوالي (ٻاڻي وارو) جنهن جو ذڪر فتحنامي (چچنامي) ۾ آهي تنهن جي ڪناري تي قديم شهر 'ٻهمن آباد' ٻڌو ويو جنهن کي پوءِ برهمڻ گهراڻي جي دور حڪومت ۾ 'برهمڻ آباد' سڏيو ويو. سنہ 116هہ (734)

---

# ماخذ_ اسانجو ڳوٺ جعفر خان لغاري 1998

1 ڄنان پوءِ ڀاٽي جي اٿاٽ سبان لڏي وڃي اري چانگ جي شهر 'مٽ آري' (مٽياري) ۾ وينا جتي هو متهلوي (متهلي جا سيد) سڏجڻ لڳا جيڪو نالو پوءِ پڙهيلن 'متعلوي' ڪري لکيو.

ڪان ٿورو اڳ، برهمڻ آباد ڪان پنج ميل اولهه طرف درياء جي ٻئي ڪناري تي شهر منصوره ٻڌو ويو. منصوره جا شاهي ڪنڊرات ڳوٺ جعفر خان ڪان چار ميل ڏکڻ طرف آهن. برهمڻ آباد جي کنڊرن جو باقي نشان ٻڌ ڌرم جي مڙهي "وڪر بهار" (ڏيپر گهانگهري جي ٿل) وارو ڪريل ٿل آهي[1] جيڪو ڳوٺ جعفر خان ڪان اٺ ميل اوير- ڏکڻ ۾ شهر جهول ڪان ميل ڪن اولهه طرف آهي.

درياء جي ان اڳواٽي وهڪري وقت هي علائقو آباد رهيو پر تيرهين صدي عيسوي ۾ جڏهن درياء رخ مٽايو ۽ پهريائين الهندي طرف شهدادپور وٽان ۽ پوءِ اجان بہ الهندي طرف هالن وٽان وهڻ لڳو تہ هي علائقو غير آباد ٿي ويو. بعضي سانوڻي ۾ ناري جي اٿل جو پاڻي اوير- اتر طرفان، سنجهوري واري پاسي ڪان، ديهہ ٻوٽرو (ڳوٺ جعفر خان ڪان ٻہ ميل اتر) تائين پهچندو هو ۽ جانيا تيندا هئا. ڳوٺ جا وڏي عمر جان ماڻهو جيڪي سنہ 1930ع تائين جيئرا هئا تن ڪي 19- صدي ۾ آيل ناري جي ٻوڏ ياد هئي. اڳئين دور ۾ ناري جي ٻوڏ سبب، يا اتر طرفان سانوڻ جي برسات سببان، گهارا يا 'رئو' ايندا هئا ۽ هر گهارو يا وهڪرو آباد ڪرائيندو هو. انهن موسمي رئوئن جي نالن سان ڳوٺ ٻڌا ويا جيئن تہ سنجهورو ٻوٽرو ڪڏڙو ڊنڙو وغيره. اهڙن نالن جي پڇاڙي ۾ 'رو' انهن آڳاٽي گهارن وهڪرن جو يادگار آهي.

بهرحال درياء جي رخ بدلائڻ سان شهدادپور ۽ سانگهڙ جي وچ وارو علائقو غير آبادُ ٿي باراني پٽ بنجي ويو ۽ ويندي 18 صدي جي آخر تائين 'دَشتِ باران' يا 'پٽ باران' سڏجڻ لڳو جيئن ميرعلي شير قانع جي تاريخ تحفة الڪرام مان معلوم ٿئي ٿو. هن پاڳي ۾ يعني شهدادپور ۽ سانگهڙ جي وچ واري علائقي ۾ رونق تڏهن آئي جڏهن ميرشهداد خان ٽالپور الهندي طرفان درياء مان نڪرندڙ مارڪ واهہ ڪي وڏائي ان مان ٻيا واهہ ڪڍايا ۽ پڻ شهر شهدادپور ٻڌايو. اندازا 1708- 1710ع وارن سالن ۾ مغلن جي حڪومت جي دور ۾ شهزادي مُعِزالدين طرفان مير شهداد خان کي 'پٽ باران' جو

---

[1] برهمڻ آباد شهر جا ٿُتل دڙا جيڪي وڏي ايراضي ۾ پکڙيل هئا ۽ پڻ 'وڪر بهار' وارو ٻڌ منارو (وهار) جيڪو اجان پندرهن فوٽ ڪن اوچو هو سي راقم 1942- 1944ع وارن سالن ۾ ڏٺا. ان بعد انهن آثارن کي براج ڪاتي جي زمين طور هڪ پوليس عملدار محمد رحيم جي حوالي ڪيو ويو جنهن حرن خلاف انگريز سرڪار جي خدمت ڪئي هئي. سنہ 1950- 1954ع وارن سالن ۾ شهر برهمڻ آباد جي سڄي زمين هرن هيٺ اچي وئي. افسوس جو سڄي سنڌ ۾ اهڙا تاريخي آثار گذريل پنجاهہ سالن ۾ پبلڪ ۽ حڪومت جي غفلت سببان ضايع ٿيا آهن.

علائقو جاگير طور مليو جنهن کي آباد ڪرائڻ لاءِ مير شهداد خان واهن کٽائڻ جو انتظام ڪيو. اڳئين وقت جو مارڪ واهه الهندان درياءَ مان نڪرندو هو ۽ شهدادپور کان ٿوو اتر- اولهه تائين پاڻي آڻيندو هو. ان مان هڪ ننڍو واهه 'راڄ واهه' ڏکڻ طرف تي ڪڍيو ويو جنهن تي شهدادپور شهر آباد ٿيو. مارڪ واهه کي وڏو ڪيو ويو ۽ ان کي 14 ميل کن اڳتي اوڀر طرف جهول جي شهر تائين کٽايو ويو. انهن نئين واهه کي مير شاهو خان جي نالي سان 'شاهو واهه' سڏيو ويو.

شاهو واهه مان ڪبي پاسي مير بهرام خان 'بهرام واهه' ڪڍايو (جنهن تي هن پوئين دور ۾ عبدالحڪيم پنيري جو ڳوٺ هو). شاهو واهه مان ڪبي پاسي ٻيو هڪ چڱو وڏو واهه شهداد واهه نالي ڪڍيو ويو جنهن جي ڊيگهه اٺ ميل کن هئي. ڪجهه وقت پوءِ اڃان بہ اڳتي اوڀر طرف شاهو واهه مان ڪبي پاسي 'حضور واهه' ڪڍيو ويو جنهن پنج ميل اتر طرف سنجهوري شهر تائين آباد ڪرائي. مير بجار خان شاهو واهه جي پوڇڙي مان هڪ وَنجِي پٽائي جيڪا عوام ۾ 'بجر ونجي' جي نالي سان مشهور ٿي، جنهن هي ميرُ صاحب پنهنجو ڪوٽ ٻڌايو. اهو شاهي ڪوٽ، وڪر بهار جي ٽل کان ٿورو ڏکڻ تي هو ۽ اوڏن جو ناهيل هو. ان جون ديوارون سنہ 1950ع تائين موجود هيون. اهي سڀ واهه ۽ انهن مان نڪرندڙ ڪڙيا سنہ 1932ع ۾ سکر براج جي وهڻ کان اڳ شهداد پور کان وٺي جهول تائين سڄو ملڪ آباد ڪندا هئا. ڳوٺ جعفر خان ۽ ٻين پرپاسي وارن ڳوٺن جي آبادي حضور واهه مان نڪتل ڪڙين تي هئي.

سنہ 1902ع ۾ ناري مان نئون ڪڍيل جمڙائو واهه وُڙهو پر شاهوواهه ۽ حضورواهه وارو آب پاشي جو نظام قائم رهيو. جمڙائو واهه اتر کان ڏکڻ تي شاهو واهه جي مٿان ٽپايو ويو ۽ هيٺيان وڏو شاهي "سائفن" ناهيو ويو جنهن مان شاهو واهه بدستور وهڻ لڳو. هن "سائفن" کي مقامي طور "گُندي" سڏيو ويو. سانوڻي ۾ جڏهن جمڙائو واهه جي هيٺيان شاهو واهه ڏُوڌات ڪري وهندو هو تہ عجب ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو هو. گُندي مان پاڻي ايترو تہ تيز رفتار سان نڪرندو هو جو هڪ پيرو ٻنڙي جي اسڪول ۾ پڙهندڙ هڪ ڇوڪرو (مرحوم دلبيگ ولد حاجي شير بيگ) شاهوواهه ۾ الهندي طرفان گُندي اندر ڪريو تہ ساهہ گهٽجڻ کان اڳ پاڻي کيس ايرندي طرفان ٻاهر آڻي ڪڍيو ۽ هو بچي ويو.

شاهو واهه جي پيچ ۽ آبادي جو نظام سنه 1932ع ۾ ختم ٿيو. سکر براج جي نڪرڻ سان، ناري ۽ جمڙائو ۾ به پاڻي وڌايو ويو ۽ ياڇي واري موري کان ڪڇي طرف جمڙائو مان هڪ نئون براج واهه ڪڍيو ويو جنهن جو نالو اڳئين شاهوواهه جي نالي سان 'شاهو برانچ' رکيو ويو. شاهو برانچ مان شاخون ۽ واٽر ڪورس ڪڍيا ويا جن سنجهوري تعلقي جي حد ۾، جمڙائو واهه جي اوير طرف، شاهوواهه جي پيچ واريون زمينون، ڳوٺ جعفر خان ۽ ٻين ڳوٺن سميت، آباد ڪيون. جمڙائو واهه کان اولهه طرف، شهدادپور تعلقي جون اڳيون شاهو واهه واريون آباد زمينون پوءِ اتران سکر براج مان نڪتل سدا واهه جي پاڻي تي آباد ٿيون.

اڳئين شاهوواهه ۽ نئين شاهو برانچ جي آبادي واري ايراضي آڳاٽي وقت کان وٺي ٻن مکيه ديهن ۾ ورهايل هئي- الهندي طرف ديهه ڏنڙو ۽ اُيرندي طرف ڌَيهه ڪنرو. ديهه ڏنڙو شهر ڏنڙي جي نالي سان سڏي ويئي. سنه 1902ع ۾ جمڙائو واهه جي وهڻ سان شهر ڏنڙو الهندي طرف ڪٽجي ويو پر اوير طرف ديهه تي اهو نالو قائم رهيو. شاهو برانچ نڪرڻ سان، جمڙائو جي پيچ واري 'ديهه 40_الف' جو ڪجهه ڀاڱو شاهو برانچ جي ڏکڻ طرف اچي ويو ۽ ديهه ڏنڙي جي ايراضي سان لاڳو ٿيو. هنن ٻن ديهن ۾ لغاري قبيلا ۽ انهن سان پيڙا ڪي ٻيا راڄ آباد آهن.

**

# 1857ع ۾ سنڌ طرفان آزاديءَ جي جنگ#

1857ع کان فقط 14 سال اڳ انگريزن سنڌ تي غاصبانہ قبضو ڪيو هو ۽ سنڌ اڃا انگريزن جي فوجي طاقت جي دٻاءُ هيٺ هئي. سنڌ جا سڀ اڳيان حڪمران ٽالپر امير اڃان انگريزن جي قيد بند ۾ هئا. ”شير-سنڌ“ مير شيرمحمد خان انگريز سان دوآبي جي جنگ ۽ ڪونهيري (شهداد پور) ۽ اپ پور وارن مقابلن کان پوءِ ميرپور ماٿيلي کان ٿيندو پنجاب طرف ويو تہ ٻيهر فوجون ۽ سامان گڏ ڪري انگريزن کي سنڌ مان تڙي ڪڍي، پر ان وقت انگريزن جي طاقت سڄي هندستان کي گهيري ورتو هو. هنن سنڌ کان ڇهہ سال ڪن پوءِ پنجاب تي پڻ قبضو ڪيو. ناسازگار حالتن جو اندازو لڳائي، مير شير محمد خان هڪ معاهدي هيٺ سنڌ موٽي آيو هو ۽ ظاهري طرح انگريزن خلاف ڪجهہ ڪونہ ٿي ڪيائين پر انگريزن سان سندس دلي ناهہ پڇاڙي تائين ڪونہ ٿيو.

1857ع ۾ مير شير محمد خان اڃا زنده هو ۽ سندس وجود سنڌ جي ٻين سورهين لاءِ سهارو هو. 1857ع ۾ سڄي هندستان جي رهواسين انگريزن خلاف جيڪا آزاديءَ جي جنگ جوٽي تنهن ۾ سنڌ ڀرپور حصو ورتي ها، پر انگريزن سنڌ کي ملٽري طاقت هيٺ دٻائي رکيو هو ۽ ان جي انتظام جو رخ بمبئي ڏانهن ڦيرائي سنڌ کي باقي سڄي هندوستان کان الڳ ڪري ڇڏيو هو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو اتر هندستان جي ٻين ڀاڱن ۾ آزادي جي جنگ جي تيارين کان سنڌ وارا بي خبر رهيا ۽ 1857ع ۾ اتي انگريزن خلاف عملي ڪارروايون شروع ٿيون تہ بہ سنڌ ۾ اهي خبرون دير سان پهتيون.

---

# نئين زندگي- آگسٽ سيپٽمبر 1989ع

سنڌ طرف انگريزن خلاف ڳجهه ڳوهه ۾ ڪم ڪندڙن جا مکيه مرڪز چار پنج هئا. مير شير محمد خان ميرپور ۾ موجود هو. ظاهري طرح هو خاموش هو پر سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر آزادي جي علمبردارن سان سندس سلام پيغام جو سلسلو هلندڙ هو. جيڪب آباد طرف جا سورهيه بلوچ اڳواڻ انگريزن خلاف منصوبا سٽيندا رهيا. جيتوڻيڪ سندن طاقت کي ختم ڪرڻ لاءِ جان جيڪب خانڳڙهه (پوءِ جيڪب آباد) کي انگريزي فوجي طاقت جو اڏو بنائي ويٺو هو. 1857ع ۾ اتي انگريزن خلاف جنگ جوٽڻ واري گروهه جا مکيه اڳواڻ تي هئا: دريا خان جکراڻي، دل مراد خان کوسو ۽ سيد عنايت شاهه چٽ وارو. سندن مرڪز لس ٻيلو هو جنهن جو حڪمران ان وقت جام مير خان ثاني هو. جام مير خان هڪ دلير ۽ دورانديش سردار هو. سنڌ تي قبضي سان گڏ انگريزن بلوچستان ۾ پڻ اکيون وڌيون هيون ۽ قلات جي خان سان دوستي جي بهاني سان هنن بلوچستان ۾ پنهنجي سياسي طاقت کي وڌائڻ تي چاهيو. جام مير خان انگريزن جي انهيءَ سازش جي خلاف هو. چوٿون مرڪز ڪراچي شهر ۽ ان جي آس پاس وارو علائقو هو جتي مير شير محمد خان توڙي جام مير خان جا پيغام پهتل هئا ۽ مسلمانن ۾ انگريزن خلاف نفرت جو جذبو پيدا ٿي چڪو هو. هنن ڪراچي ۽ رڪيل انگريزن جي ڏيهي فوج جي دستن سان پنهنجي چاڻ سڃاڻ جا سلسلا قائم ڪيا. پنجون مرڪز حيدرآباد هو جتي جي مسلمانن اتي جي بنگالي فوجي دستن سان پنهنجو سلسلو قائم ڪيو هو.

سنڌ ۾ انگريزن جي ڏيهي فوج جا جيڪي دستا ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ هئا تن کي اپارڻ لاءِ هندستان مان ڪي خاص قاصد پهتا. جيتوڻيڪ اهي دير سان پهتا. بنگالي فوج جي دستن کي انهن جا پيغام پورا مليا ۽ هنن تياريون شروع ڪيون. بمبئي فوج جي دستن تائين به ڪي پيغام پهتا. ائين پائنجي ٿو ته سنڌ ۾ جولاءِ کان سيپٽمبر 1857ع واري عرصي ۾ انگريزن خلاف جنگ جوٽڻ بابت صلاحون ۽ سنبتون ٿيون. ٿي سگهي ٿو ته مير شير محمد خان پنهنجي دور انديشي سان ان کان اڳ هندستان جي حالتن معلوم ڪرڻ لاءِ ڪو سلسلو قائم ڪيو هجي. انگريزن خلاف سندس جنگين جون خبرون هندستان جي اڳواڻن کي پڻ معلوم هيون ۽ هنن به شايد ڏانهس پيغام موڪليا هجن، پر اهو سڄو راز اهڙو هو جو باوجود پوري چوڪسيءَ جي انگريزن کي به ان جي خبر ڪانه پئي.

## رٿيل منصوبا

هڪ حڪمران ۽ سورهيه سپهه سالار جي حيثيت ۾ مير شيرمحمد خان جو اهو خيال هو تہ جيڪڏهن حالتون سازگار ٿين تہ پوري طاقت سان جتي ڪٿي انگريزن خلاف ڪليل جنگيون جوٽجن. جيڪب آباد طرف جي بلوچ اڳواڻن جو پڻ اهو ئي خيال هو. هنن شڪارپور ۾ رکيل انگريزي فوج جي ڏيهي دستن سان پڻ سلسلو قائم ڪيو ۽ کين انگريزن خلاف اڀاريو. لس ٻيلي ۾ ڄام ميرخان جو توجهه خاص طرح بلوچستان جي حالتن تي هو. ڄام مير خان ٻين هم صلاح سردارن جي موافقت سان قلات جي خان تي زور بار آڻي انگريزن جي اثر ۽ رسوخ کي ختم ڪرڻ تي چاهيو. وقت تي مدد ۽ معاونت خاطر هن ايران جي حڪومت سان پڻ خط وڪتابت ڪئي. ڪراچي جي مسلمانن اتي رکيل ڏيهي فوج سان سلسلو قائم ڪيو ۽ کين پنهنجي مدد جو يقين ڏياريو. ساڳئي طرح حيدرآباد ۾ بنگالي فوج جي دستن جو مقامي رابطو هو. جڏهن تہ حيدرآباد ٽالپر اميرن جي گادي هو ۽ پڻ سنڌ جو مرڪزي شهر هو. انهيءَ ڪري سڀ کان پهريائين جنگ جو جهنڊو پڻ اتي چاڙهڻو هو ۽ حيدرآباد جي ضلعي تي قبضو ڪرڻو هو.

## ناڪاميابيءَ جو مکيہ سبب

جيڪڏهن انگريزن جو دشمن مير شير محمد خان حيات هو تہ سنڌن وڏي ۾ وڏو خيرخواهہ سيٺ نائون مل بہ اڃا زنده سلامت هو. هن 1843ع کان بہ اڳ انگريزن جي سنڌ تي قبضي ڪرڻ وارين رٿائن ۾ سندن ساٿ ڏنو هو. پوءِ هن سنہ 1843ع ۾ سنڌ تي قبضي ڪرڻ ۾ انگريزن جي پوري مدد ڪئي، ۽ پڻ قبضي کان پوءِ سندن طاقت کي سنڌ ۾ مضبوط ڪرڻ ۾ انگريزن سان ٻانهن ٻيلي تي بيٺو. نائون مل سنڌ جو وڏو سيٺ هو ۽ سنڌ جي هندو واپاري طبقي تي سندس وڏو اثر هو. انگريزن جي قبضي کان اڳ بہ سنڌ جو سڄو واپار هندن جي حوالي هو. نہ فقط ايترو پر ٽالپر اميرن سنڌ جي هر واپاري طبقي کي حڪومت طرفان همٿايو ۽ کين سندون ۽ سفارشون ڏنيون جنهن ڪري افغانستان، وچ ايشيا ۽ ايران ۾ پڻ هنن پنهنجون ڪوٺيون قائم ڪيون. اميرن جي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ هي واپاري انگريزن جا محتاج ٿيا ۽ انگريزن کان فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ هو سيٺ نائون مل جي سڳي ۾ ٻڌجي ويا. نائون مل هن ڏکئي وقت ۾ انگريزن جي وڏي مدد اها

ڪئي جو واپارين ذريعي نه فقط سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پر افغانستان ۽ ايران مان سڀ خبرون انگريزن تائين پهچايون. سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ هر شهر ۾ بلڪ فوجي ڇانوڻين ۾ جتي سيڌي پهچائڻ جا ۽ ٻيا نيڪا هنن واپارين جي هٿ ۾ هئا، سي جابجاءِ انگريزن جا ڪن ۽ اکيون ٿي پيا ۽ هر وهيي واپريي جي خبر پئي انگريزن تائين پهچاياٿون. ڄام مير خان جي ايران سان خط وڪتابت جون خبرون، توڙي حيدرآباد، شڪارپور ۽ ڪراچي جي فوجي دستن جي ارادن جون خبرون اڳواٽ پهتيون. انهي ڪري آزادي جي اڳواٽن ۽ فوجي دستن جي ڪارروائين کان اڳ انگريزن حفاظتي ڪارروايون ڪري سندن سڀني منصوبن کي ٽوڙي ڇڏيو.

## مجاهدن جا منصوبا ۽ انگريزن جون ڪاروايون

جولاءِ 1857ع تائين، انگريزن خلاف ڪيل ڪارروائين جون جيڪي خبرون مير شيري محمد خان ۽ سندس رفيقن تائين پهتيون، تن کان هو نا اميد ٿي پيو. سندس نقطئہ نظر اهو هو ته پوري تياري سان انگريزن سان جابجا مقابلا ڪجن، مگر ڪيس معلوم ٿيو ته مقابلن کانسواءِ محض انتقامي جذبي هيٺ ٻارن ٻچن کي قتل ڪيو ٿي ويو. مير صاحب انهيءَ طرز – عمل جي مخالفت ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو جنهن جي خبر انگريزن تائين پهتي. هنن پوءِ خفيہ طور اهو ساڳيو سوال مير صاحب کان پڇارائي تصديق ڪئي ته مير صاحب واقعي اهڙي قتل ۽ غارت جي خلاف آهي. اهڙي تصديق واري خبر سنڌ جي ڪمشنر مسٽر فريئر کي 22 جولاءِ (1857ع) تي يا ان کان ڏينهن ٻه اڳ پهتي.

سيپٽمبر مهيني ۾ ٻهريائين حيدرآباد ۾ ڏيهي فوج جي دستن، يعني "ڇهين بنگال گهوڙي سوار فوجي دستي" ۽ "تيرهين ڏيهي پيدل دستي" کي پيشقدمي ڪري قلعي تي قبضو ڪرڻو هو. پر انگريزن کي هن منصوبي جي اڳ ۾ ئي خبر هئي سو انهن دستن کان هٿيار ڪسي قلعي ۾ قابو ڪيائون ۽ پوءِ انهن دستن مان اڳواٽن کي چونڊي چونڊي ماريائون.

جيڪب آباد ۽ شڪارپور وارن منصوبن جو اطلاع پڻ اڳ ۾ انگريزن کي پهچي چڪو هو. هنن اڳواٽ چڙهائي ڪري دريا خان جکراڻي ۽ دلمراد خان کوسي کي گرفتار ڪري ورتو. 24ـ سيپٽمبر تي شڪارپور ۾ "سورهون پيدل دستو" ۽ "ڏيهي توب زن دستو" مقابلي لاءِ اٿيا پر اهي پڻ اڳواٽ

اطلاعن ۽ انگريزن طرفان ڪيل حفاظتي ڪارروائي جو شڪار ٿي ويا. پوءِ جيڪب آباد لڳ هڪ ڪنڌي جي وڻ ۾ رسا ٻڌي انگريزن دريا خان جکراڻي ۽ ٻين سورهين کي ڦاسيون ڏنيون. اهو ڪنڌو پوئين ويجهي دور تائين بيٺل هو ۽ آزادي جي انهن پروانن جي قربانين جو يادگار ۽ شاهد هو.

ڪراچي ۾ آزادي جي اڳواڻن جي اصل رٿ اها هئي ته: مقرر وقت تي هڪ خاص ماڻهو "چوڏهين ڏيهي پيدل فوج" کي پيغام پهچائيندو ۽ ٻيو خاص ماڻهو ڪراچي جي مسلمانن جي سربراهن کي اطلاع ڏيندو. ان بعد انگريز آفيسرن ۽ پڻ اهڙن ڏيهي آفيسرن کي جيڪي مخالفت ڪندا، تن کي قتل ڪيو ويندو. ان بعد ڏيهي فوجون ڪراچي مان هٿيارن پنهوارن سان دهلي ڏانهن روانيون ٿينديون. پر شايد اها رٿ عمل ۾ ڪانه آئي. پر ان جي بدران 13_14 سيپٽمبر تي ڪراچي جي "ايڪيهين ريجمينٽ" کي رات جو 2 بجي حملو ڪرڻو هو. ان کان ٿي ڪلاڪ اڳ 11 بجي انگريزن کي ڪڙڪ پئجي وئي سو فورن ريجمينٽ کي پريڊ گرائونڊ تي آڻي ڪانئن هٿيار کسيائون. مگر هن ريجمينٽ جا 21 ڄڻا اڳواڻ پريڊ گرائونڊ تي ڪين آيا ۽ هٿيارن سوڌا ڪئمپ کان نڪري لس ٻيلي طرف روانا ٿيا. انگريزي فوج سندن پٺيان لڳي. انهن ايڪيهن جوانن مان ائن جو هڪ دستو جڏهن جبلن وٽ پهتو ته پويان انگريزي فوج به اچي پهتي. هنن وڏي بهادري سان ٻيهي مقابلو ڪيو ۽ وڙهندا رهيا تان جو سڀ ساڳئي ماڳ تي شهيد ٿيا. نون جوانن جي ٻئي دستي سڌو لسٻيلي ڏانهن رخ رکيو ته جيئن چام صاحب تائين پهچن. واٽ تي ٿڪجي چور تي ساهي لاءِ ترسيا ته ان وقت بي خبري جي حالت ۾ انگريزي فوج ڪين وڪوڙي وئي ۽ هو جهلجي پيا. بعد ۾ شايد انهن کي قتل ڪيو ويو.

اهڙيءَ طرح 1857ع ۾ سنڌ طرفان آزادي لاءِ اهي منصوبا ۽ مقابلا انگريزن کي اڳواٽ پهتل اطلاعن جو شڪار ٿي ويا.

**

# نئين سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس-شهر جو بنياد پوڻ#

علامہ قاضي صاحب جن 9 اپريل 1951ع تي وائيس چانسلر طور، ڪراچي ۾ سنڌ يونيوسٽي جون واڳو سنڀاليون. اتان فوراً يونيورسٽي کي حيدرآباد ڪٺي آيا. شروعاتي طور تي وڏا قدم کنيائون: هڪ تہ سنڌ يونيوسٽي لاءِ نئين شهر قائم ڪرڻ لاءِ رٿا جوڙيائون. سنڌ حڪومت طرفان ڪين خاطري ڏني وئي هئي تہ جيڪڏهن "يونيورسٽي ٽائون شپ" (شهر) جي رٿا جوڙي موڪليندا تہ پهرين قسط طور بہ ڪروڙ روپيا ڏنا ويندا. انهيءَ ڪري اپريل جي مهيني پوري ٿيڻ کان اڳ، نئين يورنيوسٽي ڪئمپس ۽ شهر لاءِ "يونيورسٽي ڪاليجن" جي رٿا 28-اپريل 1951ع تي حڪومت جي حوالي ڪيائون. ٻيو تہ يونيورسٽي کي استادن ۽ شاگردن جي رهڻ ۽ پڙهڻ پڙهائڻ وارو ادارو بنايائون، ان لاءِ تعليم جو شعبو (Education Department) قائم ڪيائون ۽ مونکي پروفيسر مقرر ڪيائون. ان کان اڳ سنڌ يونيورسٽي فقط امتحان وٺندڙ ادارو هئي. ٽيون تہ يونيورسٽي جي پنهنجي پريس قائم ڪيائون تہ ڪتاب شايع ٿين ۽ لئبرري جو بنياد وڌائون تہ مطالعي ۽ تحقيق ۾ اضافو ٿيندو رهي.

آءٌ سيپٽمبر 1951ع ۾ بطور پروفيسر مقرر ٿيس. 1952ع ۾ ئي محسوس ڪيم تہ علامہ صاحب جن جو خاص توجهہ مٿين مقصدن حاصل ڪرڻ ڏانهن آهي. ان سلسلي ۾ مون کي پنهنجي اعتماد وارو ڪارڪن ڪيائون. معاف ڪيو وڃي جيڪڏهن هيٺ آءٌ جيڪي لکان تنهن ۾ منهنجي ڪوشش ۽ ڪاوش جو ذڪر هجي. مقصد خود ثنائي ناهي (جنهن جو مونکي زندگي ۾ ڪڏهن بہ شوق نہ رهيو آهي، شايد گذريل دور ۾ پنهنجي واڪاڻ ڪم اچي ها پر زندگي جي هن پوئين دور ۾ ان جي ڪابہ ضرورت نہ

# هي مقالو تاريخ 12 ڊسمبر 2006ع تي ٿيل سيمينار زير صدارت، وائيس چانسلر منظهرالحق صديقي جي پڙهيو ويو.

رهي آهي). مقصد "سنڌ يونيورسٽي شهر" جي تاريخ جو ورق وراڻو آهي. هي علامہ صاحب جن جي مون تي ڪيل اعتماد جو معجزو هو جو مون رات ڏينهن يونيورسٽي جي ڪم ۾ وڏي محنت ڪئي، بلڪ عشق واري جذبي سان ڪم ڪيو. خاص طرح مون کي نئين "يونيورسٽي شهر" جي رٿا جو مقصد سمجهايائون ۽ ان کي ڪامياب ڪرڻ جي ترغيب ڏنائون. ان وقت، هن رٿا لاءِ ڪم جا ٻہ رخ هئا: هڪ تہ سنڌ حڪومت توڙي مرڪزي حڪومت آڏو پڪن پختن دليلن سان رٿا پيش ڪرڻ ۽ ان جي بحالي لاءِ آماده ڪرڻ: ٻيو تہ اهڙو ماڳ ڳولڻ جتي يونيورسٽي شهر قائم ڪيو وڃي.

سنڌ حڪومت جي وزيرن ۽ علمدارن سان قاضي صاحب جن پاڻ وقت بہ وقت ڳالهائيندا رهيا جڏهن انهن مان ڪو حيدرآباد ايندو هو. اهو ضروري سمجهيائون تہ اختياري وارن کي يونيورسٽي شهر قائم ڪرڻ جي اهميت کولي سمجهائي وڃي. اهو انهيءَ ڪري جو انگريزن جي دور ۾ حڪومت طرفان قائم ڪيل يونيورسٽيون سڀ امتحان وٺندڙ هيون. يونيورسٽين ۾ تعليم تدريس يا استادن شاگردن جي رهائش وارامقصد پيش نظر نہ هئا. پاڪستان ۾ سنڌ يونيورسٽي شهر قائم ڪرڻ واري هي پهرين رٿا هئي جا پيش ٿي رهي هئي. ٻين يونيورسٽين جي شهرن واريون رٿائون پوءِ پيش ٿيون. انهيءَ ڪري سنڌ يونيورسٽي شهر جي رٿا زير بحث رهي. مونکي 31_ مئي 1953ع تي ڪراچي موڪليائون تہ آءٌ ماسٽر آفتاب قاضي سان ملان ۽ "سنڌ يونيورسٽي شهر" جي رٿا سمجهايان. ان وقت هو سنڌ حڪومت جو مالي سيڪريٽري هو (۽ پڻ علامہ صاحب جو عزيز). آءٌ آفتاب صاحب سان وڃي مليس ۽ علامہ صاحب جن جي هدايتن موجب سڄو ڪيس سمجهايم تہ جئن هن نئين شهر قائم ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي جي مالي امداد ۾ اضافو ٿئي. اهو پهريون ڀيرو هو جو يونيورسٽي شهر جي رٿا سنڌ حڪومت جي مالي سيڪريٽري آڏو مڪمل رڪارڊ ۽ سڀني لوازمات سميت پيش ٿي. آءٌ هاشم رضا صاحب سان بہ مليس ۽ ڪيس سنڌ يونيورسٽي جي ترقي لاءِ قاضي صاحب جن جي ڪنيل قدمن کان آگاهہ ڪيم. هو ان وقت سنڌ جو اليڪشن ڪمشنر هو ۽ عنقريب مرڪزي حڪومت ڏانهن وڃڻ وارو هو. علامہ صاحب لاءِ ڪيس عزت هئي.

1954_1955ع ۾ فيڊرل گورنمينٽ جو هڪ خاص ادارو "پاڪستان پلائنگ بورڊ" جنهن جي تعليمي شعبي (Education Section) ۾ تعليمي

ترقي ۽ مالي امداد جي بحالي جا فيصلا ٿيندا هئا ۽ ميٽنگ ۾ وائيس چانسلر بہ شريڪ ٿيندا هئا. علامہ صاحب پاڻ سرڪاري ڪاتن جي اهڙين ميٽنگن ۾ شريڪ ٿيڻ پسند نہ ڪندا هئا، پر يونيورسٽي جي تعليمي ترقي ۽ ڪيمپس واري رٿا جي بحالي خاطر (راقم جي خاص گذارش تي) پاڻ هليا، ۽ مونکي گڏ هلڻ لاءِ چيائون. ٻن ميٽنگن ۾ سندن شرڪت جو ذڪر ڪجي ٿو. علامہ صاحب جن وائيس چانسلر هئا، پر پنهنجي لاءِ موٽرڪار ڪانہ ورتي هئائون جو چيائون تہ جيڪو بہ پئسو بچت ٿئي سو يونيورسٽي جي ترقيءَ ۾ صرف ٿئي. ڪراچيءَ ۾ 17- جنوري واري ميٽنگ لاءِ 16- تاريخ ڪوئٽڙي مان 12 بجہ منجهند جو بولان ميل ۾ چڙهياسون. ٻئي ڏينهن پاڻ ميٽنگ ۾ آيا. ان وقت تعليمي شعبي جو چيئرمين مسٽر هاشمي (سابق پرنسپال ٽريننگ ڪاليج لاهور) هو جنهن سان منهنجي بہ ڏيٺ ويٺ هئي. مون ڪيس علامہ صاحب جن جي عظمت کان آگاهہ ڪري ڇڏيو هو. ۽ علامہ صاحب جن آيا تہ هو نهايت نيازمندي سان مليو. سنڌ يونيورسٽي جي مالي ضرورتن لاءِ سفارشن جو فيصلو بہ ٿيو. پوءِ قاضي صاحب مونکي فيڊرل گورنمينٽ جي مالي سيڪريٽري مسٽر ممتاز حسن ڏانهن موڪليو جو ولايت مان يونيورسٽي لاءِ اڏائن لکن جو سائنسي سامان خريد ڪرڻ لاءِ گهربل ليسن (لائسنس) جي ضرورت هئي. ان لاءِ شام جو 6 بجہ مسٽر ممتاز حسن پاڻ قاضي صاحب جن سان گڏجي مسٽر زاهد حسين وٽ هليو جيڪو "پلائنگ بورڊ" جو چيئرمين هو. علامہ صاحب جن کي خاطري ڏنائين تہ بورڊ جي ميٽنگ ۾ جيڪا پوءِ جون ۾ ٿيڻ واري هئي، تنهن ۾ ليسن جا توڙي ٻيا سڀ فيصلا ٿي ويندا. 28- مئي تي مون علامہ صاحب جن کي گذارش ڪئي تہ پلائنگ بورڊ جي ميٽنگ 2- جون تي ٿيڻ واري آهي ۽ پاڻ هلن. قبول ڪيائون ۽ پهرين جون تي انجنيئر جماڻي صاحب جي گاڏيءَ ۾ ساڻس گڏ ڪراچي پهتا. ٻئي ڏينهن ميٽنگ ۾مون انتظار ڪيو ۽ پاڻ پوري ڏهين بجہ آيا ان ميٽنگ ۾ بورڊ جو ڊائريڪٽر مسٽر گانٽ (آمريڪي) بہ شريڪ ٿيو. قاضي صاحب پنهنجي خطاب ۾ سنڌ يونيورسٽي جي نئين شهر واري رٿا جي ضرورت سمجهائي ۽ پڻ زوردار مشورو ڏنو تہ يونيورسٽيون سياسي اثر کان آزاد رهن. اهو سندن عالمانہ خطاب هو. ائين پاڻ وقت بوقت روبرو يا خط و ڪتابت ذريعي سنڌ حڪومت توڙي مرڪزي حڪومت آڏو سنڌ يونيورسٽي شهر واري رٿا جي منظوري لاءِ زور پريندا رهيا.

هن رٿا جو ٻيو مسئلو اهو هو تہ نئون يونيورسٽي شهر ڪٿي هجي. 1952ع کان وٺي پهرين صلاح جنهن جي پنيرائي پئي تي سا هي هئي تہ ڦليلي جي پرِيان گورنمينٽ ڪاليج سان لاڳو اوير يا اتر طرف واري ايراضي وڌيڪ موزون ٿيندي. ان طرف وچي سرزمين ڪي جانچڻ جون هدايتون رجسٽرار جي آفيس کي مليل هيون ۽ انهن پٽي جانچ ڪئي. ٻي صلاح اها تي تہ هالا ناڪي کان اڳتي حيدرآباد-هالا رستي سان لاڳو اوير طرف واري زمين وڌيڪ مناسب ٿيندي. ٽين صلاح اها ملي تہ اولهہ طرف موجوده قاسم آباد سان لاڳو اولهہ طرف واري ايراضي وڌيڪ مناسب ٿيندي. 1952ع کان 1954ع تائين انهن ماڳن جي جانچ ٿيندي رهي. وقت بہ وقت اهو ذڪر علامہ صاحب وٽ ٿيندو هو جيڪو آءُ ٻڌندو هوس. انهن ماڳن تي پاڻي مهيا ڪرڻ جو مسئلو هو جو اڃان ڪونٽري بئراج ٺهيو پئي ۽ نون شاخن ۽ واٽر ڪورسن جا فيصلا ڪين ٿيا هئا. سڀ کان وڏي ڳالهہ اها هئي تہ اهي سڀ زمينون مالڪن جون هيون ۽ زمين خريد ڪرڻي تي پئي. علامہ صاحب جن جي ارشاد تي (رجسٽرار جي آفيس طرفان يا روينيو جي عملدارن ذريعي) وڪري جا اگهہ معلوم ڪيا ويا ۽ اندازو ٿيو تہ زمين خريد ڪرڻ لاءِ بہ ڪروڙ روپيا گهرجن. جڏهن سنڌ حڪومت کي لکيو ويو تہ اتان جواب آيو تہ حڪومت طرفان ايڏي وڏي رقم تہ ٺهيو پر گهٽو گهٽ رقم لاءِ بہ اميد نہ رکڻ گهرجي.

1951ع کان وٺي بہ اڍائي سال گذري چڪا هئا جو "يونيورسٽي جي نئين شهر" قائم ڪرڻ لاءِ حيلا هلايا ويا پر ڪاميابي ڪانہ ٿي. علامہ صاحب جن کي وڏو ويچار هو جنهن جو اظهار پاڻ وقت بوقت اسان استادن سان ڪندا هئا. اتفاق سان مونکي هڪ خيال آيو جنهن جو پس منظر هيٺ بيان ڪجي ٿو.

علامہ صاحب جن مون کي سنڌ يونيورسٽي ۾ آندو هو ۽ مون سندن رٿائن جي تڪميل ۽ سندن ارشادن جي تعميل کي پاڻ تي فرض ڪري ڄاتو. ائين چوڻ شايد وڏاءُ نہ ٿئي تہ مون رات ڏينهن پٽي ڪم ڪيو. پر ڪم جي رفتار کي قائم رکڻ لاءِ مون پنهنجي صحت طرف بہ ايترو خيال ڪيو هو جو هفتي ۾ ڇنڇر جي ڏينهن جو پويون اڌ ۽ آچر جو ڏينهن پنهنجي ذاتي شوق شغل لاءِ رکيم. اهو وقت يا تہ سگهڙن سان ڪچهرين ۽ راڳ جي رهاڻين ۾ گذرندو هو يا شڪار ۾ گذرندو هو. محمد شعبان خان سُهرياڻي نارا جيل جو سپرنٽينڊنٽ هو جنهن جي سنگت صحبت ۾ آءُ بندوق هڻڻ سکيس ۽ ساڻس گڏجي هر هفتي ڇنڇر-آچر شڪار ۾ هليس.

گنجي ٽڪر سان لاڳو ڏکڻ طرف ۽ پڻ ڪوٽڙي واري پل ٽپي اتان اتر طرف موجوده سنڌ يونيورسٽي واري سر زمين کان اڳتي ويندي پيٽاري واري ايراضي تائين شڪار ٿيا. ڪي ڪوسا نوجوان جيڪي اسان جا سونها هئا تن صلاح ڏني ته سنڌو الهندي طرف هلجي ۽ نئين بارڻ سان لاڳو شڪار ڪجي جو اتي سها ۽ تتر آهن ۽ پڻ سوئر ۽ چراخ. انهيءَ صلاح تي ٻه ٽي ڀيرا ان طرف ويندي موجوده يونيورسٽي واري ايراضي مان (سنڌالاجي ۽ يونيورسٽي لئبرري واري پاسي کان) ٽپي اولهه طرف وياسون. هڪ ڀيرو مٿي ٽڪر واري سطح تي هئاسون جو اتان مون کي اوير-ڏکڻ طرف درياءَ جو پاٽي نظر آيو ۽ اهو نظارو وڻيو.

هن پس منظر جي روشني ۾ مونکي هڪ ڀيري خيال آيو ته علامه صاحب جن کي يونيورسٽي جي نئين شهر بابت وڏي ڳڻتي آهي. سنڌ گورنمينٽ ٻه جواب ڏنو آهي ته زمين خريد ڪرڻ لاءِ رقم موجود ڪانهي: ته پوءِ ڇو نه علامه صاحب کي عرض ڪريان ته سائين درياءَ جي پار يونيورسٽي ناهجي جتي زمين جي خريدي لاءِ ڪا به رقم ڪانه ڏيڻي پوندي ڇاڪاڻ ته زمين سڄي سرڪاري آهي. اها سرڪار ڏيئي سگهي ٿي.

1955ع جا شروعاتي مهينا هئا جو هڪ ڏينهن مون دل ٻڌي، ادب سان، علامه صاحب جن کي اهو عرض ڪيو. پاڻ ٻڌائون ۽ پڇيائون ته اتي سنئين سطح واري زمين به آهي يا گهڻي هيٺ مٿاهين آهي؟ اهو به پڇيائون ته ڪوٽڙيءَ کان ڪيترو پري آهي. جواب ۾ مون عرض ڪيو ته ڪوٽڙي کان پري آهي پر ڪوٽڙي بئراج جو ڪم شروع ٿيو آهي ۽ بئراج واري پل وٽان "يونيورسٽي شهر، ويجهو ٿيندو. پاڻ چيائو ته: مون کي ڏيکاريندين؟ مون خوش ٿي جواب ڏنو ته حاضر. ان کان پوءِ ٽئين چوٿين ڏينهن هلڻ جو پروگرام رکيائون. مون سنڌ يونيورسٽي جي انچارج انجنيئر مسٽر احمد علي خوجه کي چيم ته پاڻ به گڏجي هلي. گاڏيءَ جو انتظام ٿي ويو. شام جو 6 بجه ڌاري روانا ٿي، ڪوٽڙي واري پل تان ٽپي، اڳتي اولهه وارو ڦاٽڪ ٽپي اڌ ڪلاڪ کن ۾ يونيورسٽي واري جاءِ تي پهتاسون ۽ مون کين موجوده انسٽي ٽيوٽ آف ڪيمسٽري کان وٺي آرٽس فيڪلٽي تائين هموار سطح ڏيکاري. پاڻ ڏسي خوش ٿيا چيائون ته هي مٿاهين سطح واري جيڪا گولائي آهي اتي يونيورسٽي جا ڊپارٽمينٽ سهڻا نهندا ۽ سامهون اوير طرف جيڪا هيناهين آهي ان ۾ شهر ٿيندو ۽ وچ ۾ وڏي اچي مسجد هوندي. ائين هي نظارو چنڊ تاري وارو ٿيندو.

بس، ان ڏينهن پنهنجو فيصلو پڪو ڪيائون ۽ ان بعد سنڌ گورنمينٽ کي لکيائون تہ هي زمين سرڪاري آهي، جيڪا سنڌ يونيورسٽي شهر لاءِ منظور ڪئي وڃي. سنڌ حڪومت طرفان بہ اصولي طور منظوري ملي وئي. 1955ع وارو سال سنڌ يونيورسٽي جي ترقي لاءِ فائدي واري ثابت ٿيو. ان جو هڪ سبب اهو هو جو کهڙو صاحب ان وقت چيف منسٽر هو ۽ علامہ قاضي صاحب لاءِ کيس بيحد عزت هئي. 8- اپريل 1955ع تي سنڌ يونيورسٽي سينيٽ جي صدارت کهڙي صاحب ڪئي ۽ ان ۾ پهريون ڀيرو سنڌ يونيورسٽي جي ساڍا ٻارهن لک بجيٽ منظور ٿي. بجيٽ جي فائدي ۾ مون انگن اکرن سان زوردار تقرير ڪئي جيڪا سنڌ يونيورسٽي طرفان جڻ هڪ نمائنده شاهدي هئي.

جڏهن يونيورسٽي شهر لاءِ گهربل زمين جو نقشو ٺاهيو ويو تڏهن علامہ صاحب جن چيو تہ هيٺ واهہ لڳ واري زمين ان ۾ شامل ڪريو جو اهو نباتات جو باغ (Botany garden) ٿيندو. اها زمين جيئن تہ ڪاتيدارن جي هئي تنهن ڪري ان کي پوءِ حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ خاص رقم شايد ست هزار روپيا يا وڌيڪ يونيورسٽي طرفان پهرين قسط طور ادا ڪيا ويا. پر مسئلو هو تہ سر زمين تي عمارتن جي اڏاوت شروع ٿئي، جيئن "يونيورسٽي شهر" جو پڪو بنياد پئجي وڃي. ان سلسلي ۾ علامہ صاحب جن جيڪي قدم کنيا تن مان بہ وڏي اهميت وارا هئا.

هڪ اهو جو معلوم ٿيو تہ سنڌ حڪومت لياقت ميڊيڪل ڪاليج قائم ڪرڻ واري آهي. علامہ صاحب جن طرفان اختياري وارن کي آگاهہ ڪيو ويو تہ اهو ڪاليج هن زمين تي نهي. جڏهن معلوم ٿيو تہ ڪاليج جي عملي جي رهائش لاءِ ڪي ڪوارٽر نهڻ وارا آهن تہ علامہ صاحب جن ضروري سمجهيو تہ اهي هن زمين تي نهن. ميڊيڪل ڪاليج لاءِ "يونيورسٽي شهر" جو اترين پاڱو تجويز ڪيو ويو. 22-20 جون (1955ع) تي حيدرآباد ۾ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس هو ۽ وزير هت آيل هئا. پير علي محمد راشدي روينيو منسٽر هو. مون کي ٻڌايو ويو تہ ڊاڪٽرن جي ڪوارٽر ٺاهڻ لاءِ روينيو وارا زمين ماپيندا. مون علامہ صاحب کي عرض ڪيو تہ پير علي محمد راشدي کي چون تہ جئن ڪوارٽرن ٺاهڻ جا مسئلا حل ٿين. ان وقت حسام الدين راشدي بہ مون وٽ مهمان طور تڪيل هو ۽ 21- جون شام جو اسان علي محمد شاهہ سان مليا هئاسون. جڏهن علامہ صاحب ساڻس

ملڻ قبول ڪيو ته مون حسام الدين کي چيو ته هي وقت آهي جو علي محمد شاهه يونيورسٽي جي مدد ڪري: هل ته گڏجي هلون ۽ ڪيس علامه صاحب جن وٽ وٺي هلون. وياسون ۽ وزير صاحب اسان سان هليو ۽ علامه صاحب جن ڪيس "سنڌ يونيورسٽي شهر" جي اهميت سمجهائي: جڏهن ڊاڪٽرن جي ڪوارٽرن نهڻ جو ذڪر آيو ته راشدي صاحب، علامه صاحب کي خاطري ڏني ته هو سڀ مسئلا حل ڪندو: ڪوارٽرن لاءِ زمين جو فيصلو ٿيندو ۽ پئسا ڏنا ويندا ته اُتي ئي ڪوارٽرن ٺاهڻ جو ڪم شروع ٿئي. اهو وعدو پورو ٿيو ۽ يونيورسٽي جي شهر ٺهڻ لاءِ نيڪ فال بڻيو.

ٻيو وڏو ڪم علامه صاحب جن پاڻ ڪيو جنهن جي اسان کي پوءِ خبر پئي. يونيورسٽي جي سائنس ڊپارٽمينٽن لاءِ ولايت مان سڌو سامان خريد ڪرڻ لاءِ اڍائي لکن روپين جو لائيسنز مليو هو ۽ پڻ 8- اپريل تي سينيٽ ۾ يونيورسٽي لاءِ ساڍن ٻارهن لکن جي بجيٽ پاس ٿي هئي. علامه صاحب جن پوءِ خود پاڻ يونيورسٽي مان موڪل وٺي لنڊن روانا ٿيا ته ليبارٽرين جو سامان آڻين ته سائنس ۾ تعليم زور وٺي. ولايت ۾ سندس وڏي عزت هئي ۽ اڍائي لکن ۾ ڪين ڏهن لکن جو سامان مليو. ٽي مهينا اتي رهيا ۽ انهيءَ عرصي ۾ وقت بچائي جرمني ويا ۽ اتي ستوگارٽ يونيورسٽي ۾ تعميري سٽائن ۽ تجويزن جي ماهر (Architect and Planner) ڊاڪٽر ڊاڪر (Dr. Jng Richard Docker) سان مليا ۽ ساڻس "سنڌ يونيورسٽي شهر" جي سر زميني سٽاءَ (Site Plan) ۽ خاص طرح فزڪس ۽ ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽن جي عمارتن جي تفصيلي سٽاءَ بابت ڳالهايائون. اتي به علامه صاحب جن لاءِ وڏي عزت هئي جو پاڻ جرمن شاعر "گوئٽ" جا شارح هئا. ڊاڪٽر ڊاڪر سنڌ يونيورسٽي شهر لاءِ "آرڪيٽيڪٽ ۽ پلينر" ٿيڻ قبول ڪيو ۽ پنهنجي معاوضي طور نقط هڪ في صد في وٺڻ تي آماده ٿيو. ان کان اڳ، علامه صاحب جڏهن هت حيدرآباد ۾ ڪن سان ڳالهايو هو ته گهٽ ۾ گهٽ به ٽي في صد معاوضو گهريائون.

يونيورسٽي ڪئمپس- شهر لاءِ جرمني ۾ ڊاڪٽر ڊاڪر سان اهو معاهدو ۽ معاوضو علامه صاحب جن ڊسمبر (1955ع) ۾ طئي ڪيو ۽ اتان سندن ارشاد پهتو ته آءُ ڪراچي ۾ فائننس سيڪريٽري مسٽر ممتاز حسن سان ملان ۽ ڊاڪٽر ڊاڪر سان طئي ٿيل معاهدي وارا ڪاغذات ڏيان ۽ يونيورسٽي طرفان درخواست ڏيان ته ڊاڪٽر ڊاڪر جو هڪ في صد في وارو

معاوضو ڪيس ”جرمن مارڪ“ (سڪي) ۾ ادا ڪرڻ جي منظوري ڏني وڃي. افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ ”يونيورسٽي شهر جي تعمير“ واري رٿا ۾ ان وقت اسان جي يونيورسٽي رجسٽرار جي آفيس جو ڪردار نهايت ڪمزور هو. بهرحال مون علامہ صاحب جن جي ارشاد تي ڪاغذ تيار ڪرايا ۽ 6۔ جنوري (1956ع) تي ڪراچي ۾ مالي سيڪريٽري محترم ممتاز حسن سا مليس. ڪيس علامہ صاحب لاءِ بيحد عزت هئي ۽ سنڌ سان بہ محبت هئي جو هڪ ڀيري مون کي ٻڌايو هئائين تہ سندن خانداني رڪارڊ موجب سندن وڏا اصل ۾ سنڌ جي گادي واري شهر منصوره جا هئا، جتان هجرت ڪري هند ڏانهن ويا هئا. خاطري ڏنائين تہ جرمن آرڪيٽيڪٽ جي في جرمن سڪي مارڪ ۾ ڏيڻ منظور ٿيندي. ان بعد ايڊيوڪيشنل ايڊوائيزر مسٽر ايس. ايم. شريف سان مليس ۽ يونيورسٽي جي ساليانہ گرانٽ ۽ ”يونيورسٽي شهر“ جي جامع رٿا ڇهن ڪروڙن واري بابت ساڻس ڳالهايم تہ پاڻ فائدي ۾ سفارش ڪري.

20۔تاريخ جنوري 1956ع تي علامہ صاحب جن ساموندي جهاز ”ڪيليڊونيا“ ذريعي ڪراچي پهتا ۽ شان مان سان سندن استقبال ڪيو ويو. پاڻ چيائون تہ هتي ڪم پورو ڪري پوءِ حيدرآباد هلنداسون. مونکي رهائي ڇڏيائون تہ 23۔ تاريخ تي ساڻن گڏ حيدرآباد هلان. کين ”يونيورسٽي شهر“ جي تعمير جي اون هئي. مون کين ٻڌايو تہ سيڪريٽري ممتاز حسن قبول ڪيو آهي تہ انجنيئر کي سندن ”هڪ في صد“ معاوضو ”جرمن مارڪ“ ۾ ڏيڻ منظور آهي. 22 تاريخ آءٌ ڊيپوٽي ايڊيوڪيشن ايڊوائيزر ڊاڪٽر امداد حسين کي علامہ صاحب وٽ وٺي آيس ۽ پاڻ يونيورسٽي جي مالي ضرورت بابت کيس آگاهہ ڪيائون. انهيءَ ڏينهن شام جو 6 بجہ پاڻ وزيراعظم سان ملاقات لاءِ ويا. کين سنڌ يونيورسٽي جي ترقي ۽ مالي مشڪلاتن جو فڪر هو ۽ سيني سان پئي مليا. 23۔ تاريخ 3 بجہ واري ريل گاڏي ۾ حيدرآباد هليا ۽ مونکي پاڻ سان گڏ وٺي آيا.

هتي پهچڻ بعد سڄو توجهہ ”سنڌ يونيورسٽي“ جي ترقي ۽ تعمير طرف ڪيائون. ”يونيورسٽي ٽائون شپ ڪميٽي“ مقرر ڪئي هئائون، جنهن جي ڪم کي وڌايائون. پاڻ چيئرمين هئا ۽ مونکي شروع کان ئي ميمبر مقرر ڪيو هئائون. سر زمين تي گڏريل سال ئي سروي ڪرائي ساڍا ٻارهن چورس ميلن تي پکڙيل ايراضي جي حد بندي ڪرائي هئائون.

”يونيورسٽي ٽائون شپ ڪميٽي“ ڪي نئين سر جوڙياٺون ۽ مون کي ٻه ميمبر مقرر ڪيو ويو. اپريل جي 2۔ تاريخ ڊاڪٽر ڊاڪر جرمني مان اچي پهتو. 3۔ اپريل تي ڪاميٽي جي ميٽنگ ٿي جنهن ۾ ڊاڪٽر ڊاڪر جي جوڙيل ابتدائي پلان (Plan) ۽ ”يونيورسٽي ٽائون شپ“ جو خاڪو زير غور آيا. 6۔ تاريخ ٻي ميٽنگ ٿي جنهن ۾ ڊاڪٽر ڊاڪر (اڳين ميٽنگ جي روشنيءَ ۾) سڌاريل پلان ۽ ”ٽائون شپ“ جو خاڪو پيش ڪيا جن تي غور ٿيو. علامه صاحب جن وڌيڪ غور لاءِ بهتر ائين ڄاتو ته ڊاڪٽر ڊاڪر کي ”ٽائون شپ“ واري سرزمين ڏيکارجي. 8۔ تاريخ آچر ڏينهن شام جو 6۔ بجه هلڻ جو فيصلو ڪياٺون.

8۔ اپريل 1956ع وارو ڏينهن هڪ تاريخ ڏينهن هو. ان ڏينهن وقت تي ڊاڪٽر ڊاڪر ۽ يونيورسٽي انجنيئر مسٽر احمد علي خوجه کي ساڻ ڪري سنڌن خذمت ۾ حاضر ٿيس. پاڻ ”ٽائون شپ ڪاميٽي“ جي ٻئي هڪ ميمبر خان بهادر غلام علي نانا کي به چئي چڙيو هئاٺون ۽ اهو به ڪراچي مان اچي پهتو. 6۔ بجه روانه ٿياسون. آءٌ سونهون ٿي هليس. مونکي چيائيون ته ساڳي جاءِ تي وني هلج جتي اڳ هليا هئاسون. انهيءَ ارشاد موجب. آءٌ کين موجوده انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري ۽ فزڪس ڊپارٽمينٽ جي وچ ڏاري وني آيس جتي سپ لٿا. ڪي قدم اتر طرف هلياسون ۽ وري اچي ويٺاسون (فوٽو). علامه صاحب جن ڊاڪٽر ڊاڪر کي سمجهايو ته يونيورسٽي جا تعليمي شعبا هن مٿاهين سطح تي نهندا ۽ رهائشي شهر هيٺ هوندو. تاڪيد ڪياٺون ته پهريائين سائنسي شعبن جون عمارتون رٿيون وڃن: پهريائين فزڪس ۽ ڪيمسٽري ۽ پوءِ بيون. ڊاڪٽر ڊاڪر کي ”يونيورسٽي شهر“ جي ضرورتن مطابق وڏو شاهي ڪليل ماحول پسند آيو. البت چيائين ته: پاڻيءَ جو ۽ وٽن جو خاطر خواه انتظام هجڻ لازمي آهي. في الحال هو پاڻ موٽي جرمني ويندو ۽ اتان شهر جو آخري خاڪو (Site Plan) ۽ فزڪس ۽ ڪيمسٽري شعبن جي عمارتن جو تفصيلي خاڪو موڪليندو: جيئن ئي پاڻي جو انتظام ٿي ويندو ته هو پنهنجو نائب موڪليندو جيڪو اچي عمارتون اڏائيندو. انهن فيصلن ڪانپوءِ 8 بجه واپس آياسون.

آچر 8۔ اپريل وارو هي ڏينهن هڪ وڏو تاريخي ڏينهن هو جنهن ۾ ”يونيورسٽي شهر“ جي اڏاوت جا خواب سچا ٿيندا نظر آيا.

ڊاڪٽر ڊاڪر واپس جرمني ويو ۽ اتان ڏهن هفتن ۾ ”يونيورسٽي

شهر“ جو نقشو تيار ڪري موڪليائين. 2- جولاءِ 1956ع تي علامہ صاحب جن جي آفيس ۾ ”ٽائون شپ ڪاميٽي“ جي خاص ميٽنگ ٿي جنهن ۾ انجنيئرن کي بہ مشوري لاءِ سڏيو ويو. ٿوري ترميم سان ڊاڪٽر ڊاڪر وارو نقشو بحال ڪيو ويو. پر هميشہ لاءِ سنڌالاجي وٽان ويندڙ رستو مکيہ رستي طور بحال ڪيو ويو جنهن جي منڍ ۾ وڏو شاهي دروازو هوندو ۽ اهو رستو سڌو سامهون يونيورسٽي ڪتبخاني (لئبرري) تي وڃي بيهندو: يعني دروازي مان داخلا ۽ رستي جو قبلو ڪتبخانو هوندو.

57-1956ع واري سال، سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان حڪومت طرفان، عمارتن جي تعمير لاءِ ٽيهہ لک روپيا منظور ٿيا. اهي ۽ بيا پئسا جيڪي بچايا ويا هئا سي نئين يونيورسٽي ڪيمپس جي تعمير لاءِ مخصوص ڪيا ويا. وڏو مسئلو پاڻيءَ جو حل ڪيو ويو. مکيہ ٽئنڪ (Ground Tank) ۽ مٿان پمپ هائوس (Pump House) نهي ويا ۽ ”گرائونڊ ٽئنڪ“ کان سر زمين تائين پائپ لائينون وڇايون ويون. رٿيل ترجيحات موجب، ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ ۽ فزڪس ڊپارٽمينٽ جي تعمير جو ڪم شروع ٿيو تہ 1957ع دوران خاطر خواهہ نموني ۾ هليو. تي (3) ”بي- ڪلاس“ ۽ چوڏهن (14) ”سي ڪلاس“ بنگلا ٺهڻ شروع ٿيا. علامہ صاحب جن پاڻ سر زمين تي اڏاوت جي ڪم کي ڏسڻ هلندا هئا. تخمينو هو تہ اپريل 1958ع تائين انهن ٻن ڊپارٽمينٽن جي اڏاوت اپٽري حد تائين مڪمل ٿي ويندي جو جولاءِ 1958ع ۾ سائنس فيڪلٽي نئين ڪيمپس تي ڪم شروع ڪري سگهندي.

1958ع ۾ نئين ڪيمپس تي تعميري ڪم جاري رهيو. علامہ صاحب جن جي ڪم تي نظر هئي. ڪين تعميري ڪم جي نگراني لاءِ ڪنهن ڄاڻو انجنيئر جي ضرورت محسوس ٿي ۽ پاڻ انجنيئري ڪاتي جي ڪن صاحبن (جماڻي صاحب وغيرهہ) کي چوندا رهيا پر ڪٿان بہ ڪنهن ”ها“ ڪانہ ڪئي، جنهن تي علامہ صاحب کي افسوس پئي ٿيو تعميري ڪم جي پيشہ ورانہ نگراني ۽ چڪاس ڪانسواءِ ڪم ايترو تڪڙو هلي نہ سگهيو جيترو علامہ صاحب جن چاهيو ٿي. سائنس فيڪلٽي کي نئين ڪيمپس تي منتقل ڪرڻ ۾ دير ٿي وئي. پاڻ تعميري ڪم جي نگراني لاءِ ڪنهن سينيئر انجنيئر کي آڏي تي گهريائون. اهو مسئلو اڃان حل نہ ٿيو هو جو هڪ ٻئي وڏي مسئلي منهن ڪڍيو. 7- آڪٽوبر 1958ع تي سڪندر مرزا ”مارشل لا“ جو اعلان ڪيو. آءُ 8- تاريخ لاهور ۾ ميٽنگ تان موٽيس ۽ شام

جو علامہ صاحب جن وٽ ويس تہ پاڻ "مارشل لا" جو ذڪر ڪيائون ۽ چيائون تہ نئين ملڪ پاڪستان جي ترقي لاءِ هي اعلان هاچيڪار آهي. ڪين جڻ هڪ ذاتي صدمو پهتو هو. ان ڏينهن ڪان وٺي آءٌ روزانو شام جو وٽن ويڻ لڳس جو سندن زندگيءَ جي اعليٰ اصولن جي مدنظر مون کي خدشو هو تہ پاڻ يونيورسٽي ڇڏي هليا نہ وڃن. 16- آڪٽوبر تي آءٌ آفيس ۾ هوس جو معلوم ٿيو تہ علامہ صاحب جن چانسلر کي تار ڪري رهيا آهن تہ ڪين "وائيس چانسلر" جي عهدي کان فارغ ڪيو وڃي. آءٌ فوراً سندن آفيس ۾ ڪين ملڻ لاءِ ويس ۽ ملڻ جي مون کي اجازت ملي. پاڻ اڪيلا ويٺا هئا. مون عرض ڪيو تہ: "حڪومت ۾ مٿي تبديليون ايندڙيون رهنديون پر يونيورسٽي جي اندروني انتظام تي ايترو اثر ڪونہ پوندو: پاڻ جيئن مناسب سمجهن تيئن فيصلو ڪن پر مالي سيڪريٽري مسٽر ممتاز حسن ۽ ايجوڪيشن ايڊوائيزر مسٽر عترت حسين زبيري جيڪي عقيدتمند آهن تن سان صلاح ڪجي تہ بهتر. ان ڪان وڌيڪ اها ڳالهہ تہ يونيورسٽي ڪيمپس ۽ شهر جنهن لاءِ اوهان سالن جا سال ڪوشش ڪئي آهي ۽ جنهن جو پهريون مرحلو مڪمل ٿيڻ وارو آهي، سو اوهان کان سواءِ اڌورو رهجي ويندو." پاڻ ٻڌائون ۽ تار کي روڪايائون. منهنجي خيال ۾ خاص طرح "يونيورسٽي شهر-ڪيمپس" جي اڏاوت واري خيال جي ڪري پنهنجي فوري استعفيٰ وارو فيصلو بدلايائون. مونکي ان وقت ڪراچي موڪليائون تہ مسٽر ممتاز حسن سان ملان ۽ خاص طرح يونيورسٽي بابت "مارشل لا" جي امڪاني پاليسين جي روشني ۾ ڪائنس علامہ صاحب جي رهڻ يا نہ رهڻ بابت صلاح پڇان. آءٌ فوري طور تي ادائي بجي واري پيسنجر ٽرين ۾ ڪراچي ويس ۽ وڃي مسٽرممتاز حسن سان مليس جنهن مونکي رات جو ساڍي ٻارهين بجہ تائين پاڻ وهاري ڇڏيو ۽ تفصيل سان سمجهايو ۽ تاڪيد ڪيو تہ علامہ صاحب جن پنهنجي عهدي تان بالڪل استعفيٰ نہ ڏين. ٻئي ڏينهن، آءٌ حڪومت پاڪستان جي محڪمہ اطلاعات ۾ پبليڪيشن آفيسر عبدالمجيد خان سان مليس ۽ "مارشل لا" جي امڪاني پاليسين بابت گفتگو ٿي. ان بعد وزارت تعليم ۾ ڊاڪٽر عترت حسين زبيري وٽ ويس ۽ پڇيم تہ "مارشل لا" هيٺ تعليمي نظام بابت ڪهڙي پاليسي جو امڪان آهي". چيائين تہ تعليم جو نظام بدستور وزارت تعليم ذريعي هلندو. علامہ صاحب جن لاءِ سلام چيائين ۽ تاڪيد ڪيائين تہ پاڻ يونيورسٽي جو يلي

خاطر وائيس چانسلر جي عهدي تان استعفيٰ نہ ڏين. آءُ 17- تاريخ شام جو حيدرآباد پهتس، ۽ علامہ صاحب جن وٽ ويس ۽ کين مسٽر ممتاز حسن ۽ مسٽرزبيري جي طرفان ڏنل صلاح ۽ سلام پهچايم. پاڻ ٻڌائون ۽ پوءِ تاڪيد ڪيائون تہ يونيورسٽي ڪيمپس شهر واري ڪم کي وڌائجي.

27- آڪٽوبر تي يونيورسٽي ٽائون شپ لاءِ مقرر ڪيل "بلڊنگ ڪميٽي" جي ميٽنگ سڏايائون. جنهن ۾ تعمير جي ڪم لاءِ نگران انجنيئر جي ضرورت جو ذڪر ڪيائون. شام جو آءُ کين بنگلي تي ملڻ ويس تہ ساڳيو ذڪر آيو. ان وقت انجنيئر شيخ عبدالرحمان بہ کين ملڻ آيو. علامہ صاحب چيو تہ: عبدالرحمان اسان وٽ اچي تہ بهتر. مسٽر عبدالرحمان ٻڌو پر سرڪاري نوڪري ۾ رهڻ بهتر ڄاتائين. علامہ صاحب جن پاڻ ٻيو دفعو تعميري ڪم کي ڏسڻ هليا. ڪيمسٽري ۽ فزڪس ڊپارٽمينٽ جو ڪم ڪافي تي چڪو هو. مونکي چيائون تہ ڪنهن ڄاڻو انجنيئر کي ڪم ڏيکاريو. صلاح ٻيڻي تہ محترم محمد سليمان لاڙڪ، سپرنٽينڊنگ انجنيئر کي ڪم ڏيکاريو وڃي.

مون لاڙڪ صاحب سان ڳالهايو. 24- ڊسمبر تي مسٽر لاڙڪ ۽ مسٽر علي حسن بلوچ سان گڏجي يونيورسٽي ڪئمپس ويس. معائني بعد ڪم کي وڌيڪ تڪڙو هلائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. ان ڏينهن مون پنهنجي ڊائري ۾ لکيو تہ: "افسوس جو يونيورسٽي جي تعمير طرف سواءِ قبلہ علامہ صاحب جي ٻئي ڪنهن کي بہ اونَ ڪانهي." انهن لفظن لکڻ مان اندازو ٿئي ٿو تہ علامہ صاحب جن کي نئين ڪئمپس جي تعمير جي گهڻي ڪا اون هئي. پهرين جنوري 1959ع تي علامہ صاحب سنڌ يونيورسٽي جي عملي کي خطاب ڪيو. جنهن ۾ اهو ارشاد ڪيائون تہ نئين يونيورسٽي شهر ۽ ڪيمپس کي جلد آباد ڪجي. عارضي طور. ننڍو انجنيئر علي حسن بلوچ ان وقت تعمير جي نگراني ڪري رهيو هو. آءُ ساٿس گڏجي نئين ڪيمپس تي ويس ۽ جيڪي ڪوارٽر ٺهي رهيا هئا تن جو معائنو ڪري علامہ صاحب جن کي رپورٽ ڏنم.

12- فيبروري تي مونکي چيائون تہ آءُ انجنيئر عباسي (ڊاڪٽر عباسي جو پياءُ) وٽ وڃان ۽ کيس آماده ڪريان تہ هو يونيورسٽي ڪئمپس ۾ تعميري ڪم جي نگراني (Supervision) ڪري. عباسي صاحب تازو نوڪري مان رٽائر ٿيو هو. آءُ شام جو عباسي صاحب سان مليس ۽ کيس ٻڌايم تہ: "علامہ

صاحب جن کي گھڻي اون آهي تہ يونيورسٽي ڪيمپس جي تعمير واري ڪم جي صحيح نموني ۾ نگراني ٿئي ۽ پڻ تڪڙو هلي. ان لاءِ سنڌن دلي خواهش آهي تہ جيڪر اوهان اچو ۽ اها ذميداري قبول ڪريو.“ ڪيس پنهنجي طرفان بہ چيم تہ رٽائر ٿيڻ بعد يونيورسٽي جي خدمت اوهان لاءِ شانائتي ٿيندي بالاخر دلاسو ڏنائين ۽ چيائين تہ آءٌ سياڻي علامہ صاحب جن سان ملندس. ٻئي ڏينهن آءٌ حاضر ڪونہ هوس، پر پوءِ معلوم ٿيو تہ عباسي صاحب علامہ صاحب جن سان مليو ۽ کيس يونيورسٽي جو انجنيئر مقرر ڪيو ويو. هاڻي يونيورسٽي ٽائون شپ جي تعميرات جو ڪم باقاعدي هلڻ لڳو. علامہ صاحب جن پنهنجي نظر رکندا رهيا. 2ـ مارچ تي شام جو مونکي پنهنجي بنگلي تي سڏيائون. انجنيئر عباسي صاحب بہ آيو ۽ ڪيمپس تي تعميرات بابت عباسي صاحب تفصيل سان ٻڌايو. علامہ صاحب جن مطمئن ٿيا پر تاڪيد ڪيائون تہ هر ڪم وقت تي پورو ڪيو وڃي. هي آخري گڏجاڻي هئي جيڪا علامہ صاحب انهيءَ لاءِ ڪئي تہ يونيورسٽي جي نئين شهر ۽ ڪيمپس بابت سندن انتظار ۽ تاڪيد جو حق ادا ٿئي.

افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ علامہ صاحب جهڙي محب وطن ۽ عظيم وائيس چانسلر لاءِ بہ هت يونيورسٽي جي خدمت ڪرڻ لاءِ حالتون سازگار نہ رهيون. اصولي طور پاڻ ملڪ ۾ ”مارشل لا“ هيٺ ڪا بہ سرڪاري ذميداري قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. جيتوڻيڪ پنهنجن رفيقن ۽ خيرخواهن جي چوڻ تي بروقت استعفيٰ ڪانہ ڏنائون: پڻ ڪين اها بہ اون هئي تہ يونيورسٽي شهر ۽ ڪيمپس جو ڪم پورو ڪجي. سو پاڻ يونيورسٽي جي خدمت خاطر ڪجھہ وقت رهيا. پر ڪي صاحب سندن عظمت ۽ خدمت جي جذبي کي سڃاڻي نہ سگهيا. انهن ڪوتاهہ انديشن، جيئن اڳ ٿيئن هن وقت بہ چانسلر (گورنر) کي علامہ صاحب جن جي خلاف درخواستون موڪلڻ شروع ڪيون. ٻارهين فيبروي (1959ع) تي 2ـ بجہ سيني پروفيسرن کي سندن آفيس ۾ سڏيائون ۽ درخواستن جو ذڪر ڪيائون. پاڻ گھڻو پريشان نظر آيا. ان بعد فيبروري ۽ مارچ ۾ وقفي وقفي سان پاڻ بيمار رهيا ۽ اي. ايل. شيخ صاحب ايڪٽنگ وائيس چانسلر طور ڪم ڪيو. اپريل ۾ انجنيئر مسٽر عباسي کين عمارتن جي ڪم بابت تفصيل سان آگاهہ ڪيو ۽ پاڻ مطمئن ٿيا. آخر ٻارهين تاريخ مئي تي چانسلر (گورنر) کي پنهنجي استعفيٰ ڏياري موڪليائون. ❊❊

# سنڌ جا قبيلا ۽ سنڌ جا نسب ناما*

سنڌ جي ذاتين، قبيلن ۽ نسب نامن بابت پوري تحقيق نہ ٿي آهي. وڏ ۾ وڏ تہ نالا معلوم آهن، پر نالن بابت بہ بي وڌيڪ خبر ڪانہ آهي. قبيلن بابت معلومات حاصل ڪرڻ، علم تاريخ توڙي علم انساب جو هڪ خاص باب آهي. اها معلومات انهيءَ لاءِ بہ ڪارگر آهي تہ جئن صحيح نموني ۾ سڃاڻپ ٿي سگهي.

اهي ملڪ جن ۾ اجا ذاتيون ۽ قبيلا قائم آهن، اتي فطري طور هر قبيلو پاڻ کي وڏو سمجهي ٿو ۽ ٻئي کي گهٽ. سنڌ جي قبيلن جي نسب نامن بابت تحقيق ڪندي اهو معلوم ٿيو تہ خود ساڳئي قبيلي جي جدا جدا ڦرين ۽ پاڙن ۾ پنهنجي پنهنجي فوقيت ۽ ٻين جي گهٽتائي واريون روايتون هلندڙ آهن، جيڪي ماضيءَ ۾ هڪ ٻئي سان اختلافن جون يادگار آهن. وڏي دل گهرجي جو اهڙين روايتن کي ماضي جو باب ڪري سمجهجي، پر وڌيڪ ڇڪتاڻ نہ ڪجي.

قبيلن جي تاريخ ۽ نسبنامن جو موضوع ايترو دلچسپ آهي جو هر سمجهدار ان کي وڌيڪ سمجهڻ چاهي ٿو انهيءَ سلسلي ۾ ڪيترن ئي سڄڻن خط لکي توڙي روبرو اچي پڇائون ڪيون آهن. آئون ڪين چوندو آهيان تہ اسان جي معلومات محدود آهي. ڪنهن وقت سنڌ ۾ نسب نامن محفوظ ڪرڻ جي رسم هئي، جيڪا افسوس جو قبيلن جي پنهنجي بي رُخي توڙي سياڻن ۽ سگهڙن جي بي قدري سببان آهستي آهستي ختم ٿي وئي. ڇهہ سئو سال کن اڳ، ساداتن جي نسب نامن تي تحقيق ڪندڙ هڪ مصنف لکيو تہ: سنڌ ۾ سادات پنهنجا نسب ناما محفوظ نٿا ڪن. بلوچ

* ٹه ماهي مهراڻ شمارو 2_1_1992ع

قبيلن ۾ پاڻ پنهنجن نسب نامن ياد ڪرڻ ۽ ڳائڻ جو رواج هو جنهن جي ڪري ڪافي مواد محفوظ رهيو پر ان ۾ وقت گذرڻ سان واڌارو ڪونه ٿيو. سنڌ جي سمن قبيلن مان گهٽن جا موروثي ڀَٽ ڀانَ هوندا هئا. جن کي ”چوڌرا“ هوندا هئا جن ۾ نَون چاول پُٽن جا نالا لکندا هئا. اهڙن لکندڙن مان جيڪي هندو هئا سي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سرحد پار رهجي ويا. ۽ نسبنامن لکجڻ جو هيءُ سلسلو ڪٽجي ويو. ٿرائي جي اربابن مان سجاڻ سربراهه ارباب الهه جوڙيي اهڙي خبر ڪئي. اتر ۾ پنيرن ۽ چاچڙن جا نسب ناما ڪنهن وقت لکيت ۾ موجود هئا.

ڪنهن وقت سنڌ ۾ ڪي ڪٽنب پنهنجا نسبناما ٺامي جي پڙڇن تي اُڪرائي محفوظ ڪندا هئا، ۽ ٻيا ڪي ڪٽنب لڪائي رکندا هئا. گذريل ٽيهن سالن ۾ مون سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ جڏهن پڇائون ڪيون ته ٺامي جي پڙڇن ۽ ڪاغذ جي ٻنڌين ۾ نسبنامن جي لکجڻ جون ڳالهيون ٻڌايون ويون، پر ان سان گڏ عام طرح اهو عذر به ڏنو ويو ته فلاڻي وقت تي باهه لڳي ۽ اهي پڙڇ ۽ ڪاغذ سڙي ويا.

سمن قبيلن کان سواءِ سنڌ جي سهتن وٽ ڪي پنهنجا شجرا هئا، جن جا ڪي زبون ٽُڪرا نظر مان گذريا. اهڙيءَ طرح اُپرندي طرف جي وڏن قبيلن مان خاص طرح مڱرين، مهرن ۽ راڄڙن پنهنجن سگهڙن توڙي ڀٽن مڱڻهارن ذريعي پنهنجا نسبناما سنڀاليا. وڏي ڄاڻو حسين مڱرئي، مرحوم عليم فقير، مٺو فقير ۽ ٻين کان مڱرين جي نسبنامي بابت، ۽ مرحوم عبدالڪريم راڄڙ کان راڄڙن جي نسبنامي بابت مفيد معلومات ملي.

سنڌ جي قبيلن جي نسب نامن بابت ڪنهن وقت ڪي نهايت ضروري سوال سامهون ايندا آهن، جن جي پڪن پختن جوابن لاءِ وڏي تحقيق جي ضرورت آهي. هڪ اهم سوال اهو ڪيو ويندو آهي ته سنڌ جا قديم ۾ قديم باشندا ڪهڙا هئا. هڪ تاريخي حوالي موجب، سنڌ جون قديم قومون ٽي هيون: مونيد، تاڪِيا ۽ پانيا. مونيد ته ميد يا ميهه آهن. يعني مهاڻا آهن. تاڪِيا، غالباً 6_7 صدي عيسويءَ کان اڳ سنڌ ڇڏي پنجاب طرف هليا ويا، جتي اڳ ۾ سندن گهڻائي هئي. پانيا بابت پوري پڪ نه آهي ته اهو نالو ڪهڙي قوم جو آهي. نتيجي طور چوندا سون ته صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جا قديم باشندا مهاڻا آهن، جن کي اسلامي دؤر ۾ (مير بحر) واري ماناائتي نالي سان سڏيو ويو.

ڪي موجود قبيلا ڪن اڳين وڏن قبيلن جون شاخون آهن، پر نالن

منجهه سبحان انهن جي نسب نامي بابت پوري ڄاڻ نہ رهي آهي. مثلاً پنهور، پالاري، ٿهيم، ٽُنيا ۽ ڪي ٻيا اصل ۾ عرب قبيلا آهن. پالاري ٿهيمن جي شاخ آهن، ۽ ٿهيم اصل ۾ "تميم" آهن، يعني عرب قبيلو بنو تميم آهن، جن عربن جي آخري دؤر ۽ سومرن جي اوائلي دؤر ۾ لاڙ ۾ حڪمراني ڪئي.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ڪي قبيلا اصل ۾ تُرڪ نسل جا آهن. ڪي اڃا تائين پاڻ کي "ترڪ" سڏائين ٿا جيتوڻيڪ ڪي ترڪ ڪتنب آڳاٽو مقامي سنڌي ڪتنبن سان ملي ويا. "مغل" ترڪ نسل مان آهن. ڪالرُو ۽ قزاق بہ ترڪ نسل جا قبيلا آهن. وسندو قزاق اڳين حرن فقيرن جي ٽولن مان وڏي همت وارو مڙس ٿي گذريو.

جَت قبيلا بلوچ نسل جا آهن، ۽ گهڻا جت قبيلا اسلام کان اڳ واري دؤر ۾ سنڌ ۽ ڪڇ ۾ آباد ٿيا. چانگ ۽ پڙجانگ بلوچ قبيلا آهن. جيتوڻيڪ اهي پنهنجن انوکن نالن سان مشهور آهن.

سنڌ ۾ ڪي قبيلا اهڙا بہ آهن، جن جي نسبنامي بابت غلط فهميون پيدا ٿيل آهن ۽ جن بابت وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. ڪجهہ ڏينهن ٿيا جو ڪي سڄڻ ملڻ آيا ۽ انهن خاصخيلي قبيلن جي نسب بابت پڇيو. ان سان گڏ انهن ڏيان ڇڪايو تہ "سنڌي-اردو ڊڪشنري" توڙي "جامع سنڌي لغات" جن سان منهنجو تعلق رهيو آهي تن ۾ "خاصخيلي" لفظ جون غلط معنائون لکيل آهن. مون جڏهن انهن معنائن تي نظر ڪئي تہ برابر نقص نظر آيا. سنڌي-اردو لغت جي تصنيف ۾ ٻيو اردو دان صاحب بہ شريڪ هو جنهن ڪري اردو-فارسي ۾ "خاصہ" يا خاصہ بردار" واري مفهوم جي لحاظ سان معنيٰ "نوڪر" ۽ "غلام" لکي وئي. "جامع سنڌي لغات" ۾ وڌيڪ غلطيون آهن. افسوس جو "جامع سنڌي لغات" جو فقط پهريون جلد منهنجي ايڊيٽنگ سان منهنجي نظر هيٺ شايع ٿيو. باقي جلد جيڪي مسودي جي صورت ۾ هئا سي بنا علمي تحقيق جي مسودي جي صورت ۾ ڇاپيا ويا. جلد ٽئين ۾ "خاصخيلي" جي هڪ معنيٰ "بجير" لکي وئي آهي. بجير ٿر ۾ آباد آهن ۽ اهي نؤمسلم قبيلو آهن. اڃا تائين هندو بَجير موجود آهن. نسب نامي جي لحاظ سان، ڪيڏانهن ٿر جي "بجيرن" جو اصل نسل تہ ڪيڏانهن سنڌ جي خاصخيلين جو اصل نسل! اهڙين غلطين جي اصلاح خاطر جامع سنڌي لغات جي نئي ايڊيشن جي تياري جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ويو پر سنڌي ادبي بورڊ جي سربراهن اهو هلندڙ ڪم بند ڪرائي ڇڏيو.

نسب نامي جي ڄاڻ رکندڙن کي اهو بخوبي معلوم آهي تہ هر قبيلي ۾

ڪي ٻيا ماڻهو پوءِ اچي شامل ٿيا ۽ گڏجي ويا. انهن کي ڇڏيندي قبيلي جي اصليت تي نظر رکڻ سان ئي صحيح نتيجن تي پهچي سگهجي ٿو. ”خاصخيلي“ جي لفظي معنيٰ ”خاصہ خيل“ سان لاڳاپيل آهي ۽ ”خاصہ خيل“ جي تاريخ آڳاٽي آهي، جنهن بابت ڪافي معلومات عربي ۽ فارسي تاريخدانن ۽ لغاتن ۾ ملي ٿي. بنيادي طور تي ”خاصہ خيل“ معنيٰ جنگ لاءِ تيار بادشاهي لشڪر جي وچ واري پاڳي يا مرڪز جي مضبوطي ۽ مدافعت لاءِ چاق چوبند گهوڙيسوار فوج: يا لشڪر جي قلب يا وچ ۾ بادشاهہ جي حفاظت لاءِ خاص الخاص گهوڙي سوار فوج. ان مان ظاهر آهي تہ ”خاصخيلي“ نالي ۽ قبيلي جو تعلق اصل ۾ جنگي فوج جي گهوڙيسوار دستن سان هو. نسب نامي جي لحاظ سان ان وقت اهي عرب يا ايراني قبيلن جا ماڻهو هئا. سنڌ ۽ بلوچستان جي ”خاصخيلي“ قبيلن وارا وڏا اصل اتان آيا. ٿي سگهي ٿو تہ اهي بلوچن سان پيڙا هئا ۽ آڳاٽو بلوچن سان گڏ آيا. بهرحال ”خاصخيلي“ جدا حيثيت رکن ٿا ۽ اهي سومرن، سمن ۾ شامل ناهن.

محض سنڌ بابت تاريخي معلومات محفوظ ڪرڻ لاءِ ۽ نہ رڳو پنهنجي وڏائي ۽ ٻين جي گهٽتائي لاءِ، ضروري آهي تہ هر قبيلي جا سجاڻ نوجوان سڀ کان اول پنهنجي قبيلي جي وڏن ۽ سياڻن کان جيتري قدر ٿي سگهي، قبيلي جي اصل ماڳن، قبيلي جي جدا جدا پاڙن ۽ پڳن ۽ قبيلي جي نيڪ مردن ۽ سجاڻ ماڻهن بابت حالات گڏ ڪن، ٻئي مرحلي تي ڪتابن مان معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

آخر ۾ هت اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ باوجود ڪوتاهين جي ماضيءَ ۾ سنڌ اندر نسب نامن بابت معلومات محفوظ ڪرڻ جي ڀرپور رسم رهي آهي، جنهن جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

1. سنڌ جي سمن جي نسب نامن جون ڪي آڳاٽيون روايتون لکيت ۾ موجود آهن، جن جو راقم گهڻي وقت کان وٺي مطالعو ڪيو آهي. مگر جيئن تہ اصل ۾ اهي زباني روايتون هيون ۽ گهڻو پوءِ لکيت ۾ آيون، انهيءَ ڪري انهن ۾ گهڻو مونجهارو ۽ اختلاف آهي. ننڍي جي سمن سلطانن جي پيڙهي ۽ پڳداري بابت جڏهن تحقيق ڪئي وئي تہ لکيل روايتن مان ڪو پتو پئجي نہ سگهيو ۽ فقط مڪلي جي تاريخي آثارن وارن ڪتبن جي آڌار تي سمن حاڪمن جا سندن ذاتي ۽ سلطاني نالا

توڙي سنڌن هڪ ٻئي پٺيان حڪمراني جا مُدا ۽ سال متعين ڪيا ويا. عام طرح سان "سماٽ" جي صحيح معنيٰ کي پوري طرح نہ سمجهيو ويو آهي. اصل ۾ سمن جي سنهن راڄن کي "سماٽ" جو نالو ڏنو ويو. اهي سمن جي نسب نامي ۾ شامل ناهن. سڀ سنڌي ڳالهائيندڙ قبيلا سماٽ ناهن. هر هڪ جو پنهنجو شجرو ۽ پنهنجا سلسلا آهن.

2. بلوچن قبيلن مان ڪن جا نسب ناما ڪنهن حد تائين موجود آهن پر بلوچن مان سڀ کان وڌيڪ تفصيلي نسب ناما ڪڇ جي راڄن جتن جا آهن. جيڪي گذريل صديءَ جي لکيتن ۾ بيان ٿيل آهن.

3. سنڌ جي ساداتن مان لڪياري، متياري ۽ بخاري سلسلي جي ڪٽنبن مان ڪن جا نسب ناما موجود آهن پر وڌيڪ تفصيل سان روهڙي ۽ نصرپور جي رضوي ساداتن جا نسب ناما لکيا ويا. مير علي شير قانع خاص طرح ٺٽي ۾ آباد ٿيل ساداتن جا نسب ناما لکيت ۾ آندا. پوئين ويجهي دؤر ۾ لڪياري ساداتن مان جناب پير صاحب محمد راشد رحہ جي اولاد جو شجرو تفصيل سان موجود آهي.

4. سنڌ ۾ ملتان جي غوث بهاء الدين زڪريا رحہ جي اولاد جا شجرا (جيڪي قريشي سڏجن) آڳاٽو گهڻن جاين تي تفصيل سان موجود هئا. پر هن وقت اهو تفصيل جيتري قدر بڪيرن جي درگاهن جي قبن وارين ديوارن تي لکيت ۾ آندل آهي، اوترو ٻئي هنڌ موجود ناهي.

5. جناب مخدوم نوح رحہ ۽ سندس اولاد جو شجرو آڳاٽو فارسي ڪتاب "فرع الاصول" ۾ تفصيل سان لکايو ويو جنهن جو سنڌي ترجمو درگاه جي مجاور محمد صالح "انيس العشاق" جي نالي سان تاريخ 5-ماه ذوالقعد سنہ 1306 ھ ۾ پورو ڪيو. شجرن جي لحاظ سان، هيءُ تفصيلي ڪتاب ڇپائڻ جهڙو آهي.

**

* ڏسو راقم جو انگريزي ۾ لکيل تحقيقي مقالو (سنڌ جي سمن حاڪمن جي پيڙهي وار بادشاهن جو سلسلو) جيڪو "پاڪستان رڪارڊس ۽ آرڪائي وز ڪميشن" جي ڇهرئين اجلاس آڏو پشاور ۾ سنہ 1951ع ۾ پيش ڪيو ويو ۽ جيڪو پوءِ اجلاس جي ڪاروائي طور سنہ 1953ع ۾ ڇپيو.

# سورهيه هوش محمد جي مزار ۽ اولاد بابت وضاحت*

هي چار سال اڳ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاگردن سورهيه هوش محمد جي ورسي ملهائي، ۽ ان موقعي تي سندس سوانح بابت بنده طرفان پڻ هڪ مقالو طلب ڪيو ويو هو. اهو مقالو مون انگريزيءَ ۾ لکي موڪليو جو پوءِ "هوشو شيدي" نالي هڪ يادگار مخزن ۾ ڇپيو. ان وقت منهنجو خيال هو ته قلعي (حيدرآباد) واري قبر غالباً سورهيه هوش محمد جي آهي. مگر پوءِ جيڪي حالات معلوم ٿيا. انهن مان انهيءَ خيال جي ترديد ٿي. ان وقت هوش محمد جي خاندان ۽ اولاد بابت پڻ تسلي بخش حالات مون وٽ موجود نه هئا. جيئن ته هن وقت حيدرآباد ميونسپل ڪميٽيءَ توڙي حيدرآباد ضلعي ڪائونسل طرفان سورهيه هوش محمد جي يادگار قائم ڪرڻ بابت عطين جو اعلان ٿيو آهي، انهيءَ ڪري مناسب سمجهيم ته سورهيه جي آخري آرامگاهه ۽ اولاد بابت وضاحت ڪئي وڃي. جيئن پڙهندڙ صحيح معلومات حاصل ڪري سگهن.

## سورهيه هوش محمد جي قبر

"دو آبي واري جنگ" جي سرزمين جي معائني توڙي مرحوم هوش محمد جي اولاد کان پڇا بعد يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سورهيه هوش محمد جي قبر جنگ واري سر زمين تي آهي ۽ نه حيدرآباد واري قلعي اندر. دو آبي واري جنگ " شير سنڌ" مير شير محمد خان انگريزن سان 24 مارچ 1843ع تي لڙي. جنگ جو ميدان حيدرآباد کان 6 ميل ڪن ڏکڻ-اوير ۾

---

*ڪتابي سلسلو رهبر پبليڪيشن – سورهيه سرويچ -فيبروري 1969ع

ناريجن جي ڳوٺ وٽ ( موجوده ديهہ ناريجا, تپو ٽنڊو حيدر) لڳي.

مير شير محمد خان جيڪا شمع ٻاري هئي, تنهن تي پتنگ ۽ پروانا اچي گڏ ٿيا هئا. هوش محمد ۽ ٻين سورهين مري ميدان ملهايو ۽ سنڌ جي بچاءَ لاءِ سر ڏيئي سرها ٿيا. جنگ کان پوءِ گهڻن شهيدن کي وارثن کڻي وڃي پنهنجن پنهنجن ماڳن مقامن تي دفن ڪيو. هوش محمد ۽ ٻين ڪيترن ئي شهيدن کي سر زمين تي دفنايو ويو. مير شير محمد خان پوءِ هوش محمد جي پٽ ڪريمداد کي خرچ پکو ڏيئي هوش محمد جي قبر پڪڙائين ڪري ٻڌائي.

شهيدن جون اهي قبرون جن ۾ بلوچن, سيدن ۽ ٻين جون قبرون شامل آهن, اجا تائين موجود آهن. شهيدن جو اهو مقام سيالين جي موجوده ڳوٺ لڳ, پراڻي ميرواهہ جي ساڄي (ڏاکڻين) ڪپ تي موجود آهي, جنهن ۾ هوش محمد جي پڪڙائين قبر نروار آهي. سامهون مير واهہ جي کابي (اترئين) پاسي انگريزن واري طرف جي قبرستان جو نشان موجود آهي. مرزاڻين جي اسٽيشن جي ايرندي ڦاٽڪ کان ڪچهہ رستو وٺي ڏکڻ طرف ڏيڍ ميل کن هلبو تہ سيالين جي ڳوٺ لڳ شهيدن جي مقام تي پهچبو.

هوش محمد جي قبر اها ساڳي لڙائي جي ميدان واري آهي, چاڪاڻ تہ مير شير محمد خان جي امداد سان اها قبر ٻڌائي وئي ۽ پوءِ هوش محمد جوپٽ ڪريمداد ۽ سندس اولاد پشت بہ پشت ختمي ۽ صفائيءَ لاءِ انهيءَ قبر تي ويندا رهيا ۽ اڄ تائين وڃن پيا. قلعي واري قبر پڻ دوآبي واري جنگ ۾ شهيد ٿيل هڪ سورهيہ جي آهي جيڪو مير صاحب جي لشڪر طرفان گولہ انداز هو. انهيءَ جي حفاظت پڻ ضروري آهي.

## هوش محمد ۽ سندس اولاد

اسان پنهنجي انگريزي مقالي ۾ هوش محمد جي سوانح تي روشني وڌي هئي تہ سندس وڏا "فاتح سنڌ" مير فتح علي خان جا خاص خادم هئا. هوش محمد, مير صوبدار خان (پٽ مير فتح علي خان) جو هم عمر ۽ سندس خاص خادم هو. جڏهن مير صوبدار کي انگريزن قيد ڪيو, تڏهن هوش محمد مير شير محمد خان جي سڏ تي لبيڪ چئي وڃي سندس لشڪر ۾ شامل ٿيو.

ان بعد جيڪي حالات تحقيق مان معلوم ٿيا آهن, سي هي آهن تہ هوش محمد جي والد جو نالو ڪريم داد هو جو مير فتح علي خان جي خاص خادمن مان هو. هوش محمد پنهنجي حويلي موجوده ٽنڊي نوڙهي ۾ قائم

ڪئي، ۽ سندس گهر اتي هو جتي هن وقت سندس اولاد مان حسين بخش بن امام بخش جو گهر آهي. جڏهن هوش محمد جنگ جي ميدان ۾ شهيد ٿيو ته سندس پٽ ڪريمداد کي مير شير محمد خان پاڻ سان گڏ ڪنيو. ۽ هر طرح سان سندس دلجوئي ڪيائين. جڏهن مير شير محمد خان سنڌ ۾ موٽي آيو ته ڪريمداد لاءِ وظيفو مقرر ڪيائين. ڪريمداد هوسڙي لڳ ڳوٺ مان شادي ڪئي ۽ ڪجهه وقت اتي گذاريائين ۽ پوءِ اچي ساڳي اباڻي حويلي واري ماڳ تي ٽنڊي نوڙهي ۾ رهيو. مير صاحب طرفان ڪيس وظيفو ملندو رهيو ۽ زندگي خوشحالي ۽ فارغ البالي ۾ گذاريائين. سندس وفات تي ڪيس بلند شاهه جي قبرستان (لڳ ريلوي لائين ٽنڊو نوڙهو) ۾ دفن ڪيو ويو ۽ ان بعد سندس اولاد پڻ اتي دفن ٿيندو رهيو.

ڪريمداد کي هڪ پٽ محمد بچل نالي ٿيو جو ٽنڊي نوڙهي ۾ رهيو مير شير محمد خان وفات ڪئي ۽ وظيفا بند ٿي ويا، پر ڪريمداد ڪافي ملڪيت ڇڏي هئي جا محمدبچل دل کولي خرچ ڪئي ۽ عيش واري زندگي بسر ڪئي.

محمد بچل کي ٽي پٽ ٿيا، هوش محمد (وڏو) امام بخش (وچٿ) ۽ نبي بخش (ننڍو) جن پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي. (1) هوش محمد رازو ٿيو ۽ اهڙي طرح هن گهر ۾ رازڪي ڌنڌي جو بنياد پيو. هوش محمد کان پوءِ سندس پٽ رجب علي وڏو ڪاريگر رازو ٿيو جنهن جوپٽ محمد بچل حيات آهي. ٻيو پاءُ امام بخش مير شير محمد خان جي اولاد وٽ (ميرپورخاص) ڪمدار ٿي رهيو ۽ پڻ ٽنڊي آغا جي مرزائن کان زري جو ڪم سکيائين ۽ ڪيائين. سندس پٽ حسين بخش (سٺ ورهيه) ۽ محمد آچر (پنجونجاهه ورهيه) حيات آهن. حسين بخش ڪاريگر رازو آهي. حسين بخش کي ٻه پٽ آهن: خدا بخش (ٽيهه سال) ۽ رب ڏنو (پنجويهه سال) خدا بخش هڪ لائق جوان آهي، جو هن وقت آبدار آهي. مرزا افضل بيگ صاحب جن جي معرفت اسان جي ساڻس ڪچهري ٿي ۽ هن گهراڻي جو احوال معلوم ٿيو. خدا بخش کي ٽي پٽ آهن. (3) ٽيون ڀاءُ نبي بخش حڪيم ٿيو ۽ خوش وقت گذاريائين. ڪيس ٽي پٽ ٿيا: محمد هاشم، قادر بخش ۽ حيدر بخش، جي ٿيئي گذاري ويا. محمد هاشم کي نوَ پٽ ٿيا جي حيات آهن. وڏو مولابخش آهي.

مقصد ته سورهيه هوش محمد جي مزار سلامت آهي ۽ سندس اولاد پڻ

موجود آهي. ٻنهي جي پوئيواري ڪرڻ ضروري آهي. جيڪڏهن هوش محمد جي قبر کي نئين سر نهرائڻو آهي تہ اها قبر جنگ واري سر زمين تي سيالين ڳوٺ لڳ آهي، جنهن جي هوش محمد جي اولاد مان سيني کي خبر آهي. جيڪڏهن اها قبر ڀڏائي وڃي تہ مير شير محمد خان طرفان نهرايل لوڙهہ وارو اصلي پڙ ميوزيم ۾ محفوظ ڪري رکيو وڃي. هوش محمد جي اولاد مان ذهين ٻچن کي وظيفا ملڻ گهرجن، جيئن هو پڙهي پنهنجيون حياتيون سجايون صرف ڪن.

قلعي واري قبر جنهنجو ڪتبو اسان آثار قديمہ وارن وٽ محفوظ ڪرائي رکيو آهي، سا پڻ اسان جي سورهين مان هڪ سرويچ نوحاڻي بلوچ جي آهي، جنهن کي پڻ ڀڏائڻ ۽ محفوظ ڪرائڻ ضروري آهي.

تنهن کانسواءِ "شير سنڌ" مير شير محمد خان جي يادگار ملهائڻ پڻ ضروري آهي. هيءُ شير مڙس نيپئر جي ڏڙڪن ڪڙڪن کان نہ ڊنو ۽ مياڻي جي شڪست بعد نااميدي واري ماحول ۾ اميد جو هڪ چراغ روشن ڪيائين، جنهن تي ڪيئي پتنگ ۽ پروانا اچي مڙيا ۽:

"سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڃائيا."

سورهيہ هوش محمد جو شجرو




❊